


# سانباهو سمونڊ جو

(سفرنامو)

الطاف شيخ

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميا ري سفرناما نگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جو سفرنامو **"سانباهو سمونڊ جو"** اوهان اڳيان حاضر آهي. نورالهدا شاهه لکي ٿي:

"الطاف شيخ سنڌي ادب ۾ گهڻو لکڻ، پڙهڻ ۽ چيچڻ وارو ليکڪ آهي اها مڃتا پنهنجي جاءِ تي اٽل آهي ته هو سنڌيءَ ۾ سفرنامن کي اوج ڏيڻ وارو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن سنڌي ادب ۾ سفرنامن واري پاڳي کي ڀرپور نموني سان نڀايو آهي الطاف شيخ اسان جو اهو ذهين ليکڪ آهي جنهن وٽ سوچ جو اهو وسيع ڪينواس آهي، جنهن تي سنڌي ادب جي سفرنامي وارو پاڳو پوريءَ سندرتا سان چٽيل آهي"

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1979ع ۾ جڏهن ته چوٿون ڇاپو (سڌاريل ۽ وڌايل) 2017ع ۾ نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچيءَ پاران ڇپايو ويو، جنهن جي پي ڊي ايف ڪاپي الطاف شيخ جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿي


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



**سانباهو سمونڊ جو**
سفرنامو
الطاف شيخ
انگ: هڪ هزار
ڇاپو چوٿون: اپريل 2017
(وڌايل ۽ سڌاريل)
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سي-4، سچل ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچي
Ph: 021_332624153, 34690389
Cell#0333_2311582
**مُلهه: 400 رپيا**

# فهرست


1. انتساب - عبداللطيف انصاري نالي - الطاف شيخ
2. مهاڳ - نورالهديٰ شاهه
3. بديشي مانوس
4. مرحوم ڏاڏي جو علاج
5. پاڳ وارا نمبر
6. سنگاپور جو لڇمڻ
7. وقت هجي تہ راند کيڏجي
8. موهن جو دڙو نظر اچڻ
9. بزرگ شيطان
10. اسان جي جهاز جو سوڊان پهچڻ
11. هي ملڪ سوڊان
12. Sleeping Sickness
13. توهان کي لڳي آهي شينهن جي
14. آفريڪا - جانورن ڪري نرالو کنڊ
15. هڪ نہ پر بہ آفريڪائون آهن
16. غلامن جو واپار
17. سوڊان ۾ مهدي ۽ چرچل جي لڙائي
18. پنجابي فلمن جو ولين آفريڪا ۾
19. هڪ عجيب ائڊوينچر







20. آفريڪا جون حبشي عورتون
21. عورتن جو طهر ۽ ٻيون رسمون
22. هڪ سئو ٽيهہ زالون ڇهہ سئو ٻار
23. آفريڪا بابت نراليون ڳالهيون
24. اولهہ ۽ اوڀر آفريڪا ۾ فرق
25. هڪ غريب ميوي جي ڳالهہ
26. ڦڏو بدمعاش
27. اُداس اُلو ۽ ٻيا
28. سعودي عرب جا سخت قانون
29. اسان جي ڪائڻ جون عادتون
30. تصويرون
31. پهلوان ڪير؟
32. سمنڊ تي جهازيءَ جو حال
33. عمر پڇڻ
34. خوشيءَ جو سبب
35. مگيل معاشرو ۽ ماٺ
36. هونڊا ڪيترو بار کڻي سگهي ٿي؟
37. هوءَ ڪڏهن ٿي اچي؟
38. ميري چادر بدل دينا
39. سنجيدو ٿيڻ
40. آرٽيڪل چئينج
41. قيامت جو ڏينهن
42. ڪهڙي نياڻي زال شادي ڪندي
43. اي چيف ڪئن نيور بي رانگ
44. اڄ سوڊان هڪ نہ پر بہ آهن

.45 سوڊان ۾ خوشحاليءَ جو گراف

.46 ملڪ جي ترقيءَ جو دارو مدار حاڪمن تي آهي

.47 سوڊان جا ٻه ٽڪر ٽيڻ

.48 سوڊان ۽ مهديءَ تي هڪ مشهور ناول

.49 ميريم مڪيبا - آفريڪا جي عابده پروين

.50 زينت ۽ انوشا

.51 سوڊان ۾ درپيش آيل حادثي جي خبر

.52 سوڊان جي باغين وٽ بدين جو يرغمال نوجوان






# انتساب

## عبداللطيف انصاري نالي

***عبداللطيف*** کي آئون هڪ نيڪ انسان جي صورت ۾ سڃاڻان ٿو. هو نه منهنجو ڪلاس ميٽ آهي نه دوست ساٿي ۽ نه ڪو مٽ مائٽ. پر اهو ضرور چوندس ته هو هڪ عظيم انسان آهي. مثالي شخص آهي جنهن سڄي زندگي لالچ ۽ طمع کان پري رهي محنت ۽ نيڪ نيتيءَ سان گذاري آهي. هميشه حرام جي ڪمائيءَ کان پري رهيو آهي ۽ رزق حلال لاءِ هن کي چاهي ڪهڙو به پورهيو ڪرڻو پيو آهي ته هن ان کي عيب نه سمجهيو آهي. هن هوٽل ۾ بئرو ٿي ڪم ڪرڻ کان وٺي پروفيسري، وڪالت ۽ ائڊووڪيٽ جنرل ٿي ڪم ڪيو آهي. هو نيو هالا جهڙي ڳوٺ کان وٺي (هاڻ ته شهر آهي) دنيا جي وڏي شهر نيويارڪ ۾ رهيو آهي پر هر هنڌ هو مون کي هڪ جهڙو مست، ڪلمک، سچ چوڻ وارو ۽ بي ڊپو نظر آيو آهي. زندگي جي ڊوڙ ۾ ڪڏهن هو مٿئين ڏاڪي تي رهيو ته ڪڏهن هيٺئين تي اچي ڦهڪو ٿي ڪيائين. ڳوٺ ۾ رهي يا هلڪي ڦلڪي نوڪري يا پورهيو مزوري ڪندي هن کي ڪڏهن به ملال يا ڏک نه ٿيو ۽ نه وري وڏن شهرن ۾ وڏن عهدن تي رهندي هن ڪڏهن تيزي يا وڏائي ڪئي هجي. هر وقت هئي جي ڪم اچڻ وارو هئي کي صحيح صلاح ڏيڻ وارو، وڏي ڄاڻ ۽ تجربي وارو اسان جو ڳوٺائي عبداللطيف مون جهڙن ڪيترن لاءِ دلچسپ شخصيت آهي. اڄ آئون

هي ڪتاب سنڌس نالي منسوب ڪرڻ وقت زندگي جا گذريل سال ياد ڪري رهيو آهيان تہ عبداللطيف سان منهنجي ڪڏهن ڪان ۽ ڪٿي ڪٿي ملاقات ٿي ۽ ان سان گڏ سنڌس دلچسپ ڳالهيون دماغ ۾ اڃي رهيون آهن.

عبداللطيف سان منهنجي پهرين ملاقات تڏهن ٿي جڏهن آئون پرائمريءَ جي پهرين يا ٻئي ڪلاس ۾ هوس. مون کي گهر ۾ نماز پڙهڻ سيکاري هئائون ۽ هاڻ آئون پهريون دفعو مسجد ۾ پڙهڻ لاءِ ويو هوس. سانجهي نماز جو وقت هو. ٽي رڪعتون فرض نماز امام سان گڏ پر ۾ بيٺلن کي ڏسي پڙهڻ بعد باقي نماز ڪنهن جي پر ۾ بيهي، ان کي ڏسي پڙهڻ ٿي چاهيم. پنيان هڪ پاڻ جيڏو ۽ مون وانگر ڏگهو ڇوڪر نماز جي نيت ٻڌي رهيو هو. (هي عبداللطيف انصاري هو) اهو محسوس ڪيم تہ هو اسان جي گهٽيءَ جو نہ پر پر واري انصارين جي گهٽيءَ جو آهي. يڪدم هن جي پرسان بيهي هن وانگر نماز پڙهڻ لڳس. ٻہ رڪعتون سنت جون پڙهي پوءِ هن ٻہ رڪعتون نفل نماز ويهي پڙهڻ شروع ڪئي. مون لاءِ اها نئين ڳالهہ هئي. گهر ۾ رڳو فرض نماز بيهي پڙهڻ سکيو هوس. مون هڪ رڪعت ڪن وڏي ڪوشش سان هن وانگر پڙهي پر مون کي سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيو تہ هي ڪري ڇا پيو. ٻي رڪعت پڙهڻ بدران آئون مسجد ڇڏي اچي گهران نڪتس. گهر ۾ مون کان ڏاڏيءَ پڇيو "نماز پڙهي آئين؟".

"ها پڙهي آيس پر شايد سڄي نہ پڙهي سگهيس. هڪ انصارين جي ڇوڪري مون کي ڀلائي ڇڏيو". مون وراڻيو.

ٻہ چار ڏينهن بہ نہ گذريا تہ شهر جي بازار ۾ عبداللطيف سان ملاقات ٿي. بلڪہ پاڻ مون کي پري کان ڏسي سڏ ڪيو: "اڙي! هيڏانهن تہ اچ. ڇا اٿئي نالو؟" هن وڏي رعب سان منهنجو نالو پڇي پوءِ چيو: "ائين نماز پڙهبي آهي؟".

۽ آئون سوچيندو رهيس تہ هن کي ڪهڙو جواب ڏيان. منهنجي ذهن ۾ ڪجهہ ڪجهہ اهو اثر ويٺو تہ هي ڪو وڏو داداگير آهي. ۽ اڄ بہ





سنڌس ڳالهائڻ جي اسٽائيل مان نئين ماڻهوءَ کي اهو ئي ڏيک ملي ٿو. پر پوءِ هر ڪو جلدي ئي هن کي سٺو دوست سمجهي ٿو.

هونءَ تہ اسان جي ڳوٺ جا انصاري نماز ۽ روزي جا تمام پابند آهن ۽ ٻئي ڪنهن جي شاهدي ڏئي سگهان يا نہ پر عبداللطيف کي مون هر حال ۾ هر هنڌ، اگهائي توڙي تندرستيءَ ۾ نماز تي هميشہ قائم ڏٺو آهي. مٿين واقعي کان پوءِ هن سان منهنجي ڳوٺ ۾ ئي ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي رهي. هو پنهنجي پاڙي جي "انصارين جي مسجد" ۾ نماز پڙهندو هو پر جيئن تہ سنڌس والد صاحب حڪيم عبدالڪريم انصاري جو مطب اسان واري مسجد (حافظ حيات) پرسان هو تنهن ڪري ڪو ڪو وقت خاص ڪري وچين ۽ سانجهيءَ جو ڪڏهن ڪڏهن اسان واري مسجد ۾ پڙهندو هو.

اسان جي ڳوٺ هالا ۾- هينئر الائي اهو رواج آهي يا نہ پر تن ڏينهن ۾ اسڪول جا ٻار (ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون) ديني ۽ اسڪول جي تعليم کان علاوه ڪجهہ هنر بہ سکندا هئا. هر سال جي موڪلن ۾ آئون بہ ٿورو گهڻو واڍي جي ڪم کان وٺي درزي تائينءَ جو سکيس. ويندي ٽائيپنگ ۽ ڪار مڪينڪ جو ٿورو گهڻو ڪم مئٽرڪ تائين سکي ورتم. اها منهنجي خيال ۾ هڪ اهڙي سٺي ڳالهہ آهي جو اڳتي هلي ڪو ڇا بہ ٿئي پر هن کي ٻين ڪمن جي بہ ڪجهہ ڪجهہ Idea رهي ٿي. ڪي ڪي ڇوڪرا تہ مختلف ڪم سکڻ بدران هر سال اونهاري جي موڪلن ۾ هڪ ئي ڪم سکندا هئا. جيئن اسان جو هڪ رشتي جو ڀاڻيجو مقصود شيخ هر سال واڍڪو ڪم سکندو رهيو. انٽر ڪري مهراڻ يونيورسٽي ۾ B.E ڪرڻ دوران بہ موڪلن ۾ واڍڪو ڪم سکندو رهيو. اڄ هو ڪراچي ۾ ٽيليفونن جي مٿان ڊويزنل انجنيئر آهي پر هو ڪارپينٽري ۾ بہ ايترو ئي ايڪسپرٽ آهي جيترو ڪو پروفيشنل هجي. بهرحال اسان جي ڳوٺ هالا جي ان رسم رواج موجب ستين ڪلاس ۾ جڏهن اونهاري جون موڪلون ٿيون تہ مون کي اسان جي ڀڦيءَ جي مڙس حاجي لطف شيخ الله وٽ قرآن جو تفسير پڙهڻ ۽

درزڪو ڪم سکڻ لاءِ چڙهيو ويو. اتي منهنجي وري عبداللطيف انصاريءَ سان ملاقات ٿي جيڪو پڻ ٽيلرنگ جو ڪم سکڻ لاءِ اتي ايندو هو. (ان کان علاوه سنڌس هڪ سوٽ عبدالعزيز انصاري جيڪو پوءِ پروفيسر ٿيو). گل محمد ميمڻ (ڊاڪٽر)، محمد علي متقي (سول انجنيئر) پڻ ايندو هو. ۽ شايد عبدالرحمان ميمڻ (مهراڻ يونيورسٽي جو وي سي) پڻ ايندو هو. يا شايد ڪپڙا سبائڻ لاءِ ايندو هو ۽ اسان سان اچي وهندو هو). ٻيا سڀ ماٺ ۾ هوندا هئاسين پر عبداللطيف جو وات پيو لڳندو هو. هر ڳالهه تي بحث. هر ڳالهه جو اصل نسل معلوم ڪرڻ يا چرچا پوڳ ڀڏائن. چڱي طرح سکي سگهيو فقط عبدالعزيز پر اسان به اجان تائين بابين پرڻ. سئيءَ ۾ سڳو چاڙهڻ. سٽڻ جا سڌا بخيا هٽيو وجون.

ستين ڪلاس کان پوءِ منهنجو هالا ۾ رهڻ نه ٿيو. ڪڏهن ڪڏهن موڪلن ۾ هالا اچبو هو ته گهٽو ڪري عيد نماز تي يا شاهي بازار ۾ عبداللطيف سان ملاقات ٿي ويندي هئي جيڪو مون کان هڪ سال مٿين ڪلاس ۾ هو. مئٽرڪ ۽ انٽر ڪري پوءِ مون مئرين انجنيئرنگ چٽگانگ مان ڪئي. ان بعد اسان ڪي سال ٻن لاءِ ڪراچي ۾ رهي اتي جي شپ يارڊ ۾ جهاز ٺهڻ ۽ انهن جي مرمت جو ڪم ڏسٽو هو. ڪراچيءَ ۾ انهن ڏينهن ۾ رهائش جو مسئلو هو. فلئٽ سسٽم اجان شروع نه ٿيو هو ۽ سڄو گهر اڪيلن - خاص ڪري شاگردن کي مسواڙ تي نٿي مليو. مينارام هاسٽل شهر جي وچ ۾ هئي جنهن ۾ رهڻ لاءِ مون ڊي. جي (ڊيارام جيٺمل) سائنس ڪاليج ۾ داخلا ورتي. اڄ جون ڪيترين اهم شخصيتون تن ڏينهن ۾ ان هاسٽل ۾ رهيل هيون. منهنجي ڪابي پاسي وارن ڪمرن مان هڪ ۾ سائين مظفر شاهه صاحب (اڳوڻو وزيراعلي) رهيو ٿي ۽ ٻي ۾ نٿي جو مرحوم محمد خان سومرو جيڪو پي پي جي حڪومت ۾ وزير به رهيو ۽ هاڻ سنڌس فرزند ايم پي اي آهي. ساڄي پاسي وارن ڪمرن ۾ سکر جو اڪبر منگي، عقيلي برادران (حسين ۽ لطيف) رهيا ٿي. ان کان علاوه اقبال ترڪ، آفتاب ترڪ،





نول راءِ اوڏ، غلام محمد سومرو، آغا شهاب، مرحوم عاشق جتوئي، امام بخش جتوئي ۽ ٻيا رهيا ٿي. جن مان ڪجهه سان پهرين جي ڄاڻ سڃاڻ هئي ڪجهه سان اتي ٿي. هاسٽل ۾ ٻه ٽي ميسون هيون. اسين مٿيان همراهه ولي محمد جي ميس ۾ ماني کائيندا هئاسين. ٻن ٽن ڏينهن بعد ان ميس ۾ عبداللطيف انصاريءَ کي ماني کائيندو ڏسي نه فقط مون کي پر هن کي به رڙ نڪري وئي. خبر پئي ته هو به ساڳي ڪاليج جو شاگرد آهي ۽ سنڌس ڪمرو عقيلي جي ڪمري ڪانپوءِ يعني منهنجي ڪمري کان ٽي ڪمرا ڇڏي 73 نمبر آهي. پاڻ ڪاليج توڙي هاسٽل جي مشهور شخصيت هو. ڪاليج جي شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري هو ۽ هاسٽل جي مسجد ۾ واعظن جو بندوبست ڪرائيندو هو. مون کي جيئن ته صبح کان شام جو دير تائين ڪاليج بدران شپ يارڊ وڃڻو پوندو هو ان ڪري منهنجي ساڻس ملاقات ٿي چوٿين ڏينهن ٿيندي هئي يا موڪل واري ڏينهن. ڪڏهن ته ٻه ٻه هفتا هو پاڻ به غائب رهندو هو. هڪ ڏينهن سنڌس غير حاضريءَ جو سبب پڇيم ته وراڻيائين:

”يار آئون پڙهائي وغيره جي خرچ جي تڪليف گهر وارن کي نٿو ڏيڻ چاهيان ان ڪري ڪاليج مان موٽڻ بعد جاب ٿو ڪريان“.

سڌريل ملڪن ۾ ته غريب توڙي امير ڪوشش ڪري پنهنجن ٻارن کي ڪنهن نه ڪنهن پورهئي ۾ لڳائي رکن ٿا جيئن هنن کي محنت جي عادت هڪ طرف پوي ۽ پئسي جو قدر بئي طرف ٿئي پر اسان وٽ- خاص ڪري سنڌ ۾، ان وقت اهو هڪ انقلابي قدم هو.

”ڪهڙو جاب ٿو ڪرين؟“ مون پڇيومانس.

”هاڻ توکان ڇا لڪايان ۽ هونءَ به آئون حلال جي پورهئي کي خراب نٿو سمجهان. آئون هڪ هوٽل (Excelsior نالي) ۾ شام جو پنجين کان رات جو ٻارهين تائين بئرو تي ڪم ڪريان ٿو“.

مون کي ويتر حيرت ٿي. ڇو جو محنت ڪرڻ الڳ ڳالهه آهي ۽ اهو ئي ڪم انگلينڊ، آمريڪا، فرانس جهڙي ملڪن ۾ ڪرڻ ۾ ايتري نفسياتي ۽ سماجي ڇڪتاڻ ناهي جيتري اسان جهڙن ملڪن ۾ آهي. جتي هر ڳالهه جي ذاڪابندي ٻڌل آهي جيڪا هندو ڪلچر جي پئداوار اسان وٽ صدين کان موجود آهي. برهمڻ جو ڪم آهي حاڪم ٿي رهڻ، شودر جو ڪم آهي جوتا پالش ڪرڻ، هڪ جو ڪم ٻيو ڪري نٿو سگهي. ڪرڻ جي لائق هجي يا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته به سوسائٽي قبول نه ڪندي. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ هڪ ماڻهو ايمانداري سان ٻهاري ڏئي روزي ڪمائي ٿو ته به هو گهٽ ذات سمجهيو وڃي ٿو ۽ ٻئي پاسي آفيسر يا وڏيرو عزت لائق آهي چاهي هو غريبن ۽ هارين سان ظلم ۽ ٺڳي ڪري. سو اهڙي سيناريو ۾، اسان جهڙي ملڪ ۾ اهڙي نوڪري ڪرڻ وڏي دل جگر جي ڳالهه آهي. جيڪا واقعي عبداللطيف ڪري سگهيو ٿي پر تنهن هوندي به مون پڇيومانس: "يار هتي، هن شهر ۾ توکي اهو جاب ڪندي ڏکيو ته لڳندو هوندو".

"پاڻ کي انهن ڳالهين جو خيال ئي نه ٿئي. ڪا چوري ته نٿو ڪريان. ڪو ان کي خراب سمجهي ٿو ته سمجهڻ ڏي. ڪالهه ئي جي ته ڳالهه آهي ته پنهنجي ڳوٺ جا ڪجهه آفيسر ان هوٽل ۾ آيا ته به مون پرواهه نه ڪئي. ڪين ڪيڪار ڪري سنڌن اڳيان چمچا ڪانٽا ۽ پاڻيءَ جا گلاس رکڻ شروع ڪري ڏنم".

مون کيس ڀاڪر پائي چيو: "يو آر ريئلي گريٽ".

هن نه فقط ان هوٽل ۾ پر ٻين به ڪجهه هوٽلن: بيچ لگزري، مليرجي گرانڊ هوٽل ۽ ايئرپورٽ جي مڊوي هوٽل ۾ ڇگو وقت پارٽ ٽائيم جاب ڪيو.

هڪ دفعي پوسٽ آفيس جي ڳالهه اچي نڪتي. هزار خان بجاراڻي، اشفاق سومرو (اهي پڻ تن ڏينهن ۾ مينارام هاسٽل ۾ رهندا هئا) ۽

books.sindhsalamat.com



عاشق جتوئي ۽ آئون سندس ڪمري ۾ ويٺا هئاسين. عبداللطيف ان بابت ايتري ته صحيح ۽ ٺهڪندڙ معلومات ٻڌائي جو عاشق جتوئيءَ (جيتوڻيڪ چرچي ۾) چيس، "لطيف! لڳي ٿو ته تو تي مهينا ڪن پوسٽ آفيس ۾ به ڪم ڪيو آهي".

لطيف ٺهڪ ڏيندي چيو: "ڪراچي ۾ پهچي پهرين اهو جاب ڪيو هوم. اها سامهون ته آهي جنرل پوسٽ آفيس. منهنجو ڪم آيل ٽپال تي ٺپا هڻڻ هوندو هو".

مرحوم عاشق جتوئيءَ کلندي مون کي چيو: "يار تنهنجو ڳوٺائي ته ماڻهو نه پر جِنُ آهي. منهنجو روم ميٽ هوندو هو ته مون کي بٽڻ هڻڻ جو طريقو ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو ته مون درزي ٿي به ڪم ڪيو آهي".

عاشق کي چيم: "يار ان جي شاهدي ته آئون به ڏيندس".

هتي اهو لکڻ به بي محل نه ٿيندو ته اسان جو پيارو ماڻهو عاشق جتوئي جيڪو مرتضيٰ ڀٽو سان گڏ شهيد ٿي ويو لطيف جو ڪلاس ميٽ هو ۽ پهريان ڪجهه مهينا لطيف هن جي ڪمري ۾ فرسٽ فلور تي رهيو هو ان بعد هيٺ اڪيلي ڪمري ۾ اچي رهيو.

سال ڏيڍ مينارام هاسٽل ۾ رهڻ بعد آئون جهاز تي هليو ويس. لطيف B.Sc ڪري موسيٰ لين ۾ پنهنجي ماءُ سان گڏ وڃي رهيو. منهنجو پنجين ڇهين مهيني جهاز ڪراچي ايندو هو ته ساڻس ملاقات ٿيندي هئي. پاڻ اڪثر ٽائي ٻڌي بريف ڪيس ڪڇي پيو هلندو هو. کلندي ٻڌائين ته هو فل ٽائيم ميڊيڪل نمائندي (Med.Rep) جو ڪم ڪري رهيو آهي. پنج سال هو مي اينڊ ٻيڪر کان وٺي گلئڪسو دوائن جي ڪمپنين جو نمائندو ٿي رهيو ان وچ ۾ به هن ڪيترائي ننڍا ننڍا پارٽ ٽائيم ۽ فل ٽائيم جاب ڪيا. ڪجهه عرصو ته "اينگرو يوريا" جي "شيئرز ڊپارٽمنٽ" ۾ به ڪم ڪيائين. وري ڪا موڊ بدليس هڪ ٽائيپ رائيٽر وٺي اچي پاسپورٽ آفيس اڳيان ٽائيپنگ جو ڪم شروع ڪيائين. سنڌس ڪيترين نوڪرين ته

www.sindhsalamat.com

كيس بہ ياد نہ آهن. اها ٽائيپنگ واري جي بہ اوچتي خبر پيئي. پاسپورٽ نئون ڪرائڻ لاءِ فارم وٺڻ وڃان تہ عبداللطيف ڪاٽ جي ٽيبل تي هڪ پڳل ٽائيپ رائيٽر رکيو وينو آهي. سامهون بہ چار ڳوناٽا پنجابي پڳڙن ۾ ۽ هڪ بہ سوٽ بوٽ ۾ ٽائيپ لاءِ پنا جهليو بيٺا اٿس. مون کي ڏسي وڏو ياڪر پائي مليو ۽ سامهون بينچ تي وينل هڪ همراهہ کي اٿاري مون کي زوريءَ وهاريائين ۽ چانهہ جو آرڊر ڪيائين. ”لطيف هي ڇا؟“

”منا! ڳالهہ ئي نہ پڇ. هاڻ بہ منت چڏ تہ ماڻهن کي اڪلايان“. آئون چانهہ پيئندو رهيس ۽ هي ٽڪ ٽڪ، ٽڪ ٽڪ ڪندو ويو. اهو تہ تعجب نہ لڳم تہ هن تکي تکي ٽائيپ ٿي ڪئي. هالا ۾ جمعي ٽيڪي جي فرزند علي محمد (PIA جي مشهور آرٽسٽ) آئل پينٽنگ ۽ ٽائيپنگ سيکاريندو هو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد لطيف ۽ مون ان وقت ٽائيپ سکي هئي تہ متان ڪڏهن ڪم اچي ۽ هاڻ لطيف ويٺي ويٺي مون کي ياڪر پائي، ساڄي هٿ جي اشهد آڱر مٿي آسمان ڏي ڪئي چيو: ”بس شڪر آهي پروردگار جو“. پوءِ ٽائيپ رائيٽر هيٺان وڇايل ڳوڻ مٿي ڪٽي ڍير نوٽن جو ڏيکاريو. ”ڪلاس ون آفيسر بہ ايترو نہ ڪمائيندو هوندو. پڙهيل ڳڙهيل هجڻ ڪري هر ڪو مون ڏي اچي ٿو“.

”يار توکي تہ يورپ يا آمريڪا ۾ هجڻ کپي“. مون چيومانس.

”بس دعا ڪر. الله گهريو تہ اتي بہ پهچي ويندس. هينئر مون کي هاسٽل ۽ ڪاليج جي خرچ جا پئسا گڏ ڪرڻ ڏي تہ ايل ايل بي ڪيان پوءِ ولايت جي ٽڪيٽ لاءِ ڪو پورهيو ڪندس“.

اڄ جي دور ۾ تہ M.Sc ڪري ماڻهو هوٽل ۾ ٻيرا ٿي پيا ڪم ڪن. B.E يا MBBS ڪري پرائمري اسڪول ۾ ماسٽر ٿيو پيا هلن. ڪي تہ ڪلفيون ۽ ڳنڍيا پيا وڪڻن. اهو حال آهي بيروزگاريءَ جو. پر انهن ڏينهن ۾ 1970-72ع ۾ لطيف کي ڪيترين ئي سرڪاري نوڪرين ملي سگهيون ٿي پر هن جي آزاد طبيعت اهو چاهيو ٿي جيڪو دل چيس ٿي.





رشوت يا غلط طريقي سان پئسو نہ هن جي وڏن ڪاڏو نہ پاڻ حاصل ڪرڻ چاهيائين ٿي. نتيجي ۾ هن کي آفيسري بدران هن قسم جا جاب بهتر لڳا ٿي. ائين نہ تہ هو ڪو پڙهائيءَ ۾ ڳهٽ هو. انگريزي ڪانوينٽ اسڪولن مان نہ پڙهيو هو پر ننڍي لاڪون هو انگريزيءَ ۾ هوشيار هو ۽ ڪنهن سان انگريزيءَ يا ڪنهن ٻي زبان ۾ ڳالهائيندي شرم نٿي ڪيائين (بهرحال اڳتي هلي عبداللطيف ايس ايم لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ 1976ع ۾ لا جي ڊگري پڻ ورتائين. پاڻ ان ۾ فرسٽ ڪلاس آيو هو).

عبداللطيف جهازن جي بہ نوڪري ڪئي. حاجين جي جهاز سفينۃ عرب تي ”پرسر“ جي نوڪريءَ جو اشتهار آيو. هن اپلاءِ ڪيو ۽ چونڊجي ويو. انهن ڏينهن ۾ اسان جو جهاز ڪراچي آيو ۽ ڪئپٽن عالم شيخ (جيڪو پڻ اسان وارن ڏينهن ۾ مينارام هاسٽل ۾ رهندو هو)اسان کان لطيف پڇڻ آيو تہ ”پرسر“ ڇا ٿيندو آهي. ڪيس ٻڌايوسين تہ جهاز جو پرسر ڪاڏي پيتي جو انچارج ٿيندو آهي. جهاز جا بورچي، ٻيرا وغيره هن جي هٿ هيٺ ڪم ڪن ٿا. پوءِ پنهنجي نئين نوڪريءَ جو ٻڌائين. ڪجهہ ڏينهن بعد سندس جهاز ڪراچي پهتو ۽ يڪدم Sail ڪرڻ بدران شپ يارڊ ۾ اچي بيٺو جتي سندس مهينو کن مرمت هلڻي هئي. لطيف روز صبح جو شپ يارڊ ويندو هو ۽ شام جو موٽندو هو. اسان روز موسيٰ لين سندس گهر ويندا هئاسين. جهاز جي ڪا خاص ڳالهہ نٿي ڪيائين. عالم مون کي پنهنجي منهن چيو: ”يار! پرسر جو جاب ڏکيو آهي جو مختلف ماڻهن سان منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ هر هڪ کي خوش رکڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. ۽ پئسينجر جهاز تي تہ هيڪاندو مشڪل آهي. آهي تہ پاڻ وارو لطيف بہ لاهہ مڙس پر لڳي ٿو تہ رضيہ غنڊن ۾ ڦاسي پئي آهي“.

۽ پوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد ڏسون تہ لطيف سڄو ڏينهن گهر وينو آهي. ڪائنس اسان نوڪريءَ جو پڇون تہ لنوايو وڃي. عالم چيو تہ معلوم ڪجي تہ ڳالهہ ڇا آهي. ان ڏينهن اتفاق اهڙو ٿيو جو لطيف جي گهر ڪير نہ هو سو

اسان کي وهاري پاڻ ٻاهر هوٽل تي چانهه لاءِ ڇوڙڻ ويو. اسان کي ٻه ٽي ڪٽي مستي سو ٽيبل تان سندس ڊائري ڪڍي پڙهڻ ويٺاسين. ڪنهن فارين جهازران ڪمپنيءَ جي تمام وڏي سائيز جي ڊائري هئي پر هر صفحي تي ڪا هڪ هڪ سٽ مس لکيل هئي. ”اڄ هن وقت اٺيس ۾ جهاز تي ويس“ انگريزيءَ ۾ هو. ان بعد ٻئي ڏينهن به اهو ئي ڪجهه لکيل. ٽئي ۽ چوٿين ڏينهن به اهو. پنجين ڏينهن (جنهن کان پوءِ هر روز گهر ۾ ئي نظر اچڻ لڳو هو) اچان به مختصر لکيل هو:

(Went to ship. Lots of problems and problems and problems. Left the Ship).

اسان کي پڙهي ڏاڍي کل آئي. عالم چيو لطيف سدائين اسان تي چرچا ڪيا آهن. اڄ اچي ته تنگ ڪيونس. پوءِ ظاهر آهي اسان ڪيس جڏهن چتو ڪيو ته صحيح ڳالهه ٻڌايائين ته هو جهاز تي نه پيو وڃي ”يار جهاز تي نوڪري ڪرڻ ڪو شريف ماڻهوءَ جو ڪم آهي. روز ڏهه ڏهه مسئلا. ڪڏهن ڪاڏو نيڪ ڪونهي. ڪڏهن ڪٽلري ۽ ڪراڪري صحيح ناهي. جهاز جا آفيسر ته آفيسر خلاصين به بيزار ڪري رکيو. اڃان ته مسافر نه چڙهيا هئا ۽ نه جهاز Sail ڪيو“.

ڪجهه ڏينهن بعد اسان جي جهاز Sail ڪيو. جولاءِ آگسٽ جو مهينو هو. ڪراچي ڇڏڻ سان اهڙو ته سمنڊ خراب مليو جو ڏينهن رات الٽيون ڪيندي عربي سمنڊ پار ڪيوسين. ڏينهن ٻن جي فرحت بعد وري موزمبق چئنل کان وٺي ڪيپ آف گڊ هوپ تائين هفتو کن حالت خراب رهي. اِنهن ڏينهن ۾ ائٽلانٽڪ صحيح ملندو آهي پر اهو سمنڊ به خراب مليو. ۽ انگلينڊ پهچڻ کان اڳ وارو سمنڊ Bay of Biscay ته ورلي ڪو صحيح رهي ٿو. سڪي هڏا ٿي وياسين. جهاز جي جسم ۽ انجن کي به سخت نقصان رسيو. مسين مسين لنڊن پهتاسين. پهرين ڏينهن ته گهمڻ لاءِ نڪري نه سگهياسين. هڪ ٽڪ هو ۽ ٻي انجڻ جي ڪجهه ضروري مرمت.





ٻئي ڏينهن شهر گهمڻ لاءِ نڪتاسين. هيءَ ٿيمس ندي، هي هتي جو وڏو گهڙيال بگ بين جنهن جو ٺڪاءَ اسان بي بي سي ريڊيو تان ٻڌندا آهيون. هي هائيڊ پارڪ جنهن ۾ توهان کي هر تقرير ڪرڻ جي آزادي آهي. هي لنڊن جو مشهور علائقو پڪڊلي سرڪس. هيءَ آڪسفورڊ اسٽريٽ. هي ٽرائفالگر اسڪائر ۽ نيلسن ڪالم. ۽ انهن جي سامهون وارو روڊ (شايد اسٽرانڊ روڊ آهي) تي بس نمبر يارهين، چوويهين ۽ ستهتر جي بس اسٽاپ وٽ هڪ برگر شاپ ۾ اسان وارو عبداللطيف بيٺو برگر وڪڻي! مون کان وري رڙ نڪري وئي. ”يار تون ماڻهو آهين يا جن؟ سچ ٿو ڊاڪٽر سليمان شيخ چوي ته نذير چنا ۽ تنهنجي پيرن ۾ ڦيٿا آهن جو جتي ڪٿي پهچيو وڃو“.

عبداللطيف پنهنجي ساڄي هٿ جي شاهد آڱر آسمان ڏي ڪنئي. آئون سمجهي ويس ته هو چا ٿو چوڻ چاهي پر مون سان گڏ بيٺل جهازين جن کي سنڌي نه پئي آئي تن سمجهيو هو نيلسن ڪالم کي ڏسڻ لاءِ اشارو پيو ڪري. ”بس ادا اها اٿئي رب کي طاقت. هاڻ پهرين ٻڌاءِ ته ڪهڙو برگر کائيندائو. بلڪ جيڪو وڻناوَ کائيندا وڃو“.

آئون لطيف کي هتي اوچتو ڏسي جنهن حيرت جي عالم ۾ اچي ويو هوس ان تي اڃان ڪنٽرول نه پئي ڪري سگهيس ۽ هي ائين نارمل ٿيو پيو ڳالهائي جڻ ڄاڻو نپنو ئي هتي هجي. نيٺ چيومانس: ”يار اسان پيا سمنڊ تي ٻچڙا ٿيون ۽ تون وينو هتي ڪجهه توراڻو ڪجهه چورايو ڪرين. مون ته سمجهيو ته وڏيڪ پڙهندين يا سرڪاري نوڪري ڪندين؟“ ڀاڪر پائي چيائين: ”منا پڙهڻ الڳ شيءِ آهي پورهيو الڳ. جيڪي پئسا هئا ان جي ٽڪيٽ وٺي مهينو کن اڳ هتي پهتو آهيان. موڊ ٿيو ته ڪٽي وڏيڪ پڙهندس في الحال هن دڪان ۾ روز جي حساب سان جاب ملي ويو اٿم“.

انهن ڏينهن ۾ ٻي ملڪ ۾ وڃڻ ايترو ڏکيو نه هو. رڳو پاسپورٽ نهرائڻو پوندو هو. ڪيترن ملڪن جي ته ويزا جي به ضرورت نه هوندي هئي. يا وڌ ۾ وڌ ان ملڪ جي ايئرپورٽ تي پهچي پوءِ ٺپو هڻائڻو پوندو هو.

سستائيون هيون. انگلينڊ توڙي يورپ جي ملڪن ۾ نوڪريون ۽ ڌنڌا (Jobs) سولائي سان ملي ويا ٿي. آمريڪا (USA) ۾ اڃان به بهتر حالتون هيون. اسان جو جهاز هفتو کن لنڊن ۾ هو. موڪل مهل لطيف اسان وٽ هليو ايندو هو يا آئون هن وٽ پهچي ويندو هوس. لنڊن بعد لورپول ۽ ٻين بندرگاهن بعد اسان جو جهاز ڪراچيءَ موٽيو. ست اٺ مهينن بعد جهاز وري لنڊن آيو پر لطيف نظر نه آيو. ڪنهن چيو اسڪاٽلينڊ هليو ويو آهي ڪنهن چيو جرمني ۾ آهي ڪنهن چيو واپس ڪراچيءَ هليو ويو. اسان جي جهاز به ان بعد انگلينڊ يورپ پاسي وڃڻ ڇڏي ڏنو. جپان، هانگ ڪانگ، ڪوريا پاسي گهڻو وڃڻ ٿيندو هو يا ڪڏهن ڪڏهن آفريڪا جي ملڪن ۾. ٻن اڍائي سالن بعد اسان ڪي ۾ جهاز ڪي ڪئناڊا وٺي وڃڻو پيو. اتان پوءِ نيويارڪ آياسين. گهڻو اڳ نيويارڪ اچبو هو ته ٽنڊي قيصر جي نور احمد نظاماڻي ۽ جهڏي جي مير مبارڪ ٽالپر سان ملاقات ٿيندي هئي. هاڻ هو آمريڪا کي ڇڏي ڳوٺ وڃي رهيا هئا. يوسف ڏاهريءَ جي به خبر پيئي ته ڪجهه مهينن لاءِ ٽنڊو جان محمد ويو آهي. اهي سڀ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ کان پنج ڇهه گهٽيون اورتي هڪ سئو هڪ گهٽي تي هڪ فليٽ ۾ سالن کان رهيا ٿي. آخري سالن ۾ عبدالرزاق شيخ ۽ سليم شاهه (اي ڪي لوڌيءَ جو پيٽوبو ۽ ليڪ طارق اشرف جو مائٽ) حيدرآباد کان آيا هئا ۽ دڪان کوليا هئائون. آئون سليم شاهه سان ملڻ ويس جيئن هن وٽان ڪجهه "سهڻي" رسالا کڻي اچان. سليم ۽ سندس گهر واري ادي پروين دڪان تي ئي هئا. منجهند جو وقت هو سو ماني کائڻ لاءِ مون کي به چيائون. هٿ ڌوئي ٽفن کوليون ته صبح جو گهران آندل سئنڊوچون ٿهن ئي ڪو نه. سليم کلي به پيو ته ڪجهه ڪاوڙ به پئي آيس ته ڪير کائي ويو. ڪم واري شيديءَ ٻڌايس ته صبح جنهن دوست کي ٿوري دير وهاري ويو هئين اهو ڪجهه کائي ٻيون کڻي ويو. سليم ٺهڪ ڏئي چيو: "يار هن لطيف انصاريءَ اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي".

books.sindhsalamat.com



"لطيف انصاري؟" مون کي لڳو ته اهو ڪٿي اسان وارو نه هجي، "ادا سليم اهو ڪٿي جو آهي. هالا جو ته نه آهي؟".

"ها. ها. هالا وارو اهو ڍگهو". سليم کلندي چيو.

مون ساڻس ملڻ لاءِ سليم کي چيو.

"هنن ٻن ڏينهن ۾ ته ساڻس ملڻ مشڪل آهي. هينئر هو اسان کان گهٽ ۾ گهٽ به ٽي سئو ميل پري پهچي چڪو هوندو".

سليم ٻڌايو ته هو ٻن سالن کان هتي نيويارڪ ۾ انور شيخ (عبدالمجيد سنڌيءَ جي وڏي پٽ) سان گڏ رهي ٿو. ۽ هڪ بوتيڪ شاپ ۾ سيلز مئن تي ڪم ڪري ٿو. مالڪن ڪيس هڪ وڏي گاڏي وٺي ڏني آهي. هتان ڪپڙن جا نمونا (سئمپل) کڻي آمريڪا جي مختلف شهرن ۾ وڃي ٿو ۽ اتان آرڊر بڪ ڪرائي ٿو. آئون لطيف لاءِ نياپو ڇڏي جهاز تي پهتس. ٽئي يا چوٿين ڏينهن لطيف مينهن واچ ڪندو جهاز تي پهتو. خوش خير عافيت بعد ٻڌايائين ته لنڊن ۾ ڪجهه عرصو ڪم ڪرڻ بعد، برگر کائڻ وارو هڪ فرينچ همراهه کيس پنهنجي دڪان تي ڪم ڪرڻ لاءِ پئرس وٺي ويو جتي JUJUBI CO نالي هڪ بوتيڪ شاپ تي هن پنج مهينا کن پئرس ۾ ڪم ڪري پوءِ ان ئي دڪان جي هن برانچ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هن کي نيويارڪ موڪليو ويو جتي ٻن اڍائي سالن کان ڪم ڪري رهيو آهي.

ان بعد نيويارڪ منهنجو وري اچڻ ٿيو پر لطيف سان ملاقات نه ٿي سگهي جو هو پراڻي ڪمپني ڇڏي ٻيءَ ۾ هليو ويو هو. دوستن کان خبر پئي ته هو ٻيا به ٻه سال کن آمريڪا ۾ رهيو ان ۾ ڪڏهن J.C. Penny وارن وٽ ڪم ڪيائين ته ڪڏهن Sears Robbik جن جي ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾. آخري سال ته Burdines جهڙي ناليري فرم جو به سيلز مئن ٿي رهيو. بهرحال پنج سال کن يڪا آمريڪا ۾ رهڻ بعد جڏهن ڳوٺ آيو ته منهنجي ساڻس ملاقات ٿي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو وزير تعليم پيار علي الانا هو. مون کي خبر پئي ته هو الانا صاحب جو سيڪريٽري ٿيو آهي. نيويارڪ ۾ جڏهن

www.sindhsalamat.com

ساڻس ملاقات ٿي هئي تڏهن ذوالفقار علي ڀٽو صاحب به اتي آيل هو ۽ اها خبر پئي هئي ته آمريڪا ۾ ڪم ڪندڙ ڪجهه ذهين شاگردن کي ڀٽي صاحب پاڪستان اچي نوڪري ڪرڻ جي آڇ ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ڀٽي صاحب اقبال آخوند جي معرفت (جيڪو انهن ڏينهن ۾ يونائيٽيڊ نئشن جو سفير هو) لطيف کي به آڇ ڏني هئي پر هي تن ڏينهن ۾ موٽڻ بدران ڪجهه دير سان موٽيو.

آئون انهن ڏينهن ۾ مهينو کن پاڪستان ۾ هوس. ڳوٺ جي پنهنجن توڙي ڌارين ماڻهن واتان لطيف جي ڏاڍي تعريف ٻڌم ته هو هر غريب غربي ۽ ضرورتمند جي بنا ڪنهن لالچ جي مدد ڪري ٿو. هڪ دوست کي چيم ته لطيف کي ماڻهو ڏاڍيون دعائون ٿا ڏين ۽ تعريف ٿا ڪن.

”جتي ماڻهو هن کي پسند ڪن ٿا“. هن ٻڌايو. ”اتي هن جي مشهور ٿيڻ ۾ ڪجهه سڙن به ٿا. ۽ لڳي ٿو ته هن کي تعليم کاتي ۾ ڪم ڪرڻ نه ڏيندا“.

۽ واقعي ٿيو به ائين. لطيف جي به دل ڀڄي پئي ۽ ان نوڪريءَ کي الوداع چئي اچي ڪاٽن ايڪسپورٽ ڪارپوريشن ۾ آفيسر ٿيو جيڪا پوءِ نئشنلائيز ٿيڻ بعد ڪاٽن ٽريڊنگ ڪارپوريشن ٿي.

پر ان ڪاٽن ايڪسپورٽ ۾ اچڻ کان اڳ هو سال به سعودي عرب جي شهرن، دمام، الخبر ۽ ڌهران وغيره ۾ به رهيو. اتي به منهنجي ساڻس اوچتي ملاقات ٿي. اسان جو جهاز سعودي عرب وارن لاءِ آمريڪا کان موٽر ڪارون کڻي سعودي عرب جي اتراهين بندرگاهه دمام ۾ لنگر انداز ٿيو. اتي جي ڀر واري شهر الخبر ۾ اسان جو هڪ ڳوٺائي ۽ مون کان سال سينيئر (عبداللطيف انصاري جو ڪلاس ميٽ) ڊاڪٽر محمد يوسف ابڙو ڪنگ فهد ميڊيڪل ڪاليج ۾ پروفيسر هو. ان کي مون دمام ۾ پهچڻ جو اطلاع موڪليو هو. جهاز جي دمام پهچڻ تي ٻئي ڏينهن منجهند ڌاري مون کي جهاز تي اطلاع مليو ته منهنجو ڪو مهمان بندرگاهه جي گيٽ تي انتظار ڪري





رهيو آهي. ان کي جهاز تي وٺي اچڻ لاءِ مون کي گيٽ تائين وڃڻو پوندو. آئون يڪدم تيار ٿي گيٽ ڏي روانو ٿيس. پڪ هيم ته ڊاڪٽر يوسف ابڙو ئي هوندو جنهن کي خط لکي پنهنجي اچڻ جو پروگرام ٻڌايو هوم. گيٽ تي پهچي ڪٽي ڏسان ته ڊاڪٽر يوسف بدران عبداللطيف انصاري بيٺو آهي.

”تون هتي ڪيئن؟“ مون وائڙو ٿي پڇيومانس. ”چڱو چڱو هاڻ گهٽو ئي ٿيو“. لطيف ڪجهه ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. ”ٻين کي خط لکندي اهو ڪو خيال ٿيئي ته آئون به هتي آهيان. انهي ڪري آئون ته توسان ملڻ آيس ئي ڪو نه ٿي پر ڊاڪٽر يوسف جيڪو موڪل تي ڳوٺ ويو آهي، ڳوٺ وڃڻ وقت مون کي قسم وجهي ويو هو. تڏهن توسان ملڻ آيو آهيان“.

”يار! هاڻ ٿڏو ٿي مون کي ڪهڙي خبر ته تون هتان اچي نڪتو آهين“.

مون ڪيس سرچائڻ جي ڪئي ۽ واقعي اها مون لاءِ News هئي بلڪه Surprise ته لطيف جهڙو آزاد خيالن وارو ماڻهو عربن جي هن ٻوساٽيل ماحول ۾ اچي نڪتو آهي. يعني هي اڄ جا عرب جيڪي گورن يورپين اڳيان ته سائين سائين ڪن ٿا باقي اسان جهڙن کي غلام سمجهن ٿا.

بهرحال اسان جو لطيف سعودي عرب ۾ ڪجهه عرصو رهي پوءِ ئي ڪاٽن ايڪسپورٽ ڪارپوريشن ۾ آيو هو.

ان بعد منهنجي عبداللطيف سان ڪافي عرصو ملاقات نه ٿي هئي سو هي انتساب لکڻ لاءِ رات فون ڪري پڇيومانس ته ڪاٽن ٽريڊنگ ڪارپوريشن بعد پوءِ ڇا ٿيو.

”پوءِ لڳو مارشل لا ۽ مون کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائون“. لطيف ٺهه پهه جواب ڏنو.

”پوءِ تو ڇا ڪيو؟“

”پوءِ بس ڪارو ڪوٽ ڪڍي پاتوسين“.

”ڇا مطلب؟“

”صفا ڪو ڏِگو آهين“. لطيف ڪجھ بيزاريءَ مان ڪجھ چرچي مان چيو ”ڪاري ڪورٽ جو مطلب نٿو سمجهين. وڪيل ٿيس. سمجهئہ. پهرين جنوري 1978ع کان پرئڪٽس شروع ڪيم. پهرين سيپٽمبر 1980ع تي هاءِ ڪورٽ جو ائڊووڪيٽ ٿيس ۽ 21 مارچ 1998ع کان سپريم ڪورٽ جو وڪيل آهيان“.

اسان جو لطيف وڪالت وارا شروع جا سال حيدرآباد سنڌ گورنمينٽ لا ڪاليج جو ڏهاڪو کن سال پروفيسر بہ ٿي رهيو. عبداللطيف 1990ع کان 1997ع تائين اسسٽنٽ ائڊووڪيٽ جنرل سنڌ بہ ٿي رهيو. ان جي بہ مون کي اوچتو خبر پيئي. 1994ع ۾ سئيدن مان موٽڻ بعد آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي اليڪشن هلي رهي هئي جنهن جو آئون بہ لائيف ميمبر آهيان. ووٽ ڏيڻ لاءِ اندر هال ۾ وڃان تہ لطيف ڪمپليٽ سوٽ ۾ ويٺو آهي. ”ڪر خبر تون بہ آرٽس ڪائونسل جو ميمبر آهين؟“ مون حيرت مان پڇيومانس. ”آئون ميمبر نہ آهيان پر حڪومت سنڌ طرفان توهان جي هيءَ اليڪشن جي نظرداري ڪرڻ آيو آهيان“.

اهاحقيقت هئي تہ اسان جي هن اليڪشن تي قڏو هلڻ ڪري هر هر ڪئنسل ٿي رهي هئي. سندس پر ۾ بہ پوليس وارا با ادب ٿي بيٺل ڏسي پڇيومانس ٿي تہ پوليس جو ڪو آفيسر ٿي ويو آهين. پر ان کان اڳ منهنجي پر ۾ بيٺل ٿي ويءَ جي جنرل مئنيجر عبدالڪريم بلوچ چيو: ”سائين اسسٽنٽ ائڊووڪيٽ جنرل سنڌ آهي“.

لطيف پنهنجي ان نوڪريءَ دوران چارئي هاءِ ڪورٽون ۽ سنڌ سروس ٽربيونل هلايو. ان سان گڏوگڏ مير مرتضيٰ ڀٽو جي قتل جي سلسلي ۾ جيڪو حڪومت پاران انڪوائري ٽربيونل مقرر ڪيو ويو هو جنهن جو سربراهہ سپريم ڪورٽ جو جج جسٽس ناصر اسلم زاهد ۽ هاءِ ڪورٽ جا جج: جسٽس امان الله عباسي ۽ جسٽس ڊاڪٽر غوث محمد سنڌ هئا تن جي مدد لاءِ عبداللطيف انصاري کي مقرر ڪيو ويو هو ۽ ٽربيونل پنهنجي رپورٽ

books.sindhsalamat.com



۾ سندس اهليت، قابليت ۽ ٽربيونل جي قانوني مدد لاءِ هن کي خصوصي طرح ساراهيو هو.

عبداللطيف جون مٿيون ڳالهيون لکندي هڪ ڳالهہ رهجي وئي. هالا جو اسڪول ڇڏي آئون پيٽارو آيس جتي مئٽرڪ ڪلاس ۾ اسان کي ريل رستي لاهور، امرتسر، دهلي، ڪلڪتي، ڍاڪا بعد چٽگانگ وٺي آيا جتي اسڪائوٽنگ جي جمهوري هئي. اتي پهچي ڏسان تہ عبداللطيف موجود هو. هن ٻڌايو تہ منهنجي هالا ڇڏڻ بعد هن نواب شاهہ جي اسڪول ۾ داخلا ورتي جتي جي شاگردن سان گڏ هو ڪراچي کان پاڻي واري جهاز رستي ڪولمبو کان ٿي هتي چٽگانگ پهتا آهن.

لطيف هاڻ ڪراچيءَ ۾ رهي وڪالت ڪري ٿو. گهٽ ۾ گهٽ هن وقت هن اهو ئي سوچيو آهي پر مون کي ڪيئن يقين اچي. عمر جي لحاظ کان ڪٽي هو اڄ پنجونجاهہ سالن جو ٿيو آهي پر سندس دل اها ئي جوان آهي، طبيعت اهائي البيلي آهي، ڳالهائڻ جو اسٽائيل اهو ئي خوش مزاجي وارو آهي. اسان تہ اهوئي چاهيون ٿا تہ هاڻ هو هتي ئي هجي.

انهيءَ ئي جاب (وڪالت) ۾ هجي پر هن جو ماضيءَ جو رڪارڊ توهان خود ڏسي رهيا آهيو تہ اهڙو رهيو اٿس جو ڪنهن وقت بہ ڪيڏانهن بہ وڃي سگهي ٿو ۽ ڪجھ بہ ڪري سگهي ٿو.

باءِ دي وي عبداللطيف جي ڄم جي تاريخ 7 جنوري 1943ع آهي.

**الطاف شيخ**

2- سيپٽمبر 1998ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

***الطاف شيخ*** سنڌي ادب ۾ گهڻو لکڻ/ ڇپجڻ/ پڙهڻ وارو ليکڪ آهي. پر اهي ٽيئي نقطا ڪنهن بہ ليکڪ جي مڃتا لاءِ ڪوڙ تہ ناهن. تڏهن الطاف کي (يا سندس سفرنامن کي) تنقيدي نگاهہ کان پرکڻ بنا ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي ڇڏڻ، آئون سمجهان ٿي تہ هاڻ هن اسٽيج تي الطاف لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو.

اِها مڃتا پنهنجي جاءِ تي اٽل آهي تہ هو سنڌيءَ ۾ سفرنامن کي اوج ڏيڻ وارو اڪيلو ليکڪ آهي جنهن سنڌي ادب ۾ سفرنامن واري پاڙ کي ڀرپور نموني سان نڀايو آهي. سفرنامو پڻ ادب جي اهم صنف ٿئي ٿو. سفرنامي جو ليکڪ پڻ لکڻ سمي تخليقي ڪيفيتن مان لنگهي ٿو. سڀ ڪجهہ ٻاهر جو منظر نہ هوندو آهي. انيڪ منظر ليکڪ جي اندر جا هوندا آهن. الطاف انهن ٻنهي منظرن جي وچ ۾ سنهڙو پڙدو ٽنگي ڇڏيو آهي، جڻ پڙهندڙن لاءِ ان پڙدي کي برداشت ڪرڻ ڏاڍو اوکو ٿي پيو آهي.

سفرنامو ڪنهن بہ ملڪ جي محض جاگرافي/ هسٽري/ سماجي جوڙجڪ/ ماڻهن جو مزاج ڄاڻائڻ جو تہ نانءُ نٿو ٿي سگهي. سفر ڪندڙ ليکڪ ان سموري پنڌ ۾ پنهنجي حوالي سان جيڪي ڪجهہ ڏسي ٿو، جيڪي ڪجهہ هن جي تجربي ۾ اچي ٿو ان کي وڏيڪ اهميت آهي. الطاف پاڻ کي (سفرنامن ۾) ملڪن جي جاگرافي/ هسٽري/ سماجي جوڙجڪ/ ماڻهن جو مزاج ڄاڻائڻ واري دائري ۾ ڄڻ قيد ڪري رکيو آهي.

books.sindhsalamat.com



هڪ ذهين پڙهندڙ کي اها ڳالهہ شدت سان محسوس ٿئي ٿي تہ الطاف سموري سفرنامي ۾ (يا سموري سفر ۾!!؟) پاڻ کي ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ جيان لوڪ نهار کان بچائي بچائي هلي ٿو. ائين ڄڻ هو پنهنجي ليکڪ جي بولڊنيس جو ڳلو گهٽي ٿو ڇڏي.

هن وشال پرٿويءَ تي سڀ ڪجهہ ساڳيو ۽ ورجايل آهي. نواڻ ماڻهوءَ جي اندر جي ڪيفيتن مان ماڻهوءَ جي ذاتي تجربن مان جنم وٺي ٿي. الطاف پنهنجي اندر جي ڪيفيتن کي ضرور ظاهر ڪري ٿو پر هڪ مبلغ جي انداز ۾ ۽ ذاتي تجربن جي اظهار کان ڄڻ هو لنوائي وڃي ٿو. نتيجي ۾ الطاف جا سفرناما، هاڻ/ هن اسٽيج تي ورجاءَ جو شڪار ٿيڻ لڳا آهن. هو منهنجو ساگر، منهنجو ساحل، ۽ شروع وارن ڪجهہ ٻين سفرنامن ۾ جيترو سچوءِ ڪرو نظر اچي ٿو اڳتي هلي، هوريان هوريان سندس سفرنامن مان اها سندرتا گهٽبي محسوس ٿئي ٿي. هاڻ هو ڄڻ پڙهندڙن کي پاڻ سان گڏ گهمائڻ، پنهنجن تجربن ۽ ڪيفيتن ۾ شريڪ ڪرڻ بدران، گهڻي ڀاڱي معلومات فراهم ڪري ٿو ۽ ساڻ اهو احساس پڻ ڏياريندو هلي ٿو تہ اسان ٻين جي پيٽ ۾ ڪيترا ڄٽ/ گهٽ/ پوئتي پيل آهيون. آئون سمجهان ٿي تہ اهڙا ڀاوَ پڙهندڙن تي مڙهڻ بدران بهتر ٿيندو تہ اهو پڙهندڙ تي ڇڏڻ گهرجي تہ هو پاڻ اِهو سڀ محسوس ڪري ۽ ظاهر آهي تہ محسوس ڪندو بہ.

ڪنهن بہ لکڻيءَ ۾ جڏهن ليکڪ جي شعوري ڪوشش جو هٿ وڌي وڃي ٿو، تڏهن اها لکڻي پنهنجي اصلي سندرتا وڃائي ويهي ٿي. زندگيءَ ۾ (ساڳي ريت سفر ۾ بہ) جيڪي ڪجهہ اسان جي نيڻن اڳيان لنگهندو آهي يا اسان سان ٿي گذرندو آهي، اُهو سڀ پاڻهي ٿي ويندو آهي/ ٿيندو رهندو آهي- بنا ڪنهن ڪوشش جي، بنا اسان جي چاهڻ جي. اهو سڀ قطعي اسان جي سوچ/ راءِ/ نظريئي جي حوالي سان ناهي ٿيندو. هر اهو منظر جنهن کي بيان پيو ڪجي، جيڪڏهن اُن بيان ۾ اسان جي ذاتي راءِ/ سوچ/ نظريو/ ڪامپليڪس وڌيڪ جاءِ والاري وڃي تہ اهو منظر اپري نہ

www.sindhsalamat.com

سگهندو ۽ اها صورتحال سفرنامي/ سفرنامي لکندڙ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي آهي. ان جي حوالي سان هڪ ڳالهه: سنڌي ادب جو پوئتي پوڻ. جتي انيڪ ٻيا ڪارڻ آهن اتي هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته اسان جو ليکڪ سماجي/ سياسي پابندين/ لوڪ جي گهور/ ڪنيل آڱرين/ سياسي حالتن اڳيان سدائين بيوس پيو رهيو آهي. لکڻ سمي هزارين اسٽاپ هن جي تخليقي رستي ۾ ايندا آهن. نتيجي ۾ اهو سڀ چئي نه سگهندو آهي، جيڪو چوڻ چاهيندو آهي/ جيڪي ڪيس چوڻ گهرجي. تڏهن اهو ڊبيل/ گهٽيل اظهار سنڌي ادب کي هڪ ئي نقطي تي بيهاري ڇڏيندو آهي. آئون چئي نٿي سگهان ته الطاف جي اوچتي محتاط ٿي وڃڻ ۽ منجهيل/ ڊبيل اظهار جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا پر آئون ايترو ضرور چوڻ چاهينديس ته ان ورتاءَ سان الطاف اُسرڻ بدران اندر جي ذهين ليکڪ کي ماري ڇڏيندو. ڇا اهي ئي ڪارڻ آهن جو هاڻ ڳالهه جو سلسلو ڳنڍڻ ۾ سقل ڪونهي رهيو. هڪ ڳالهه شروع ٿيڻ ڪان پوءِ وچ ۾ انيڪ معنيٰ/ بي معني ڳالهيون اچي وينديون آهن. ڳالهه جو سلسلو گهڻو اڳتي هلي جڙندو آهي. جتي به چوڪرين جي، نائيٽ ڪلب جي، ڪنهن بي اهڙي تفريح جي ڳالهه نڪرندي آهي ته هو ٻين جي حوالي سان اها ڳالهه ڪندو آهي. جڻ پاڻ اتي هو ئي ڪو نه يا ان جو ڪو به حصو ڪو نه هو. اهو ورتاءُ هن جي اڳوڻن سفرنامن ۾ نٿو نظر اچي. اتي دل چاهيندي آهي ته هو اسان سان پنهنجن ذاتي تجربن ۾ شيئر ڪري. ننڍڙيون ننڍڙيون سندر- اَسندر ڳالهيون/ تجربا، جن ۾ اندلٽ جا ست رنگ هجن. جن مان گلاب جي خوشبوءِ اچي- جن ۾ زهر جهڙي ڪڙاڻ به هجي. جيڪي توهر وانگر تن/ من ۾ چپندڙ به هجن. پر الطاف ڪنهن ڪامياب ڊپلوميٽ جيان پڙهندڙ جو ذهن انيڪ اهڙين ڳالهين ۾ منجهائي ٿو ڇڏي جيڪي بي معنيٰ هونديون آهن. اهو سڀ مون الطاف جي هاٿوڪن (ويجهڙائيءَ ۾ آيل) سفرنامن جي حوالي سان چوڻ پي چاهيو. انهن مڙني ڳالهين جو ڪارڻ ڇا آهي، ذهني پابنديون نٿيون ٿي





سگهن. جيڪي الطاف/ هر سنڌي ليکڪ پنهنجي مٿان مڙهيون آهن. سفرنامي ۾، لکندڙ جو پنهنجي شخصي Involvement ۾ ئي سڀ ڪجهه/ گهڻو ڪجهه آهي. هن دور ۾ جڏهن سائنس فاصلا گهٽائي ڇڏيا آهن تڏهن نه رڳو هڪ سڄاڻ پڙهندڙ پر عام ماڻهو پڻ گهٽي حد تائين ملڪن جي باري ۾ ڄاڻ رکي ٿو. هونءَ به ان سموري ڄاڻ جو بار سفرنامي مٿان مڙهي نٿو سگهجي. ائين سفرنامو نه رڳو هڪ معلوماتي ڪتاب بڻجي ويندو (۽ آئون سمجهان ٿي ته معلوماتي ڪتاب ۽ سفرنامي ۾ گهڻو فرق ٿئي ٿو). الطاف هيڪر وري جيڪڏهن هو اڃا به سفرناما لکڻ چاهي ٿو ته- هن کي اڃا لکڻ به گهرجن. سنڌي ادب ۾ سفرنامي وارو پاڳو هن هڪڙي جي وجود سان جيئرو آهي. ته هن کي اوترو سچو/ کرو رهڻو پوندو. جيترو هو منهنجو ساگر، منهنجو ساحل ۾ آهي. بهرحال اهو سڀ چوڻ جو مقصد الطاف جي ذهين ليکڪ کي رد ڪرڻ مور ڪينهي. الطاف- جتي اسان کي انيڪ سفرناما ڏنا آهن اتي اسان هن جي ذهين ليکڪ کي قطعي رد نٿا ڪري سگهون. الطاف ڪنهن فوٽو گرافي جيان جيڪي ڪجهه ڏيکاري ٿو اهو جيئن جو تيئن نيڻن اڳيان ائين ڦهلجي ويندو آهي، جڻ سئنيما جي بند هال ۾ اسڪرين تي ڏسي رهيا هجون. اها ڏسڻ واري ئي ڪيفيت آهي، جيڪا پڙهندڙن کي الطاف جو سمورو سفرنامو پڙهي پورو ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. هن وٽ لکڻ لاءِ به اها عام فهم سنڌي ٻولي آهي، جيڪا اسين گهرن ۾/ عام زندگي ۾ ڳالهايون ٿا. الطاف کي ڳالهه لکڻ ڪان وڌيڪ ڳالهه ٻڌائڻ جو ڍنگ آهي. اها ئي الطاف جي/ هر سفرنامو لکندڙ جي وڏي خوبي ليکي سگهجي ٿي. ساڳي وقت الطاف وٽ Observation ڪرڻ وارو ذهن آهي. هو ڪائنات جي هر منظر کي جڻ آرپار ڏسڻ ٿو چاهي. ۽ ان آر ۽ پار جي وچ واري وٿيءَ ۾ جيڪي ڪجهه آهي، اهو نه رڳو هو پاڻ محسوس ڪرڻ چاهي ٿو پر ٻين کي به محسوس ڪرائڻ چاهي ٿو. جيتوڻيڪ سندس شعوري ڪوشش کيس دائرن ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن به سندس

سفرنامو پڙهندي انيڪ پيرا محسوس ٿيندو آهي تہ هن جو ذهن بهرحال سوچ ۽ سمجھ جو وسيع ڪينواس آهي. الطاف هڪ اسٽائلش ليکڪ آهي. هن جو لکڻ ۾ پنهنجو هڪ جدا انداز آهي. مون ڪڏهن بہ هن جي لکڻيءَ ۾ ڪنهن ٻي جو رنگ ڍنگ نہ ڏٺو ۽ نہ ئي هو ڪو اوپرو انداز پنهنجي مٿان مڙهي ٿو. هڪ ڳالھ جيڪا مون کي ڏاڍي اهم لڳندي آهي تہ هو پاڪستان جي انيڪ ٻين سفرناما لکندڙن جيان هٿ گهڙيون رومانوي ڪهاڻيون پنهنجي ذات سان وابستہ ناهي ڪندو. جن کي پڙهندي ئي پڙهندڙن جي پس منظر ۾ لڪل ڪوڙ پرکي وٺندو آهي. الطاف جي ڳالھ لکڻ/ ٻڌائڻ جي انداز ۾ (جتي بہ هو معلومات فراهم ڪرڻ ناهي چاهيندو) بي ساختگي آهي. هو اڪثر پڙهندڙ کي جڻ مرڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي. الطاف هر سنڌيءَ جيان من ۾ ساڻيھ جي سڪ سانڍي پيو هلندو آهي. ان جو احساس الطاف جي سفرنامن ۾ انيڪ جاين تي ٿيندو آهي، جڏهن هو ترقي ڪيل ملڪن ۾ گهمندي، سنڌ جي پوئتي پيل ڳوٺن/ شهرن کي ياد ڪندو آهي. ائين سندس سفرنامو پڙهڻ سمي پڙهندڙ جي پيرن هيٺان پنهنجي ڌرتي ڪڏهن بہ ڪا نہ کسڪندي آهي. اهو احساس مون کي الطاف جي سفرنامن ۾ هڪ ٻي ڳالھ جي ڪري بہ ٿيندو آهي. اسان سنڌين جو ڪچهري ڪرڻ جو هڪ پنهنجو انداز آهي، جنهن ۾ ڪو بہ خول ڪا بہ ڏارياڻپ، ڪو بہ جڙتو وايومنڊل نہ هوندو آهي.

بهرحال الطاف شيخ اسان جو اهو ذهين ليکڪ آهي جنهن وٽ سوچ جو اهو وسيع ڪينواس آهي، جنهن تي سنڌي ادب جي سفرنامي وارو پاڳو پوريءَ سندرتا سان چٽيل آهي ۽ ان ڪري الطاف ۽ سندس سفرنامن کي بهرحال سنڌي ادبي ۾ پنهنجو اهم مقام آهي.

**نورالهديٰ شاھ**

ڪراچي - جون 1982ع

books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# بديشي مانوس

**چٽگانگ** شهر جي هڪ سوڙهي گهٽي - ڪرسچنن جي اسڪول سينٽ پلاسڊ پرسان. گهٽيءَ جي ٻنهي پاسي ننهيل ڪچن پڪن گهرن مان هڪ منهنجي بنگالي ڪلاس ميٽ جو ڏکين وارو گهر.

هيءَ گهٽي ۽ گهر مون لاءِ ڪو نئون ناهي. چٽگانگ ۾ تعليم وارن ڏينهن توڙي ان کان پوءِ به ڪيترن سالن تائين جيستائين اهو مشرقي پاڪستان هو منهنجو هتي اچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو. پوءِ 1971ع بعد چٽگانگ مشرقي پاڪستان جو شهر سڏرائڻ بدران بنگلاديش جو سڏرائڻ لڳو ۽ هيڏانهن اچڻ جون واٽون اسان لاءِ جڻ ته بند ٿي ويون.

اج ڪيترن سالن بعد 1981ع ۾ منهنجو هيڏانهن اچڻ ٿيو آهي.

اسان جي ملڪ جو جهاز هاڻ هن نئين نالي بنگلاديش سان سڏرائڻ واري ملڪ لاءِ ڪجهه ڪارگو کڻي آيو آهي. ملڪ جو نالو ڪٽي نئون ٿي ويو آهي پر ان جي ڌرتي ۽ ماڻهو اڄ به مون کي ساڳيا لڳي رهيا آهن. ۽ منهنجي دل ۾ اڄ به هتي جي ڌرتي ۽ ماڻهن لاءِ ساڳيو پيار ۽ موه آهي جيڪو مئرين انجنيئرنگ جي تعليم وٺڻ وارن ڏينهن ۾ هتي رهائش دوران هو. اسان جي ڪلاس روم ۾ اڌ کان وڌيڪ بنگالي هئا جن کان آئون بنگالي سکيس. جن جي ڏورانهن ڳوٺن ۾ ساڻن گڏ موڪلون گذاريم. ۽ هن شهر چٽگانگ جي ته ڇا ڳالهه ڪجي. جتي اسان جي مئرين اڪيڊمي هئي. پنهنجي ڳوٺ هالا ۽ حيدرآباد کان وڌيڪ هتي جي گهٽين ۽ ماڻهن کان واقف هوس.





جهاز تان موڪل ٽيڻ تي پاسپورٽ هٿ ۾ کڻي پنهنجي گهاٽي بنگالي دوست جي گهر جو رخ ڪيم. در جي اڳيان ڪجهه پاڙي جا ٻار ناليءَ جي ڪپر وٽ بلورن راند کيڏي رهيا هئا. آئون رڪشا مان لهي پنهنجي بنگالي دوست جي گهر جو بيل بٽڻ دٻايان ٿو. اڌ اگهاڙا ٻار راند ڇڏي منهنجي چوڌاري اچي بيهن ٿا. وائڙن وانگر منهنجي ڊگهي قد ۽ شلوار قميص کي ڏسن ٿا. لائيٽ بند آهي. بيل بدران در تي ڪڙو هڻان ٿو. اندران دوست جي ماءُ دانهن ڪري پڇي ٿي: "باهري ڪي آڇي؟" (ٻاهر ڪير آهي)

آئون به کيس رڙ ڪري خوشيءَ مان چوڻ وارو هوس ته آءُ ئي ته آهيان تنهنجي پٽ جو ڪلاس ميٽ ۽ دوست جنهن کي تو هميشه پنهنجي سڳي پٽ وانگر پاليو ٿي. پر منهنجي ڪڇڻ کان اڳ منهنجي چوڌاري بيٺل گهٽيءَ جا ٻار جواب ڏين ٿا:

"بديشي مانوس!"

(ڌاريو ماڻهو! ٻئي ديش جو رهواسي!)

مون کي اهو ٻڌي ڌڪ ٿئي ٿو. ڪجهه نٿو ڪڇان. ٻارن ڏي نهاريان ٿو. هو ڏهه ٻارهن سالن جا مس ٿيندا. هنن کي واقعي ڪهڙي خبر ته اڄ کان ارڙهن سال کن اڳ جڏهن هو اڃان ڄاوا به ڪو نه هئا. آئون هن شهر ۾ پڙهندو هوس. هزار کن ميلن جو وچ ۾ فاصلو هجڻ جي باوجود هن ملڪ ۽ منهنجي ملڪ جو ساڳيو نالو هو. هن شهر، هن گهٽيءَ جي، هن در جي ساڳي ڏاڪيءَ تي ويهي رات جو دير دير تائين اسان ڪلاس ميٽ ڪچهريون ڪندا هئاسين. سامهون ڪرسچن آنٽيءَ جو گهر هوندو هو. جيڪا رات جو اونداهه ۾ اسان جي اڳيان جڏهن لنگهندي هئي ته کيس ڏيڄارڻ لاءِ اسين ڪتي جي ڀوئنڪار ڪندا هئاسين ۽ هوءَ ڇاتيءَ تي هٿ رکي حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ياد ڪندي هئي.

رات جو پوري يارهين وڳي، ڪنڊ ۾ رهندڙ مناۓ وارو عبدل بابا، ريلوي اسٽيشن تي شيون وڪڻي بچيل مال جو گاڏو گهلي گهر موٽندو هو. اسان کي ڏسي هوڪو ڏيندو هو:

”ڪولا، ناريڪل، مشتي!“

(ڪيلو ناريل، مناۓ).

اسان ڪائنس ناريل وٺي ڪائيندا هئاسين. اسان سان گڏ ويٺلن مان هڪ ٻيو بنگالي دوست خنڊڪر - جيڪو سلهٽ جو آهي، ان گاڏي واري کي ڏسي چوندو هو ته سلهٽ واري گاڏيءَ هاڻ چٽگانگ ڇڏيو هوندو.

چٽگانگ وانگر سلهٽ به سهڻو شهر آهي. جابلو علائقو. چوڌاري چانهه جا باغ ئي باغ. سياري جون موڪلون هڪ دفعو سلهٽ ۾ ئي گذاريون هيونسين. پر چٽگانگ جي ٻي ڳالهه هئي، جو اسان جي مئرين اڪيڊمي اتي هئي. ۽ ذري گهٽ موڪل جو هر ڏينهن هن شهر جي رستن ۽ گهٽين ۾ گذرندو هو.

تعليم بعد جهازن تي نوڪري دوران پڻ چٽگانگ اچڻ ٿيندو رهيو. جهاز جو هوم پورٽ نه فقط ڪراچي هو پر چٽگانگ پڻ. دنيا جو ڦيرو ڪري هر گهمري جهاز چٽگانگ بندرگاهه ۾ اچي لنگر ڪيرائيندو هو. ۽ اهو سلسلو هلندو رهيو هلندو رهيو. پوءِ سياسي چُڪن غلطين ڌرتيءَ تي لينگها ڪڍي ڇڏيا. نفرتن جون پٽيون اچي ويون. واپار وڙو ڏيتي ليتي، جهازن جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو. ٽئگور ۽ نذر اسلام جي ڌرتيءَ تي موٽڻ بدران يورپ ۽ آمريڪا جي بندرگاهن ۾ اسان جا جهاز ڦرندا رهيا ۽ اڄ سالن پڄاڻان. سياسي حالتون ڪجهه سڌرڻ بعد واپار وڙو شروع ٿيو آهي ۽ اسان جو جهاز هتي پهتو آهي. ملڪ جو نالو پاڪستان بدران بنگلاديش ٿي ويو آهي. پر انسان ۽ مڪان ساڳيو آهي. گذريل دفعي هن ڏکيءَ تي ويهي اسان سوچيو به ڪو نه هو ته ڪجهه عرصي ڪان پوءِ اسين ”بديشي مانوس“ (پراوا ماڻهو) سڏائينداسين. هي اهي ئي ته چٽگانگ جون گهٽيون

books.sindhsalamat.com



آهن جن ۾ نه فقط هتي جي بنگالي دوستن سان گڏ ڦرياسين. پر پنهنجن سنڌي، پنجابي ۽ مهاجر دوستن سان گڏ پڻ. ڊاڪٽر نعيم دريشانيءَ سان گڏ سندس چٽگانگ ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٿيندڙ ساليانين رانديون ڏسڻ، سندس هاسٽل جي ڪمري 12-B ۾ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪرڻ. هالن جي عبدالغفار انصاري ۽ شڪارپور جي صابر شاهه سان گڏ هن شهر جي سئنيمائن: اجالا، الماس، خورشيد محل ۾ فلمون ڏسڻ ۽ ڊائمنڊ، انجم ۽ اسڪرڊگيءَ جي چيني هوٽلن ۾ ماني کائڻ، مٽيارين جي شاهه سان گڏ چٽگانگ جي ڪورٽ بلڊنگ جي پير ۾ ويٺل پان واري دڪان تان سڄي پن جو پان وٺڻ مهل سندس گهگهوءَ واري فوني تي هر وقت وڄندڙ نورجهان جو گنل رڪارڊ ٻڌڻ: ”ميري ڦڙلي بانهان - اڪيان هار گيان هار گيان“. تڏهن ته اسان کي ائين لڳندو هو جڻ اسان ڄاوا نپنا ئي هتي آهيون ۽ هتي جا ئي سڏباسين.

پر اڄ اسان هتي بديشي مانوس ٿي ويا آهيون.

آئون خاموش ٻڌتر ۾ بيٺو آهيان. دوست جي ماءُ هڪ دفعو وري رڙ ڪري پڇي ٿي:

”باهري ڪي آڇي؟“ پر آئون چپ آهيان. هميشه وانگر خوشيءَ مان اهو چوڻ بدران ته ”امر الطاف، امي هلام سينيئر بندو“ (آئون آهيان الطاف. تنهنجي پٽ جو دوست)، آئون ماٺ ۾ آهيان. ڪجهه چوندي ڏکيو پيو لڳيم. چو پيو ڏکيو لڳيم؟ چو ٻڌتر ۾ پئجي ويو آهيان؟ چو اداس محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ Depression ۾ هليو ويو آهيان؟- شايد ان ڪري جو ڪنهن مون کي بديشي مانوس (پرايو ماڻهو) سمجهيو؟. ان کي پرايو سڏيو جنهن هميشه پاڻ کي هن در وٽ پرايو نه پر پنهنجو سمجهيو. آءُ ڪير آهيان؟ ڇا آئون واقعي بديشي مانوس آهيان پر پهرين ته آئون ڪڏهن به نه هوس.... مون کي ڊاريون بنائڻ وارو يا پرايو هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ وارو ڇا يحي، پٽو مجيب آهي يا آئون پاڻ؟.

www.sindhsalamat.com

آئون پنھنجي ھٿ ۾ پاسپورٽ ڏسان ٿو. پنھنجي گھر، گھٽي يا ڳوٺ ۾ ڪو بہ پاسپورٽ کڻي نہ ايندو آھي. آئون پاسپورٽ کي قميص جي پاسي واري کيسي ۾ وجھي لڪائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

بلاشڪ آءُ ھاڻ ڏاريون آھيان پر ان ھوندي بہ مون کي ھتي جي گھٽي گھٽي، ماڻھو ماڻھوءَ ۾ واقعي واقعي سان اجان تائين پيار چو آھي؟.

شايد ان ڪري جو پيار، محبت يا ياد ھڪ ڌرتيءَ مثل ناھي جنھن تي انسان سرحدون ٺاھي سگھي....

## چٽگانگ (بنگلاديش)

1981ع





# مرحوم ڏاڏي جو علاج

**ھوسٽن** (آمريڪا) کان اسان جو جھاز پر واري بندرگاھہ ”پورٽ آرٿر“ لاءِ نڪتو جتان اسان کي ڪٽڪ کڻڻي ھئي. سوڙھي چئنل ۾ تانگھي سمنڊ جي ڪري جھاز کي Auto (آٽوميٽڪ) تي چڙواڳ ڇڏڻ بدران ھٿ سان (Manually) سنڀالي سنڀالي ھلائڻو پيو. پنڌ ٿورو ھو پر سڄي رات جاڳي پوري ڪئيسين، صبح جو فجر ڌاري پورٽ آرٿر بندرگاھہ جون بتيون نظر آيون ۽ اٺين نائين بجي ڌاري جيئن ئي جيٽيءَ سان لڳو تہ ڦوھارن ذريعي ڪٽڪ چڙھڻ شروع ٿي ويئي ۽ سڄي ڊيڪ تي ڌوڙ ۾ سنھا ڪک اڏامڻ لڳا.

اتفاق سان جھاز جو Lube-Oil (تيل) بہ ان ڏينھن اچي ويو سو ان سلسلي ۾ پڻ ڀڄ ڊڪ ڪرڻي پيئي ۽ ڏينھن جو بہ سمھڻ لاءِ وقت نہ مليو. سج لٿي مھل لنگر کڻي آمريڪا جي ٻئي پر واري بندرگاھہ ”آءِ ون ڊيل“ لاءِ نڪتاسين. شڪر جو ان پاسي سمنڊ کليل ۽ اونھو ھو. سو بندرگاھہ کان ٻاھر نڪرڻ بعد جھاز کي يڪدم آٽو تي رکي انجڻ روم کي تالو ھڻي ھر ڪو پنھنجي ڪئبن ۾ ننڊون ڪرڻ لاءِ ھليو ويو جو ڏھہ ٻارھن ڪلاڪن کان پوءِ صبح ڌاري جھاز نئين منزل تي پھچڻ وارو ھو.

ضروري ڪاغذن ۽ لاگ بڪ جو اڪلاءُ ڪري آئون بہ پنھنجي ڪئبن ۾ آيس. اجان ستس ئي مس تہ محسوس ڪيم تہ نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ- وار، سنھو ڪک يا ڪا ڄيت ڄڀي رھي آھي. ٻاھر ڪڍڻ لاءِ گھڻيئي

اوڪارا ڏنم پر ساڳيو حال رهيو. پاڻيءَ جا وڏا وڏا ڍڪ پريم ته جيئن اندر وڃي پر ڪجھ فرق نه آيو. ڳالھ وسارڻ جي ڪوشش ڪري وري ستس پر ساڳي آنڌ مانڌ. ٽپ ڏيئي اٿيس ۽ وڏو وات ڦاڙي آرسيءَ ۾ ڏٺم. ڪجھ به نظر نه آيو.

هڪ ته اوجاڳي ۽ ٿڪ ماندو ڪيو هو ۽ ٻيو هن تڪليف منجهائي رکيو. جلدي جلدي سمهڻ چاهيم ٿي جو اوجاڳو ڪندي هاڻ اٽڪل چاليھ ڪلاڪ ٿي چڪا هئا ۽ صبح جو ڊيوٽيءَ لاءِ تازو توانو هجڻ لاءِ هينئر ٿوري ننڊ ضروري هئي. پر جيئن ئي اک لڳي ٿي ته نڙيءَ ۾ سُر سُر محسوس ٿي ٿي. ۽ سجاڳ ٿي پيس ٿي. ان ريت اها رات پڻ جاڳنٿو پيو. صبح جو جهاز جيئن ئي آءِ ون ڊيل بندرگاھ ويجهو ٿيو ته ان جي لوڪل آفيس وارن کي وائرليس ذريعي منهنجي تڪليف بابت ٻڌايو ويو جيئن ڊاڪٽر وٽ وٺي هلن.

اسان جو جهاز شهر کان گهڻو پري هڪ فئڪٽريءَ ۾ اچي بيٺو جتان ڪا ويجهي اسپتال يا ٽئڪسي به نه هئي پر آفيس وارن هڪ پر واري شهر جي اسپتال سان ڳالھ ٻولھ ڪئي تن هڪ ڳري خرچ سان پرائيويٽ وئگنر ياڙي تي ڪري جهاز تي موڪلي. مون کي ان وقت پهريون دفعو احساس ٿيو ته چڱو جو انشوئرنس ڪمپني وچ ۾ آهي نه ته آمريڪا ۽ جپان جهڙن مهانگن ملڪن ۾ دوا درمل ڪير ٿو پنهنجي خرچ تي ڪرائي سگهي. ان ڪري آمريڪا ۽ جپان ۾ ويندي اهي مسافر، سياح يا شاگرد جيڪي مهيني ڏيڍ لاءِ اچن ٿا، ڪجھ پئسا ڏيئي پنهنجو پاڻ کي ميڊيڪلي انشوئر ڪرائي ڇڏيندا آهن، جيئن پرديس ۾ متان ڪجھ ٿي پوي ته علاج ۽ اسپتال جو خرچ پڪو اها انشوئرنس ڪمپني ڪري. ساڳي وقت انشوئرنس ڪمپنيءَ کي فاعدو آهي جو ضروري ناهي جو هر هڪ بيمار ٿئي. ڊاڪٽرن کي به نه فقط دل گهريون فيون مليو وڃن پر هو مرض جي ڳولا ۽ علاج پڻ دل کولي چڱيءَ طرح ڪن ٿا.





وئگنر جو آمريڪن شيدي ڊرائيور راڳ ڳائيندو اسپتال ڏي هليو. ڪلاڪ کن جو پنڌ هو. ان وچ ۾ رستي تي گاڏي بيهاري ٻه دفعا بيئر پيتائين ۽ ٽي دفعا پيشاب ڪيائين. اسپتال ۾ پهچي رسيپشن تي منهنجو نالو پتو لکرائي هڪ ڪمري ڏي موڪليائين. اتي ڊيوٽي نرس منهنجو يڪدم بلڊ پريشر، تور، ٽيمپريچر ورتو. ڪيس ٻڌايم ته مون کي نڙيءَ ۾ تڪليف آهي جيڪا جلد ڏٺي وڃي ته سٺو.

”پر هي سڀ Routine ۾ اچي ٿو. ان بنا ڊاڪٽر تپاس نه ڪندو“. نرس ٻڌايو.

ان بعد ڊرائيور ٻئي ڪمري ۾ ڊاڪٽر وٽ وٺي هليو جيڪو جنرل فزيشن هو. تنهن رڳو سوال جواب ڪري، ڊرائيور کي چٺي لکي ڏني ته هو مون کي (E.N.T) ڪن، نڪ ۽ ڳلي جي ماهر ڊاڪٽر ڏي وٺي وڃي.

اي اين ٽي اسپيشلسٽ وڏو وات پٽرائي چڱي طرح نڙگهٽ کي جاچيو پر ڪجھ نظر نه آيس. ان هوندي به ايڪسري لاءِ موڪليائين، ايڪسري روم ٿورو پريرو هئي جتي ان ئي وقت فوٽو ڪڍي ٿوري دير بعد نتيجو موڪليو. ڊاڪٽر ٻڌايو ته ايڪسري ۾ به ڪجھ نظر نه پيو اچي.

”پر مون کي ته ايتري سُر سُر محسوس ٿي رهي آهي جو صاف لڳي پيو ته ڪجھ آهي“.

”ٿي سگهي ٿو ته ڪا اهڙي سنهي ڇيت هجي جيڪا ايڪسري ۾ به ظاهر نٿي ٿئي. هونءَ ٿوري ڳاڙهاڻ ۽ سوڄ ضرور آهي“. ڊاڪٽر چيو.

”آئون ان ڪري به پريشان آهيان“. مون ڊاڪٽر کي چيو. ”جو جيڪي علاج ٿيڻو هجي سو هنن ٻن ٽن ڏينهن ۾ ٿي وڃي ته سٺو نه ته ان بعد هڪ دفعو آمريڪا (U.S.A) ڇڏڻ بعد هڪ ته هفتو سوا ائٽلانٽڪ سمنڊ تي گذرندو ۽ ان کان پوءِ اڳتي آفريڪا جي بندرگاهن ۾ ڪنهن ڦڪي ستيءَ جي به اميد نٿي ڪري سگهجي“.

”چڱو هينئن ڪر جو اڄ رات تائين ڏس نه ته پوءِ سپان نيو اورلينس جي وڏي اسپتال ۾ هي ڊرائيور وٺي ويندءِ“. ڊاڪٽر مون کي سمجهايو ۽ پوءِ سندس بل تي مون کان صحيح وٺي اسان کي روانو ڪيو.

گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ بعد شيدي ڊرائيور ڪا دير سڄي اسپتال - عمارت ۽ عملي کي گاريون ڏيندو رهيو خاص ڪري ان جي زناني شاخن کي، ان بعد مون کي ڏيرج سان چيو:

”مٺن! ڊو دس! (Man! Do This) سائين منهنجا هڪ ڪم ڪريو. منهنجو مرحوم ڏاڏو چوندو هو ته نڙيءَ ۾ جي ڪنڊو يا ڪوڪو به ڦاسي پوي ته ڊبل روٽيءَ جا ٻاهران سڪل ڳنا کائجن يا ڪرئڪر بسڪيٽ. هو ڪو ڊاڪٽر نه هو پر هنن Stupid Doctors کان وڌيڪ سياڻو هو. تون اهي کائي ڏس“.

آئون چپ.

ڪجهه ميلن بعد پري کان دڪانن جا اشتهار نظر آيا ۽ هن گاڏي اچي هڪ سپر مارڪيٽ وٽ بيهاري. آئون گاڏيءَ ۾ ويٺو رهيس. پاڻ ويو سو پنهنجي لاءِ بيئر جو ٽونٽ جيڏو شيشو ۽ مون لاءِ ڪرئڪر بسڪيٽن جو پڙو وٺي آيو.

”اوڪي مٺن! گِو اي ٽراءِ“. هن بسڪيٽن جو پڙو منهنجي حوالي ڪندي چيو.

بسڪيٽ. هٿ ۾ جهلي آئون کلندو رهيس.

صبح جا نڪتل هئاسين ٻنپهرن جو هڪ اچي ٿيو هو- ساڳي تڪليف ۾ جهاز تائين پهچندي.

وئگنر مان لهي، خرچ جا سمورا بل صحيح ڪري شيدي ڊرائيور کي ڏنم ۽ کائنس مليل ڪرئڪر بسڪيٽ کائيندو جهاز جون ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳس. جهاز جو A ڊيڪ چڙهي B ڊيڪ تي پهتس. جهاز جا ڪجهه همراهه ٽي وي ڏسي رهيا هئا. ڪي ٽيبل ٽينس کيڏي رهيا هئا. اتان پوءِ مٿي





پنهنجي C ڊيڪ تي پهتس ۽ پنهنجي ڪئبن ڏي رخ رکيم. تالو لاهي ڪئبن کوليم. بک ۾ اڌ پڙو بسڪيٽن جو ڏاڪڻيون چڙهندي چٽ ڪري ورتو هوم. آفيس واري ڪمري مان لنگهندي ڪنڊ ۾ رکيل فرج مان گلاس پاڻيءَ جو پري بيڊ روم واري ڪمري ۾ اچي پيتم. پر هي ڇا؟ پاڻيءَ جو سڄو گلاس پي ويس پر ڪجهه به محسوس نه ٿيو. نه ته ڊڪ ڊڪ پرڻ تي نڙيءَ ۾ چڻ ته رهنڊون ٿي آيون. ڳت ڏيڻ سان جيڪا تڪليف پهرين ٿي تنهن جو هاڻ نالو نشان به نه هو. خوشي به ٿيم ته تعجب پڻ ته سڄو ڏينهن ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن ۾ رلڻ بدران ان شيدي ڊرائيور سان ڳالهه ڪريان ها جنهن جو مرحوم ڏاڏو خبر ناهي ٻين ڪهڙين بيمارين لاءِ ڪهڙا ڪهڙا سستا ۽ سولا علاج نسخا ۽ ٽڪيون ڦيٽا ٻڌائي مئو هو.

## نيو اورلينس (لوزيانا)

U.S.A 1981ع

# پاڳ وارا نمبر

**هڪ** دوست وٽ پنهنجي نمبرن واري بريف ڪيس رکي آيس. ٻئي ڏينهن اچي ڪٽان تہ اها کلي پيئي هئي. تعجب مان پڇيومانس تہ اها ڪيئن کوليئي؟ چو تہ آءُ نمبر گهمائي ان کي لاڪ ڪري ويو هوس ۽ ڪيس ان جي ڳجهي نمبر بابت نہ ٻڌايو هوم.

کلي وراڻيائين: "اها تہ ڪا خاص ڳالهہ آهي ئي ڪا نہ. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ اهڙين بئگن جا اڌ کان وڌيڪ مالڪ بئگ کولڻ جو نمبر 786 رکن ٿا".

مون سندس عقل کي داد ڏنو.

ابجد جي حساب موجب بسم الله جي انگن جو جوڙ ست سئو ڇهاسي ٿئي ٿو. ۽ اهو نمبر مسلمانن وٽ (گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان هندستان جي مسلمانن وٽ) بهتر تصور ڪيو وڃي ٿو ان ڪري اهو نمبر گهڻو استعمال ۾ اچي ٿو. ڪي نوجوان جاسوسي فلمن جا شوقين 007 نمبر کي پسند ڪن تہ ڪي وري 707 بوئنگ جهاز جو نمبر يا مشهور سگريٽ جو نمبر 555 اهڙين ڳالهين لاءِ رکن. ان کان علاوه 777 جو انگ پڻ چونڊيو وڃي ٿو جو اسان وٽ پنجن ۽ ستن جو انگ پلارو ڇيو وڃي ٿو.

مٿين ڳالهہ ان ڪري نڪتي آهي جو هتي هانگ ڪانگ ۾ - جتي چيني ماڻهو گهڻائيءَ ۾ آهن، ڪن انگن کي تمام گهڻي اهميت ڏين ٿا ۽ ايتري گهڻي جو سندن مقابلو دنيا جي شايد ئي ڪا ٻي قوم ڪري سگهي.

books.sindhsalamat.com



اهو ئي سبب آهي جو هانگ ڪانگ ۾ موٽر ڪارن لاءِ اهڙا پاڳ وارا نمبر ٻرن اگهن تي وڪامن ٿا ۽ انهن سڀاڳن ۽ بخت وارن نمبرن جي قيمت ڪڏهن ڪڏهن ڪار جي قيمت کان بہ گهڻي ٿي ويندي آهي. خاص ڪري اهو نمبر جنهن ۾ ستن يا اٺن جو انگ اچي. اهڙن نمبرن وارا پاڻ کي وڏي ڳالهہ سمجهن. ۽ اهڙا نمبر حاصل ڪري هو پنهنجو پاڻ کي ۽ ڪار کي هر حادثي کان محفوظ سمجهن ٿا.

گهڻو اڳ تائين تہ انهن نمبرن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو وڏا اثر رسوخ ۽ رشوتون آڇيندا هئا. پوءِ 1973ع کان هانگ ڪانگ جي حڪومت اهڙن نمبرن جو کلئي عام نيلام شروع ڪرايو ۽ هر سال اهڙا لکي نمبر حاصل ڪندڙن جو واڪ وڌندو وڃي.

گذريل سال 1980ع ۾ هڪ ڪار جي پليٽ نمبر 8778 جو واڪ هڪ لک هانگ ڪانگ ڊالر (ٻہ لک رپين) تائين وڃي پهتو. جيڪا قيمت مرسيڊيز ڪار جي قيمت کان بہ گهڻي ٿي. (هانگ ڪانگ ۾ ڊيوٽي فري اگهہ هجڻ ڪري هر شيءِ ڪافي سستي آهي ۽ ڪارون پڻ).

چينين لاءِ اٺن جو انگ "خوشحالي" آهي ۽ ستن جو انگ "پڪ" سان منسوب ٿيل آهي. سو 8778 جي معنيٰ "خوشحالي پڪ پڪ خوشحالي" ڪڍيو وڃي ٿو. ڪارين جو نمبر پليٽن جي نيلام مان هانگ ڪانگ حڪومت هيستائين اسي لک رپين کان بہ مٿي ڪمائي چڪي آهي.

هانگ ڪانگ

1981ع

www.sindhsalamat.com

# سنگاپور جو لڇمڻ

**سنگاپور** ۾ سوين بازاريون آهن پر اسان جا پاڪستاني، هندستاني ۽ بنگلاديشي جهازي هميشہ ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن جي دڪانن تان خريداري ڪن. پوءِ اهو دڪان ڪٽي ڪنهن مدراسي ملباريءَ جو هجي يا سنڌي هندوءَ جو. گجراتي بوريءَ جو هجي يا ڪڇي ڪوجي جو. پنجابي سک جو هجي يا بنگالي مسلمان جو. انهن دڪانن تان خريداري ڪرڻ جو سبب اهو هرگز ناهي تہ ڪو اسان جهاز وارن کي پنهنجي تر جي ماڻهن سان پيار آهي. پر ان ڪري جو مٿيان دڪاندار اسان جي ڪمزورين، عادتن، افعالن ۽ نفسيات کان چڱي ريت واقف آهن. ڪپڙو هر دڪان تي هوندو پر هي ڳولي ڳولي ان رنگ ۽ قسم جو رکندا جيڪو اسين پاڪستاني هندستاني پسند ڪريون ٿا. اهڙي طرح ٻيون شيون. ان کان علاوه ڪڏهن سئو سوا رپيا ڪٽي پيا تہ بہ اوڌر تي شيءِ ڏيئي ڇڏيندا جو هنن کي خبر آهي تہ اسان ڪهڙي جهاز ۽ جهازران ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪريون ٿا. ۽ جي پئسا ڪائي وياسين تہ ڪمپنيءَ جي ٻئي جهاز وارن هٿان نياپا موڪليندا رهندا. ٻين لفظن ۾ خوار ڪندا رهندا. نتيجي ۾ قرضدار جهٽ پٽ سنگاپور وري نہ ويو تہ بہ ٻئي ڪنهن جهازيءَ هٿان پئسا موڪلي ڏيندو. گهڻو ڪري تہ دڪاندار پاڻ ئي ڪجهہ اهڙو حساب ڪتاب رکندا آهن جو اهڙو سئو سوا گهٽ ملين تہ بہ ٽوٽ نہ رهندي اٿن. پر جهازي خوش تہ هي پنهنجو ماڻهو مون کي اوڌر تي بہ ڏئي ٿو تہ ڪوڪا ڪولا بہ پياري ٿو ۽ ڪرسيءَ جي آڇ پڻ





ڪري ٿو. جن مڙني ڳالهين جي اميد سنگاپور جي چيني، ملئي يا ڪنهن ٻئي دڪاندار مان رکي نٿي سگهجي.

اهڙن دڪانن جا ڳڙهہ سنگاپور ۾ هاءِ اسٽريٽ، عرب اسٽريٽ ۽ ٻين ڪيترن ئي هنڌن تي آهن. ڪيترا اهڙا بہ جهازي آهن جي ويهہ دفعا سنگاپور آيا هوندا پر هنن عرب اسٽريٽ کان علاوه سنگاپور جي ٻي ڪا گهٽي، بازار، پارڪ، مارڪيٽ نہ گهمي هوندي. اتان ئي خريداري ڪندا، اتي جي ئي ڪنهن هوٽل ۾ ماني کائيندا، اتي جي پرپاسي واري سئنيما هال ۾ فلم ڏسندا ۽ اتان ئي ٽئڪسي ڪري سڌو جهاز تي موٽندا. وڏي ڳالهہ تہ ٻيو ڪو ملڪي جهاز سنگاپور آيل هوندو يا ڪو ڊاريون جهاز جنهن تي پنهنجا ملڪي خلاصي هوندا آهن تہ اهي بہ ان گهٽيءَ مان اچي نڪرندا آهن انهن سان پڻ سٺي ميل ملاقات ٿي ويندي آهي.

اهڙن ئي ڳڙهن مان هڪ ”تنجم پگار“ نالي علائقو آهي جتي پڻ ڪافي هم وطني ۽ هم شڪل دڪاندار ملن ٿا. هيٺ گرائونڊ فلور تي هوٽلون، سيڌي جا هٽ ۽ ميوي ڀاڄيءَ جون مارڪيٽون آهن. ۽ مٿئين ماڙين تي مختلف سامان جا دڪان. هوٽلون گهڻو ڪري ڏکڻ هندستان جي مسلمان ۽ هندو تاملن جون آهن يا ملئي مسلمانن جون. هڪ بہ چيني ماڻهن جون پڻ. هنن هوٽلن جو خاص کاڌو مرتباڪ - قيمي وارو اڦراٽو آهي، جنهن ۾ ڪجهہ بيضو ۽ بصر بہ وجهن. اها شيءِ اهڙي لذيذ ۽ بين الاقوامي ذائقي جي ٿي پيئي آهي جو اسان جهڙا ايشيائي تہ کائين پر انگريز ۽ يورپي بہ شوق سان کائين. ڪڪڙ بدڪ، گانگٽ ۽ مڇيءَ جو ٻوڙ ۽ سنهيون مانيون (ڦلڪا) بہ چڱيون هلن. ڳاڙها مرچ ۽ گرم مصالو ڪجهہ گهڻو استعمال ڪن. پر جيئن تہ هتي هر شيءِ نج ملي ٿي سو ڪافي سوادي ٿئي ٿي. حلوي ۽ پورين مان آسٽريليا جي مکڻ گيهہ جي خوشبوءِ پيئي ايندي. ۽ هر شيءِ جو اگهہ ايترو معمولي ۽ واجبي جو پاڪستان جي حساب سان پيٽجي تہ بہ سستو.

تنجم پگار جي مٿين پن ماڙين تي سئو کن دڪانن مان سپ کان گهڻا گراهڪ هڪ مدراسي مولويءَ جي دڪان تي وڃن ٿا يا پيو حيدرآباد سنڌ جي هڪ سنڌي هندو- لڇمڻ جي دڪان تي. ٻنهي دڪانن تي ذري گهٽ ساڳيو سامان آهي. سئمسونائيٽ ۽ آمريڪن ٽوئرسٽ ڪمپنين جي بئگن، ٿيلهن ۽ بريف ڪيسن کان وٺي ڪورين ۽ ٻين سستي قسم جي ڪمپنين جو. عطر، ڪولون، ڪئسٽ، ٽيپ رڪارڊر، ڪئلڪيوليٽر، رانديڪا، ڪپڙا، ساڙهيون ۽ ٻيو سامان. اهو ساڳيو سامان ساڳي ئي ماڙ تي باقي دڪانن ۾ به آهي. اگهه به ذري گهٽ ساڳيا. پر ڳالهين جي ڪوڙڪن ۾ گراهڪن کي ڏتارڻ ۽ ريجهائڻ ۽ پنهنجي ايمانداري ۽ ساک جو ڏاڪو وهارڻ ۾ مٿين ٻن دڪاندارن جو جواب ناهي.

لڇمڻ جي دڪان جو نالو Vintage آهي. دڪان جي ٻاهران هڪ وڏي بورڊ تي ڦڏن سڏن اڙدو اکرن ۾ لکرائي رکيو اٿس:

”سنگاپور ۾ واحد پاڪستانيءَ جو دڪان....“

بقول لڇمڻ جي ڪيس ساڳي نالي جو دڪان حيدرآباد ۾ پڻ آهي جيڪو سندس زال هلائي ٿي. (حيدرآباد وارو دڪان مون ڏٺو نه آهي. ان بابت پاڻ ٻڌائيندو آهي. هڪ به دفعا صدر حيدرآباد مان لنگهندي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو اٿم پر مون کي نظر نه آيو آهي. شايد ڪنهن گهٽيءَ ۾ هجي). لڇمڻ وٽ پاڪستاني جهازن جا ڪافي ماڻهو اچن ٿا جو هن وٽ پاڪستاني فلمن ۽ ڳائڻن جا به ڪئسٽ آهن. پاڪستان ۾ پسند ايندڙ جپاني ڪپڙو ۽ ساڙهيون اٿس. ان کان علاوه هن وٽ پاڪستان مان ايندڙ اخبارون ۽ تازيون خبرون رهن ٿيون. ان ڪري جهازي ڪجهه نه وٺڻ جي صورت ۾ به هن وٽ اچي نڪرندا آهن. ٻي ڳالهه ته چرچائي مڙس پڻ آهي.

هڪ دفعي سندس دڪان تان ڪيترو ئي سنهو سنهو سامان ورتم. جلدي ۾ هوس ۽ هي شين جو حساب زباني ڪري رهيو هو. وچ وچ ۾ مون





سان ۽ ٻين گراهڪن سان به ڳالهائي رهيو هو جنهن ڪري حساب ۾ ڀُل ٿيڻ جو انديشو هو. چيومانس:

”يار! هاڻ ڪئلڪيوليٽر ڪڍي ڪٽي ان تي حساب ڪر.“

حساب جو جوڙ ڪندي وچ مان ٿهه پهه وراڻيائين:

”بابا واڻٽي جو دماغ ڪئلڪيوليٽر کان وڌيڪ ٽيندو آهي“.

پاڻ رهي سنگاپور جهڙي دنيا جي ماڊرن شهرن ۾ ٿو پر ڳوناٺن کان وڌيڪ پيرن فقيرن ۾ ويساهه اٿس. هڪ دفعي پاڻ گراهڪن سان مشغول هو. سندس اٺ نون سالن جو پٽ ذري ذري ڪيس ڪنهن شيءِ جي فرمائش ڪري منجهائي رهيو هو. نيٺ اسان جي جهاز جي سنڌي آڳ- واري (Fireman) کي پئسا ڏيئي چيائين:

”پائو هڪ ڪم ته ڪر. هيٺ رستي جي هن پاسي بوٽن جو دڪان اٿئي. اتان هن کي رٻڙ جو بوٽ ته وٺي ڏينس متان دڪان بند ٿي وڃن. سندس اسڪول جي مس روز ٿي دڙڪا ڏئيس ته ڦاٽل بوٽ نه پائي اچ“.

همراهه پٽس کي وٺي ٻاهر نڪتو ۽ هي وري ٽاڪئي ۾ وال هڻڻ لڳو. ٻه چار هٽي اوچتو خيال آيس. دريءَ مان منهن ڪڍي رڙ ڪري آڳ- واري کي چيائين:

”من! منهنجي پٽ کي هٿ کان وٺي رستو ٽپائجانس“.

”ڏاڍو سڪيلڌو اٿئي؟“ اسان چيس.

ڪپڙو ماپڻ ڇڏي چوڻ لڳو: ”ادا، ڇهن ڏيئن بعد هي سڪي پني جائو آهي. خبر ناهي ڪيتريون پيرن ولين تي سڪائون باسيم ان ڪانپوءِ هي ڄائو آهي“.

ڳالهه ڳالهه ۾ بنا ڪنهن رک رکاءَ جي پاڻ کي واڻيو واٽيو ڪوٺيندو. هڪ دفعي پين خريد ڪئيمانس. هڪ اهڙي ڪڍي ڏنائين جيڪا نه ڍيءَ ۾ بند هئي ۽ نه ڪا وري ان تي پَني پلاسٽڪ چڙهيل هئي.

”لڇمڻ هيءَ ڪليل پين ڏني اٿئي؟ آهي تہ نئين يا استعمال ڪري رکي اٿئي“. مون پڇيومانس.

مرڪي چيائين: ”واڻيو ڪڏهن بہ پنهنجي دڪان جي شيءِ استعمال نہ ڪندو آهي“.

سنڌ جون ڳالهيون ياد ڪري چوندو: ”بس يار سنڌ ماتا کان اسين جدا ٿي وياسين. هاڻي ڪٿي اسين سنگاپور، هانگ ڪانگ ۾ هجون يا ڪئناڊا آمريڪا ۾. پر اهو سنڌ وارو سڪون اسان کي ڪٿي بہ ملي نٿو سگهي“.

۽ پوءِ ان قسم جي جذباتي ڳالهين ۽ پراڻين يادين ورجائڻ بعد آخر ۾ ضرور چوندو:

”بس يار پنهنجو ڪيتو پيا لوڙهيون. جيڪو ماڻهو پاڻ کي وڏيڪ سياڻو سمجهي ٿو ۽ ٻئي کي اياڻو، جيڪو ٻئي جو حق غضب ڪري ٿو، جيڪو ٻين کي نيچ ۽ ڄٽ سمجهي نفرت ڪري ٿو- چاهي اهو هندو هجي يا مسلمان، ان کي ان جي سزا هن جهان ۾ ئي ڀوڳڻي پوي ٿي“.

لڇمڻ جون اهي مختصر ٽريلر نموني جون ڳالهيون ٻڌي هر دفعي محسوس ٿيندو آهي تہ هو هڪ وڏي فلم آهي ۽ ساڻس ڪڏهن سڪون سان ڪچهري ڪري وڏي ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي پر سنگاپور جهڙي مشغول شهر ۾، هميشہ ٿورو عرصو هجڻ ڪري، هر وقت دماغ تي سوين ڪم ڇهٽيل هوندا آهن. ان ڪري ڪڏهن بہ لڇمڻ جون فيلسوفن واريون ڳالهيون نہ سمجهہ ۾ آيون ۽ نہ چڱي طرح ٻڌڻ جي توفيق رهي.

**(سنگاپور کان هانگ ڪانگ ويندي چيني سمنڊ تان لکيل).**

1981ع





# وقت هجي تہ راند ڪيڏجي

**سمنڊ** تي- خاص ڪري آئوٽر ائنڪريج تي ڪڏهن ڪڏهن ايتري تہ واندڪائي ملندي آهي جو سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي تہ وقت ڪيئن گذارجي . (بندرگاهہ ۾ اندر گهڙڻ کان اڳ جنهن سمنڊ جي حصي ۾ بيهي انتظار ڪجي ٿو ان کي آئوٽر ائنڪريج سڏجي ٿو). ڪڏهن ڪڏهن چين يا اتر ڪوريا جي بندرگاهن ۾ گهڙڻ لاءِ آئوٽر ائنڪريج تي مهينو مهينو بہ انتظار ڪرڻو پوي ٿي.

اهڙن موقعن تي وقت گذارڻ لاءِ جهاز وارا شطرنج، ليوڊو يا مونوپليءَ جهڙيون رانديون ڪندا آهن. هڪ ڏينهن ڪنهن جهازيءَ چيو تہ يار شطرنج خبر ناهي ڪهڙي انگريز ايجاد ڪئي آهي. واهہ جي راند آهي. مختصر سامان سان هڪ ئي هنڌ ويهي ڪيڏي سگهجي ٿي ۽ دماغ تي بہ ڪو گهڻو بار نٿو پوي.

ٻئي چيو: ”ان راند کان وڌيڪ بهتر تہ آڏيلي واري راند آهي جيڪا پنهنجن موالين ايجاد ڪئي آهي. ان ۾ تہ بنهہ مغز نٿو کپائڻو پوي.

”اهو ڪيئن....؟“ ڪنهن پڇيو.

”ان راند ۾ بہ موالي پنهنجا پنهنجا آڏيلا (پنجاهہ پئسن جو سڪو) وچ تي رکي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺا هوندا. پوءِ جنهن جي آڏيلي تي پهرين اچي مک وهي ان جا ٻئي ٽيا“.

اسان جا ڪي ڪي جهازي پٽي رانڊ جا بہ هيڊ ماسٽر- يعني چئمپين ٿين. هڪ دفعو ڪيڏڻ لاءِ وهندا تہ ڪلاڪن جا منهن چٽ. ڏينهن گذري رات ٿي ويندين ۽ رات گذري اچو صبح ٿي ويندو ڪو هوش نہ هوندو اٿن. ان رانڊ جي چوس نہ فقط جهاز تي پر ڪيپٽرن کي ڪناري تي بہ قائم دائم رهي. هڪ دفعي پٽي جي رانڊ تان اسان جي دوست چيف انجنيئر حاذق ۽ ريڊيو آفيسر منظور جو پاڻ ۾ ناراضپو ٿي پيو.

ڳالھ هيئن ٿي جو چيف انجنيئر ۽ ريڊيو آفيسر خميس ڏينهن پنهنجي جهازران آفيس مان موٽڻ مهل اچي ڪيڏڻ ويٺا تہ رات ٿي وئي پر رانڊ هلندي رهي. رات گذري ٻيو ڏينهن جمعي جو شروع ٿيو. ماني ٽڪي بہ اتي پئي هلي. جمعي جو ڏينهن پورو ٿيڻ تي رات ٿي ۽ پوءِ ڇنڇر جو صبح. ريڊيو آفيسر تہ موڪل تي نہ هو ۽ هن کي آفيس وڃڻو هو. سو ڇنڇر ڏينهن نائين بجي ڌاري هن چيف انجنيئر کي چيو: ”يار هاڻ رانڊ بند ڪرڻ کپي مون کي آفيس وڃڻو آهي. دير پئي ٿئي“.

ريڊيو آفيسر ٻڌايو تہ فقط ايتري ڳالھ تي. بس ان تان اسان وارو حاذق بگڙجي ويو. سيني اڳيان داٺون ڪري مون کي چوڻ لڳو تہ ”جڏهن ايترو جلدي ۾ هئين تہ پوءِ مون وٽ پٽي رانڊ ڪيڏڻ چو آئين؟“.

books.sindhsalamat.com



# موهن جو دڙو نظر اچڻ

**ڪنهن** گهر، اسڪول يا ڪاليج ۾ ڪجھ عرصو رهي، ڇڏڻ تي اها جاءِ بلڪل ياد اچي ٿي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي. پر ايترو بہ نہ جيترو اسان جي يار چيف انجنيئر ماهتاب کي سندس جهاز ”موهن جو دڙو“ ياد ايندو آهي.

”موهن جو دڙو“ نالي جهاز اڄ ڪان پندرهن سال کن اڳ (1969ع ۾) يوگو سلاويا ۾ ٺهيو. اسان جو مٽيون ڪليگ ماهتاب ان وقت فورٿ انجنيئر جي حيثيت سان ان جهاز تي چڙهيو هو. اڳتي هلي هن سيڪنڊ انجنيئري ۽ چيف انجنيئري جا امتحان پاس ڪيا. جن بعد پڻ ڪافي سال ساڳي جهاز موهن جو دڙو تي سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئر ٿي رهيو. ۽ پوءِ ان جهاز کي ڇڏي بہ سال ٿي ويس. ان بعد مختلف جهازن تي Sail ڪندو رهيو. پر جڏهن بہ گهٽي پيئڻ ڪري نشو چڙهندو هوس تہ پنهنجي ڪئبن جي، سمنڊ پاسي واري دري کولي، اتان پاڻ کي سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پڇڻ تي وراڻيندو هو: ”موهن جو دڙو سامهون بيٺو آهي. مون کي ڇڏيو تہ ان تي وڃان“.

پوءِ چڱو جو شراب تي بندش پيئي ۽ ماهتاب پيئڻ ڇڏي ڏنو. هاڻ اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن مجال آهي جو ماهتاب کي وري موهن جو دڙو نظر اچي ۽ پنهنجو پاڻ کي سمنڊ ۾ اڇلي. نہ تہ ڪنهن محفل ۾ ويهي پيئندو پاڻ هو ۽ تيار بہ چار پيا پيا ٿيندا هئا تہ جاڻ تہ ماهتاب کي ”موهن جو دڙو“ نظر آيو ۽ متان دري کولي پاڻ کي سمنڊ ۾ اڇلي ۽ سيني جهازين ۽ جهازران ڪمپنيءَ کي سورن ۾ وجهي.

www.sindhsalamat.com

# بزرگ شيطان

**ڪي** فارسي لفظ واهه جا آهن. هڪ دفعي جرمنيءَ ۾ ايراني جهاز جي مرمت هلي رهي هئي. پر ۾ اسان جو جهاز بيٺل هو جنهن جا ٽربو چارجر خراب ٿي پيا هئا. شام جو پنهنجي جهاز جي ڊيڪ تي ويٺي ايراني چيف انجنيئر کان خبرچار ورتم پر هن کي انگريزي نٿي آئي ۽ فارسيءَ کان آئون اڻ واقف هوس. ڪائنس اهو پڇڻ تي ته ڇا جي مرمت هلي رهي آهي، هن فقط ايترو ٻڌايو ته ”ديگ بخار“ جي - يعني بخار جي ديگ جي.

گهڻو گهڻو پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته اها بخار جي ديگ- ٻاڦ جي ديگ- بئالر (Boiler) آهي. واقعي جهاز جو بئالر ديگ ئي ته ٿي، جنهن ۾ پاڻي ٿهڪائي ٻاڦ تي پيدا ڪجي.

خميني جي انقلاب بعد ايراني آمريڪن کي جيڪي گاريون ڏيڻ لڳا، سي زبان جي لحاظ کان گهٽ دلچسپ نه آهن. هڪ گار جيڪا هن وقت ياد اچي رهي آهي، اها آهي ”شيطانِ بزرگ“ اسان جو دوست آصف غيور- جيڪو ايراني جهازن ۽ ايران ۾ ڪافي وقت رهيو آهي تنهن ترجمو ڪري ٻڌايو ته بزرگ معنيٰ پوڙهو يا وڏو. ۽ شيطان معنيٰ خلل پيدا ڪندڙ- ننگ، لچو مڪار. يعني ”وڏو ننگ“.

books.sindhsalamat.com



# اسان جي جهاز جو سوڊان پهچڻ

**آفريڪا** جو وڏو کنڊ جاگرافيءَ جي حساب ۽ سهوليت کان چئن حصن (آفريڪائن) ۾ ورهايو ويو آهي: اتر، ڏکڻ، اوڀر ۽ اولهه آفريڪا ۾. سوڊان اوڀر آفريڪا ۾ اچي ٿو. ڪجهه مصر جو حصو جبوتي، حبش، سومالي لئنڊ، ڪينيا، زائر، موزمبق، يوگنڊا وغيره پڻ اوڀر آفريڪا جا ئي ملڪ سڏجن ٿا.

اوڀر آفريڪا جابلو حصو آهي، جنهن ۾ برف سان ڍڪيل ڪليمانجارو جهڙو مشهور جبل آهي. جنهن بابت مشهور ليکڪ ارنيسٽ هيمنگوي جو ناول Snows- of- Kiliminjaro ۽ فلم پڻ آهي. اوڀر آفريڪا ساوڪ ۽ گهاٽن ٻيلن وارو علائقو پڻ آهي، جتان جڳ پراڻي ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي نيل ندي وهي ٿي، ۽ هندي وڏي سمنڊ جي مشهور ٻيٽن: مالاگاسي، سيچلس، زنجبار، پيمبا ۽ مئيفيا جو پڻ ويجهو- يا پري جو اوڀر آفريڪا سان واسطو ۽ ڳنڍ ڳانڍاپو آهي.

اوڀر آفريڪا- جنهن ۾ عظيم رفت وادي آهي. جنهن ۾ وڪٽوريا جهڙي وڏي خوبصورت ڍنڍ آهي. جنهن مان اچي نيل نڪري ٿي. ڪينيا ۽ ميرو جهڙا مشهور جبل آهن ۽ ڪيترائي ٻرندڙ جبل پڻ- جي اڃان تائين ڦاٽندا رهن ٿا ۽ جيئرا جاڳندڙ سڏجن ٿا. ان کان علاوه اوڀر آفريڪا سفاريءَ جي دنيا ۽ جانورن، پکين ۽ ٻيلن کان پڻ مشهور آهي.

اوڀر آفريڪا ۾ رهندڙ ماڻهو گهڻي ڀاڱي نيگرو Negroid نسل ۽ ان مان نڪرندڙ ذاتين جا آهن. ڌارين ملڪن جي ماڻهن مان پاڪستاني،

www.sindhsalamat.com

هندستاني، گوائين ۽ عرب ملندا. سڄي اوڀر آفريڪا ۾ ”سواحلي“ نالي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي پر مٿين ملڪن - يعني مصر، سوڊان، حبش وغيره ۾ سواحليءَ کان وڌيڪ عربي هلي ٿي. مذهب گهڻي ڀاڱي اسلام آهي. ڪجھ ڪرسچن، ڪجھ بت پرست ۽ ڪجھ بنا مذهب جي ماڻهو پڻ آهن.

يورپي ملڪن جي راڄ جا نشان اڃان تائين اوڀر آفريڪا ۾ موجود آهن. واسڪوڊيگاما جي ڏينهن ۾، سمنڊ تي تهرايل پورچوگالين جا قلعا اڃان به سڄي اوڀر آفريڪا ۾ نظر ايندا. ڪيترائي ماڻهن ۽ جاين جا پورچوگالي، فرينچ يا انگريزي نالا اڃان به هلندا اچن. جيتوڻيڪ گهڻا عربيءَ جا (مثال طور: ممباسا، دارالسلام وغيره) ۽ آفريڪي ٻولين جا نالا آهن.

چڙو هڪ اڌ صدي اڳ آفريڪا هڪ اونداهو کنڊ سڏيو ويو ٿي. سورهين صدي جي شروع ۾ هندستان جي ڳولا ۾ پورچوگالي هتي اوڀر آفريڪا کان اچي نڪتا ۽ هي علائقو صدين تائين هندي وڏي سمنڊ ۾ واپار وڙي جي وڏي چونڪي رهي. وڪامڻ لاءِ هتي جي شهرن مان هندستان، عربستان ۽ ٻين مشرقي ملڪن ڏي سون ۽ عاج ويندو هو. هتي جي سون ئي يورپ جي واپارين کي هرکايو جن جي پويان انهن ملڪن جي حڪومتن طاقت ذريعي هنن ملڪن کي پنهنجي ڪالوني ٺاهيو.حبش (اٿوپيا) کان سواءِ اوڀر آفريڪا جا سڀ ملڪ 1895ع تائين يورپ جي قبضي هيٺ اچي ويا. ۽ سوڊان پهريون آفريڪي ملڪ هو جنهن سڀ کان اڳ 1956ع ۾ آزادي حاصل ڪئي. ان بعد هڪ هڪ ٿي، اڄ تائين، سڀ ملڪ آزاد ٿي چڪا آهن ۽ ڪين پنهنجيون پنهنجيون حڪومتون آهن.

اسان جو جهاز آمريڪا کان موٽندي سڄو ائٽلانٽڪ ۽ يونچ سمنڊ لتاڙي ڪجھ ڏينهن لاءِ اڄ هتي سوڊان جي بندرگاهه ”پورٽ سوڊان“ ۾ آيو آهي. منهنجو هي سوڊان ۾ پهريون دفعو آهي. جيتوڻيڪ اوڀر آفريڪا جي ٻين ڪيترن ملڪن: مصر، ڪينيا، موزمبق جي بندرگاهن ۾ گذريل پندرهن سالن ۾ ڪيترائي دفعا اچڻ ٿيو آهي.





هتي جي بندرگاهه ۾ گهٽ جهازن بيهڻ جو بندوبست ناهي ان ڪري اسان جو جهاز اندر جاءِ ملڻ جي انتظار ۾ ٻاهر کلئي سمنڊ (آئوٽر ائنڪريج) تي بيٺو آهي. ٻيا به ڪجھ جهاز اسان وانگر ٻاهر ترسيل آهن. انهن مان به يوناني جهاز آهن، جن تي ڪجھ پاڪستاني آفيسر ۽ خلاصي آهن. هڪ بنگلاديش جو جهاز اندران بندرگاهه مان سامان لاهي ٻاهر اچي بيٺو آهي. ڪجھ ڏينهن بعد هتان ڪجھ اناج ۽ ڪو تيلي ٻج کڻي سعودي عرب جي بندرگاهه جدي روانو ٿيندو. ان جهاز جو ريڊيو آفيسر پاڪستاني آهي سو جهڙو ئي اسان لنگر ڪيرائي واندا ٿياسين ته اسان جي همراهن کان خبرون چارون وٺڻ لڳو. سندس ڳالهين جو تت هن ريت هو: ”ڏارين ملڪن جي جهازن تي پگهار سٺو آهي پر اڪيلائيءَ جو احساس اڏوهيءَ وانگر اندر کايو ڪوڪلو ڪريو ڇڏي. جهاز تي ڪاڏو پيتو ۽ رسم رواج پڻ ڏارئين آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته پاڪستاني ڪمپنيءَ جا جهاز دنيا جي ڪهڙي به ڪنڊ ۾ هليا وڃن پر ٻي ٽي مهيني وري واپس پنهنجي ئي وطن موٽن ٿا ۽ ماڻهو تازو ٿيو وڃي. پر ڏارين ملڪن جو جهاز سڄو سال ڏارين ملڪن ۾ رهي ٿو- يا نصيب ڪڏهن ڪو اتفاق سان پاڪستان اچي ويو ته اهو به فقط ڏينهن اڌ لاءِ-“

اهڙي قسم جون (ڏارين جهازن تي رهندڙ اسان جي پاڪستانين جون) ڳالهيون اسان جي جهازين کي سڪون سان ۽ هڪ مَنو تي پنهنجي پاڪستاني جهازن تي دل لڳائي نوڪري ڪرڻ لاءِ ٿانڪ آهن. ۽ ههڙن سوڊان جهڙن ماٺ منوڙي وارن بندرگاهن ۾ اهڙيون ڳالهيون چڱيءَ طرح دل سان هندائڻ جو موقعو ملي ٿو جتي ٻاڻ کي مشغول رکڻ لاءِ ٻي ته ڪا ڳالهه آهي ئي ڪا نه- نه ڪا ٽي وي اسٽيشن ۽ نه وري ڪا ٻڌڻ لائق ريڊيو اسٽيشن.

# هي ملڪ سوڊان

***سوڊان*** پکيڙ ۾ نوَ لک انهٺ هزار چورس ميل آهي. جنهن جي اتر ۾ مصر ۽ لبيا آهي، ڏکڻ ۾ يوگنڊا، ڪينيا ۽ زائر. سوڊان جي گاديءَ جو هنڌ خارطوم آهي جيڪو جاگرافي ۽ تواريخ جي لحاظ کان مشهور شهر آهي. هتي اڇي ۽ آسماني نيل نديون اچيو ملن.

سوڊان جو اتراهون علائقو جيڪو ٻاڙهي سمنڊ سان وڃيو ملي، وارياسو رڻ پٽ آهي ۽ دنيا جي مشهور بيابان صحرا جو حصو هتان شروع ٿئي ٿو. هتي دنيا جو سڀ کان گهڻو گرم اونهارو ٿئي ۽ ٽيمپريچر 43 ڊگرين کان به مٿي چڙهيو وڃي. پر ساڳي وقت سوڊان سرسبز پٽ آهي. فقط ٻارهن ڊگريون "ويڪرائي ڦاڪن" (Latitude) جون هيٺ اچبو ته گهاٽا ٻيلا ۽ جهنگل نظر ايندا جتي سٺ کان مٿي قسمن جا جانور، ڪيترائي پکي ۽ نانگ بلائون آهن. ڪيترائي اهڙا جانور به هتي موجود آهن جيڪي ٻين ملڪن ۾ ڪڏهوڪو مري کپي ويا.سوڊان ۾ عاج، ايبوني، سون، چيتي جون کلون، واس ۽ مٺي خوشبوءِ واري ڪونئر جو واپار چار هزار سال پراڻو آهي. سوڊان لفظ جي معنيٰ ڪارن جي زمين آهي. ۽ هن ملڪ جي سورهن ملين آدمشماريءَ ۾ اڌ کان وڌيڪ حبشي آهن. خاص ڪري ڏکڻ ۾ رهندڙ ڊنڪا قبيلو. ان بعد نينگرو (Negro) ۽ عرب قومن جي ملاوت آهي.





سوڊان، ڪش گهراڻي جي گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي. جيڪا چيو وڃي ٿو ته آفريڪا ۾ پراڻي ۾ پراڻي سوسائٽي آهي ۽ عيسوي سن کان هزار سال اڳ کان سن 300 تائين اوج ۾ رهي. سوڊان ڇهين صديءَ ۾ عيسائيت جي اثر هيٺ آيو ۽ ٻارهن سئو ڏاري جڏهن ترڪن سوڊان تي قبضو ڪيو ته هنن جي اچڻ سان اسلام جي پرچار ٿي.

سن 1880ع ۾ سوڊان وس ڪري ڏارين کي تڙي ڪڍيو ۽ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. پر اهو دور فقط ويهه سال کن هليو. ان بعد وري ڏارين جي هٿ هيٺ اچي ويو ۽ مصر ۽ انگلينڊ گڏجي مٿس حڪومت ڪئي. آخرڪار 1956ع ۾ ڪيس وري آزادي ملي.

# Sleeping Sickness

**آفريڪا** کنڊ اڄ بہ ايترو سلامت نہ آهي جيترو يورپ آهي. آفريڪا جي ڪنهن بہ ملڪ ڏي رخ رکڻ کان اڳ ڪيترين ئي ڳالهين جو خيال رکڻو پوي ٿو. ”ٽيٽزي مک“ بہ انهن مان هڪ آهي جنهن کان آفريڪا جا رهاڪو ۽ گهمڻ لاءِ ايندڙ ٽوئرسٽ چڱيءَ طرح واقف آهن. هيءَ مک هتي جي ماڻهن ۽ وهٽن لاءِ هڪ قسم جو عذاب ۽ موت جو پيغام آهي. ان جي اثر هيٺ نہ فقط ڏکڻ سوڊان پر سڄي آفريڪا جو ڳچ حصو (اٽڪل چار ملين چورس ميل) اچي وڃي ٿو جيڪو سڄي U.S.A کان بہ گهڻو ٿيو. ٽيٽزي مک جيڪا انگريزيءَ ۾ Tsetse لکي وڃي ٿي، اسان جي عام گهرو مک کان ٿوري وڏي ٿئي ٿي. هن جي ڏنگ سان ماڻهو يا جانور کي گهاٽي ننڊ Sleeping Sickness ڪٽيو وڃي جنهن کي ميڊيڪل سائنس ۾ Trypanosomiasis سڏجي ٿو.

هن مک جا ايڪيهہ کن مختلف قسم آهن پر انهن سڀني جو کاڄ ”رت“ آهي جيئن منگهڻ مڇر جو گذر رت تي آهي. هن مک جي رهائش گاهہ ٻوٽن ۽ گهاٽن ٻيلن ۾ آهي. اڏام تمام گهٽ اٿس. ان ڪري ٻيلي يا جهنگ جو پٽو صاف ڪري ڇڏبو تہ هوءَ هڪ حصي مان اڏامي ٻي تائين پهچي نہ سگهندي. ان طريقي سان آفريڪا کنڊ جو چڱو حصو هن مک کان نجات حاصل ڪري چڪو آهي. هن مک جو ڏنگ تمام تکو ۽ ايذائيندڙ ٿئي ٿو جنهن سان هوءَ رت چوسي ٿي. هوءَ پتوڻ يا چيلاٽي وانگر





نہ پر مڇر جيان آهي جيڪو مليريا بيماريءَ جو ڪڻندڙ (Carrier) آهي. هيءَ ٽيٽزي مک بہ Trypanosomiasis بيماري ڪڻندڙ آهي ۽ اصل معنيءَ ۾ اجل جي ننڊ ڏياريندڙ اهو Trypanosome جراثيم (Parasite) آهي جيڪو ڪيترن ئي جانورن جي رت ۾ رهي ٿو. جهڙوڪ: شينهن، پٽاپٽي گڏهہ (زيبرا)، ائنٽيلوپ وغيره ۽ ڏيڏر، مانگر مڇ ۾ پڻ. اهي جانور مٿين جراثيم جا ميزبان ٿين ٿا پر ڪين ڪو بہ اثر نٿو ٿئي. هو ان سلسلي ۾ بيحد نرجا (Immune) آهن. ٽيٽزي مک جڏهن اهڙن جانورن کي چڪ هڻي ٿي تہ انهن جي رت سان گڏ جراثيم بہ چوسيو وٺي. ان بعد جڏهن اها مک ڪنهن ماڻهوءَ يا ٻئي ڪنهن جانور کي چڪ هڻي ٿي، جيڪو نرجو ناهي، تہ اهو يڪدم بيمار ٿيو پيو.

پالتو جانور، کير ڏيندڙ وهٽ ۽ ماڻهو Immune نہ هجڻ ڪري اهڙي هنڌ جتي هي مکيون آهن، سلامت نٿا رهيو سگهن. اهو ئي سبب آهي تہ جيئن اسان وٽ مڇرن کان مال کي بچائڻ لاءِ غريب ميهار ڏنار سڄي سڄي رات ڇيڻ جي دونهين دکائي وهن ٿا تيئن هتي آفريڪا جي ماڻهن جو حال آهي. هو پاڻ ڏکيو سکيو گذاري پنهنجي مال کي بچائيندا رهن ٿا جو اهو ئي هنن لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. جيتوڻيڪ اڄڪلهہ ڪيترين ئي دوائن ائنٽي ٽاڪسن، ائنٽريسائيڊ وغيره نڪري پيون آهن، پر آفريڪا ۾ انهن جو حاصل ڪرڻ فقط شهرن تائين محدود آهي. اندر ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ علاج جو بندوبست تمام ڏکيو آهي.

پورٽ سوڊان جي هڪ عيسائي (مشنري) اسپتال جي پوڙهي ڊاڪٽر- جنهن آفريڪا ۾ پنهنجي عمر جو اڌ کان وڌيڪ عرصو گذاريو آهي تنهن ٻڌايو تہ ان بيماريءَ کان علاوه آفريڪا ۾ مليريا، سلهہ، ڪوڙهہ، بادفرنگ، اپاسيون ۽ ايليفنٽاس جهڙيون بيماريون پڻ عام آهن. ڪئنسر پاڻ نہ برابر آهي ۽ گند ڪچري مان پيدا ٿيندڙ ڪالرا ۽ پليگ جهڙيون

بيماريون پڻ تمام گهٽ آهن. صفائيءَ جي معاملي ۾ آفريڪا ڪنڊ وري به ايشيا کان بهتر آهي.

ڪجهه بيون بيماريون جن جو واسطو سنئون سڌو آفريڪا سان آهي ۽ هڪ ٽوئرسٽ کي خبردار رهڻ کپي. اهي آهن: بلحارظيا جيڪا گهڻو ڪري نيل نديءَ جي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ سان ٿئي ٿي، گائنا ڪينئان، Onchoccrciasis (جنهن ۾ ماڻهوءَ جي نظر صفا گهٽجيو وڃي)، ڪاري پاڻيءَ وارو تپ، ييلو فيور (Yellow Fever) ٽراپيڪل Phadogenic السر. ۽ آفريڪا جي پنجهتر سيڪڙو شيدي ماڻهن کي پيٽ ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جا ڪينئان ته آهن ئي آهن. ڪجهه اهڙيون بيماريون- مثال طور هرنيا، چڪي، سَٽ، ڏُن لهڻ وغيره جيڪي يورپ ۽ ايشيا ۾ به آهن پر علاج ۽ آپريشن ڪري ايڏو مسئلو نه آهن، پر هتي تمام گهڻو چانئيل آهن. انهن بيمارين جا ڪيترائي سبب چيا وڃن ٿا. جهڙوڪ گهڻو بار کڻڻ يا گهلڻ، وڻن ۽ دڙن تان ٽپ ڏيڻ. غلط ڪاڏي کان پيٽ تي سوڄ ۽ ويم لاءِ اڏنگا طريقا ۽ اوزار استعمال ڪرڻ ڪري پڻ اهي بيماريون ٿيڻ جا امڪان آهن.

پورٽ سوڊان

1981





# توهان کي لڳي اهي شينهن جي......

**آفريڪا** جون ڳالهيون ڪندي آفريڪا جي جانورن جو ذڪر نه ڪرڻ ايئن آهي جيئن جپان جي سفرنامي ۾ فيوجي جبل ۽ گيشا گرلز جو ذڪر نه ڪرڻ. يا انگلينڊ جي سفرنامي ۾ ”موسم“ ۽ ”قطار ۾ بيهڻ“ جي ڳالهه کي لنوائي وڃڻ.

اسان جي سنڌ وانگر آفريڪا ۾ به ڪيترائي واندا، وڻ هيٺان، نديءَ جي ڪناري تي، ڪنهن ڇپر جي اوٽ ۾، ڪنهن ڪچي هوٽل يا اوتاري جي آڳنڊ ۾ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون ڪندا نظر اچن ٿا. ڪچهريون ۽ چرچا جڏهن اسان وٽ به شيدين جا مشهور آهن ته پوءِ هتي جا شيدي پلا ڪيئن پٺتي رهجي سگهن ٿا. آفريڪا کنڊ جي ڪيترن ئي ملڪن جي انيڪ بندرگاهن ۾ اهڙيون ڪچهريون ٻڌڻ ۾ ايندیون جن ۾ ڪل پوڳ ۽ ٽوٽڪن کان وٺي عشق محبت جا قصا، ٻٽاڪن ۽ ڪوڙن سچن داستانن کان وٺي عقل پرين ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ڪجهه هتي ڏيان ٿو.

هن باب ۾ هتي جي مختلف جانورن بابت ڪجهه ڳالهيون آهن جيڪي مون اهڙين ڪچهرين ۾ آفريڪا جي شڪارين، جانورن جي ڄاڻن، شڪار ۽ جانورن سان واسطو رکندڙ ماڻهن ۽ انهن جي دوستن کان ٻڌڻ جي علاوه مختلف ڪتابن ۾ به پڙهيون آهن.

• چون ٿا تہ شينهن حملي وقت يا پنهنجي جان بچائڻ مهل پنجٽيهہ ميل في ڪلاڪ جي حساب سان ڊوڙي سگهي ٿو ۽ هن جي طاقت جو جواب ناهي. سچي پٽاپٽي گڏهہ (زيبرا) کي - جنهن کي ڏهہ ماڻهو ڪٽي سگهن ٿا تنهن کي وڏو شينهن يڪي سر چڪي سگهي ٿو.

• شينهن نالي چيو وڃي ٿو تہ جنگل جو راجا آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي. پر دلير ڪتن جو جوڙو هن کي پڇائي سگهي ٿو.

• شينهن نالي مشهور آهي تہ هن جو هني مون Honey Moon فقط ٽي هفتا هلندو آهي. ان عرصي دوران شينهن ۽ شينهڻ پنهنجي آرام يا موج مستيءَ ۾ ٻئي ڪنهن جو خلل هرگز پسند نہ ڪندا آهن. ڪيترا دفعا سفاري پارڪن ۾ ان هني مون واري عرصي ۾ ايندڙ ويندڙ گاڏين اڳيان بہ شينهن ۽ شينهڻ هڪ ٻئي کي چميون ڏيندا رهندا. شينهن هاٿيءَ وانگر شرميلو ناهي.

• ماديءَ جو ڍُڪجڻ بعد نر (شينهن) سندس اڳيان ئي رهي ٿو جيڪا گهڻو ڪري ساڍن ٽن مهينن بعد ٻار ڄڻي ٿي. ان کان پوءِ بہ ڪي ڪي شينهن پنهنجي ڪٽنب تي هٿ رکندڙ وڏا ٿي گڏ گڏ رهن ۽ جيسين ٻچو ارڙهن مهينن کي پهچي.

• مادي شينهڻ کي ٽن سالن جي ساهيءَ بعد وري گرمي ڪٽندي آهي ۽ ايئن ڪرڻ سان قدرت اهڙو حساب رکيو آهي جو نئين ڦر ڏيڻ کان اڳ پهريون ڦر سندس حفاظت ۾ پلجيو چڱو وڏو ٿيو وڃي.

• ڪڏهن ڪڏهن نر شينهن ڪٽنبي زندگيءَ مان جهٽ بيزار ٿي پوندو آهي ۽ اڪيلو ئي اڪيلو هيڏانهن هوڏانهن رلڻ پنڻ نڪري ويندو آهي. ڪڏهن وري امالڪ موٽي ايندو آهي ۽ خراب موڊ ٿيڻ تي، جيئن ئي ماديءَ جو ڌيان پري هوندو آهي تہ پنهنجو ئي ٻچو کائي ڇڏيندو آهي.

• هونءَ پڪي پڪڻ توڙي جانورن ۾ نر کاڌو مهيا ڪندو آهي پر شينهن جي ڪٽنب ۾ کاڌي جي ڳولا لاءِ مادي نڪرندي آهي.

books.sindhsalamat.com



• آفريڪي ڳوناٽن جي چوڻ مطابق اڳ زماني ۾ شينهن جو چڪيل ٻچي نہ سگهندو هو جو هن جي وات ۾ ايڏي تہ گڦ ۽ زهريات رهي ٿي جو زخم يڪدم جراثيمجيو پوي. پر هاڻ پينسلين جي ايجاد ۽ موجودگي، جهڙن تهڙن ڦٽيل ماڻهن کي بچائيو ڇڏي.

• ڪي ڪي شينهن آدم خور بہ ٿين جي لاهي پائي ماڻهن کي کائڻ پٺيان هوندا آهن. اهڙن شينهن جا قصا اڪثر ڊائجيسٽن ۾ ملندا يا جم ڪاربيٽ ۽ جان ماسٽرس جهڙن انگريزي ليکڪن جي ڪتابن ۾. يا سندربن ٻيلي جي آسپاس رهندڙ بنگالين واتان ۽ هندستاني راجائن ۽ انهن انگريزن جي اولاد واتان ٻڌبا جن هندستان تي راڄ ڪيو.

هڪ لطيفو ياد اچي رهيو آهي جيڪو هڪ آدمخور شينهن بابت تہ نہ آهي پر اهڙي شينهن بابت ضرور آهي جيڪو روزانو رات جو ڪنهن سکن جي ڳوٺ مان هڪ ڍڳي کائي ويندو هو. ڪنهن کي بہ همت نٿي ٿي تہ ان شينهن کي ڪٽي ماري. آخر هڪ سک هام هنئي تہ اهو ڪم هو ڪندو. شينهن کي مارڻ لاءِ هيءَ ترڪيب ٺاهي ويئي تہ هو ڍڳيءَ جي کل پنهنجي مٿان چاڙهي پاڻ سان پالا خنجر ڪٽي ڳوٺ جي ٻاهران شينهن جو گس وٺي وهندو. شينهن هن کي ڍڳي سمجهي جيئن ئي هن ڏي وڌندو تہ هي ان تي حملو ڪري ڍاهي رکندس.

رٿيل ترڪيب سيني ڳوناٽن کي وڻي ۽ هن تي ڍڳيءَ جي کل چاڙهي ڳوٺ کان ٻاهر بيهاري پاڻ اچي سک جي ننڊ ستا تہ اڄ شينهن جي ڇا مجال جو ڳوٺ ۾ اچي ڪنهن جي ڍڳي کائي وڃي. ٻئي ڏينهن صبح جو اٿي ڏسن تہ شينهن تہ دستور موجب ڍڳي ماري هليو ويو ۽ جيڪو همراهہ پهلواني ڪري شينهن کي مارڻ لاءِ نڪتو هو ان جو پتو ئي نہ. سڀ وائڙا ٿي ڪيس سڄو ڏينهن ڳوليندا رهيا پر ڪا سڌ نہ پئي. آخر شام ڌاري ڏسن تہ همراهہ هڪ ڇُرِ ۾ لڪيو ويٺو آهي. سيني تعجب مان پڇيس: ”ابا ڪر خبر؟ شينهن کي ڇو نہ مارئي -؟“

www.sindhsalamat.com

جواب ۾ ماڳهين ناراض ٿي وراڻيائين: ”توهان کي لڳي آهي شينهن جي، هيڏانهن هڪ ڏڳو مون کي سچ پچ جي ڏڳي سمجهي اچي پئيان پيو آهي. مس مس ڊوڙي اچي هتي لڪو آهيان ۽ پنهنجي جان ۾ عصمت بچائي اٿم.....“

بهرحال تنزانيا جي شهر ابينا ۾ اهڙي آدمخور شينهن جو هر ڪو ذڪر ڪري ٿو جنهن سن 1946ع ۽ 1947ع ۾ پنج سئو کان به مٿي آفريڪن شيدي کائي ڇڏيا هئا. شينهن پنهنجي ماريل شڪار ڪيل جانور کي پيڇ کائڻ شروع ڪري منهن ڏي وڌي ٿو.

آفريڪا سڄي - نائيجر نديءَ کان وٺي زمبيزيءَ تائين. پاڻ اجان به هيٺ تائين. شينهن سان پري پيئي آهي، سواءِ وچ ڪانگو جي. اتي هيڪاندا گهاتا ٻيلا هجڻ ڪري شينهن کي چرپر ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. بقول جان گنٽر ۽ پيٽرسن جهڙن ليکڪن جي، جن پنهنجن ڪتابن: The Man Eaters of Tsavo ۽ Inside Africa ۾ ان بابت ڪافي لکيو آهي. شينهن جي گجگوڙ ڇهن سٽن ميلن تائين ٻڌي سگهجي ٿي ۽ ڪي ڪي شينهن تور ۾ به سئو ڪلو- پنجن مڻن کان به ڳرا ٿين.





## آفريڪا- جانورن ڪري نرالو ڪنڊ

- شينهن کان وڌيڪ دلچسپ جانور هاٿي آهي. هتي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته هر هاٿيءَ جي چال چلن ماڻهن وانگر مختلف ٿئي ٿي. ڪيترن شڪارين جو اهو چوڻ آهي ته هاٿيءَ کي اڳوات خبر پئجيو وڃي ته فلاڻو هن کي مارڻ جو ارادو رکي ٿو يا فلاڻو هٿيارن سان آهي. اها ڄاڻ ٻين به ڪيترن ئي جانور کي پوي ٿي. هاٿي پنهنجي ڦر يا پنهنجي ڌڻ مان زخمي ٿيل هاٿيءَ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جي به پرواهه نه ڪندو آهي. وڏي عمر ۾ هاٿي- خاص ڪري نر، چڙچڙو ٿيو پوي.
- هاٿي، دشمن سان وڙهڻ وقت پنهنجن سونڊ ويڙهي سيڙهي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي رکندو آهي جيئن ان کي ڪو نقصان نه رسي. هاٿيءَ جي سونڊ سندس جسم جي نازڪ شيءِ سمجهي وڃي ٿي جيتوڻيڪ اها به ڪافي ڳري ٿئي ٿي ۽ سئو ڏيڍ سئو ڪن سير تور ٿينديس. ڪن ڪاڏي پيٽي جي شوقينن جو چوڻ آهي ته هاٿيءَ جي سونڊ کائڻ ۾ لذيذ ٿئي ٿي ۽ ڪافي مهانگي وڪامي ٿي. رڍڻ وارا هاٿيءَ جي سونڊ کي مٿي وٽان ڳترا ڳترا ڪري، ان کي پهرين اوباري پوءِ ترين.
- هاٿي جيتوڻيڪ وڻن جو ڏاڍو نقصان ڪن ٿا، پر ساڳي وقت فائديمند پڻ آهن. سندن لِڏِ ۾ مختلف وڻن جا آيل ٻج مينهن پوڻ

ڪري جتي ڪٽي ڦٽيو پون. هاٿي پاڻيءَ منجهه لڳ ڪرڻ جو شوقين آهي ۽ ان ڏنڊي ۾ ڪيس اڌ ڪلاڪ ڪن لڳيو وڃي. اهو سڄو وقت ايڏو گوڙ گهمسان لڳائي رکندو آهي جو اوڙي پاڙي کي به خبر پئجيو وڃي ته ملڪ ۾ ڇا پيو وهي واپري. ۽ هيءَ ئي هڪ جانور آهي جنهن جي نر کي گرمي ڪٽي ۽ نه ماديءَ کي. هاٿڻ انهن ٿورن مادي جانورن مان آهي، جنهن کي ٿڻ اڳين ٽنگن وٽ ٿين ۽ نه مينهن ڍڳيءَ جيان پوئين ٽنگن وٽ.

- سڄي آفريڪا ۾ هاٿيءَ جي شڪار جون ڳالهيون توهان کي جتي ڪٽي ٻڌڻ ۾ اينديون. جيئن شاعر لاءِ چيو ويندو آهي ته هو پنهنجي ڪيسي مان چانهه پيئاري به پنهنجو نئون شعر ٻڌائيندو آهي تيئن هتي جا ماهر شڪاري ماني کارائي به شڪار بابت ٻڌائين ٿا. نوان سيڪڙات پڻ توهان کي هاٿيءَ جي قاسائڻ، مارڻ ۽ ويڙهه جي ٽيڪنيڪ جون ڳالهيون اهڙي ادا ۽ لئه سان ٻڌائيندا جيئن اسپين ۾ ماڻهو سانَ جي ويڙهه جون ڳالهيون ٻڌائين.
- هاٿي هونءَ ته گهڻو ئي سپاجهو پر ڪاوڙ اينديس ته پوءِ ڪار ۾ ويٺل ماڻهوءَ کي به نه ڇڏيندو. هو جنهن وقت پويون لتون زمين تي هڻي ته ان وقت ڪائنس پڄي پاسو ڪجي. هتي جي ماڻهن چواڻي، هاٿيءَ جي مار کاڌل ماڻهو ورلي ڪو جيئرو ملندو جيڪو ان بابت ٻڌائي سگهي. دريائي گهوڙي، جهنگلي سان ۽ ٻين جو پنايل بچي سگهي ٿو پر هاٿيءَ جو ستايل بچي سگهي - اها اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. ماڻهوءَ سان وڙهڻ وقت هاٿي پيرن سان به لتاڙي ٿو ته سونڊ سان به ڦٽڙون هڻي ٿو.
- هاٿيءَ جا ٻاهر نڪتل ڏند (Tusks) عاج جا ٿين جيڪا ڇڱي مهانگي شيءِ آهي ۽ سڄي دنيا ۾ گهڻو هلي ٿو. عاج مان ڳهه زيور، سينگار ۽ سونهن جو سامان، سووينئر ۽ ٺپا (Seals) ٺاهيا وڃن ٿا.

books.sindhsalamat.com



اڄڪلهه آفريڪا ۾ ڏينهون ڏينهن هاٿين جو تعداد گهٽجڻ ڪري هاٿي مارڻ تي سخت بندش وڌي ويئي آهي پر تڏهن به شيدي، عاج جي لالچ ۾، هاٿين کي چوريءَ ماري، انهن جو عاج ٻاهرن ملڪن ڏي سمگل ڪندا رهن ٿا. عاج جي اڄڪلهه وڏي مارڪيٽ جپان، هانگ ڪانگ، دبئي ۽ آمريڪا ۾ چئي وڃي ٿي. هاٿيءَ تان سندس کل ڪوري لاهڻ هڪ وڏو ڪم سمجهيو وڃي ٿو جنهن لاءِ پنج ڇهه ڪاساين کي به ٽي ڏينهن لڳيو وڃن. فقط سندس ڏند ڪيڍڻ ۾ هڪ ڏينهن لڳيو وڃي جيڪي سندس ڪوپڙيءَ ۾، ٻاهر نڪتل ڏندن جي ٽئين حصي جيترو اندر پيچيل ٿين ٿا. ان کي ڪيڍڻ لاءِ هنرمند ماڻهوءَ جي ضرورت آهي نه ته سڄو قيمتي عاج چٽرجيو وڃي. هونئن ان جو سولو طريقو اِهو ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪوپڙيءَ کي ست اٺ ڏينهن ڇڏي ڏجي ته پئي خراب ٿئي ۽ سڙي جيئن عاج جي پير وارا ريشا ڪونئرا ٿي وڃن. پوءِ يڪو ڏند کي ڇڪي ڪيڍي سگهجي ٿو. پر گهڻا شڪاري چوريءَ جي چڪر ۾ جلدبازيءَ ۾ هوندا آهن ۽ جهٽ پٽ ڪيڍڻ لاءِ مئل هاٿيءَ جي ڪوپڙيءَ مٿان چيٽا ۽ چوڏا رکي هلڪي باهه ڏين جيئن ڏندن جي اوسي پاسي وارو گوشت رڌجي نرم ٿي وڃي ۽ پوءِ ڏند سولائيءَ سان نڪريو اچن.

- آفريڪن هاٿي پالتو جانور نه آهي. جيڪي هاٿي دنيا جي سرڪس ۾ نظر اچن ٿا اهي هندستان، سريلنڪا ۽ ٿائلينڊ پاسي جا آهن. ان لاءِ هندستاني اڪثر اهو چوندا آهن ته هندستان جي تهذيب جيئن ته آفريڪا کان پراڻي آهي، ان ڪري اتي جا هاٿي وڌيڪ سڌريل ۽ تهذيب يافته آهن.
- هاٿيءَ کان پوءِ واڳون پڻ آفريڪا جو اهم جانور آهي جيڪو ڍنڍن، ڍورن ۽ درياهن ۾ عام ملي ٿو. واڳون ڏسڻ ۾ سڀ کان گدلو

www.sindhsalamat.com

جانور آهي ۽ ويھ فٽ ڪن ڊيگھ ٿئيس. هو شڪار ڪي وات ۾ سوگھو ڪري ست اٺ ڪلاڪ پاڻيءَ اندر جهلي بيهي ٿو جيئن ان جو گوشت نرم ٿئي. پوءِ ان کي سڄو ڳڙڪايو ڇڏي.

- ڦتيل جنگلي سان سيني جانورن ۾ خوفناڪ مڃيو وڃي ٿو. آفريڪا جي گھاٽن جهنگلن ۾ ڪيترائي زهريلا نانگ بلائون پڻ ملندا. سڀ کان خوفناڪ ”ڪارو مامبا“ ڇيو وڃي ٿو جيڪو بنا هُرڇُر جي بہ ماڻهوءَ کي ٽن منٽن ۾ ختم ڪريو ڇڏي. هونءَ نانگ- بلا جي چڪ کان هر ڪو بچي سگهي ٿو جيڪڏهن هن کي علاج لاءِ ترت دوا (Serum) ڏني وڃي. پر آفريڪا ۾ نہ ايتريون اسپتالون آهن ۽ نہ وڏن شهرن ۾ اسپتالن ۾ پهچڻ جا رستا ۽ سواريون. ان کان علاوه هتي جي ماڻهن کي انگريزي دوائن کان وڌيڪ، جاهل ويڄن، ڪوڙن حڪيمن ۽ جادوگرن جي دوائن ۽ جنترمنترن ۾ گھڻو ويساهہ آهي. نانگ جو زهر ساهہ تي ڪنٽرول ڪندڙ نسن کي بي ستو ڪريو ڇڏي، ۽ ماڻهو بوسٽ Suffocation کان مريو وڃي.

مٿي ذڪر ڪيل جانورن کان علاوه آفريڪا ۾ ٻيا بہ ڪيترائي جانور آهن. بلڪ ايئن ڪٿي چئجي تہ آفريڪا کنڊ جانورن جي ڪري ٻين سيني کنڊن کان نرالو آهي تہ ٻيجاءِ نہ ٿيندو.





# هڪ نہ پر ٻہ آفريڪائون آهن

**آفريڪا** کنڊ جو صحارا رڻ پٽ (Sahara Desert) وارو پٽو سڄي دنيا ۾ مشهور آهي ۽ وڏي ۾ وڏو بيابان آهي. سندس پکيڙ سوا ٽي سئو ملين چورس ميل آهي جنهن ۾ لبيا ۾ نوبيا جا رڻ پٽ پڻ اچي وڃن ٿا. صحارا جو هي پٽو ساڄي پاسي مصر ۽ ڳاڙهي سمنڊ کان وٺي کاٻي پاسي موراڪو ۽ موريطانيا تائين وڃي دنگ ڪري ٿو ۽ آفريڪا کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو. هڪ صحارا رڻ پٽ جو مٿيون حصو جيڪو يونچ (Mediterancan) سمنڊ جي ويجهو آهي ۽ مصر جهڙي پراڻي تهذيب واري ملڪ کان وٺي آلجيريا، تيونيشيا ۽ موراڪو جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا جيڪي رومين جي ڏينهن ۾ انگلينڊ، ناروي، سئيڊن کان بہ وڌيڪ يورپ جو حصو لڳندا هئا. ۽ اڄ بہ اهي ملڪ ڏکڻ اسپين، يونان ۽ ترڪيءَ کان مختلف نہ آهن. ٻيو صحارا جو هيٺاهون ڏکڻ وارو حصو جنهن ۾ سوڊان جو حصو، چاڊ، نائيجر، زائر، ڪانگو جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا. جيڪي صحارا جي رڪاوٽ، گھاٽن ٻيلن، اڻانگن رستن، گرمي ۽ جيت جانورن جي ڪري ٻين ملڪن کان ڇنل رهيا ۽ مٿن ڌارين تهذيبن جو اثر دير سان ٿيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هاڻ آفريڪا جي ان اڻ سڌريل حصي ۾ بہ ترقي اچي رهي آهي ۽ تمام تکي رفتار سان.

صحارا رڻ پٽ کي واريءَ جو سمنڊ بہ سڏيو وڃي ٿو. ۽ اهو واقعي سمنڊ مثل آهي جنهن ماڻهوءَ جي اچ وڃ محدود ۽ مشڪل ڪري ڇڏي

آهي. يونچ سمنڊ ٽپي يورپ کان اتر آمريڪا ۾ اچڻ آسان آهي پر اتر آفريڪا کان ڏکڻ آفريڪا پهچڻ لاءِ صحارا جو رڻ پٽ لتاڙڻ، اج بہ ڏکيو ڪم آهي.

يورپي قومن مان فرينچن تہ ڪڏهن بہ آفريڪا کنڊ کي يڪو هڪ نہ سڏيو. هنن لاءِ آفريڪا صحارا جي ڏکڻ وارو حصو هو. صحارا جي اتر وارو حصو جيڪو يونچ سمنڊ جي ڪناري تي آهي ان کي Afrique Noire (يعني اتراهون آفريڪا) سڏيو جيڪو موسم ۽ ماحول ۾ ڪجهہ ڪجهہ يورپ جيان لڳي ٿو. صحارا جو ريگستان بہ آفريڪائن کي پل جيان ڳنڍيدي بہ ٿو تہ ساڳي وقت لوڙهي جو ڪم ڏيئي. ڪين هڪ ٻئي کان ڌار بہ ڪري ٿو.

هونءَ سڄي آفريڪا بابت ماڻهن جو اهو تاثر آهي تہ آفريڪا هڪ اونداهو کنڊ آهي. ماڻهو وحشي ۽ جهنگلي آهن. گرمي گهڻي ٿئي ٿي، وغيره. پر ڏٺو وڃي تہ اج کان پنج هزار سال اڳ - يعني حضرت عيسيٰ کان بہ ٽي هزار سال اڳ، دنيا جا سڀ کان گهڻا تهذيب يافتہ ماڻهو هتي آفريڪا ۾ ئي رهندا هئا. اهي هئا مصري جيڪي نيل نديءَ جي ڇوڙ کان وٺي اج جي اسوان ڊئم تائين پکڙيا پيا هئا. شهنشاهہ خوفوءَ ۽ ٻين فرعونن جا اهرام اج بہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهن. اهي وڏي عيش عشرت جي زندگي گذاريندا هئا. ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ ايندو هو ۽ ان وقت جي آرٽستن، سونارن، ڪنڀارن ۽ واڍن جي هنرن جا اج بہ اهڃاڻ ملن ٿا. حساب ڪتاب ۾ هو انگي حساب جي ڏهائي (Decimal System) وارين جدولن کان بہ واقف هئا. ان کان سواءِ دوا درمل جي بہ ٿوري گهڻي ڄاڻ هين. ويندي سرنهن ۽ جانيي جي تيل جي استعمال کان بہ واقف هئا.

متي اوپر پاسي دجلہ (Tigris) ۽ فرات (Euphrates) ماترين جي تهذيب بہ ان سان ملندڙ جلندڙ هئي، ان دور کان وٺي، آفريڪا جي ان متين حصي ۾ ڪئين سپهہ سالار، فاتح، ڦُري پچڻ وارا، اچي اڏڻ وارا ۽ رهي لڏڻ





وارا پئي آيا ۽ ويا. اها اچ وڃ ترقيءَ جون راهون وڌيڪ هموار ڪندي ويئي. فونيشين اوائلي واپارين مان هئا جيڪي يونچ سمنڊ جي ڪنارن وارن شهرن: ٽائر ۽ سيڊان (اج جي لبنان ۽ اسرائيل وارن علائقن) کان ايندا هئا ۽ حضرت عيسيٰ کان بہ اٺ سئو سال کن اڳ اتر آفريڪا ۾ ڪارٿيج شهر ٻڌائون. جيڪو هينئر تيونيشيا ۽ تيونس وارو حصو آهي. اهي پاڻ سان انگور، انجير ۽ زيتون (Olives) کڻي آيا. جن جي آفريڪا ۾ پوک شروع ڪيائون. ان سان گڏ ڪيترن قسمن جا پالتو وهٽ پڻ آندائون.

انهن کان پوءِ آفريڪا ۾ يوناني آيا جن سائيرين (اج جي لبيا جي بن غازي شهر وارو علائقو) 631 ق. م. ۾ اچي وسايو. يونانين جو آرٽ ۽ ادب اج بہ دنيا ۾ مڃيو وڃي ٿو. انهن جي اچڻ ڪري آفريڪا تي ڪيترين ئي يوناني شين جو اثر پيو. سن 332 ق. م ۾ سڪندراعظم پنهنجي يوناني حڪومت سان مصر کي ملايو ۽ السڪندريہ (1- (برٽرانڊ رسل پنهنجي ڪتاب Wisdom of West ۾ لکيو آهي تہ سڪندريہ شهر جو بنياد سڪندر بادشاهہ عيسوي سن کان 332 سال اڳ وڌو.) (Alexandria) جي ٽن ڏينهن جي لائبريري دنيا ۾ مشهور هئي جنهن جو بنياد بطليموس رکيو ۽ ابتدائي ڪم ڊميترس پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو. سڪندر بادشاهہ يوناني حڪيم ۽ مفڪر ارسطو جو شاگرد هو. پاڻ هن لائبريريءَ جي سڄي اسٽاف کي پنهنجي ڪيسي مان پگهار ڏيندو هو.(2- ڪتاب وزڊم آف ويسٽ - برٽرانڊ رسل - صفحو 95.) افسوس جو اهو ڪتب خانو جيوليس سيزر جي حملي وقت ساڙيو ويو ۽ باقي رهيل حصو سن 389ع ۾ هڪ ٻئي رومي بادشاهہ ٿيوڊاسيس تباهہ ڪرائي ڇڏيو.
(3- ڪتاب Decline & Fall of Roman Empire ليکڪ: مشهور مروخ گبن Gibbon.)

السڪندريہ جو شهر يوناني نموني سان اڏيو ويو هو ۽ پراڻي زماني جو وڏو شهر مڃيو وڃي ٿو. مارڪ انٿوني ۽ ڪلوپيٽرا سن 31 ق. م. ۾ ائڪٽم جي جنگ ۾ رومين هٿان شڪست کائڻ بعد، يونانين جي جيٽوٽيڪ حڪومت ختم ٿي ويئي پر اتر آفريڪا جي ترقي قائم رهي ۽

رومن سلطنت الجيريا ۽ موراڪو جي ڪنارن تي ٻڌايل سهڻن شهرن جي نگهباني ڪندي رهي. هي اهو دور هو جڏهن رومن سلطنت سڄي پونچ سمنڊ تي ڇانيل هئي تہ حضرت عيسيٰ جائو ۽ پوءِ عيسائيت پکڙي. ٽين صديءَ جي آخر تائين اتر آفريڪا ۾ يهودين کان علاوه عيسائي بہ چڱو زور وٺي ويا ۽ ”سينٽ آرگسٽائين آف هپو“ جهڙا مشهور مذهبي رهنما ان دور جي پيداوار آهن.

اتر آفريڪا ۾ رومن حاڪمن جو زور وري عربن ڀڳو. حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ولادت کان پوءِ اسلام جو اثر جتي ڪٿي ڇانئجڻ لڳو. عرب هڪ طاقتور قوم تي پيئي ۽ 630ع ڌاري عربن شام فتح ڪيو سال کن کان پوءِ ميسوپوٽاميا 639ع ۾ مصر تي بہ سندن حڪومت ٿي ۽ پورن ٽن سالن بعد السڪندريہ ۾ اچي نڪتا. 702ع ڌاري هو آفريڪا جو اتر وارو ڪنارو فتح ڪندا اچي اولهہ پاسي کان نڪتا جتي اڄ ڪلهہ الجيريا ۽ موراڪو آهي. اتان سمنڊ جي سوڙهي ڳچي پار ڪري اسپين جو ڳچ حصو پنهنجي هٿ هيٺ ڪري ويا.

ان کان پوءِ سورهين صديءَ ڌاري اتر آفريڪا - خاص ڪري مصر، ترڪن جي هٿ هيٺ آيو. بهرحال شروع جي عربن کان وٺي ويندي اوڻهين صديءَ ۾ فرينچن ۽ انگريزن جي اچڻ تائين اتر آفريڪا ۾ اسلام جو ئي اثر رهيو. ۽ بقول هڪ مشهور ليکڪ جان گنٽر جي تہ ڏکڻ آفريڪا ۽ اتر آفريڪا جيتوڻيڪ الڳ الڳ آهن پر منجهن ڪي اهڙيون بہ هڪ جهڙيون شيون آهن جي بنهي آفريڪائن ۾ ساڳيائيءَ جو اثر ڏين ٿيون. انهن مان سڀ کان وڏي ۽ وڏي شيءِ دين ”اسلام“ آهي. جو نہ فقط اتر آفريڪا ۾ پر صحارا کان هيٺ بہ ڇانيل آهي.

books.sindhsalamat.com



# غلامن جو واپار

هڪ ڏينهن شام جو اسان جي جهاز جو ڪئپٽن محسن خان ۽ آءٌ پورٽ سوڊان بندرگاهہ جي ٻاهران واڪ ڪري رهيا هئاسين تہ هڪ انگريز وڏي ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ۾ اچي لنگهيو. اسان کي ڏاريون سمجهي پنهنجي ڪار ۾ لفٽ ڏنائين ۽ شهر ۾ ڪٽي آيو. هو ڪنهن پيٽروليم ڪمپنيءَ طرفان ڳري پگهار تي هتي (پورٽ سوڊان ۾) نوڪريءَ ۾ لڳل هو.

ڪئپٽن محسن کي وار نهرائڻا هئا، سو اسان هن انگريز کان موڪلائي سڌا اچي هڪ هوٽل ۾ حجام جي دڪان تي چڙهياسين. حجام ڪو گهڻو پڙهيل ڳڙهيل تہ نہ هو پر باشعور ضرور هو. هوٽل ۾ رهندڙ فارينر سندس گراهڪ هجڻ ڪري هو سٺي انگريزي ڳالهائي سگهيو ٿي. هونءَ بہ سوڊان تي انگريزن جو راڄ هجڻ ڪري هتي جا ماڻهو مادري زبان کان علاوه ٻي زبان فرينچ يا پورٽگالي نہ پر انگريزي ڳالهائين ٿا. حجام جنهن جو نالو بن احمد هو اصل ڏکڻ سوڊان جي ”جوبا“ نالي ڪنهن شهر جو رهاڪو هو جتي سندس ٻار ٻچا اڄان رهن ٿا ۽ هي ڪجهہ سالن کان هتي ڪمائيءَ لاءِ آيل آهي.

پورٽ سوڊان جي آس پاس وارو علائقو بہ جيتوڻيڪ نوبيا رڻ پٽ ڪري ويران آهي پر بندرگاهہ ڪري ڪجهہ ڪمائيءَ جا آثار اٿس. سوڊان جي گاديءَ جو هنڌ خارطوم بہ چڱو ويجهو آهي. پر ڪيس سڀ کان گهڻي اها خوشي هئي تہ هو اتر سوڊان ۾ آهي جيڪو ڏاڪڻي سوڊان کان وڌيڪ اتاهون

www.sindhsalamat.com

۽ سڌريل سمجهيو ويجي ٿو. غلاميءَ جي زماني کان وٺي سوڊان جي ڏاکڻي حصي جا ماڻهو اتر سوڊانين جي هٿ هيٺ رهيا آهن ۽ ڏکڻ سوڊان غلامن جو حوض سمجهيو ويو ٿي جتان ضرورت موجب شيدين کي ڦاسائي نه فقط سوڊان، مصر، عربستان ۾ پورهئي لاءِ جوٽيو ويو ٿي پر يورپ ۽ آمريڪا ڏي وڪري لاءِ پڻ موڪليو ويو ٿي.

اسان جي ملڪ جي ماڻهن جو سوڊانين سان واسطو سالن کان حج جي ڏينهن ۾ جدي ۽ مڪي مديني ۾ پوندو رهي ٿو. بيمارن ۽ پوڙهن کي ڪٽي طواف ڪرائڻ يا ٻين سخت پورهين لاءِ سوڊاني نظر ايندا. اڄ ڪلهه گلف جي ملڪن ۾ نوڪريءَ دوران ڪيترائي سوڊاني شيدي، آفيس توڙي رستن جاين تي پاڪستاني پٺاڻن، بروچن ۽ ٻين محنتي قومن سان گڏ پورهيو مزوري ڪندي نظر ايندا. اسان وٽ سنڌ ۾ جيڪي شيدي آهن، انهن جو گهڻو ڀاڱو انگريزن سوڊان کان آندو.

غلامن وڪڻڻ جو مرض آفريڪا ۾ اڍائي سئو سال - 1562ع کان 1800ع تائين وڌي زور شور سان هليو. آمريڪا ۾ اڄ به ڏهه سيڪڙو شيدي ملندا جن جا وڏا ڪنهن زماني ۾ غلامن جي حيثيت ۾ پنهنجي اباڻي وطن: ڪئمرون، لئانڊا، انگولا- يا ڪنهن ٻئي آفريڪي ملڪ کان ڊورن ڍڳن کان به خراب حالتن ۾، جهازن ۾ سٽجي، آمريڪا پهتا هئا. غلام وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ جو ڌنڌو اهڙو دلپسند ۽ ڪمائيءَ وارو ٿي پيو هو جهڙو اڄڪلهه عرب ملڪن ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ويزا جو آهي. ۽ اها خريد ۽ فروخت آفريڪا جي ٻنهي پاسي زور شور سان هلي. اولهه واري ڪناري ڏي- يعني سينيگال، گيني، گهانا، ڪئمرون، گئبان، ڪانگو زائر ۽ انگولا پاسي يورپين وٽ وٺان لاهي ڏني ۽ جاننا شيدي ڦاسائي، يا خريد ڪري آمريڪا ۽ ويسٽ انڊيز ڏي موڪلڻ لڳا ته هوڏانهن ساڄي اوڀر پاسي - يعني ڪينيا، تنزانيا، موزمبق پاسي ٿورو يا گهڻو اهو ڌنڌو عرب ڪرڻ لڳا ۽ اهو مال ترڪي، هند سنڌ ۽ وچ اوڀر ڏي موڪلڻ لڳا. ان ڪارگذاريءَ ۾ خود آفريڪا





جا اصلي باشندا به شامل هئا جيڪي وچ آفريڪا جي ڏکين ۽ اندروني حصن مان شيدي ڦاسائي ايندا هئا. ڪيترا شيدي قبيلن جا سردار يورپي واپارين کان لوڻ، بندوقون ۽ ڪپڙو حاصل ڪري مٿاهون مرتبو ماڻڻ لاءِ پنهنجن قبيلن جا ڏوهن ۾ گرفتار شيدي هنن حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. جن جو يورپي ۽ آمريڪي منڊين ۾ واڪ هلندو هو ۽ سودو ٿيندو هو. ان جو ڏک ڀريو ذڪر آمريڪا جي مشهور انعام يافته ۽ ٽي وي سيريز (Roots) ۾ ڏنو ويو آهي.

تاريخ شاهد آهي ته آمريڪا ويندي ويندي، اهي انسان جانورن واري نموني سان جڏهن بکون، اڃون، سخت طوفان ۽ سمنڊ جون سعوبتون سهي دنيا جي ٻئي ڪناري تي پهچندا هئا ته سندن حالت لاشن جهڙي هوندي هئي. ڪيترا رستي تي مري ويندا هئا. جيڪي رستي تي اڇليا ويندا هئا يا سندن گوشت باقي بچيلن کي ڪارايو ويندو هو.

غلامن جي واپار تي پوءِ جيتوڻيڪ بندش وڌي ويئي ته به لڪ چوريءَ 1913ع تائين ٿورو گهڻو هلندو رهيو جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر البرٽ سويٽزر فرينچ آفريڪا ۾ تڏهن اچڻ تي ڪيو آهي.

# سوڊان ۾ مهدي ۽ چرچل جي لڙائي

***آفريڪا*** کنڊ جا اصل رهاڪو آهن ته سپ ڪارا ۽ شيدي پر گني، آئوري ڪوسٽ، سينيگال، گهانا، والٽا، نائيجيريا پاسي رهندڙ ڊگها، ڪارا، ٿلهن چپن وارا شيدي نيگرو سڏجن. ڏکڻ آفريڪا جا شيدي هاٽينٽوٽس (Hottentots) ۽ بش مين (Bush men) ۽ ڪانگو جي ٻيلن ۾ رهندڙ ننڍي قد جا پگمي، ڏکڻ آفريڪا کان ٿورو مٿي وچ آفريڪا ۾ ڪنهن زماني ۾ بنتو زبانون ڳالهائيندڙ شيدين جا قبيلا رهيل هئا.

آفريڪا جا شيدي ڪو عرصو ته ائين ٽڙيا پکڙيا رهيا. پوءِ ننڍن قبيلن ۾ گڏ ٿيا جنهن تي ڪنهن هڪ ڏاڍي مڙس جو زور هليو ٿي. پوءِ آهستي آهستي ڪنهن قبيلي جي وڏي لٺ سردار ٻئي قبيلي جي ڪمزور سردار سان جهيڙو ڪري ان جي قبيلي تي به حڪم هلايو. اهڙيءَ طرح قبيلن مان ڦري وڏا راڄ ۽ راڄن مان حڪومتون ٿيون. پندرهين صديءَ ڌاري ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون بادشاهتون زامبيزي ۽ لمپوپو ندين جي وچ ۾ ٺهي پيون. گهانا ۽ مالي وغيره اولهه آفريڪا جي پهرين حڪومتن مان آهن جن تي چڱي طرح حاڪمن جا حڪم هليا ٿي.

مالي ملڪ تن ڏينهن ۾ سکيو ستابو هو. ڌارين جي ان سلسلي ۾ اک تڏهن پٽي جڏهن 1324ع ۾ ماليءَ جو مسلمان بادشاهه مانسا موسيٰ خشڪيءَ ذريعي حج ڪرڻ لاءِ سنپريو. هو جنهن شان سان اُٺن جي قافلي تي صحرا پار ڪري رهيو هو تنهن جو ذڪر ڪيترن ئي يورپي ڪتابن ۾

books.sindhsalamat.com



ملي ٿو...“ هن جي اڳيان پنج سئو غلام هئا جن مان هر هڪ جي هٿ ۾ سونو ڏنڊو هو ۽ پٺيان سئو اٺن جو قافلو. هر هڪ اٺ تي ٽي سئو پائونڊ (پوڻا چار مڻ کن) سون رکيل هو. هن تحفن ۽ خرچ پکي پٺيان ايڏو ته سون هلايو جو مصر جي بازارين ۾ سون جو اگهه ڪري پيو ۽ ٻارهن سالن تائين قاهري جا ماڻهو هن جو ذڪر ڪندا رهيا“. (1.1-1-1-”آفريڪا- سائوٿ آف صحارا“-: ليڪ جي. ڊبليو. ڪنگس. صفحو 16.)

هتي سوڊان ۾ جيڪي خاص قبيلا رهن ٿا اهي آهن: ”ڊنڪا، گاليين، دارفر، نوبا، باگارا، گاواما ۽ ڪجهه عرب قبيلا (2- Dunlop Book of Facts، صفحو 215، ڇاپو ٻيو.)

خارطوم شهر دراصل هڪ نه پر ٽي شهر آهن. هڪ اصلوڪو خارطوم، ٻيو اتر خارطوم ۽ ٽيون وري نيل نديءَ جي ٻئي ڪپر تي عم درمان آهي، جيڪو عربن جو شهر سڏجي ٿو ۽ ان وقت جي خليفي ٻڌايو. خارطوم مصرين 1823ع ۾ ٻڌايو ۽ 1899ع ۾ لارڊ ڪچنر ڪيس وڌايو ويجهايو.

اڄڪلهه سوڊان ۾ گهڻي ۾ گهڻي زبان عربي هلي ٿي. ان کان علاوه نيلوٽڪ، دارفورين ۽ ٻيون آفريڪي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. 1950ع تائين ته سرڪاري طرح رستن تي نالا وغيره ٽن زبانن: انگريزي، عربي ۽ يونانيءَ ۾ لکيا ويندا هئا.

پندرهين صديءَ ۾ سوڊان جي مختلف قبيلن مان هڪ حڪومت ٺاهي. 22-1820ع ۾ محمد احمد نالي جيڪو مهدي جي نالي سان مشهور ٿيو شڪست ڏني. مهديءَ نالي ڇيو وڃي ٿو ته پڪو مذهبي ماڻهو هو ۽ درويشن جو لشڪر وٺي انگريزن ۽ مصرين خلاف جهاد ڪيائين. پاڻ جيتوڻيڪ 37 سالن جي ننڍي عمر ۾ قدرتي موت کان گذاري ويو پر پٺيان گهڻو سوڊان مصرين جي ظلم کان آجو ٿي ويو.

مزي جي ڳالهه اها ته مصرين انگريزن کان مدد ضرور گهري جن جنرل چارلس جارج گورڊن کي خارطوم موڪليو. پر ڪيس خارطوم تي حملو

www.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ هرگز نہ چيو ويو هو. هن سوڊان پهچي پنهنجي پاليسي ٺاهي. مهديءَ جي فوج سندس مقابلو ڪيو. ويڙهہ ۾ هڪ درويش جو ڀالو گورڊن کي محلات جي ڏاڪن وٽ وڃي لڳو ۽ اتي ئي ڍيري ٿي پيو. اهو محلات اڄڪلهہ گورنر جنرل جو سرڪاري گهر آهي.

تيرهن سالن بعد انگريزن ان جو بدلو ورتو. سن 1898ع ۾ جنرل ڪچنر - جيڪو پوءِ "خارطوم جو لارڊ ڪچنر" مشهور ٿيو وڏو لشڪر وٺي آيو. مصرين بہ سندس مدد ڪئي. هزارين درويش مارجي ويا. لارڊ ڪچنر جي سپاهين ۾ هڪ نوجوان انگريز سپاهي اهڙو بہ هو جيڪو پوءِ اڳتي هلي دنيا جي اهم شخصيت ٿيو. اهو هو سر ونسٽن چرچل. اڄ کان چوراسي سال اڳ ونسٽن جي هن مهم جو ذڪر پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ پيرا ٿو ڪيو اٿس. (1. A Roving commission - ليکڪ ونسٽن چرچل، ص 182.) لارڊ ڪچنر مهديءَ جي جاءِ تي هڪ ٻيو مذهبي رهنما عبدالله نالي خليفو ٿيو هو جنهن کي لارڊ ڪچنر جي لشڪر 1899ع ۾ ڪورڊوفان ۾ ماريو. (2. Inside Africa - ليکڪ جان گنٿر. ص 231.

1899ع کان سوڊان تي انگريزن ۽ مصرين جي ٻٽي (Condominium) حڪومت قائم ٿي. جيتوڻيڪ لکت پڙهت ۾ تہ ٻنهي جو هڪ جيترو مرتبو هو پر حقيقت ۾ انگريزن ئي حڪومت هلائي ٿي. ڪچنر سوڊان جو ڏهن سالن (99-1889ع) تائين ڪمانڊر - ان - چيف ۽ گورنر جنرل ٿي رهيو. ان بعد سر ريگالڊ ونگيٽ وڏيڪ سترهن سالن، 1916ع تائين رهيو. هونءَ ٻٽي حڪومت هلائڻ جي فيصلي موجب گورنر جنرل مصري ٿيڻ کپندو هو. پر انگريزن ڏنڊي جي زور تي اهو ڪي ڪجهہ ڪيو جيڪو ڪين وڻيو ٿي ۽ مصري ان معاملي ۾ ڇڪ ڪائيندا رهيا. نيٺ 1951ع ۾ مصري وفدن يڪ راءِ ٿي اهو بحال ڪيو تہ ٻٽي حڪومت نہ هلندي ۽ مصر جو بادشاهہ فاروق سوڊان جو بادشاهہ بہ ٿي رهندو. قدرت کي ڪجهہ ٻيو ئي منظور هو. ڪين ڪهڙي خبر تہ اڳتي هلي سندن بادشاهہ

books.sindhsalamat.com



سندن ملڪ جو ئي نہ رهندو. ۽ هوڏانهن ٻي وڏي جنگ ڇڳڻ خاصن ملڪن جا بہ ڏاٽا ڪڍي ڇڏيا هئا. انگلينڊ کٽي جرمني يا جپان وانگر هارايو نہ پر صفا ڦڪڙ ٿي ويو هو- پئسي ۽ دٻدٻي جي لحاظ کان. انهن ئي ڦيرن ۾ هندستان پاڪستان جهڙا ملڪ بہ سندس چنبي مان نڪري ويا. سوڊانين ۾ بہ تيستائين قوميت جو جذبو- آواز توڙي طاقت ۾ ويو وڌندو. 1956ع ۾ سوڊان کي بہ انگريزن طرفان خودمختياري/ آزادي ڏني وئي ۽ ان ئي سال گڏيل قومن United Nations جو ميمبر ٿيو. 17 نومبر 1957ع کان مٿس ملٽري راڄ آهي.

اڄ ان سوڊان جي سر زمين تي شام جي وقت واڪ ڪندي، سامهون سوڊاني شيدي مزورن کي بار ڍوئيندي ۽ انگريز فورمئن جي حڪم موجب جهاز تان سوڊان لاءِ آندل تيل کوٽڻ جي مشينريءَ جو نازڪ ڪارگو لاهيندو ڏسي سوڊان جي تواريخ جا پراڻا ورق اکين اڳيان ڦري ويا. جيڪي ڪنهن بہ صورت ۾ سونا روپا ورق نہ آهن. چرچل، ڪچنر، گورڊن، مصري حاڪم، مهدي، عبدالله، غريب عوام، ڪارا شيدي، گورا انگريز- ڪيترا ڪلور هن ڌرتيءَ سان بہ ٿيا. اڄ آزاد آهن. پر تعليم گهٽ آهي. ٽيڪنيڪل Know- How ناهي. انگريز (توڙي يورپي، آمريڪن) فورمئن کان سواءِ ڪارگو لهڻ مشڪل آهي. مصري واپارين جي اٽڪلن/ ٺڳين کان سواءِ هن ملڪ جو واپار وڏو وائين آهي جيئن ڪينيا ۽ يوگنڊا ۾ هندو واڻيئي ۽ ڪوجي بوري واپاريءَ بنا. چون ٿا تہ سوڊان ۾ تيل جون نديون وهي رهيون آهن. هونديون. بلڪل هونديون. انگريز ۽ آمريڪن ڇيرين ۾ وڏن پگهارن تي ڪم ڪري رهيا آهن. ڪڏهن تيل نڪرندو؟ اڃان ڪيترا سال لڳندا؟ اهو پئسو حڪومت ڪهڙي نموني استعمال ڪندي؟ سامهون قطار ۾ بيٺي تي ويٺل بي شمار غريب بيروزگار سوڊاني شيدي ڪڏهن هٿ جي ڪمائيءَ جو ڇپو کائي سگهندا؟ - مون جهڙو هڪ عام ۽ ڏاريو ماڻهو/ مسافر ڇا ٿو چئي سگهي!.

(رپورٽ سوڊان - 1981)

www.sindhsalamat.com

# پنجابي فلمن جو ولين آفريڪا ۾

***اسان*** جهازين جو هينئر آفريڪا ۾ فقط تڏهن اچڻ ٿئي ٿو جڏهن آفريڪا جي ڪنهن خاص بندرگاهه لاءِ سامان ملي ٿو. پر جيسين سئيز ڪئنال بند هو تہ يورپ يا آمريڪا ايندي ويندي هر Voyage ۾ تيل پاڻي يا ٿورو گهڻو ڪارگو لاهڻ چاڙهڻ لاءِ آفريڪا جي ٻن ٽن بندرگاهن کي، ضرور Call ڪرڻو پوندو هو. ڇو جو آمريڪا يا يورپ لاءِ سڄي آفريڪا کنڊ جي چوڌاري ڦيرو ڪرڻو پيو ٿئي. سو جيستائين سئيز ڪئنال بند هو تيستائين آفريڪا جي مختلف ملڪن ۾ اسان جو تمام گهڻو اچڻ ٿيو ٿئي. خاص ڪري ممباسا (ڪنيا) جنهن تي انگريزن جو ڪنهن زماني ۾ راڄ هو، بيرا ۽ لارينزو مارڪس (موزمبق)- جنهن تي پورچوگالين جو راڄ هو ۽ پوءِ اسان جي سامهون ڪين پورچوگالين کان آزادي بہ ملي، ڪيپ ٽائون (سائوٿ آفريڪا) ڊڪار (سينيگال)- فرينچن جي آفريڪا ۾ مضبوط بيٺڪ، ۽ موراڪو (المغرب) وغيره ۾ تہ ڪيترائي دفعا اچڻ ٿيو. ان کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن گني بسائو، گئمبيا، آئوري ڪوسٽ جهڙن اڻ مشهور ملڪن ۾ بہ جهاز کي وڃي وڃڻو پوندو هو. جن ملڪن جي بندرگاهن جا، هن وقت نالا ئي وسري ويا آهن. اتي گهمڻ ۽ نہ- گهمڻ برابر هو. اتي جون ڪي خاص ڳالهيون ياد نہ آهن. پر ان هوندي بہ انهن آفريڪي بندرگاهن جا هن وقت ڪجهہ اڻ وسرندڙ عجيب واقعا، جيڪي ڇتا/ اڻ ڇتا ياد اچي رهيا آهن تن مان هڪ بہ، پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ڏيان ٿو.





جهاز موزمبق جي بندرگاهہ لارينزومارڪس ۾ ڪارگو ڪڻڻ لاءِ آيو هو. موزمبق آفريڪا جي ڏکڻ واري حصي ۾ اڀرندي ڪناري تي آهي. سندس مٿان تنزانيا آهي ۽ هيٺ سائوٿ آفريڪا. ساڄي پاسي موزمبق چئنل وارو سمنڊ اٿس تہ کاٻي پاسي ”وچ آفريڪا“ جا ملڪ: ملاوي: زئمبيا ۽ روڊيشيا آهن. ڪراچيءَ کان مڙيئي نو ڏهہ ڏينهن جو پنڌ ٿيندو. پر ٽن ڏينهن ۾ اجان ايترا تيز رفتار جهاز بہ نہ هئا ۽ ان دفعي اسان کي سمنڊ بہ تمام خراب مليو هو سو لارينزو مارڪس (موزمبق) پهچڻ ۾ پندرهن ڏينهن لڳي ويا. ۽ جڏهن پهتاسين تہ خبر پيئي تہ بندرگاهہ ۾ جڳهہ ناهي. سو اسان کي ٻاهر ئي کلئي سمنڊ ۾ ائنڪر ڪيرائي انتظار ڪرڻو پيو. ڪيترن ڏينهن جي دگهي ۽ اٽانگي سفر بعد ڪراچيءَ کان لارينزو مارڪس پهتا هئاسين سو ڪناري تي قدم رکڻ تي دل ماندي ٿي رهي هئي. بندرگاهہ وارن جي نياپي مان اهو ئي لڳو ٿي تہ في الحال ٿي چار ڏينهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻاهر ائنڪريج تي ئي هوائون کائڻيون پونديون. وڌيڪ ڪجهہ ڪري بہ نٿي سگهياسين. هڪ تہ پورچوگالين جي ڪالوني هجڻ ڪري ڪنهن انگريزي بہ نٿي سمجهي جو ڪٽي لوڪل آفيس وارن کي چئجي تہ خط پٽ آيل هجي تہ اهو ٻيڙيءَ رستي اسان کي جهاز تي پهچايو. وائرليس تي ويٺل همراهہ هر ڳالهہ جو جواب فقط هڪ رٽيل انگريزي جملي سان ٿي ڏنو:

No Message for your ship, please wait outside for a few days.

سو اسان ڍرا ٿي ويهي رهياسين. اسان تہ هونئن ئي جونيئر هئاسين. جي موڪل ٿئي بہ ها تہ ظاهر آهي پهرئين سينيئر وڃن ها. سو اسان کان وڌيڪ آنڌمانڌ ڪين هئڻ گهرجي ۽ هئي. اتفاق اهڙو ٿيو جو ٻئي ڏينهن منجهند ڌاري پري کان هڪ موٽر بوٽ (لانچ) اسان جي جهاز ڏي ايندي نظر آئي. اها لانچ ”شپ چانڊلر“ جي هئي جنهن جو ڪم ٻين ملڪن کان آيل جهازن جي گهرج موجب ڊيڪ، انجڻ ۽ ڪاڌي پيتي جو سامان مهيا

ڪري بل آفيس کي موڪلڻ آهي. ڪيس اسان جي هيڊ آفيس طرفان نياپو ڪيو ويو هو ته جيئن ته موزمبق ڪانپوءِ اسان جو جهاز آمريڪا جي ڏکڻ سفر تي ويندو سو رستي جي ضرورت جون شيون هتي آفريڪا جي هن بندرگاهه ۾ ئي ڏنيون وڃن.

شپ چاندلر پورچوگالي هو. اجان موزمبق آزاد نه ٿيو هو. سو وڏين نوڪرين، ڪاٽين، ۽نين ٻارن تي پورچوگالين جو ئي قبضو هو. لوڪل ماڻهن يعني شيدين، فقط سخت پورهئي وارا ڪم يا وڏو چيهه ته هوٽل جا ٻيرا يا ڪلارڪ تي ڪم ڪيو ٿي. بهرحال "شپ چاندلر" هڪ خوش مزاج طبيعت جو انسان هو ۽ ٿوري انگريزي به آيس ٿي. تنهن ڪئپٽن کي چيو: "جهاز کي ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر انتظار ڪرڻو پوندو. ايجنٽ، جهازين لاءِ ٻيڙيءَ جو سياٽي کان بندوبست ڪيو آهي جيڪا صبح شام جهاز کان بندرگاهه تائين هلندي. اچ جيڪڏهن ڪو جهازي بندرگاهه ڏي هلڻ چاهي ته هو منهنجي ٻيڙيءَ ۾ هلي سگهي ٿو. واپسيءَ جي بندوبست لاءِ ايجنٽ کي چوندس ته ڪا پاڙي تي ٻيڙي ڪري ڏين".

اهو ٻڌي اسان خوش ٿياسين.

جهاز تي اهو فيصلو ٿيو ته جيئن ته جهاز ڪلئي سمنڊ ۾ بيٺو آهي ان ڪري سڀ سينيئر آفيسر موڪل نه ڪن. انهن جو فقط ٽيون حصو وڃي ۽ اوترائي جونيئر ۽ خلاصي پڻ. جونيئر معني ڪئڊٽ، فورٿ آفيسر، جونيئر انجنيئر ۽ ففٿ انجنيئر وغيره. تن ڏينهن ۾ هي "ٽور-ماڻهوئا" آٽوميٽڪ (Unmanned- Ships) جهاز نه هئا جيڪي اڄڪلهه عام ٿيندا وڃن. تن ڏينهن ۾، ماشاءَالله هر جهاز تي سٺ ستر کن ماڻهن جو عملو هو. تن مان ويهارو کن شپ چاندلر جي لانچ ۾ چڙهي لارينزو مارڪس بندرگاهه جي ڪناري تي اچي لٿاسين - جيڪو موزمبق ملڪ جو وڏ ۾ وڏو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌ پڻ آهي. (لارينزو مارڪس پورچوگالي لفظ آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ موزمبق جي آزاديءَ بعد ان شهر جو نالو "ماپوتو" رکيو ويو





آهي). اوپر آفريڪا جي هن ساموندي ڪناري واري خوبصورت شهر ۾ اچي خوش ٿياسين. حقيقت ۾ خوشي شهر جي خوبصورتيءَ ڪري نه پر جهاز جي ساڳي ۽ بور ڪندڙ ماحول کان نجات ملڻ ڪري محسوس ٿي.

شپ- چاندلر ٻڌايو ته سج لٿي مهل، اٽڪل ڇهين بجي ڌاري، هن ئي هنڌ تي اسان جي لاءِ ٻيڙي بيٺي هوندي جيڪا اسان کي جهاز تي واپس ڪٽي هلندي. جهاز تي واپس موٽڻ جو پروگرام ڌيان ۾ رکڻ بعد هرڪو ٽولي ٽولي ۾ ٽڙي پکڙي ويو. اسان جي ٽولي ۾ مون سان گڏ هڪ ڪئڊٽ (جيڪو اڄ ڪلهه ايران جي جهاز جو ڪئپٽن آهي)، ۽ ٻيو فورٿ انجنيئر (مون کان هڪ رئنڪ مٿي) هو. آءٌ تن ڏينهن ۾ ففٿ انجنيئر هوس. يعني سڀ کان ننڍو انجنيئر.

بندرگاهه ۾ پهچڻ تائين هر ڳالهه نيڪ ٺاڪ وئي. اسان ٽنهي مان هر هڪ جي کيسي ۾ ڪي پنج ڏهه ڊالر مس هئا جن جي آڌار تي ٻانهه لوڏي شهر جا چڪر هڻڻ شروع ڪياسين. هڪ ڳالهه ضرور هئي ته تن ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ جونيئر هئاسين، جهاز پراڻا ۽ تڪليف وارا هئا، ڊيوٽي سخت هئي، پگهار ٿورو هو پر خوشيءَ ۽ خوشيءَ جو ڪو ڪاٿو ئي نه هو. اها گهڙي اڄ به ياد پئي اچي ته ڪيئن نه ٽئي ڄڻا لارينزو مارڪس (ماپوتو) شهر جي فٽ پاٿ تان ڪلندا ڪڏندا وڃي هڪ سستي قسم جي هوٽل ۾ چانهه پيئڻ لاءِ ويناسين. هوٽل جا ٻيرا مڪاني ماڻهو شيدي هئا پر شيدي گراهڪن کي اندر گهڙڻ جي اجازت نه هئي. سستي قسم جي هوٽل هجڻ ڪري مڙيئي اسان جهڙن ايشين کي موڪل هئي. ٻين نج يوربي هوٽلن ۾ ته اسان کي به وهڻ جي اجازت نه هئي. اتي فقط پورچوگالي ۽ ٻيا اڇي ۽ ڀُوري کَل وارا يوربي پنهنجين ٿلهين سنهين مڊمن سان بالم ٿيو وينا هئا ۽ اسان فٽ پاٿ تان لنگهي ٿي وياسين. بهرحال انهن ڳالهين به اسان جي ذهن تي تنهن وقت ڪو اثر نه ٿي ڪيو. ڪو اچڻ ڏئي ته ڇا ۽ جي ڪو اسان کي ڪارو سمجهي

نہ اچڻ ڏئي تہ بہ وچي ڏوڙ پائي. حقيقت ۾ اهڙي گوري جي مهانگي هوٽل ۾ ڪيسي ۾ پنج ڊالر رکي اسان بہ ڪيئن ٿي وچي سگهياسين.

سو هڪ ڪٽ خلق واري هوٽل مان چانهہ پي پوءِ فٽ پاٿ تي ويٺل هڪ شيدياڻي سان- جيڪا پنهنجي اڳيان چونئرن جو ڪارو رکيو ويٺي هئي، ٿوري دير ڪچهري ڪري (جيڪا ڪچهري گهٽ ٺٺ مسخري وڌيڪ سمجهڻ کپي) پوءِ ڏهين پنڌرهين ايسڪيوڊو (اڌ کن آمريڪن ڊالر) جا چونئرا وٺي اٿي کڙا ٿياسين. پوءِ فورٿ انجنيئر جي رهنمائيءَ هيٺ، چونئرا چٻندا، سمنڊ جي ڀئي پاسي، ڪناري ڏي هليا وياسين. هو ڀهرين بہ ٻہ ٽي دفعا هتي اچي چڪو هو ۽ ٻڌايو هئائين تہ هن شهر جا تانگها ڪنارا (Beaches) تمام صاف شفاف ۽ سانتيڪا آهن. عربي سمنڊ واري ڇول ۽ اونهائي نہ اٿن. واقعي ڪناري تي مزا لڳا پيا هئا. جيتوڻيڪ اسان کي وهنجڻ لاءِ سئمنگ ڪاسٽيوم نہ هئا پر ترڻ تي دل ايڏو چاهيو جو ڪپڙا لاهي ڄاريءَ جي عام پاتل ڪڇن ۾ (جيڪي آلا ٿيڻ تي بدن سان چهٽي پيا هئا) سمنڊ ۾ ٽوڪي پياسين. ٻنهي پاسي ميلن ۾ تانگهو ڪنارو هو ۽ جيسين نظر وئي ٿي پورچوگالي ۽ ٻيا يورپي هئا. ڪا دير اسان بہ ترندا رهياسين، پوءِ آلن ڪڇن مٿان ڪپڙا پائي، ريتيءَ هاڻي آلا پير بوٽن ۾ وجهي، ”گچڪ- گچڪ“ جا ان مان آواز ڪڍندا، وري اچي شهر پيڙا ٿياسين. رستي تان هڪ شيديءَ جي اسٽال تان ڊبل روٽيون ۽ ڪيچا ٻجيا ورتاسين ۽ اٺ جي گوشت جا ڪواب پڻ. ان بعد شهر جي ٻنهي ٽنهي سئنيمائن ۽ مڙني هوٽلن جي ٻاهران لڳل فلمي پوسٽر ۽ ويٺل ماڻهو ڏسي اچي بندرگاهہ ۾ نڪاءُ ڪيوسين جو سج لهڻ تي هو. جيتوڻيڪ مئي جون جو مهينو هو پر موزمبق جيئن تہ ڏکڻ اڌ گول ۾ آهي سو هي مهينا هتي سيارو ٿئي ۽ ڏينهن ننڍو ۽ رات وڏي ٿئي. سج بہ سوير ئي لهي جيئن اسان وٽ اتر اڌ گول ۾ نومبر ڊسمبر ۾ ٿئي ٿو.

books.sindhsalamat.com



رستي تي هڪ ٻہ دڪان هندو سنڌيءَ ۽ بمبئيءَ جي ڪوجي واپاريءَ جا هئا جن سنڌي ۽ ڪڇي ڳالهائي ٿي ۽ پاڻ کي ٻين ملڪن جي واپارين وانگر ”انڊين“ نہ پر، ”پاڪستاني“ سڏايو ٿي. اهو ان ڪري جو ”گوا“ جي ڦڏي ڪري پورچوگالي هندستان وارن سان ٺهيل نہ آهن ۽ هو ڪنهن بہ هندستانيءَ کي پنهنجي ملڪ يا ٻينڪي راڄ ۾ رهڻ يا واپار وڙي جي اجازت نٿا ڏين. بقول اليڪٽريڪل انجنيئر جي تہ هونءَ هندستاني دنيا جي هر ڪنڊ ۾ ملندو پر پورچوگالي ملڪ ۾ دوا لاءِ بہ نہ ملي سگهندو.

بندرگاهہ ۾ پهتاسين تہ خبر پيئي تہ ايجنٽ پاڙي تي هڪ ٻيڙي ڪري ڏني آهي جيڪا هڪ ئي وقت پنڌرهن ڪان مٿي ماڻهو نہ کڻي سگهندي. پنڌرهن لانچ ۾ وينا تہ باقي وچي رهياسين اسان ٽي ڄڻا. گهڻو ئي کين چيوسين تہ اسان کي بہ ان ئي ڦيري ۾ وٺي هلو جو جهاز پري آهي، ڪلاڪ ڏيڍ هتي سيءَ ۾ انتظار ڪرڻ ڪان بچي پونداسين پر لانچ وارن شيدين اشارن ئي اشارن ۾ سمجهايو تہ قاعدي جي سختي آهي. خاص ڪري هنن ڪارن تي. ڪجهہ ٿي پيو تہ سندن گورا مالڪ کين سزا ڏيندا ۽ نوڪريءَ مان بہ ڪڍي ڇڏيندا. سو ڦلهڙو منهن ڪري اسان ٽئي ڄڻا ڏڪي (Jetty) تي لڳل لوهي گارڊر- جنهن سان جهاز ٻڌبا آهن، تي ويهي رهياسين. فورٿ انجنيئر ويو سو الائي ڪٿان هڪڙا سڪل ٺوٺ بسڪوٽ وٺي آيو. جيڪي سورتين ۾ نڪرندا آهن يا سنڌ جي ڳوٺن ۾ پساري دڪاندار لوهي دٻن ۾ رکي، تور جي حساب سان وڪڻندا آهن. وات ۾ مس مس پڪ (Salvia) گڏ ٿي ٿي، جنهن جي آڌار تي اهي بسڪوٽ آلا ٿي چٻاڙڻ ۽ ڳهڻ لائق ٿيا ٿي. بک ڏاڍي هئي سو وٽيا پئي. ڪلاڪ سوا بعد ٻيڙي ڦيرو ڪري واپس پهتي. آفيس وارن هن ٻيڙيءَ وارن سان اُڪو ٻولايو هو تہ هي سڀ ماڻهو جهاز تي پهچائڻا آهن چاهي هڪ ڦيري جا ٽين يا ٻن جا. سو هاڻ ٽن ماڻهن ڪري ڦيرو ڪرڻ هنن لاءِ نقصانڪار ڳالهہ هئي، پر هو ٻول جو ڪري وينا هئا سو ڪٽڻو پين. اهو ئي سبب هو جو ٻيڙيءَ جي

www.sindhsalamat.com

ناڪئي ۽ سندس مددگار شيدين جي منهن تي رونق جو ذرو به نه هو. ويتر واپس اچڻ مهل ڪان سمنڊ به خراب ٿي چڪو هو (جنهن جي ثابتي سندن آلن ڪپڙن ۽ ٻيڙيءَ جي پنل ٻينچن پئي ڏني). اسان منهن جا پڪا ٿي ٻيڙيءَ ۾ ويناسين ۽ هنن منهن وڏيڪ ٻچڙو ڪري ٻيڙي هلائي.

ايندي سمنڊ مانو هو ۽ شپ- چاندلر جي لانچ به وڏي ۽ طاقتور هئي ۽ هينئر ڏسندي ئي ڏسندي ڪجهه ڪلاڪن اندر سمنڊ به خراب ٿي پيو هو ته هيءَ ٻيڙي به ننڍي هئي. ۽ خاص ڪري هن ڦيري ۾ ٽن مسافرن ڪري اها ويتر هلڪي ٿي پيئي هئي سو سمنڊ جي اونڌين ابتين ڇولين تي ڪاٺ جي ٻيڙي ڇوڏي وانگر هيٺ مٿي لڏڻ لمڻ لڳي. جهاز جي پرسان پهتاسين ته ڪڏهن جهاز ۽ ٻيڙيءَ جي وچ واري ڇول ايامي ٻيڙيءَ کي جهاز ڪان پري ڪري ٿي ڇڏيو ته ڪڏهن وري ان وچ واري ڇول جي ايام گهٽجڻ ۽ خال (Vacuum) پيدا ٿيڻ ڪري سَٽ سان ٻيڙي ڇڪجي ذري گهٽ جهاز جي لوهي جسم سان ٿي لڳي. شيدي ڪپتان جيتوڻيڪ هلائڻ جو ڪاريگر هو پر اڳيان سمنڊ جون ڇتيون ڇوليون ۽ هوا جو رخ اهڙو ٿي پيو جو ٻيڙي سنوت ۾ ئي نه پئي آيس. ويتر جو اڳئين ڦيري ۾ پنهنجي ڪاٺ جي ٻيڙي جهاز سان هڪ ٻه دفعو ٽڪرائي چڪو هو سو هن پيري سندس ڪاوڙ جو پارو چڙهندو ويو. هڪ ٻه دفعو ٻيڙيءَ کي جهاز جي ڏاڪڻ جي ليول ۾ آندائين ۽ اهي چند سيڪنڊ ڪافي هئا جن ۾ اسان کي ڦڙتائيءَ سان ٻيڙي جي مٿين انديءَ (Gunwale) تان ٽپ ڏيئي جهاز جي ڏڪڻ جي ڪنهن ڏاڪي تي پير رکڻو هو. ۽ هٿ ٻيڙيءَ جي هٿيءَ مان ڪڍي ڏاڪڻ جي رسيءَ ۾ ڪپاٽا هئا پر جيئن ته هڪ ته اسان نوان هئاسين ۽ ان حالت ۾ لهڻ چڙهڻ جا اچان ايڏا عادي نه ٿيا هئاسين، ٻيو ته رات جو وقت هو، سخت سيءَ ۽ ٿڌي پاڻيءَ ڪري هٿ پڻ اڌ ڪيرا ٿي چڪا هئا. ٿيون ته ڇولين ڪري ٻيڙي توڙي جهاز جي ڏاڪڻ تي ترڪڻ ٿي پيئي هئي. ان ڪان علاوه ٽڪل پڻ ڏاڍا هئاسين. سو ٻيڙيءَ مان ٽپ ڏيندي ڏيندي ڊڄي ٿي وياسين. جو ان ئي گهڙيءَ





ڇول، ٻيڙيءَ کي جهاز ڪان گهڻو پري ٿي اڇلائي ڇڏيو يا جهاز جي لوهي پليٽن سان وڃي ٿي ملايو يعني ٽپ ڏيڻ ۾ ٿوري به ڪوتاهي ڪرڻ تي سمنڊ ۾ ڦهڪو ڪرڻ جو خطرو هو يا وري ٻي صورت ۾ ٻيڙي ۽ جهاز جي وچ ۾ اچي چيپاٽجي مرڻ جو. انهن ٻنهي حادثن جا مثال پنهنجن پراون جهازن تي اڪين سان ڏسي چڪا هئاسين.

اسان جي، جهاز تي چڙهڻ ۾ دير ڪرڻ ۽ ٻيڙيءَ جو ذري ذري جهاز سان ٽڪرائڻ ڪري شيدي ڊرائيور کي خارون اچڻ لڳيون. پهرين ته دانهون ڪري پنهنجي ٻوليءَ ۾ دڙڪا ڏيندو رهيو ته ”لهو منهنجي ٻيڙيءَ مان جلدي ڪريو“. پوءِ چڙ مان ٻيڙيءَ کي بندرگاهه ڏي واپس موڙي ڪٽي فل اسپيڊ رکيائين. پر پوءِ باقي ٻيڙيءَ وارن ۽ اسان جڏهن سمجهايس ته هينئر رات جو ههڙي سيءَ ۾ ڪيڏانهن ويندا‌سين تڏهن ڪا ڪيس ڪهل آئي ۽ ٻيڙيءَ کي موٽائي وري جهاز تي وٺي آيو. پر اسان جي ساڳي حالت سرڪس جي ڊڄٽي مسخري واري ۽ ٻيڙيءَ جهاز سان وري ٽڪرائڻ شروع ڪري ڏنو. شيدي ڊرائيور هڪل ڪري پنهنجن همراهن کي چيو ته هنن کي ٻيڙيءَ مان ڌڪا ڏيئي لاهيو. جيڪا ڳالهه اسان سندس خونخوار اشارن مان سمجهي ورتي. پر جڏهن سندس همراهن ڪو ائڪشن نه ورتو ته پاڻ لانچ جي اسٽيرنگ ويل مان هٿ ڪڍي اسان ڏي وڌيو. هو ست فٽو قداور ۽ سانَ جهڙو متارو هو. سڌو اسان وٽ آيو. هڪڙي ڪڇ ۾ مون کي ۽ ٻيءَ ۾ ڪئڊٽ کي ڪٽي اڇل ٿي ڏنائين. سا به ان مهل جڏهن ٻيڙيءَ ڇول تي جهاز کي اڌ ميل پري وڃي شيڪو ڪيو. ظاهر آهي سمنڊ ۾ ئي ڪرون ها. فورٿ انجنيئر جيڪو پراڻو هو تنهن وري جو ڏنو ته اسان کي شيدي ٿو ٻوڙي سو پنهنجي پَر ۾ ته هن اسان سان همدردي ٿي ڪئي پر ان مهل ئي محسوس ٿيو ته هاڻ بچڻ مشڪل آهي. اسان پاڏي جهڙي شيديءَ جي ڪڇن ۾ اڻ پاليل مور وانگيان ڦٽڪي رهيا هئاسين ۽ هو ٻيڙيءَ جي بلڪل اَنديءَ تي بيٺو هو ۽ هي اسان جو فورٿ انجنيئر پري ڪان ڪيس ٺونشا ڏيکاري انگريزيءَ ۾ دڙڪا ڏئي رهيو

هو تہ سياٽي آفيس ۾ رپورٽ ڪنداسين. مون تہ ان وقت ئي دل ۾ چيو: ”چار صاحب! (يعني فورٿ انجنيئر صاحب) ماري رکئي. هي اڌ جهنگلي ماڻهو ڇا ڄاڻن تنهنجن دڙڪن ۽ تنهنجي شيڪسپيئر جي ڊرامي مئڪبيٿ جي ڊائلاگن نما انگريزيءَ مان!“.

چار صاحب جي دڙڪن تي شيديءَ کي ويتر ڪاوڙ لڳي وئي ۽ پنجابي فلمن جي ولين وانگي وٺي هيئين ڦاڙ رڙ ڪيائين. جيڪا دانهن هو ڪنهن ڏارئين کي پنهنجي مڱينديءَ يا پاڙي جي ڇوڪريءَ سان زوريءَ هڄائيندو ڏسي ڪندو آهي. مون پڪ سمجهيو تہ ٻي گهڙيءَ سمنڊ جي تري ۾ هونداسين ۽ هاڻ بقول شاهہ لطيف جي: ”جتي ويا ڪين ورن ۽ جت ويريون واٽ نہ ڏين، اتي اٽڪارن، ساهَڙ! سِير لنگهاءِ تون“ وارو حساب ٿيندو.

چار صاحب جي دڙڪن تي شيديءَ ڪجهہ دير سوچي، پوءِ اسان کي ڇڏي ڪٽي چار صاحب کي ٻکيو- معنيٰ اسان تہ في الحال ڇٽاسين يا پيينڊنگ ۾ رهياسين پر غريب فورٿ انجنيئر ڦاٿو. پوءِ تہ منهنجيون ۽ ڪئڊٽ جون هيون شيدي کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ منٿون جنهن جي وات مان جهڳ وهي رهي هئي. انگريزي تہ هن سمجهي ڪا نہ ٿي. اشارن سان اسان سمجهايس تہ هن جهازيءَ جو دماغ صحيح ناهي. هن توکي گاريون ڪو نہ پئي ڏنيون. ايتري ۾ باقي ٻين شيدين اچي فورٿ انجنيئر کي سندس چنبي مان آزاد ڪيو ۽ شيدي ڊرائيور کي اندر لانچ ۾ وٺي ويا.

هن هڪ دفعو وري لانچ کي جهاز جي ويجهو آندو. ”مرتا ڪيا نہ ڪرتا“ وارو حساب. اسان هڪ ٻئي پويان، الله جو نالو وٺي، ڪٽي ٽپ ڏنو.. ٻوڙيا تہ هئين ئي ٿي وياسين، سو ڇو نہ ٽپ ڏيڻ جو جوکم کڻجي. ڪنهن جا پير ڏاڪڻ ۾ ڦٻي ويا تہ ڪنهن جا هٿ ڏاڪڻ جي رسيءَ ۾ ڪُپي ويا. بس مڙئي اچي جهاز پيڙا ٿياسين. لانچ جو شيدي ڊرائيور هڪ دفعو وري پنجابي فلمن جي ولين وانگر رڙيون ڪُوڪون ڪري لانچ جي انجڻ اشارٽ ڪئي ۽ فل ائڪسلريٽر سان ڀڄي ويو.

books.sindhsalamat.com



ڪيترن سالن بعد ان ڳالهہ جو تجزيو ڪرڻ تي محسوس ٿو ٿئي تہ ان معاملي ۾ واقعي اسان جو ڏوهہ هو. هي غريب شيدي، لانچ جو ڊرائيور تہ ڇا پر اهڙين حالتن ۾ ڪو چيني، انگريز جپاني يا پاڪستاني مڪراني ماڻهو هانگ ڪانگ، لورپول، اوساڪا يا ڪراچيءَ جي آئوٽر ائنڪريج تي اسان جي اهڙي ڪوتاهي ۽ سستي برداشت نہ ڪري سگهندو. ڪو بہ پنهنجي لکها ربين جي ٻيڙي اهڙي خراب سمنڊ ۽ موسم ۾ جهاز سان ٽڪرائي ڇيتيون ڇيتيون ڪرڻ جو جوکم نہ کڻندو. جو اها ٻيڙي غريب مهاڻن جي ڪٽنبن جي روزگار جو واحد وسيلو ٿئي ٿي. بهرحال اسان جي دلين تان اهو طوفاني رات وارو واقعو اڃان تائين ميسارجي نہ سگهيو آهي. آفريڪا کنڊ کي ڦيرو ڪندي اڄ بہ اها ڳالهہ سوچي بدن ۾ سيوڪاري پئجي ويندي آهي. يا ڪڏهن ڪٿي ڪانفرنس يا ميٽنگ ۾ پنهنجن انهن ساٿين سان ملاقات ٿيندي آهي تہ دنيا جي نقشي تي موزمبق چئنل ڏي اشارو ڪري ڪين چوندو آهيان تہ پاڻ گريس پيرڊ ۾ پيا جيئون ۽ بچي وياسين نہ تہ 70-1969ع وارن ڏينهن ۾ پاڻ کي هن هنڌ جيئري مڇيون کائين ها.

www.sindhsalamat.com

# ھڪ عجيب ائڊوينچر

**آفريڪا** جي مختلف ملڪن ۾ گھاريل ڏنھن جون ييون بہ ڪيتريون ان قسم جون ڳالھيون آھن جي ذھن تان نٿيون ميسارجن. ھيءَ ڳالھہ بہ شروع جي ڏينھن جي آھي جڏھن اسان ساموندي زندگيءَ ۾ اجان نوان آيا ھئاسين ۽ اسان دنيا کي يڪو ھڪ جھڙو سمجھيو ٿي. جڻ دنيا جي سيني بندرگاھن تي ھڪ جھڙو قاعدو قانون ۽ امن امان ھجي.

تن ڏينھن ۾ اسان جو اھو جھاز يورپ جي بيلجم، فرانس، جرمني ۽ انگليند جھڙن سڌريل ۽ ترقي يافتہ ملڪن مان ٿي اولھہ آفريڪا جي ملڪن: سينيگال، گني بسائو، لئاندا ۽ گئمبيا وغيره ۾ ايندو ھو. اسان انھن آفريڪا جي بندرگاھن ۾ بہ ائين بي فڪر ٿي ڦرندا ھئاسين جيئن يورپ جي بندرگاھن ۾- يعني نہ ڏس ڏينھن نہ رات. جيڏانھن ڏيان ۾ ايندو ھو اوڏانھن رخ رکندا ھئاسين. گاڏين جي اچڻ جو نہ وڃڻ جو وقت پڇندا ھئاسين ۽ نہ وري ائڊريس يا نقشو پتو. نہ ان ملڪ جي سماجي حالت جي ڄاڻ نہ سياسي سڌ. شروع ۾ تہ ڪڏھن بہ خيال نہ آيو تہ ھيءَ آفريڪا آھي جتي جانورن، زھريلي جيتن، ٽيٽزي جھڙين مکين ۽ وھندڙ پاڻيءَ ۾ لڳل بلحاريظيا جھڙين بيمارين کان پاڻ بچائي ھلڻ کپي. بس مستن وانگر جيڏانھن ايندو ھو اوڏانھن شھرن ۽ ڳوٺن جون گھٽيون گھمندا وتندا ھئاسين. بس اسان لاءِ اھا ئي ڳالھہ اھم ھئي تہ جھاز جي لوھي چار ديواريءَ کان ٻاھر رھجي.





ھڪ دفعي اسان جو جھاز شايد گئمبيا ۾، يا ان جي پرپاسي واري آفريڪي بندرگاھہ ۾ لنگرانداز ٿيو. ان ملڪ جو نالو ھن وقت صفا ڏيان ۾ نہ آھي. بندرگاھہ ڇا ھو ھڪ سنڌ جي ننڍڙي ڳوٺ جيان ھو. پاڻ ان کان بہ ويران حالت ۾. چوڌاري ريگستان، ٽپندڙ سج ۽ پاڻيءَ جي اٽاٽ. بس بندرگاھہ وٽ ڪچي مٽيءَ جي ٺُلھين ڀتين وارا گھر- جن مان بہ ڪيترا تہ ڪڪائن ڇتين جا ھئا. ڪي چند پڪيون، فرينچن يا شايد پورچوگالين جون، عمارتون ۽ آفيسون ھيون. ھي ملڪ ڪو گئمبيا يا گني بسائو جھڙو ھو جيڪو سنھي پٽيءَ وانگر، اندر ٻئي ملڪ سينيگال يا فرينچ گنيءَ ۾ اندر گھڙيل ھو. جنھن جا خشڪيءَ وارا رستا پڻ ھڪ ٻئي مان لنگھيا ٿي.

مون تازو جھاز Join ڪيو ھو. ۽ ھن کان اڳ بيان ڪيل موزمبق واري واقعي کان بہ اڳ جي ڳالھہ آھي. ھڪ ڏينھن شام جو جھاز جي ٿرڊ انجنيئر سان گڏ ٻاھر گھمڻ لاءِ نڪتس. ٿوري دير بندرگاھہ جي ھڪڙي ئي بازار مان چڪر ڏيئي ھڪ ڪچي ھوٽل ۾ اچي ڪاري ڪافي، قھوي جھڙي، پيتيسين. ڪنھن پر واري شھر يا ملڪ کان مسافرن جو ڪو تازو قافلو آيو ھو. سو چوڌاري اُٺن جي ڇڙن جو آواز ۽ ھوٽل تان وڄندڙن آفريڪن ٻوليءَ جي گانن جو آواز ھو. آيل مسافر مسلمان ٿي لڳا جو سندن زالن کي ڪارو برقعو آفريڪي نمونو جو ھو ۽ ڪپڙي گنديءَ مان لڳو پئي تہ امير ملڪ جا آھن. نہ تہ ان بندرگاھہ ۾ ايڏي غربت ۽ جاھليت ھئي جو عورتن کي ئي پورو ڪپڙو بدن تي نہ ھو. آيل مسافر، پنھنجو پنھنجو ڪُنڙو ٺاھي ڪافي پي رھيا ھئا. ڪي وچئينءَ جي نماز اوير اُتر ڪنڌ ڏي منھن ڪري پڙھي رھيا ھئا جو اتان ڪعبوان طرف ھو.

ٿرڊ انجنيئر چيو ھل تہ ٿورو ٻھراڙيءَ جو بہ چڪر ھڻي اچون. سو اسان واڪ ڪندا شھر کان ٻاھر نڪري وياسين، پري کان ھڪ ڪٿارو بس- جنھن جھڙيون عجيب ٻوٽ واريون بسون، پاڻ وٽ سنڌ ۾ بہ نئون ڪوٽ، عمر ڪوٽ، مٺي، ڇاڇري پاسي اجان ھلن ٿيون، وڃي رھي ھئي. تنھن کي

دانهون ڪوڪون ڪري بيهارايوسين. يا شايد هوءَ پاڻهي بيهي رهي جو اسان جي وهڻ ڪانپوءِ بہ ڪنڊيڪٽر ڊبا پاڻيءَ جا پري انجڻ جي ريڊيئيٽر ۾ وجهي ٿڌو ڪندو رهيو. اها مشق ميل اڌ بعد ٿيندي رهي. اسان اهو سوچي بس ۾ ويٺاسين تہ پري وڃي بہ ڪيترو ويندي. ٿورو اڳتي هلي وري بي ڪنهن واپسيءَ جي بس ۾ موٽي ايندا‌سين يا تہ آخري اسٽاپ تائين وڃي ساڳي بس ۾ موٽنداسين. جيئن يورپ جي ملڪن ۾ اڄ بہ سياح ۽ واندا ماڻهو ڪن ٿا.

اها بس چار پنج ميل اڳتي هلي نيٺ صفا خراب ٿي پيئي. ڊرائيور گهڻو ئي زور لاتو پر نيڪ نہ ٿي. نيڪ بہ ڪيئن ٿئي. ريڊيئيٽر ڦاٽي پيس. بلڪ ڦاٽل تہ اڳهين هو هاڻي وڌيڪ ڦاٽي پيو ۽ ان کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ پاڻيءَ جي بوند بہ نہ هئي.

بس ۾ بيا جيڪي مسافر هئا سي ڳوٺن يا جهنگلي وستين جا هئا سو لهڻ سان ٽڙي پکڙي ويا. ڊرائيور کي ڀاڙي جا چار پئسا بہ نہ ڏنائون. اسان کان ڊرائيور اڌ ڀاڙو ورتي "جنرل ايوريج" (1. جنرل ايوريج: هي سامونڊي اصطلاح آهي. جهازن جا ڪي مالڪ سمنڊ تي سندن جهاز کي قدرتي يا انساني رسيل مصيبت جو نقصان پورو ڪرڻ لاءِ انهن ماڻهن کان ڦوڙي ڪري وٺندا آهن جن جو سامان ان وقت جهاز تي هوندو آهي. ان کي جنرل ايوريج سڏجي ٿو. General Average جو اعلان ڪرڻ ڪا سني ڳالهہ ناهي جو ان سان ڪمپنيءَ جي ساک کي ڇيهو رسي ٿو ۽ آئيندي ماڻهو ان ڪمپنيءَ کي ڪارگو (سامان) ڏيڻ کان گهبرائين ٿا). ڊڪليئر ڪري، پوءِ ڏس ڏنو تہ اسان ميل بہ اڳيان هليا وڃون. اتي ٻئي ملڪ جو رستو اچيو ٿو ملي ۽ ڪا نہ ڪا سواري ملي ويندي.

"۽ هتان ڪا بس واپس بندرگاهہ ڏي وڃڻي آهي؟" اسان پڇيس.

"هيءَ ئي تہ هڪ بس آهي جيڪا سڀاڻي هتان موٽڻي آهي. پر هاڻ تہ خراب ٿي پئي آ. ٽي چار ڏينهن تہ ٺهڻ ۾ لڳي ويندس". هن جواب ڏنو.

"ڀلا اڳيان اسان کي ڪهڙي سواري ملندي؟" اسان وري ڊرائيور کان پڇيو.





ڊرائيور جيڪو شروع کان ڳاٽ اوچو ڪري پئي هليو تہ هن کي انگريزي سني ٿي اچي جو بہ سال گهانا ۾ هڪ انگريز سفاريءَ جي گهوڙي کي ڪرڪرو ڪيو هئائين تنهن اسان جي سوال جو مختصر جواب ڏنو.

"اي ڪئمل".

- يعني اٺ ۽ اسان کي پنهنجي غلطيءَ جو وڏو احساس ٿيو تہ واهہ جوڳ همڻ نڪتاسين. سو بہ آخري ڏينهن. ٻي ڏينهن جهاز جي Sailing ٿيڻي هئي.

ٿرڊ انجنيئر صلاح ڏني تہ اڳتي هلڻ بدران چو نہ پٺيان پير ڪڍجن. "سڄي عمر بندر روڊ کان بندرگاهہ تائين بس ۾ ايندي مون کي آئيڊيا ٿي ويئي آهي تہ پاڻ هي جيڪو پنڌ ڪيو آهي اهو اوترو ئي آهي جيترو سعيد منزل کان ٽاور تائين - يعني پورا پنج ميل". ٿرڊ انجنيئر عقل جي ڊوڙ ڪئي. ويتر هن شارٽ - ڪٽ بہ ڳولي ورتي - جيڪا هئي تہ ڪا نہ پر اسان اها بہ غلطي ڪئي ۽ سنئون سڌو پڪو رستو ڇڏي ڪچي تي لهي پياسين - يعني واريءَ تي. ريتي يا واريءَ تي هلڻ بہ ڏکيو. سڄ لهڻ وارو هو. نظر تہ گهڻي وقت کان نہ پئي آيو جو مٽيءَ جي رڃ ۾ جهَڪ ڪري سڄي آسمان تي مٽيءَ جو تهہ چڙهيل هو. ويتر رڪي رڪي گرم هوا جو واچوڙو ٿي لڳو تہ چوڏاري ملڪ اوندهہ ٿي ٿي ويو. ويتر رڪي رڪي گرم هوا جو واچوڙو ٿي لڳو تہ چوڏاري واري ئي واري نظر آئي ٿي ٿوري دير کان پوءِ پري کان ڏسون تہ واچوڙي وانگر اڏامندڙ شيءِ اسان ڏي ڊوڪيندي اچي. جڻ ڪي گهوڙيسوار مٽي اڏائيندا اچن. ۽ جڏهن بلڪل ويجهو لنگهي ويا تہ خبر پيئي تہ چار پنج شتر مرغن (اٺ پکين) جهڙا جانور هئا. ٿرڊ انجنيئر ٻڌايو تہ اهي Antelopes هئا. ڊوڙ جي طوفان ۾ چٽيءَ طرح نظر نہ آيا جيتوڻيڪ اهي چيرڻ ڦاڙڻ وارا جانور نہ هئا پر هاڻ اسان ٻنهي کي ٿورو ٿورو ڊپ ٿيڻ لڳو ۽ احساس ٿيو تہ هي آفريڪا جو اهو حصو آهي جتي اجان ماڻهو بہ جهنگلي

صورت ۾ آهن. ويتر انهن ڏينهن ۾ آفريڪا جا اڃان ڪيترا ملڪ آزاد نہ ٿيا هئا سو يورپين سان گڏ اسان ايشين تي بہ شيدين جون خارون هيون.

هاڻي ٿوري ٿوري اوندهہ بہ ٿيڻ لڳي. پر سپ ڪان وڏيڪ ڏڪوئيندڙ ڳالهہ اِج هئي. ڏينهن جي تتل واريءَ جا ذرڙا جڻ تہ نڙگهٽ ۾ چپيا ٿي. ايتري ۾ اسان کي پري کان ڪجهہ ڪچا گهرڙا نظر آيا جن ۾ لالٽين جي روشني اچي رهي هئي. سهڪي سهڪي اتي پهتاسين. ڪچن گهرن اڳيان پيٽ ايامبل ڏٻرڙا ٻار ۽ رول ڪتا بيٺا هئا. ڪجهہ وڏي عمر جا ٻار بہ هئا جن جي هٿن ۾ ٻاننا هئا. اُهي بہ ذري گهٽ اگهاڙا هئا. آلي مٽي سندن اگهاڙين ٽنگن ۽ ٽونٽنين تائين چڙهيل هئي. هڪ ٻن ڪتن ڀونڪار ڪئي پر اسان جي ٻچڪاري تي ماٺ ٿي ويا. ڪنڊ واري گهر کان هڪ شيدياڻي در کان ٻاهر نڪتي. گهر کي در تہ ڪو نہ هو پر ائين سمجهو تہ پٽ ۾ ڏار هو. شيدياڻي، عورت گهٽ مرد وڌيڪ لڳي رهي هئي. سندس منهن تي ڪنهن نامي گرامي ڏاڙيل جي جسم وانگيان ڪيترائي ڪهاڙيءَ جي ڌڪن جا سَنڌا هئا. هن کي پاڻيءَ جو اشارو ڪيوسين تہ اِج ٿا مرون، پاڻي کپي. هن پنهنجي آفريڪي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي اندر اچڻ جو اشارو ڪيو. اسان اندر وڃڻ لاءِ ڪان گهٻرائي رهيا هئاسين تہ ٽرڊ انجنيئر منهنجي پيرن ڏي اشارو ڪري وٺي رڙ ڪئي. آئون ڏڪي ويس. ڇُنجهي هلڪي روشنيءَ ۾ ڏسان تہ هٿ جيڏو هڪ ڪارو وڇون منهنجي بوٽ جي پٻ تي چڙهڻ جي ڪوشش پيو ڪري. مون کان بہ رڙ نڪري وئي. اڳيان پيرن اگهاڙا ٻار، اسان جي ان حرڪت تي کلي کلي اونڌا ٿي ويا. هڪڙي ٻئي کي سڏ ڪيو جو پري دڙي تي ويٺو هو. سندس هٿ ۾ شيشو ۽ ڊگهو لوهہ جو سوئو هو. هن سُوئو وڇونءَ جي پيٽ ۾ هڻي، ان کي مٿي کڻي، شيشي ۾ اندر وڌو جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي هيڊي ۽ ناسي رنگ جا وڇون ڦٿڪي رهيا هئا. پر ڪارو پٿون هي پهريون هوس. اسان هڪدم گهر اندر گهڙي وياسين. اندر ڪنڊ ۾ نڪر جو ڏيو ڪپهہ جي وَٽِ وارو ٻري رهيو هو. هڪ ٻي بہ ٿلهي متاري زال جيڪا





عمر ۾ ڪائنس گهٽي ننڍي لڳي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ سندس ڌيءَ هجي يا ننهن، هن وانگر رڳو ننڍڙي پوتڙي ۾ ويٺي هئي. مٿيون ڌڙ ٻين سڀني وانگر اگهاڙو هوس. هوءَ ٻار کي ٿڃ پياري رهي هئي. سندس هڪ هڪ ارهہ ٻار جيڏو ٿيندو. هن کان اڳ مون اهڙي قسم جي اگهاڙين آفريڪي حبشي عورتن ۽ انڊونيشي، فلپيني ۽ پئسفڪي ٻيٽن جي اڻ سڌريل قبيلن جي عورتن جا اَنُ ڇاڻيندي يا جونئون ڪيندي، فقط اگهاڙا فوٽو "نئشنل جاگرافڪ" رسالي ۾ ڏٺا هئا.

گهر جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ ڪو تازو ڪٺل جانور لڙڪي رهيو هو جنهن جي کل لٿل هئي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪا ٻڪري هئي يا وڇ گابو- يا اڃان بہ ڪو گڏهہ خچر- اهو سڄاڻي نہ سگهياسين جو سندس ڳچي بہ غائب هئي تہ بدن تان کل بہ. ڪيترن هنڌن تان گوشت روڙيل هو. تازو ڪٺل ان ڪري چئي سگهجي ٿو جو پرسان ٺڪر جي پاٽ ڳاڙهي رت سان پري پيئي هئي. اسان سان گڏ، گهٽيءَ ۾ بيٺل اگهاڙا ۽ ٻاننن وارا ٻار پڻ اندر آيا. هو بہ ذري ذري ان لڙڪيل ڪٺل جانور ڏي اشارا ڪندا رهيا. جنهن مان لڳو ٿي تہ هيءَ ڪا نئين ڳالهہ ٿي آهي ۽ تمام ڪا وڏي ڳالهہ آهي. اهو جانور يا شڪار ڪيو ويو آهي يا ڪو ڏينهن ملهائڻ لاءِ قرباني ڏني وئي آهي. آئون هراسيل اکين ۽ هينئين سان ڪڏهن ان ٽنگيل جانور کي تہ ڪڏهن ٻار کي سندس ماءُ جي ٿلهن متارن ٿڻن مان کير ڌائيندو ڏسندو رهيس ۽ ساڳي تعجب مان، اهي عورتون اسان کي ڏسنديون رهيون. ٿرڊ انجنيئر چيو ڪٿي پاڻ کي فرائي ڪري کائي نہ ڇڏين. ٿوري دير بعد اسان وري پاڻيءَ جي ڳالهہ، ائين ڊڄي ڊڄي ڪئي جڻ ڪنهن لاءِ سنگ گهرڻ آيا هجون ۽ انڪار جو بہ انديشو هجي. ٻاهر بيٺل عورت هڪدم رسو ۽ جست جي باردي کنئي ۽ ٿرڊ انجنيئر کي پنيان اچڻ جو اشارو ڪيو. مون کي اشاري سان چيائين تہ تون اتي ئي ترس، ٿرڊ انجنيئر چيو: "لالا کوهہ تي پاڻي پرڻ ٿي هلي". چيومانس

تہ ترس تہ آئون بہ هلانءِ. مَرون تہ گڏ تہ مرون. هن لڙڪيل جانور ۾ ڪير پيارينڊڙ خونخوار حبشياڻيءَ کي ڏسي آئون ڪٿي برقعو نہ مٿي وجهان.

بهرحال اهي سپ ڳالهيون هينئر جون آهن. ان وقت اسان ٻنهي ڏڪندي ڏڪندي اشاري ۾ چيو تہ گڏ گڏ رهنداسين. سو ٻئي ٻاهر نڪتاسين. پنيان ٻانڻن سان ٻار اگهاڙا پيٽ نڪتل ٻار وچونءَ جي شيشي وارو ٻار ۾ بيمار رول ڪتا اسان سان گڏ گڏ هلڻ لڳا. ٿورو پري هڪ کوهہ هو يا ڪو چشمو يا ڪڏو جنهن ۾ وينل ڏيڏرن جون رڙيون آسمان تائين ٿي پهتيون. حبشياڻيءَ ان مان باردي پاڻي سان پري ڪيڊي. مجيان ٿو تہ اهو پاڻي ايترو Hygienic نہ هو پر ان وقت سخت اڄ ۾ وٺيو پئي. ۽ هونءَ بہ اها پڪ اٿم تہ نٽي جي ٻاڙي پاڻيءَ کان وري بہ وڌيڪ ٽيسٽي ۽ هائيجنڪ هو. پاڻي ڏو تي پيءِ اسان هن کي جهاز ناهي ٻڌايو تہ اسان ايڏانهن ويندداسين. گس ٻڌاءِ. توکي پئسا بہ ڏينداسين. يعني اسان جي مدد ڪرڻ جو اجورو ڏينداسين. پاڻ اسان کي وري گهر وٺي آئي جتي ٻارن وري اشاري سان تنگيل جانور ڏيکاريو. ۽ پاڻ وئي سو هڪ شيدي پوڙهو مڙس ۽ بہ مرزيل خچر ڪاهي آئي. هڪ تي ٽرڊ انجنيئر وينو ۽ ٻئي تي آءً. ٻئي ڪجهه پنهنجي پاور تي هليا ڪجهه شيديءَ جي چڪڻ ۾ ڏنڊين جي زور تي. اڌ مني ڪلاڪ جي پنڌ کان پوءِ ساڳي پڪي رستي تي اچي چڙهياسين. جتي پيٽرول پمپ بہ هو. رات جا نوَ ڪن اچي ٿيا هئا. پر آفريڪا جي گرم لڳَ ڪپڙن مٿان بہ ساڙيو ٿي. چاندوڪي رات هئي سو ڪجهہ نہ ڪجهہ نظر اچي رهيو هو. پيٽرول پمپ تي هڪ ٽئڪسي بيٺي هئي. جيڪا شايد ان بندرگاهہ ۾ واحد ٽئڪسي هجي. ڊرائيور ڪجهه پئسا وٺي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پاڪستان جي ڪنهن بين الاقوامي ريڊيو اسٽيشن: تن ڏينهن ۾ ڊاڪا ۽ راولپنڊي پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندڙيون هيون. يا ٿي سگهي ٿو اها اسٽيشن ايران يا ڪويت جي هجي. بهرحال ان تان نورجهان جو اردو گانو هلي رهيو هو. پيٽرول پمپ جي مالڪ ان گاني ڏي ڏيان چڪائيندي پڇيو تہ

books.sindhsalamat.com



توهان ان ملڪ جا آهيون. اسان ٽڙي خوش ٿياسين. ڪجهہ اسان جا هاڻ خوف بہ ڍرا ٿي چڪا هئا. جيسين ڊرائيور قهوو پي پورو ڪري تيسين اسان نورجهان جو گانو "آفريڪن ڊيزرٽ" ۾ Enjoy ڪرڻ لڳاسين. ڇڻ گذريل چند ڪلاڪ جيڪا جٽ ٿي، سا ٻئي ڪنهن سان ٿي.

ڊرائيور ٽئڪسيءَ کي ڀهرين اسان ڪان ڏڪو ڏياري انجڻ اسٽارٽ ڪئي پوءِ اسان کي وهاري پنهنجي ٽئڪسي هلائي. چوڌاري ريتي ئي ريتي ڪري رستي جو رڳو وچيون پٽو نظر اچي رهيو هو. باقي ٻئي پاسا جاگرافي جي پروفيسر ظفر حسن جي زبان ۾ ريتيءَ جي ٽرانسپورٽيشن ۽ Denudation جي عمل ڪري ڍڪجي ويا هئا. اهڙي "ريتي-هاٽي" رستي تان، حبشي ڊرائيور ڪار ڪيئن پئي هلائي، اهو سندس مٿي جو سور. اسان کي سو ڏهن پندرهن منٽن ۾ جڏهن بندرگاهہ ۾ جهاز سامهون اچي لاٿائين تہ يقين ئي نہ پئي آيو تہ خواب ۾ آهيون يا حقيقي زندگيءَ ۾. بهرحال زندگيءَ ۾ اهو ڀهريون دفعو هو جو سچيءَ دل سان جهاز وٽي رهيو هو. جهاز ڪو ماٺهو هجي ها تہ ڀاڪر پائي ڪٽي چمي ڏجيس ها. ان ڏينهن.

www.sindhsalamat.com

# آفريڪا جون حبشي عورتون

**سنڌ** جي ڳوٺن ۾ اڪثر ڏسبو تہ عورتون پنهنجن هاري مڙسن جي ماني مٿي تي رکي ائين پيون وينديون جو ڏسڻ واري کي لڳندو تہ چاڻ تہ ماني يا ڏڏ جو لوٽو ڪريو. پر هو ايڏو تہ بئلنس رکي هلن ٿيون جو مجال آهي جو مٿي تان ڪا بہ شيءِ ڪري. اهڙيءَ طرح، هتي آفريڪا ۾ بہ، عورتن جو حال ساڳيو آهي. هٿ خالي باقي هر شيءِ سندن مٿي تي.

هنن آفريڪي زالن لاءِ مشهور آهي تہ ڪين ڪا بہ شيءِ ڏي تہ ڪٽي مٿي تي رکنديون. سامان ڍوئڻ جو ڳاڏو ڏين تہ اهو بہ مٿي تي رکي هلنديون. ۽ واقعي هنن حبشي عورتن جو هي هيڪاندو ڪمال آهي. هڪ ٻار پنيان ٻڌل هوندن تہ هڪ پيٽ اندر ۽ مٿي تي ڳري هڙ سامان جي. تنهن مٿان وري گاسليٽ جو شيشو يا ڪا اهڙي شيءِ جا عام حالتن ۾ ٿوري لوڏي تي ڪري پوي. هٿ ٻئي خالي يا وڌ ۾ وڌ هٿ ۾ ڏنڊي رکنديون. گڏهہ خچر ڪي هڪلڻ لاءِ يا رول ڪتن ڪي ڀڄائڻ لاءِ. باقي مرد اڪثر سامان نہ کڻن. اهي رئيس اڳيان رستو ناهيندا پوش پوش ڪندا هلندا. چون ٿا تہ اڳئين زماني ۾ بہ ائين هوندو هو. مرد ان ڪري بہ اڳيان هلندو هو جيئن ڪو جهنگلي جانور يا دشمن راهہ ۾ اچي وڃي تہ ان جو مقابلو ڪري سگهي. پر جيئن تہ "مرد صاحب" اڄ بہ اها پنهنجي فائدي واري رسم قائم رکندو اچي. پوءِ چاهي ڪٽي جهرجهنگ هجي يا ممباسا جو سئنيما هال. اڳيان ۽ هٽين خالي پاڻ هوندو.





ڏنو وڃي تہ اڄ ڪلهہ يورپ، آمريڪا ۽ ايشيا جي سڌريل ملڪن: جپان، سنگاپور، هانگ ڪانگ جو بہ اهو حال وڃي رهيو آهي. عورت گهر ٻهاري، ٻار وهنجاري اسڪول ڇڏي، وتندي پاڇي گوشت مارڪيٽ مان خريداري ۽ سامان ڍوئيندي. يا مڙس طرفان مليل اٽپوري خرچ ڪي سڄو مهينو هلائڻ لاءِ پئي ڳڻتيون ۽ پور ڪائيندي. پر مرد هر وقت بي فڪر رئيس!.

هڪ شيدي دوست ڪي چيم تہ يار ڪيترائي آفريڪي شيدي اڄڪلهہ شاهوڪار آهن. جن وٽ سائيڪلون بہ آهن. گهٽ ۾ گهٽ اهي ماڻهو جو ننڍا ننڍا گاڏا يا ترالي يا ڪا ٻي اهڙي ڦيٿن واري شيءِ وٺن جنهن ذريعي سامان سولائي سان ڍوئي سگهن. اهو ڪم عورت ڪان ڇو ٿو ورتو وڃي؟ ڪلندي وراڻيائين: "ان ڪري جو هتي عورتون سستيون آهن. ۽ ٻي ڳالهہ تہ انهن لاءِ اسپيئر پارٽس جي بہ ضرورت ناهي".

آفريڪا جي ڪيڪويو قبيلي جي عورتن سان تہ حد ڪان وڌيڪ ظلم آهي. ڪينيا جي صدر ۽ مائو مائو تحريڪ جي ليڊر "جومو ڪينياٽا" جو تعلق بہ انهيءَ ئي قبيلي سان هو. هن قبيلي جي عورتن جا قصا، هتي آفريڪا ۾ ڪيترن ڪان ٻڌبا، اکين سان ڏسي سگهبا ۽ ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهن. ان بابت خود جومو ڪينياٽا پنهنجي ڪتاب Facing Mount Kenya ۾ تفصيل سان لکيو آهي. هن قبيلي جون شيدياڻيون ڳري سامان ڪي چمڙي جي ڳول پٽي سان ٻڌي، مٿي بدران پٺيءَ تي رکي اهو پٽو پنهنجي نرڙ تي واريو ڇڏين. يعني سڄي بار جو لوڊ پٺي ۽ نرڙ تي ٿئي. گهڻي سامان ۽ گهڻي جمار بار کڻڻ ڪري اڌڙوٽ عمر تائين، ان چمڙي جي وڍيءَ جو نرڙ ۾ گهب ٿي ويندو اٿن. هن قبيلي جي عورتن لاءِ چانورن جي ڳوڻ يا ٻيو ڪو اڍائي مڻو بار کڻڻ تہ ڪا وڏي ڳالهہ آهي ئي ڪا نہ. ڏکين لاهين چاڙهين تان تہ گڏهہ بہ مڻ سوا بار مس ٿو کڻي سگهي.

اوڀر آفريڪا ۾ اڃان تائين ڪيترن ئي شيدي قبيلن ۾ مرد هڪ ڪان وڌيڪ زالون رکن. جنهن جا ڪيترائي معاشي، وهمي ۽ سرداري قسم

جا سبب آهن. مڙسي ڏيکارڻ لاءِ يا ڪٿي دولت ۽ طاقت جو رعب وهارڻ لاءِ، گهڻيون شاديون ڪيون وڃن ٿيون. عيدي امين جهڙي سڏريل ۽ مسلمان به چار ڪن ته ظاهري شاديون ڪيون. هر سرڪاري توڙي غير سرڪاري جلسي جلوس ۾ سندس ڪاري ۽ تمام ڪاري رنگ جا ٻار ڦرندا رهندا هئا. بهرحال، آفريڪا ۾ اڄ به ماڻهوءَ جو شان پئسي دولت مان نه پر ٻار پئدا ڪرڻ جي قوت مان لڳايو وڃي ٿو. ۽ ساڳيو حال اڳ زماني ۾ هو. ڪلوپترا به چون ٿا (گهٽ ۾ گهٽ هاليوڊ فلم ۾ ته) پنهنجي مڙس/ يار کي چوي ٿي ته ”مون سان شادي ڪر منهنجي چيله موڪري آهي توکي ڍڙ ٻارن جو ڄڻي ڏيکاريندس“ ڪيترن آفريڪي ماڻهن جو اهو عقيدو آهي ته ان جي ئي ڌرتي سنو فصل ڏئي ٿي جيڪو حاڪم ٻار ڄڻڻ ۾ مڙس ماڻهو آهي.
(1.ڪتاب An African Survey: ليڪڪ لارڊ هيلي، ڇاپو ٻيو: ص30.)

ڪن قبيلن ۾، خاص ڪري مسلمانن ۾، ڇوڪرين جي شادين ۾ ماءُ پيءُ جو به هٿ دخل ٿئي. پر بنتو قبيلن ۾ ڇوڪريءَ تي اهڙو زور نٿو هلي. هوءَ مڙس کي ڏسڻ وائسڻ بنا، هن وٽ پارسل طور نٿي پهچي. مڙس ۽ پيءُ، ٿورو گهڻو ظالم هر سوسائٽيءَ ۾ ٿي سگهن ٿا. پر بنتو قبيلن ۾ ڇوڪريءَ تي اهڙو زور زبردستي ناهي. هوءَ مڙس کي پاڻ ئي پسند ڪري ٿي ۽ ڪيترين حالتن ۾ مڙس کان وڌيڪ ڪمائي ٿي. جيئن اسان وٽ ڪيتريون هيناهيون ذاتيون: پيل، باگڙي، ڪولهي، ٻاليشاهي، گرگليا وغيره. جن کي اسان ڪٿي ايترو تهذيب يافته نه سمجهون جو هو پڙهيل ڳڙهيل نه آهن. پر پئسي پونجيءَ جي معاملي ۾ چڱا خاصا، اڇا اجرا ڪپڙا پائڻ وارا، سندن قرضي هوندا. ۽ انهن قومن جي ذاتين جون زالون، يورپ جي عورت کان به وڌيڪ آزادي ماڻين ٿيون. سگهاريون ۽ پورهيت هئڻ ڪري مڙسن سان ڪلهو ملائي ڪمائين ٿيون: ڦٽيون چونڊڻ، ٻاجيون ۽ گدرا، ونگا پوکڻ، مٽي ۽ پني جا رانديڪا ٺاهي وڪڻن. ويندي پِني پڻ پئسو جمع ڪن ٿيون. هو مڙسن جي ڪمائي تي ياڙين نٿيون. سو هي آفريڪي بنتو زبانون ڳالهائيندڙ





غير مهذب ڇوڪرين جو گهٽ ۾ گهٽ اهو ته رعب هلي ٿو. منجهن ڪجهه وڌيڪ بهتر قبيلا: مثال طور ”چاگاز“ جون ڇوڪريون ته شاديءَ وقت به ڦِريو وڃن - جي هنن کي ڪڙڪ پئجيو وڃي ته سندن ٿيڻ وارو مڙس ردي قسم جو آهي.

ڪيترن قبيلن ۾ اهو آهي ته شاديءَ وقت ڇوڪريءَ جو Virgin (ڪنوارو) هجڻ ضروري شرط رکيو وڃي ٿو ۽ شاديءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن ڌارئين سان جنسي تعلقات کي تمام خراب سمجهيو وڃي ٿو. ان طرف ايڏو ڌيان رکيو وڃي ٿو جو ڪنهن جي چوڻ مطابق، ڪن علائقن ۾ اهو رواج عام آهي ته ڊگهي سفر تي وڃڻ کان اڳ مڙس زال جي مخصوص عضوي جو سيبو ڪري وڃي ٿو جنهن ۾ پيشاب لاءِ فقط سنهڙو سوراخ ڇڏيو وڃي ٿو. اهو طريقو تمام سور وارو ۽ ظالماڻو سمجهيو وڃي ٿو.

ان کان علاوه هتي جي رواجن مطابق جيسين هڪ ٻار ٿڃ تي آهي ته ان وچ ۾ پيٽ ٿيڻ خراب سمجهيو وڃي ٿو. ساڳي وقت ٻار کي ٻن سالن کان اڳ ٿڃ ڇڏائڻ به صحيح نٿو سمجهيو وڃي. ان ڪري اهڙن قبيلن ۾ عورتون گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن جي ساهي پٽڻ بعد ٻار ڄڻين ٿيون. (1. ڪتاب Mau Mau and the Kikuyu: ليکڪ ايل ايس بي ليڪي، صفحو 19. ان بابت هڪ اها به ٿيوري ٻڌائي وڃي ٿي ته پيٽ ٿيڻ شرط، ٻچي دانيءَ ۾ ترسيل Semen، سندس ٿڃ جي کير تي زهريات جو اثر پيدا ڪري ٿي.

ان سلسلي ۾ ٻار جي روڪ لاءِ عورت سان هم بستريءَ کان جهل نه ڪئي ويندي آهي پر برٿ ڪنٽرول جا بيحد ڏکيا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. (2) (ڪتاب Knowing African: ليکڪ ايڊون ڊبليو سمٿ.

# عورتن جو طھر ۽ ٻيون رسمون

**ڪيترين** ڳالھيون ھتي جي شيدين بابت آفريڪا جي ٻنھي ڪنارن تي پڌيون. مثال طور ڪيترن آفريڪي قبيلن ۾ خاص ڪري ڪيڪويو (جپانين وانگر) چپن تي چمي نہ ڏيندا. ساڳي مائٽيءَ ۾ شادي سخت ڏوھ سمجھن. ڪن قبيلن ۾ تہ مڙس ڪي سس اڳيان ۽ زال ڪي سھري اڳيان وھڻ جي موڪل نہ ھوندي آھي. ڪن قبيلن ۾ بيواھ عورتن کي سخت نياڳو سڏيو وڃي ٿو تہ ڪن ۾ وري ھن جي شادي سندس ڪنھن ڪنواري ڏير سان ڪرائي وڃي ٿي. عورت کي اڪيلو ڇڏڻ قبيلي جي ناموس کي ڏڪ رسائيندڙ ڳالھ سمجھي وڃي ٿي. ۽ ڪي ڪي اھڙا آفريڪي قبيلا ڇيا وڃن ٿا جن ۾ بيوه سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪو مرد نہ ملندو آھي تہ ڪنھن ٻي واندي عورت سان ڪرائي وڃي ٿي. يعني ھڪ ماءُ جي ٻارن جي ٻي عورت "ماتيلوپيءُ" بہ ٿي.

آفريڪا ۾ بہ ڳالھيون ٻيون بہ آھن جيڪي ڏارئين کي چرڪائين ٿيون: ھڪ "ڪنوار جو ملھ" ۽ ٻيو "عورت جو طھر". پھرين ڳالھ تہ اسان جي ننڍي کنڊ جي ماڻھن لاءِ ڪا خاص اھميت نٿي رکي جو اجان تائين اسان وٽ ڪجھ ڪجھ ذاتين ۾ ڪنوار جا پئسا ورتا وڃن ٿا، پر اھا ڳالھ، ھتي آفريڪا ۾ جتي ڪٿي عام آھي. سواءِ چند شھر جي ماڻھن جي- جن جو ڪنھن ڪٽر قبيلي سان ڳنڍ ڳانڍاپو نہ رھيو آھي. سڄي آفريڪا- اوير، وچ ۽ ڏکڻ آفريڪا جي سيني شيدي قبيلن ۾ عام آھي تہ ڪنوار جو





ملھ ڏيڻ بنا گھوٽ شادي نٿو ڪري سگھي. پوءِ اھا قيمت ھو ڪنھن بہ نموني ۾ ادا ڪري سگھي ٿو. ماھيو ڳائو ريڍو ٻاڪرو مال ڏيئي يا اٺ گھوڙو مٺل ھاٿي (عاج لاءِ)، مٺل واڳون (چمڙي ڪل لاءِ) ڏيئي يا پئسي روڪڙ جي صورت ۾. يا گھوٽ ڪي سھري جي زمين تي ڪجھ عرصي لاءِ، پورھئي ۾ ھمراھي ڪرائڻي پوندي آھي.

ڪينيا ۾ اڄڪلھ ڪنوار جو ملھ گھٽ ۾ گھٽ ٽي ڳابيون آھن. يا ان جي برابر جي قيمت. ھڪ ڳالھ ڏيان طلب آھي تہ پنھنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيئي پئسا وٺڻ ۾ ڪو ڪمائي ڏنڌي جو پھلو ناھي پر ھتي جي غريب ماڻھن وٽ پوڪ يا کير/ سواريءَ جا جانور ۽ اولاد سڀ ھڪ برابر آھن. جيئن اسان وٽ ڳوٺن ۾ غريب ھارين جا ننڍا وڏا ٻار، عورتون، ڍڳا، ٻڪريون سڀ گھر جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ھڪ جيتري اھميت رکن ٿا. ھر ٻار پنھنجي عمر سارو پيءُ کي ڪم ڪار ڪرائيندو، اجان ٽن چئن سالن جو ھوندو تہ پنھنجي پيءُ لاءِ ماني ڪٽي ويندو. پوءِ وڏو ٿي ٻڪريون چاريندو ڪاٺيون ڪندو ماءُ کي ڦٽيون چونڊڻ ۾ مدد ڪندو پيءُ کي ٻج ڇٽرائيندو ڳڏ ڪرائيندو جھار ھڪلرائيندو ۽ اجان بہ وڏو ٿي ھر ڪاھيندو ۽ ٻيا ڏکيا ڪم ڪندو.

ٽيئن ھتي آفريڪا ۾ بہ ڍڳا، ڍور مال وٿاڻ، کير پٽ ٻار ٻچا - سڀ ھڪ ئي ڪئٽگريءَ ۾ اچن ٿا. جن جو ڪم ۽ ٻھريون مقصد آھي پورھيو ڪري گھر کي ٻک ڪان پري رکڻ. جيئن ھڪ ناول نويس ليڪڪا پرلس. ايس. بڪ جي جڳ مشھور ڪتاب Good Earth ۾ ڏڪار وقت، ڍڳي وڪڻندي ھمراھ ڪيڏو دل من ھٽي ٿو. نيٺ جڏھن ڪيس ۽ ٻارن کي، بک پاھ ڪري ٿي تہ پوءِ عين موقعي تي فيصلو ڪري ٿو تہ ڍڳي وڪڻڻ بدران چو نہ زال کي وڪڻي اچان. ڍڳي/ ڍڳو تہ وري بہ کير ڏئي ٿي/ ھر ڪاھي ٿو. سوان ريت ھتي آفريڪا ۾ بہ گھر جي ڪم ڪار واري ھڪ پھر - ڌيءَ ھلي وڃي تہ ان جي بدلي ۾، ڪجھ ڪي تہ ملڻ کپي. مثال طور ڪو جانور ئي

سهي جو ڪم ۾ اُن جيتري مدد ڏئي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو آفريڪا ۾ جنهن کي گهڻا ٻار اهو وڏيڪ خوشنصيب سمجهيو وڃي ٿو. جو هن کي ڪم ڪار ۽ ڪمائڻ ۾ گهڻي مدد ملي ٿي. ڪو ٻني ٻاري تي ڪم پيو ڪري. ڪو مال لاءِ گاهه پٽو پيو ڪري. ڪو شڪار ڪري (يا چوريءَ) هاٿي واگهو ماري انهن جا ڏند ۽ کلون وڪڻي. ڪپڙو لٽو ۽ ٿانوَ ٿپا پيو آڻي. جي شهر ويجهو آهي ته فارينر ۽ امير آفريڪي ماڻهن جي گهرن ۾ ڪم ڪار ڪري پئسو پيو آڻي ۽ گهر ۽ قبيلي کي سکيو ستابو رکيو وينو آهي.

هڪ ٻيو پهلو ڪنوار جا پئسا گهرڻ جو اهو به آهي جو اهي پئسا هڪ قسم جي Good Will سمجهي وڃي ٿي. ان پٺيان اها سوچ آهي ته: هڪ گهوٽ جيڪو ٿي گايون يا ٻه تولا سون جا ڪنوار کي حاصل ڪرڻ لاءِ قربان نٿو ڪري سگهي، اهو شاديءَ کان پوءِ ڇوڪريءَ کي ڇا سکيو رکي سگهندو.

پٽ ٻارن جو طهر (Circumcision) اتر آفريڪا جي مسلمان ملڪن: لبيا، آلجيريا، مصر، سوڊان، موراڪو ٽيونيشيا وغيره ۾، اسان وانگر عام آهي ۽ ننڍي هوندي نه ته بالغ ٿيڻ وقت طهرايو وڃي ٿو. طهر مسلمانن کان علاوه ڪيترن عيسائي ۽ لا مذهب شيدين ۾ به عام آهي. ڪجهه ميڊيڪل (صحت) جي خيال کان ڪجهه رسم رواج کان. وچ آفريڪا جي ملڪن ۾ جتي جهنگل ۽ گهاٽن ٻيلن ۾ اڻ سڌريل شيدي رهن ٿا اتي ڪن ڪن قبيلن: انگوني، لوئر، چيوا ۽ بيمبا قبيلن ۾ مردن جو طهر صفا نه ٿئي. ۽ ماسائي قبيلن ۾ کولو (Prepuce) سڄو وڍڻ بدران اڌ ڪپيو وڃي ٿو. باقي اڌ هيٺ لڙڪيل رهي ٿو. جن قبيلن ۾ طهر ڪيو به وڃي ٿو ته ننڍين ٻارن جو نه پر بالغ ٿيڻ بعد. رسم طور، قبيلي جي يڪن پنجاهه سٺ جوانن جو هڪ ئي وقت ٿئي. جيئن ڪن آمريڪن يونيورسٽين مان هر سال نڪرندڙ گريجوئيٽن جي بئچ (ٽولي) جو نالو رکيو ويندو آهي تيئن طهر وقت هنن ٽولن جا به نالا رکيا ويندا آهن. مثال طور: لوميري (ننڍي پکيءَ جو

books.sindhsalamat.com



آفريڪي نالو جيڪو فصل ڪائي چٽ ڪندو آهي)، ال ڪوپائي (اڇو خنجر) الڪوشومو (ڦورو)- وغيره وغيره. (1ڪتاب East African Back Ground: ليڪ جي. ڊبليو. هنٽنگفورڊ: ڇاپو 1950.)

عورتن جي طهر بابت ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ اينديون. ڪيڪويو (Kikuyus) قبيلي جي ته سڀني عورتن جو طهر ٿئي. پر ميرو، ڪامبا ۽ ڪجهه نادي، هيهي، دوروبو ۽ ٻين قبيلن ۾ پڻ عورتن جو طهر عام ڳالهه سمجهي وڃي ٿي ۽ ڪجهه قبيلن ۾- جيئن ته ذڪڻ آفريڪا جا زولو (Zulu) وغيره ۾ اها رسم بنهه ناهي.

زناني طهر ۾، عورت جي لبلبي (Clitoris) وڍي وڃي ٿي، ۽ ڪن قبيلن ۾ عورت جو (Labia- Majora) ۽ (Libia- Minora) پڻ مٿان مٿان ڪتريو وڃي ٿو. اها آپريشن تڏهن ڪئي وڃي ٿي جڏهن ڇوڪري ڏهن کان چوڏهن سالن جي ڄمار جي ٿئي ٿي. اها رسم به مردن وانگر ٽولن ۾ ٿئي. ۽ خاص قسم جون زالون ادا ڪن. جيئن اسان وٽ هيڏي ترقيءَ ۽ انگريزي دوائن هوندي به نڪ ۽ ڪن ٽوپڻ جو ڪم عام عورتون، سبڻ پرڻ جي ڪَٽُ لڳل سئيءَ سان، بنا ڪنهن Local Anaesthesia ۽ Anti septic استعمال ڪرڻ جي سرانجام ڏين، ساڳي طرح ڳوٺن ۾ اجان تائين، ڊاڪٽرن بدران حجام طهر ڪن ۽ وهندڙ رت ۽ ڦٽ مٿان ڦلهير ٻرڪي پٽي ٻڌيو ڇڏين. اهڙي طرح هتي آفريڪا ۾ اسان جي ڳوٺن جهڙو به حال نه آهي. خاص ڪري جتي انگريز نه رهيا آهن اتي ته ڪو دوا درمل جي به بهتر اميد نٿو رکي سگهجي. ڪڏهن ڪڏهن هلڪي سلڪي ڦٽ ڦرڙيءَ جو علاج به ناممڪن هوندو آهي. ان لاءِ ڪو ايشيا يا يورپ جو ملڪ ڳولڻو پوندو آهي. سو هي عورتن جو طهر (Circumcision) ته وڏي ڳالهه ٿي. جيتوڻيڪ ڪيترو به ڪٽي خبرداريءَ سان ڪيو وڃي، ان هوندي به ڪيترائي خطرناڪ نتيجا نڪرن ٿا. ان طهر بابت ڪو به تسلي بخش سبب نٿو ٻڌائي. آفريڪن دوستن اهو ئي ٻڌائي ڳالهه ٽاريو ڇڏين ته عورت جو Clitoris وڍڻ سان هن

www.sindhsalamat.com

جي شهوت مريو وڃي ۽ هوءَ نفساني ۽ شهوتي (Sexual) خواهشن کان پاڪ رهي ٿي. بهرحال Cliterodectomy کان پوءِ به اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته عورت جنسي تعلقات مان مزو وٺي سگهي ٿي. (1. ڪتاب Behind God's Back: ليڪ فارنس، صفحو 208 ۽ 209.)

تعجب جي ڳالهه اها اهي ته ڪيڪويو قبيلي ۽ مائو تحريڪ جو ليڊر ۽ ڪينيا جي آزاديءَ بعد پهريون پرائيم منسٽر مرحوم جومو ڪينياٽا جهڙي ماڻهوءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ان رسم جو نه فقط بچاءُ ڪيو آهي پر تعريف جا ڍڪ پڻ پريا آهن. (2. ڪتاب جو نالو: Facing Mount Kenya).

هن چيپٽر جي سلسلي ۾ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ آفريڪا ۾ نوڪري ڪندڙ اسان جي ڊاڪٽرن کان پڇيل ڪجهه سوالن جا جواب ڏئي رهيو آهيان:

سوال: ڇا عورت جي اهڙي طهر جا مثال ممڪن آهن؟

جواب: ها بلڪل آهن. گهڻو ڪري وچ آفريڪا ۾ جتي جاهليت ڪري پراڻيون ۽ ظالم رسمون ۽ سات سوڻ اجان تائين آهن. پر اتر آفريڪا ۽ اوير آفريڪا ۾ پڻ اهڙا مثال ملندا.

لبيا ۾ هڪ دفعو مسلمان فئملي امان سان پڻ ان سلسلي ۾ صلاح مشورو ڪرڻ آئي. هنن جو شافعي فرقي سان تعلق هو. مون کي ٻين ڊاڪٽرن پڻ ٻڌايو ته شافعي اڪثر پنهنجين ڇوڪرين جو طهر ڪرائين. پر ان طهر ۾ سڄو Clitoris نه ڪٽيو ويندو آهي. ان جو رڳو مٿين کل جو ذرڙو (Prepuce) وڍيو وڃي ٿو.

سوال: ان سان ڪهڙي تبديلي اچي سگهي ٿي؟

جواب: Clitoris ڪٽڻ سان عورت جي بي پناهه شهوت گهٽجيو وڃي. باقي ٻار ڄڻڻ جي قابل بلڪل رهي ٿي.

سوال: Cliterodectomy (لبلبي وڍائڻ) بعد عورت کي هم بستري ڪرڻ جي خواهش رهي ٿي؟.





جواب: خواهش يا شهوت ته گهٽي حد تائين گهٽجيو وڃي باقي نارمل عورت وانگر هوءَ به Sex جو مزو وٺي سگهي ٿي ۽ Orgasm به ماڻي سگهي ٿي.

سوال: ٻيلا Infibulation (عورت جي مخصوص عضوي کي سبڻ جو مثال ممڪن آهي؟ ان جا ڪي ڪلينيڪل اثر؟.

جواب: ڪلينيڪل اثر ته ڪي خاص ظاهر نه ٿيندا بشرطيڪ ٿورو يا گهڻو سوراخ ضرور ڇڏيو وڃي. بهرحال اهو ته آفريڪا ۾ مرد پنهنجين عورتن تي شڪ ڪرڻ، انهن کي سزا ڏيڻ يا سندن بچاءُ ڪرڻ خاطر ڪن ٿا جيئن يورپ ۾ حفاظتي بيلٽ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي.

هوڻءَ ان جاءِ کي سبڻ اسان وٽ ميڊيڪل ۾ به ٿئي ٿو پر اهو ٻار جي ڏکي ڊليوريءَ تي ڏنل ٽُڪي کي بند ڪرڻ لاءِ ٽوپو ڏنو وڃي ٿو يا وري گهڻا ٻار هڪ ٻئي پويان، سگهو سگهو ڄڻ ڪري، سيبي رستي اها جاءِ نارمل شڪل تائين آندي وڃي ٿي. جيڪا هڪ قسم جي ريپئر سمجهي وڃي.

سوال: مرد جي طهر جو ڪو ميڊيڪل فائدو؟

جواب: صفائي رهي ٿي. اڻ طهريل مرد کي جهٽ پٽ جراثيم (Infection) لڳيو وڃن. ساڳي ريت خارش جو مرض پڻ رهيس ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو اڄ ڪلهه آمريڪا، يورپ ۽ جپان جهڙن سڌريل ملڪن ۾ غير مسلم به طهر ڪرائين ٿا. آمريڪي ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي تازي ريسرچ مطابق اڻ طهريل مرد کي ته ڪئنسر ٿئي ٿي، پر سندس ساٿيءَ کي پڻ Cervix جي ڪئنسر ٿيو پوي، اهو ئي سبب آهي جو خاص عضوي جي ڪئنسر مسلمان ۽ يهودي مردن ۾ بلڪل نه برابر آهي. (يهودي پڻ طهر ڪرائين).

# ھڪ سئو ٽيھہ زالون ڇھہ سئو ٻار

***آفريڪا*** جي ملڪن جو ذڪر ڪندي سوازي لئنڊ تي ڪجھ لکڻ تي دل ٿي چوي جنھن جو حاڪم، تازو گذريل ھفتي، ھڪ ڊگھي حڪومت بعد گذاري ويو. ھي تمام ننڍڙو ملڪ، ڏکڻ آفريڪا ۽ موزمبق جھڙن ٻن مختلف قسم جي حڪومتن جي وچ ۾ ھڪ پرسڪون آھي جنھن جو حاڪم سوڀوزا گذريل ھفتي 83 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. پاڻ دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ حڪومت ڪيائين. مزي جي ڳالھ تہ ان ھوندي بہ ھن مان سوازي- لئنڊ جي عوام بيزار نہ ھئي. ٻي دلچسپ ڳالھ اھا تہ ھن کي ھڪ سئو ٽيھ زالون ھيون ۽ ڇھ سئو ٻار. سندس مرڻ وقت- يعني ھن وقت بہ سئو کن زالون جيئريون آھن.

سوڀوزا کي سندس عوام لوھي چنبي وارو شينھن سڏيو ٿي. سيپٽمبر 1921ع ۾ ھو تخت تي ويٺو ۽ سٺ سال حڪومت ڪئي. (ھن کان پوءِ ٻئي نمبر تي جپان جو بادشاھ ھيرو ھيتو اچي ٿو جنھن کي حڪومت ڪندي پنجونجاھ سال ٿيا آھن). سوازي لئنڊ جي ڪل آبادي پنج لک ٿيندي جيڪا حيدرآباد جيتري مس ٿي. سوازي لئنڊ جي عوام کي پنھنجي حاڪم تي ايترو اعتماد ھو جو دنيا ۾ ڪيترين ئي تبديليون اينديون رھيون پر ھن ملڪ ۾ سياسي طرح ھميشہ سڪون رھيو. ھن جديد سياست جي طريقن ۽ قديم قبائلي روايتن کي پاڻ ۾ کير کنڊ ڪري ملڪ ھلايو ۽ ڪنھن کي بہ تڪليف نہ ڏني. ھن لاءِ اھو مشھور آھي تہ پاڻ ڪڏھن بہ ڪوڙ نہ ڳالھائين. خوشيءَ جي موقعن تي شينھن جي کل پائي، پکين جي





کنين جو تاج مٿي تي رکي، اگھاڙين پيرين نچندو ھو. سندس سڀ کان سينيئر زال کي "عظيم ھاٿڻ" سڏجي ٿو. جيڪا اڄڪلھ پنھنجي مڙس جي مرڻ تي حڪومت جون واڳون عارضي طور سنڀالي ويٺي آھي، جيسين ڪو لائق جانشين چونڊجي وڃي.

سوڀوزا جي مرڻ کان پوءِ واريون رسمون ھفتي کن کان اڃا ھلي رھيون آھن. ڪيترن ئي ڏڳن کي ڪھي انھن جون کلون لاھي، سوڀوزا جو لاش انھن ۾ ويڙھيو ويو آھي. جنھن کي عوام جي ديدار لاءِ ھڪ غار ۾ رکيو ويندو جيڪو علائقو "راڻي شيبا جون ڇاتيون" سڏجي ٿو.

سوڀوزا جو ھڪ پٽ وزيراعظم آھي، جنھن پنھنجي پيءُ جي ماتم جا ڏينھن اڃان مقرر نہ ڪيا آھن. في الحال اڻ ڪتندڙ عرصي تائين اھو ماتم ھلندو رھندو ۽ دھل نغارا صبح شام وڄندا رھندا.

## ڪجھہ عرصي بعد جو لکيل:

سڄي سال جي ماتم ۽ روڄ راڙي بعد پنجويھين اپريل 1986ع تي سوڀوزا جي انيڪ پٽن مان ھڪ پٽ مسواتي "ٿئين" جي تاجپوشي ٿي. ان وقت سندس عمر ارڙھن سال ھئي. عوام، کيس پيار مان Ngwenyama يعني شينھن بادشاھ سڏي ٿي. سوڀوزا جي ڇھ سئو ٻارن مان گاديءَ لاءِ ھن کي ڇو چونڊيو ويو؟ اھو ان ڪري جو ھتي جي رسم رواج مطابق پيءُ جي مرڻ بعد تخت ۽ تاج ان پٽ جي حوالي ڪيو ويندو آھي جنھن جي ماءُ جو تعلق سڀ کان اعليٰ قبيلي سان ھجي. ان حساب سان مري ويل بادشاھ سوڀوزا جي سئو کان مٿي زالن مان مسوات "ٿئين" (شينھن بادشاھ) جي ماءُ سڀ کان اعليٰ رتبي ۽ خاندان جي آھي. پاڻ "عظيم ھاٿڻ" جي لقب سان مشھور آھي. ھتي جي قانون مطابق حڪومت جون واڳون ھڪ ئي وقت پٽ ۽ ماءُ جي ھٿ ۾ ھونديون آھن. يعني شينھن بادشاھ پنھنجي ماءُ عظيم ھاٿڻ سان گڏ ملڪ جو ڪاروبار ھلائيندو. اھا ڳالھ ھڪ وڏي مونجھاري جو

سبب ٿي سگهي ٿي پر هي ملڪ سوازي لئنڊ هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ سياسي طرح ڪو وڳوڙ ناهي. عوام هر وقت خوش ۽ پنهنجي موج مستيءَ ۾ رهي ٿي. ان جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو جو ٻين آفريڪن ملڪن وانگر هتي بيشمار ٻوليون ڳالهائڻ وارا انيڪ قبيلا نٿا رهن. جپانين وانگر سوازي شيدين جو هڪ ئي ذات پات ۽ نسل سان تعلق آهي. هتي جي اٺ لک عوام جي هڪ ئي زبان آهي ۽ سندن ريتون رسمون ۽ اعتقاد ساڳيا آهن ۽ هڪ ئي حاڪم سان وفاداريءَ جي حام هڻن ٿا.

سوازي لئنڊ (Swaziland) ڏکڻ آفريڪا ۾ ستر هزار چورس ڪلوميٽر پکيڙ جو ملڪ آهي. جيڪو سنڌ صوبي جي چوٿين حصي جيترو مس ٿيو. اهو ڏکڻ آفريڪا ۽ موزمبق جي وچ ۾ آهي. سوازي لئنڊ آفريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن کان پئسي ڏوڪڙ توڙي موسم ۽ قدرتي نظارن ۾ سکيو ستابو آهي. ڪيس آفريڪا جو سئٽزرلئنڊ پڻ سڏين ٿا. جيڪو نالو سندس سرسبز ماٿرين ۽ پرامن رهاڪن تان پيو آهي. هن ملڪ جي تواريخ پنج سئو سال پراڻي آهي جڏهن سوازي قبيلي جي هزار کن شيدين تي نڪوسي دلاميني گهراڻي جو بادشاهه راڄ ڪندو هو. اڄ جو هڪ نئون چونڊيل شهزادو ان گهراڻي جو چوڏهون حاڪم آهي.

سوزاي لئنڊ تي انگريزن جو راڄ هو ۽ ڪيس 1968ع ۾ خودمختياري ڏني ويئي. تخت تي ويٺل هن شهزادي جي جنم جي تاريخ ان آزاديءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ جي آهي. سندس پيءُ ڪيس ۽ ٻين ياٿر ڀينرن کي جاهل رکڻ بدران اعليٰ تعليم ڏياري. تخت تي وهڻ وقت "مسواتي ٽيون" انگلينڊ جي اسڪول ۾ پڙهي رهيو هو ۽ هاڻ تاجپوشيءَ بعد باقي رهيل تعليم کي پورو ڪرڻ لاءِ وري انگلينڊ وڃي رهيو آهي.





# آفريڪا بابت نراليون ڳالهيون

**پورٽ** سوڊان جي هڪ هوٽل ۾ ويٺا هئاسين. يورپي ملڪن جي ڪردارن تي اچي بحث نڪتو. هڪ سوڊانيءَ چيو "غلامي مڙيئي غلامي آهي، ڪٿي ڪهڙي به حاڪم جي هجي. پر وري به "انگريز" ٻين کان بهتر آهن. ٻين يورپي قومن جي مقابلي ۾ انگريزن پنهنجين بينڪن/ راڄن ۾ ڪجهه چڱا ڪم به ڪيا. انصاف جي نظام کان وٺي پوسٽ، تار، ريل ۽ روينيو جا ڪاتا قائم ڪيا. تعليم ۽ پوليس جو نظام برقرار ڪيائون. اهي شيون ٻين ملڪن ۾ نه آهن جن تي ڊچن، پورچوگالين، فرينچن، اطالوين ۽ ٻين حڪومت ڪئي".

سوڊان نائيجيريا کان هندستان هانگ ڪانگ تائين، برمودا بحرين کان جبرالٽر سنگاپور تائين. جتي به انگريزن جو واسطو رهيو اتي هنن تعليم، انصاف، تار ٽپال، ائڊمنسٽريشن، رستا ريل، رسم رواج ۽ مذهب جي آزاديءَ تي ٻين مڙني يورپي قومن کان گهڻو ڌيان ڏنو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هنن غلطيون به ڪيون. پر تڏهن به هنن جو وهنوار پورچوگيزن، فرينچن، جرمنن، اٽلين وغيره کان بهتر هو. شايد اهو ئي سبب آهي جو آزاد ٿيڻ بعد نائجيريا، ڪينيا، سيراليون، پاڪستان هندستان وغيره جا ماڻهو انگريزن جي ايتري گلا نٿا ڪن جيتري موزمبق ۽ انگولا جا ماڻهو پورچوگالين جي ڪن ٿا. يا لبيا جا اٽلين جي، ٽيونيشيا ۽ سومالي لئنڊ جا فرينچن جي.

نائيجيريا ملڪ جو نالو نائيجر نديءَ تان پيو. جيئن سنڌ تي نالو سنڌو نديءَ تان پيو. ”نائيجر“ جي معنيٰ آهي ”ڪارو“. هيءَ ندي دنيا جي نائون نمبر ڊگهي ندي آهي ۽ آفريڪا ۾ نيل ندي ۽ ڪانگو نديءَ بعد ٽيون نمبر ڊگهي ندي آهي. ڪنهن زماني تائين، نائيجر نديءَ کي ”نيگرو شيدين جي نيل“ سڏيو ويندو هو ۽ اوائلي جاگرافر اهو ئي سمجهيو ٿي تہ نيل ۽ نائيجر نديون ٻئي هڪ هنڌان ڦٽن ٿيون. پر پوءِ خبر پئي تہ نائيجر ندي صحارا رڻ پٽ وٽان شروع ٿي نائيجيريا ملڪ جي وچ مان لنگهي، ڪيس ٻن اڌن ۾ ورهائي پوءِ سمنڊ ۾ وڃيو چوڙ ڪري.

ڪو عرصو اسان آفريڪا کي اونداهو کنڊ سڏيندا آياسين. ڪنهن عالم خوب چيو تہ دراصل آفريڪا کنڊ اونداهو نہ هو پر اسان جو اندر اونداهو هو- آفريڪا جي ڄاڻ ۽ علم کان.

هڪ آمريڪي ليکڪ ۽ سياح چواٽي: يورپي ماڻهو جيترو گهڻو جاهل اوترو ئي کيس آفريڪن بيوقوف لڳندو.

**آفريڪا بابت هڪ نظم جيڪو تمام گهڻو پسند اٿم:**

Oh Africa, mysterious land!
Surrounded by a lot of sand
And full of grass and trees,
And elephants and Africanders
And Politics and salamanders
And native rum in little kege
And savages called tuarege
And tons of diamonds, and lots of nasty, dirty Hottentots,
And Coolies coming from the east,
And serpents, seven yards long at least,
And lions, that retain
Their vigour, appetites, and rage.
Intact to an extreme old age.





And never lose their name……
Vast continent! Whose cumbersome shape
Runs from Bizerta to Cape.
(The Moden Traveller)

شيدين کي گهڻا ماڻهو- خاص ڪري يورپي، جانورن سان مشابهت ڏين ٿا. پر ڏٺو وڃي تہ شيدين جو بدن پولڙي، شينهن يا ڪنهن ٻئي جانور وانگر وارن سان ڀريل نہ پر لسو آهي:

ياد اٿم تہ هڪ دفعي يورپ جي ڪنهن هوٽل ۾ هڪ يورپين چرچي چرچي ۾ آفريڪا جي ڪنهن شيديءَ کي چيو: Your are an ape (تون پولڙو آهين).

شيديءَ ڪاوڙ ڪرڻ بدران پنهنجي روائتي کل کلندي وراڻيس: ”چريا! آئون ڪيئن پولڙو ٿيس؟! ڏس تنهنجي ٻانهن تي وار آهن يا منهنجين تي؟“

”منهنجين تي“. يورپيءَ چيو.

”پوءِ تون ئي تہ جانور ٿئين جو پولڙن کي بہ ٻانهن تي وار ٿين. آئون تہ انسان آهيان. منهنجي ٻانهن تي تہ ڪو هڪڙو بہ وار ناهي“.

ڪانگو (زائر) ۾ پنجيتاليهہ هزار کن جيتن ۽ پکين جا قسم آهن، ۽ آفريڪا ۾ سڀ کان سهڻيون پوسٽ جون ٽڪليون ڪانگو جون آهن.

آفريڪا جي اتراهن ملڪن: مصر، لبيا، ٽونيشيا، آلجيريا وغيره ۾- جتي عربن جي تهذيب جو گهڻو اثر آهي، عرب ملڪن وانگر، ڳالهہ ڳالهہ تي بہ لفظ عام استعمال ڪن: ”بقرا“ ۽ ”ماليش“. بقرا معنيٰ سڀاڻي ۽ ماليش معنيٰ پرواهہ نہ ڪر- يا انگريزن واري ”نيور مائينڊ“ تي.

عرب دنيا ۾ ڪا مقرر تاريخ ڏيڻ بدران، آفيسن ۾ دڪانن وارا هميشہ ”بقرا“ چئي جان ڇڏائين. پوءِ اهو ”سياڻو“ بقرا، خبر ناهي ڪڏهن اچي. اهڙيءَ طرح ڳالهہ ڳالهہ تي چوندا ماليش - نيور مائينڊ.

آفريڪا جي ملڪن ۾ سڀ کان وڏو ملڪ سوڊان آهي. سنڌس پکيڙ اڍائي ملين چورس ڪلوميٽر (ساڍا نو لک کن چورس ميل) ٿيندي. منجهس رڻ پٽ جبل، ميدان، ماٿريون، جهنگل ۽ دلدلي علائقا اچي وڃن ٿا. سوڊان ۾ پنج سئو کان بہ مٿي قبيلا رهن ٿا جيڪي سئو کان بہ گهٽيون زبانون ڳالهائين. ڪيترن ماڻهن کي اها ڳالهہ عجيب لڳندي تہ هڪ ملڪ ۾ ايتريون ٻوليون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون. پر رڳو اسان وٽ سنڌ صوبي ۾ ڏٺو وڃي تہ سنڌيءَ کان علاوه بروهڪي، سرائڪي، اردو، ميمڻي، گجراتي، ٻروچڪي، اوڏڪي، ٿري، ڍاٽڪي، پيلڪي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

جيئن اسان وٽ مختلف ڌنار پنهنجي ڌڻ جي اُٺن گڏهن وغيره تي، مختلف ڏنين جا نشان ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح هتي آفريڪا ۾ مختلف قبيلا سڃاڻپ لاءِ ننڍي هوندي ئي ٻارن کي منهن تي ڪپ سان وڍ جو نشان ڪن. پوءِ ڪي قبيلا هڪ ڇيهڪ ڏين ڪي ٻہ يا ٽي. ڪي نرڙ وٽ، ڪي ڳل تي ۽ ڪي ڪاڏيءَ وٽ. ۽ اهي نشان، پوءِ سڄي عمر، هنن جي منهن تي ائين رهن جيئن اسان وٽ چورن ڌاڙيلن جي جسم تي ڪهاڙين جا ڌڪ نمايان هوندا آهن.

سوڊان ۾ ڍنڪا قبيلو ڍِگيون مينهون چارڻ کان مشهور آهي. انهن جون زالون توڙي مرد نہ فقط منهن تي وڍ جا نشان ناهين پر نشانيءَ خاطر وارن ۾ نڪر، پٽر ۽ شيشن جا داڻا ۽ موتي پڻ لڙڪائين. سوڊان جي صدر نميريءَ

books.sindhsalamat.com



جي منهن تي پڻ وڍن جا نشان نظر ايندا جي سندس قبيلي جي سڃاڻپ ٻڌائين ٿا.

1956ع ۾ برٽش جي لڏڻ کان پوءِ ”اتر عرب - سوڊان“ ۽ ڏکڻ آفريڪن - سوڊان“ ۾ خونريز سِول لڙائي لڳي جيڪا سترهن سال هلي. ان لڙائيءَ ۾ پنج لک کن ماڻهو مري ويا ۽ ساڍا ست لک بي گهر ٿي ويا. لڳاتار لڙائيءَ ۾ مصر بہ دخل اندازي ڪئي. سوڊان روس سان وڃي مليو. 1969ع ۾ صدر غفار محمد نميريءَ، ملٽري انقلاب آڻي، حڪومت پنهنجي هٿ ۾ آندي. ٻن سالن بعد ڪابي هٿ جي ڌر انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪامياب رهي. ان بعد سوڊان روس سان واسطو ڇني ڇڏيو. 1976ع کان وٺي سوڊان پنهنجا پنهنجا تعلقات آمريڪا ۽ يورپ سان بهتر ڪري رهيو آهي.

آفريڪا کنڊ جو ڪنارو سورهن هزارميل کن آهي. يعني پاڻيءَ جو جهاز روزانو چار سئو ميل هلي، تڏهن بہ ڪيس چاليهہ ڏينهن. سڄي ڦيري ڪرڻ ۾ لڳندا. آفريڪا کنڊ جي ڪناري تي ٿوري کوجنا فونيشين ڪئي ۽ ڪارٿيج شهر جو هانو نالي رهاڪوءَ عيسوي سن کان بہ 560 سال اڳ سيراليون تائين اچي نڪتو. ان بعد بهادر يوناني آفريڪا جو ڪنارو ڪنارو وٺي هلڻ لڳا. ڪي ڪجهہ اڳتي وڌي موٽي آيا. ڪن ڳولا ۾ پنهنجي عمر ڳاري ڇڏي. ماڊرن دور ۾، ان سلسلي ۾، پورچوگالين جو نالو ڳڻي سگهجي ٿو. بارطولوميو ڊياز 1488ع ۾ ڪيپ آف گڊ هوپ اُڪري ويو هو ۽ هندستان پهچڻ کان اڳ چون ٿا تہ رستي تي ڪينيا جي ڪناري وٽ ساهي بہ پٽي هٿائين. پورچوگالي جهازن جا، آفريڪا جي ڪناري وارن شهر ۾، جتي ڪٿي ڪجهہ نہ ڪجهہ نشان ملندا. پورچوگالين کان پوءِ ٻيون يورپي قومون: ڊچ، ڊانش، اسپيني، فرينچ ۽ انگريز آفريڪا ڏي وڌيا.

www.sindhsalamat.com

آفريڪي دنيا ۾ ”يورو آفريڪن“ کي مولاتو (Mulattoe) سڏين. جيئن اسان وٽ يورو ايشين کي ڪرنٽو سڏين. يا وري بقول جان ماسٽرس (انگريز ناول نويس جي) اَڌيلو يا اڌ انگريز سڏين. مولاتو اهي آهن جيڪي يورپي مردن ۽ آفريڪي عورتن جو اولاد آهن. آفريڪا جي ڪن يورپي ڪالونين ۾ مولاتو جو درجو گوري يورپي ۽ شيدي جي وچ تي آهي ۽ ڪن ملڪن ۾ انهن کي يورپين جيتري سهوليت ڏني وڃي ٿي. مثال طور پورچوگيز بينڪن ۾ مولاتو جو مان شان پورچوگالين برابر سمجهيو وڃي ٿو. ايتري قدر جو اهي لسبان (پورچوگال) اعليٰ تعليم لاءِ پڻ موڪليا وڃن ٿا. پورچوگالي مرد ۽ حبشي عورت مان پيدا ٿيندڙ مولاتو کي پورچوگيز پنهنجي زبان ۾ مستو يا مسترادو سڏين. بهرحال مولاتو جي موزمبق، ائنگولا ۽ پورچو گال جي بين بينڪن ۾ وڏي لئہ آهي، بشرطيڪ سندس رنگ ماءُ جهڙو صفا ڪارو نہ هجي. ٿورو مڙيئي فرق هجي، پوءِ ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو تہ هڪ ئي حبشڻ ماءُ جي اولاد مان ڪارا ٻار تہ شيدي سڏائين ۽ گهٽ درجي جو پورهيو ڪن ۽ ناسي، چاڪليٽي، ڪڻڪ رنگا يا ٿورا اڇيرا ٻار يورپي سڏجن. اهي پڙهن، نوڪريون ڪن ۽ آفيسر ٿين.

(اهڙي طرح سان سري لنڪا ۾ برگر ڊچ مردن ۽ سلوني عورتن جي اولاد کي سڏجي ٿو).

آفريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ ماڻهن جي درجابندي ٿيل آهي. هر مٿاهون درجو هيٺاهين کي گهٽ نظر سان ڏسي ٿو. جيئن ڏکڻ آفريڪا ۾ پهرين نمبر تي يورپي ۽ انگريز گورا، ٻئي نمبر تي ايشين (هندستاني پاڪستاني وغيره). ۽ ٽي نمبر تي آفريڪي شيدي آهن. اسڪول، اسپتالون ۽ پارڪ تہ سيني لاءِ ڌار ڌار آهن پر ويندي ڪاڪوس ۽ بس اسٽاپ تي وهڻ لاءِ بينچون پڻ يورپين لاءِ ڌار، ايشين لاءِ ڌار ۽ شيدين لاءِ ڌار- يا بلڪل نہ.





اهڙي طرح روڊيشيا ۾ پنج درجا ٿيل آهن. پهرين تي يورپي، ٻي تي ايشين- جن ۾ گهڻا هندستاني آهن ۽ ٻيا ڪجهہ پاڪستاني، مصري، شامي، بنگالي وغيره. ٽئي نمبر تي رنگين (Coloured) ماڻهو اچيو ٿا وڃن، يعني يورپي مردن ۽ آفريڪن عورتن جو اولاد. (يورو آفريڪن/ مولاتو)، چوٿين نمبر تي آفريڪا جا ڪارا شيدي ۽ پنجين نمبر تي چيني ماڻهو- جي هاڻ بلڪل نہ برابر بچيا آهن.

اسان وٽ پاڪستان هندستان ۾ انگريزن جو ايترو اولاد نہ ملندو جيترو سڄي آفريڪا مولاتو سان پري پيئي آهي. شروع واريون صديون يورپي ماڻهو بنا زالن جي آفريڪا ايندا هئا. تن ڏينهن ۾ برٽ ڪنٽرول بہ ايترو عام نہ هو سو آفريڪا ۾ جتي ڪٿي انهن جو قانوني/ غيرقانوني اولاد نظر ايندو. خاص ڪري جتي جتي پورچوگالي رهيا آهن اتي تہ ان قسم جا ماڻهو جام ملندا جو هنن مولاتو کي يورپين جيترو درجو ڏنو. ۽ حبشي عورتن سان قانوني شادي يا غيرقانوني هم بستريءَ کي خراب نہ ٿي سمجهيو. پورچوگيزن جي ان آزادي ۽ حبشاڻين مان پيدا ٿيندڙ ٻارن کي ساڳيو درجو ملڻ واري ڳالهہ انگريزن کي ڪڏهن بہ نہ وڻي. آفريڪا جي دوري تي آيل هڪ مشهور آمريڪي ليکڪ ان سلسلي ۾ هڪ انگريز سفير جا رمارڪ لکي ٿو. جيڪو ان ڳالهہ تي پورچو گالين تي خار کائي رهيو آهي تہ ” پورچوگالين کي انتظام سنڀالڻ بلڪل نٿو اچي. اهي پاڻ بہ جاهل آهن تہ راڄ سان برتاءُ بہ صحيح نٿا رکن. ذرا سوچيو جيڪي ڪجهہ پورچوگالي ائنگولا ۾ پيا ڪن اهو جيڪر اسان گولڊ ڪوسٽ ۾ ڪيون تہ ڇا تہ ٿي پئي. پورچوگالين کي درجابندي (Colour Bar) جو خيال رکڻ کپي“. (1. ڪتاب Inside Africa: صفحو 578.)

هڪ پورچوگالي آفيسر لاءِ ڳالهہ مشهور آهي تہ هو بدلي ٿي اوڀر آفريڪا جي هڪ ملڪ ۾ آيو تہ هن کي ست ٻار هئا جن جا رنگ هڪ ٻئي

ڪان بلڪل الڳ ٿلڳ هئا. ڪو ڪوئلي جهڙو ڪارو، ڪو چاڪليٽي، ڪو ايبوني ڪاٺ جهڙو ته ڪو عاج جهڙو اڇو هو!.





# اولهه ۽ اوڀر آفريڪا ۾ فرق

***آفريڪا*** جو اولهه وارو پاسو ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي آهي جيڪو متي وڃي يونچ سمنڊ سان ملي ٿو. ۽ هوڏانهن آفريڪا جي اڀرندي ڪناري تي هندي وڏي سمنڊ جون ڇوليون اچن ٿيون.

موراڪو ماريطانيا، سينيگال، گئمبيا، گني بسائو لائيبيريا، گهانا، مالي، نائيجيريا، ڪئمرون، گئبان، ائنگولا وغيره اولهه آفريڪا جا ملڪ آهن. سوماليا، ڪينيا، تنزانيا، زنجبار، موزمبق وغيره اوڀر آفريڪا جا ملڪ آهن.

ملڪيت ۽ مال جي ڦُرلا ۾ يورپ جي ماڻهن پهرين اولهه - آفريڪا اچڻ شروع ڪيو جيڪو ڪين ويجهو به هو. اوڀر طرف هو ٽن سالن بعد ئي آيا. ان جو هڪ وڏو سبب ڪيپ آف گڊ هوپ جو چرڪائيندڙ سمنڊ هو جنهن جو ان وقت جا جهيڻا جهاز مقابلو ڪري نٿي سگهيا. مثال طور نائيجيريا جي شهر بينن ۾ پورچوگالين جو پهريون جهاز 1472ع ۾ پهتو هو. (1.سر الان برنس جي لکيل ڪتاب History of Nigeria مطابق - صفحو 65.) اهڙي طرح اولهه آفريڪا جي ٻين ملڪن ۾ سندن جهاز گهڻو اڳ پهچي ويا هئا. هو پهرين ڪناري وارن شهرن تي ديرو ڄمائيندا هئا ان بعد اندروني پٽن ڏي رخ رکندا هئا. نائيجيريا جا شاگرد - خاص ڪري "مولاتو" ته 1700ع کان لنڊن ۾ پڙهڻ لاءِ وڃڻ لڳا هئا. پر اوڀر آفريڪا پاسي يورپين جو اثر اوڻهين صديءَ ۾ ٿيو.

هڪ ڳالهه آهي تہ الهندي آفريڪا ۾ جيڪي يورپين آيا سي هيٺاهين طبقي جا رولاڪ قسم جا هئا. پر اوڀر آفريڪا پاسي واپاري، سرڪاري عملدار ۽ تبليغي جماعتن جا ماڻهو آيا.

آب هوا ۽ مڇرن جي خيال کان پڻ اوڀر وارو ڪنارو اولهہ آفريڪا کان گهڻو بهتر آهي. ان ڪري جيتوڻيڪ اڀرندي ڪناري تي يورپي دير سان آيا پر هميشہ لاءِ رهڻ لڳا. هوڏانهن الهندي ڪناري تي اچي رڳو ڦرلٽ ڪري موٽي ٿي ويا. اهو ئي سبب آهي جو ڪينيا يا روڊيشيا وانگر الهندي ڪناري تي پراڻا يورپي سيٽلر نہ ملندا. اوڀر ڪناري تي ٽڪي پوڻ ڪري اتي جي مڪاني ماڻهن جي يورپين تي شروع کان ڪاوڙ رهي ٿي. ان ڪري انگريز توڙي يورپي ماڻهن کي تڙي ڪڍڻ لاءِ اوڀر پاسي ڪيترين ئي تحريڪون عام ٿيون. جهڙوڪ ڪينيا پاسي خونريز تحريڪ مائو مائو. پر هوڏانهن اولهہ آفريڪا ڏي هميشہ ماٺ منوڙو رهيو.

انگريزن سان گڏ هندستان جا ماڻهو سڄي دنيا ۾ پکڙبا رهيا، گجراتي ۽ سنڌي هندو واپار لاءِ تہ پنجابي ۽ پٺاڻ فوج لاءِ. گورکا ۽ سک پوليس ۽ چوڪيداريءَ لاءِ تہ تامل ۽ بنگالي پوک ۽ ٻني ٻاري لاءِ. يورپ ۽ آمريڪا وانگر آفريڪا ۾ بہ لکين هندستاني رهن ٿا. پر اهي پڻ انگريز ۽ يورپين وانگر آفريڪا جي اوڀر ڪناري تي جام نظر ايندا. اولهہ ڪناري تي ان مقابلي ۾ نہ برابر آهن. نائيجيريا ۾ تہ آزاديءَ وقت بہ هزار کن ايشين مس هئا. تن ۾ بہ گهڻا شامي ۽ لبناني هئا جن سياست يا ملڪ جي انتظام ۾ حصو بلڪل نٿي ورتو. پر هوڏانهن ڪينيا جو مثال جي وٺجي، جيڪو نائيجيريا کان بہ تمام ننڍو آهي، پر آزاديءَ وقت منجهس ڏيڍ لک ايشين هئا. ساڳي طرح يوگنڊا، ٽانگانيڪا ۾ پڻ. ڪمپالا ۽ دارالسلام شهرن جا تہ ايتريقدر جو ميئر بہ هندستاني ٿي رهيا آهن. پر هوڏانهن الهندي آفريڪا جي شهرن: اڪرا ۽ لاگوس لاءِ تہ ائين سوچي بہ نٿو سگهجي. اهڙي طرح اولهہ آفريڪا ۾ فئڪٽريون ۽ ڪارخانا بہ يورپين جا گهٽ آهن.

books.sindhsalamat.com



هندستانين جا تہ بلڪل نہ برابر - سواءِ هڪ سنڌي هندو چيلارام جي وڏي ڪمپنيءَ جي. جنهن جون شاخون جتي ڪٿي پکڙيل آهن ۽ ان جي سئو سالن کان بہ پراڻي ڪمپني چئي وڃي ٿي ۽ اها ٽريڊنگ ڪمپني The House of Chellaram جي نالي سان مشهور آهي. يورپين جي گهٽ رهائش ۽ گهٽ دلچسپيءَ ڪري اولهہ آفريڪا ايڏو Industrialized نہ ٿي سگهيو. هو اڄ تائين فقط ڪچي مال جو مهيا ڪندڙ ئي آهي.

www.sindhsalamat.com

# هڪ غريب ميوي جي ڳالهہ

**جپان** ۾ هر قسم جو ميوو- تازو ۽ پورو پنو پڪل ملندو. جيتوڻيڪ جپان ۾ ميوا پاڃيون تمام ٿوري مقدار ۾ ٿين پر ايئر سروس ۽ سامونڊي ڪنٽينر سروس ڪري روز دور دراز ملڪن ۽ ٻيٽن تان ميون ۽ پاڃين جون بهترين جنسون جپان ۾ اچن ٿيون. ۽ جپان جي هر وڏي ڊپارٽمنٽل اسٽور کان وٺي پاڃين جي ننڍن دڪانن تي ڪيلي کان صوف تائين ڏاڙهونءَ کان چانهينءَ تائين ميوو ملندو. انب بہ ذري گهٽ ٻارهوئي ملندو. هندستان جي مدراس الفنسو (سنڌڙيءَ) کان وٺي ڪينيا، هَوائي ۽ فجي ٻيٽن جون بهترين جنسون- گهٽ ريشي، مناڻ ۽ سواد وارين ملنديون. ساڳي طرح ٻيو ميوو- انگور، ليچي، رمبوتان، پپيتو پڻ. هڪ دفعي فلپين وارن سادي گتي جي ڪوڪن ۾ ڪيلا بند ڪري جپان موڪليا تہ جپان وارن وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چي اسان کي نہ فقط جنس اعليٰ گهرجي پر اسان تائين پهچڻ جو طريقو بہ اعليٰ هجي. ڪو هڪ داڻو بہ داغيل، ڦِتَل، ڪچو يا گهٽو رڌل نہ هئڻ گهرجي. پوءِ ان ڪيلي لاءِ گتي جا دٻا جپان ۾ ٺهي فلپين ويندا هئا جيسين فلپين وارن اهڙي معيار جو گتو ۽ دٻو ناهيو.

جپان اوسي پاسي جي ٻيٽن ۽ ملڪن کان تہ ٺهيو پر آمريڪا جي وارياسين رياستن: ٽيڪساز، اريزونا وغيره کان بہ چانهيون گهرائي ٿو جو اتي جي چانهين سٺي ٿي ٿئي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ جپان ۾ اهو ٻاهر کان اينڊز ميوو مهانگو- ٻيڻ ڏيڍوڻ قيمت تي ملي ٿو پر مجال آهي جو هيترن





داڻن مان ڪا هڪڙي چانهين بہ ڦڪي نڪري. ڪو هڪڙو گرمو گنل يا سردو بہ ڦڪو نڪري. چاڪاڻ جو هي وٺن ئي اهڙن ملڪن مان ۽ اهڙي جنس، جيڪا بنا ڪنهن شڪ شبهي جي سٺي هجي ۽ اهڙي جنس اپائڻ وارا ملڪ سائنسي طريقن سان، پلي زمين تي، صحيح مُند ۾، سٺو ٻج پوکي ان کي گهربل نموني ۽ مقدار جو پاڻي، پاڻ ۽ ٻيون ڪيميائي دوائون ڏئي بيماريءَ کان پاڪ رکي، سٺو فصل اپائين ٿا. پوءِ پاڃي هجي يا ميوو، صحيح وقت تي پٽي، بازار ۾ وڪامڻ لاءِ موڪلين ٿا.

اسان جو انب جيتوڻيڪ دنيا جي سٺن انبن مان آهي پر اهو جپان جهڙين مارڪيٽن ۾ ان ڪري ناڪام ٿو وڃي جو بقول هڪ جپاني ميوي واري جي تہ اڃان انب وڻ ۾ شاخ ئي نٽو ڏئي تہ توهان جا باغائي سڄو انب جو وڻ پٽيو موڪليو ڏين ۽ ظاهر آهي تہ اهو انب وقت کان اڳ Premature state ۾ چنل، چا سوادي ٿي سگهي ٿو. پوءِ پلي ڪٽي ڪيڏي بہ سٺي جنس جو هجي.

ان کان علاوه اسان وٽ اها عام ڳالهہ آهي تہ ڳوڻ يا ڪوڪي ۾ مٿان سو سٺا انب (يا ڪو ٻيو ميوو) وجهن پر هيٺ سادي ۽ خراب جنس جو مال!. اها ويساهہ گهاتي، جپان جهڙن ملڪن توڙي سعودي عرب ۽ گلف جي رياستن ۾ ايڏي تہ خراب ڳالهہ ليکي وڃي ٿي جو اسان جو ماڻهو ٽنڊو قيصر، ميرپورخاص يا قاضي احمد جي پاڃي مارڪيٽن ۾ ويهي سوچي بہ نٿو سگهي.

جپان ننڍڙو ٻيٽ آهي پر زمين جي حساب سان ماڻهن جي آدمشماري تمام گهڻي آهي. ان ڪري چين، بنگلاديش جهڙن ملڪن کان بہ گهڻو ڳتيل ملڪ آهي. سندس کاڌي پيتي جو گهڻو سامان ٻاهران، ڏارين ملڪن کان ئي اچي ٿو. ماڻهن کي رهڻ لاءِ ئي جاءِ ڏکي ٿي ملي سو کيتن ويهي ٻنيون پارا ڪن. کاڌي جون شيون يا ميوو- جنهن جو ذڪر هلي رهيو آهي، جيتوڻيڪ ٿورو گهڻو مهانگو ملي ٿو پر هر جنس سٺي ملندي، ۽ جپان

جي ڪمائيءَ جي حساب سان ڪا ايتري مهانگائي نٿي لڳي. مزي جي ڳالهه سڀ کان مهانگو جيڪو جپان ۾ ميوو آهي تنهن کي اسان وٽ ميوو چوندي بہ ميوي جي بي عزتي سمجهي ٿي وڃي. اهو آهي گدرو! جپان جي ميوي مارڪيٽن ۾ گدري جو شان ۽ اگهه ڏسي، اسان پنهنجي ملڪ ۾ بہ گدري کي عزت سان ڪٽڻ لڳا آهيون. جپان جي وڏي ڊپارٽمنٽل اسٽورن: هئنڪيو، متسوڪشي، دائيمارو وغيره ۾ بہ ٻيا ميوا تہ ائين ئي ڪوڪن يا ٿالهن ۾ ڍير ٿيا پيا هوندا، پر هر هڪ گدرو، الڳ الڳ سهڻي دٻي ۾ بند ٿيل نظر ايندو جنهن مٿان سهڻي ڳاڙهي يا سائي ربن ٻڌل هوندي جيئن بمبئي بيڪريءَ جي پيسٽري يا حافظ جي ملتاني حلوي جو دٻو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ان گدري جو سواد ۽ مناڻ ۾ جواب ناهي پر تڏهن بہ قيمت ٻين ميون وانگر اسان جي ملڪ کان ٻيڻي ٽيڻي چئوڻي ڪٽي هجي تڏهن بہ ڪا ڳالهه. پر هتي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه کان سئو دفعا وڌيڪ هوندي. اهو اڌ سير، مُني سير جو گدرو جيڪو ڪراچيءَ ۾ ٽي رپئي ملي ۽ حيدرآباد، بدين نٽي، سانگهڙ جهڙن هنڌن تي تہ ٻي رپئي بہ مس ملي سو جپان ۾- چاهي ٽوڪيو اوساڪا ۽ يوڪوهاما جهڙن شهرن جون پاجي مارڪيٽون هجن يا شيزوڪا، هَمامستو يا ساسيبتو جهڙن ڳوٺن جون، مجال آهي جو گدري جو اگهه چار هزار ين (اٽڪل ٻن سئو رپيا) کان گهٽ هجي. ٽوڪيو جي هڪ شپ يارڊ جي ميس ۾ گذريل سال ماني کائيندو هوس. ٻيو ڪو فروٽ هوندو هو تہ سڄو ملندو هو. چاهي انب، صوف هجي يا ڏاڙهون، بادام. پر گدري جي هميشہ هڪڙي ڦار ملندي هئي. چانديءَ جي ورقن سان سينگاريل.

پنهنجي هڪ سنڌي دوست کان پڇيم تہ پاڻ وٽ تہ گدرو ائين ئي پيو رلي. ٻاگڙي جتي ڪٽي پوکي، بس اسٽاپن تي ڳوٺين ۽ ڏڙن جي حساب سان وڪڻيو وڃن. پر پاڻ وٽ ان جو ڪو قدر چو ناهي؟.





ڪلندي وراڻيائين: ”شايد ان جي ناقدريءَ جو سبب ئي اهو هجي جو هن غريب ميوي کي، پاڻ وٽ، ٻاگڙي پوکين ٿا ۽ ٻاگڙي ئي وڪڻن ٿا. ان ڪري اهو ميوو پاڻ وٽ ٻاگڙين وانگر اڇوت ۽ گهٽ سمجهيو وڃي ٿو“.

هونءَ گدرو يورپ، آمريڪي ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ مهانگو ۽ سٺو ميوو سمجهيو وڃي ٿو. جي ڪڏهن انصاف جي اک- بلڪ واتِ- سان ڏٺو وڃي تہ گدرو کائڻ ۾ تمام سٺو ۽ سوادي ٿئي ٿو. توهان انب، ڪيلي وغيره جو ملڪ شيڪ پي ڏسو ۽ پوءِ گدري جو ملڪ شيڪ بہ آزمايو. سعودي عرب ۽ دبئي، دوحا، بحرين، ڪويت پاسي تہ گدري جو شيڪ (Shake) ناهڻ ۾ ڪير بہ نہ وڃهن. ٿڌو پاڻي کنڊ ۽ گدرو- پوءِ گدرو ڪٽي ڦڪو بہ هجي، سيني ميون ۾ بهتر لڳندو. سندس ڳر (Texture) اهڙي اهي جو پاڻيءَ ۾ مليل گدرو بہ ڪيرٽي/ ڪسٽرڊ جهڙو لڳي ٿو ۽ گهڻن جي راءِ ۾ ڪپت مطابق، سندس ٻيو ڪو ميوو مقابلو نٿو ڪري سگهي. جيلي بہ سڀ کان وڌيڪ گدري جي هلي ٿي. ٻئي نمبر تي اسٽابيري، اناناس يا ڪيلي جي.

نہ فقط عرب ملڪ، سنڌ ۽ راجستان جا ماڻهو پر سڄي اتر آفريڪا ۾- مصر کان موراڪو تائين: عرب ٻَر ٻَر ۽ شيدي، پاجي يا ڀوڙ نہ هجڻ جي حالت ۾، ماني گدري سان کائين. اڄڪلهه Long Life، پئسچورائيزڊ يا پائوڊر جو کير عام ملڻ ڪري يورپ ۽ آمريڪا ۾ ”ميلن- آئسڪريم“ (گدري واري آئسڪريم) ۽ ڪسٽرڊ، سڀ کان وڌيڪ مشهور ٿي ويو آهي. ۽ ماڻهو کير مٿان گدرو يا گدري مٿان کير پيئندي نہ باديءَ يا بدهضميءَ جو سوچي ٿو ۽ نہ ٿڌيءَ جي چنتا ڪري ٿو.

# ڦڏو بدمعاش

**ويجھڙائيءَ** ۾ جنھن جھاز تي چيف انجنيئر ھوس ان جو مرتضيٰ نالي سيڪنڊ انجنيئر (يعني جھاز جو ٻيو نمبر وڏو انجنيئر - جنھن جو ڪم انجڻ اسٽاف جي ائڊمنسٽريشن ۽ مشينريءَ بابت ناھ جوڙ جي رپورٽ چيف انجنيئر تائين پھچائڻ آھي)، نہ فقط پاڻ پر اسٽاف جا پيا ماڻھو پڻ محنتي، چرچائي ۽ جھازين جي زبان ۾ ”شاھي“ طبيعت جا ھئا.

ان سيڪنڊ انجنيئر کي ماڻھن تي نالا رکڻ جو ڏاڍو شوق ھو. ۽ نالا بہ اھڙا ٺھڪندڙ رکندو ھو جو ان نالي واري ماڻھوءَ کي ڏسي سندس عقل کي داد ڏيڻو پوندو ھو تہ سندس سوچ ڪيتري حد تائين ڪم ڪري ٿي.

ھڪ تہ ريڊيو آفيسر جو نالو رکيو ھئائين. جھاز جو ريڊيو آفيسر - جنھن جو ڪم دنيا جي مختلف بندرگاھن ۽ پنھنجي ملڪ ۾ جھازي عملي کي پگھار ڏيڻ ۽ پئسي ڏوڪڙ جي ڏيتي ليتي رکڻ ٿئي ٿو سو سيني کي، پنھنجي ڪم جي نوعيت ڪري وڻندو آھي. ۽ اسان جو ريڊيو آفيسر تہ ڳائڻ وڄائڻ ۾ بہ پڙ ھو. جنھن سان ھر ھڪ کي وندرائين ٿي. پر ساڻس نياڳ رڳو اھو ھو جو اھا ڳالھ خبر ناھي ڪنھن سندس دماغ ۾ وھاري ڇڏي ھئي تہ تون وڏو پھلوان آھين. دادا آھين. ۽ اھا ڳالھ اھڙي تھڙي نموني سان نہ پر سندس دماغ جي آپريشن ڪري ميڄالي منجھہ. شايد. اھڙي سوگھي ڪري وھاري ويئي ھئي جو آرسيءَ اڳيان پنھنجي ڪُبڙي ۽ ھڏائين پڃري کي ڏسي بہ ان ڳالھ جو ڪوڙ ۽ ڪوڪلي ھجڻ تي شڪ شبھو نٿي ٿيس. جيئن





جيئن اسان جو ساموندي سفر ڏگھو ٿيندو ويندو ھو. تيئن تيئن خيالي ڳالھيون ۽ ماضيءَ ۾ ڪيل سندس خيالي جھيڙن ۽ ان ۾ سندس خيالي سوڀن جي لسٽ وڌندي ويندي ھئي ۽ اسان کي ٻڌائي گد گد ٿيندو ھو. اسان لاچار سندس خوابن خيالن جو بہ احترام ڪندا ھئا جو ھڪ تہ ساموندي زندگيءَ ۾ پراڻو ھو. (جڏھن اسان اڃا ففٿ انجنيئر ٿي مرچنٽ نيويءَ ۾ نوان آيا ھئاسين تہ ھي اڳھين موجود ھو). ۽ ٻيو تہ ڪارائڻ پيارڻ، ڳانا ٻڌائڻ ۽ گھرج وقت اچت پگھار يا قرض ڏيڻ ۾ مڙس ماڻھو ھو. ڌارئين ملڪ ۾ آفيس کان پگھار اڃان پھچندو ئي ڪو نہ ھو تہ ضرورتمندن کي في الحال پنھنجي کيسي مان ئي ڪجھ ڪجھ ڏيندو ھو تہ جيئن ھنن جو ڪم نہ بيھي. پوءِ اھو صائل ڪٽي ڪو خلاصي ھجي يا ٽوپس (پينگي). جھاز جي آفيسرن سان تہ ھو اڃان بہ وڌ پال ۽ پلايون ڪندو ھو. ھڪ دفعي بئنڪاڪ ۾ پھچڻ سان جيسين جھاز جو ايجنٽ ان ملڪ جا پئسا ڪٽي اچي تيسين جھوني ٿرڊ انجنيئر کي وقت وڃائڻ کان بچائڻ لاءِ چيائين: ”باس! تون ھل پنھنجي گرل فرينڊ جي گھر. مون ان جو راما روڊ وارو گھر ڏٺو آھي. تنھنجي پگھار جا پئسا اتي پھچائي ٿو وڃانءِ“.

پاڻ ھر ھڪ کي ”باس“ چوندو ھو سواءِ پنھنجي اصلي باس يعني ڪئپٽن جي. (ان کي ڪچيون گاريون ڏيندو ھو- پر پرپٺ). ڪاٿس جڏھن پڇيو ھئوسين تہ جھوني جي گرل فرينڊ پاڻ ڪيئن سڃاتي تہ شڪي کل کلي چيائين: ”بابا! ھي اڃان اڄ مرچنٽ نيويءَ ۾ آيو آھي. ھن کي ڪھڙي خبر. اھا پھرين فلاڻي ترڪ ڪئپٽن جي گرل فرينڊ ھئي. اصل ۾ ھئي تہ ھڪ ٻئي يوناني جھاز جي بٽلر جي پر پوءِ وڏا ڦڏا ٿيا. دنگل ٿيا....“ پاڻ ٻانھون ڪنجي داستان ٻڌائڻ لڳو. يعني بئنڪاڪ جي گھٽين ۾ لڳل ان مھا لڙائيءَ ۾ پاڻ بہ حصو ورتو ھئائين. بلڪ ڀرپور ۽ فيصلو ڪندڙ حصو ورتو ھئائين.

اسان جڏھن ففٿ انجنيئر ھئاسين تہ ھو اسان جي آمريڪا واري سفر ۾ پڻ اسان جي ان جھاز جو ريڊيو آفيسر ھو. سڄو انٽلانٽڪ سمنڊ

ٻتاڪ ستاڪ هٽندو هليو. وڏي ڳالهه ته جنهن بندرگاهه نيو اورلينس ۾ اسان جو جهاز وڃي رهيو هو ان جو نقشو ائين چڪيو هئائين ڄڻ اتي قدم قدم تي سندس ڪا دوست سنگتياڻي هجي. آئون ۽ هڪ ٻيو بنگالي ففٿ انجنيئر - جن هيستائين رڳو چين، روس، بلغاريا جهڙن خشڪ سوشلسٽ ملڪن جا سفر ڪيا هئا، هن ريڊيو آفيسر جي واتان آمريڪا بابت اهڙيون ڳَنائِتيون ڳالهيون ٻڌي تعجب ڪاڙو هو جو سيني جهازين ۾ اسان ئي پهريون دفعو آمريڪا وڃي رهيا هئاسين.

جهاز نيو اورلينس پهتو. پهرين ڏينهن ئي اسان کي شهر گهمڻ ۽ فلم ڏيکارڻ لاءِ وٺي هليو. اسان به خوش ته ههڙي داداگير مڙس سان آمريڪا جهڙي بدامني واري ملڪ ۾ گهمڻ سنو ۽ Safe آهي. وڏي ڳالهه ته پئسو ڏوڪڙ خرچڻ ۾ پڻ پاڻ مڙس ماڻهو هو. بشرطيڪ سندس ڊاڙون ٻڌڻ جي ڪنهن ۾ توفيق هجي. پاڻ آمريڪي ڇوڪرين جي ڪريل ڪردار، ڏارئين کي آڏرياءُ ڪرڻ جي ادائن ۽ چال چلن جي ڪٿا اهڙي اثرائتي ۽ پُر سحر انداز سان ٻڌائين جو اسان کي ڪئپٽن ڪڪ جو ٻه سئو ورهيه اڳ وارو زمانو ياد اچي ويو. جنهن جو جهاز جڏهن مشهور تهتي ٻيٽ تي پهتو ته اتي جي ڇوڪرين گلن جي هارن سان سندس جهازين جو آڌر ڀاءُ ڪري ڪين اهڙو ته قرب ڏنو جو هو پنهنجي ڪئپٽن کي آڱوٺو ڏيکاري، واپس وطن هلڻ کان پڙ ڪڍي ويهي رهيا.

جهاز نيو اورلينس پهچڻ سان اسين ٻئي ففٿ انجنيئر، هن ”پهلوان“ ريڊيو آفيسر سان گڏ گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسين. بندرگاهه جي ڀر ۾ ئي شهر هو. سو پنڌ ئي پنڌ ڊيزائرر اسٽريٽ ۽ مئگزن اسٽريٽ لتاڙي، لائل اسٽريٽ مان لنگهي بوربن اسٽريٽ ۾ پهتاسين. ٿوري ٿوري منهن اونداهي ٿي چڪي هئي. سامهون رستي جي ٻئي پاسي کان هڪ ڇوڪري هاٽ پينٽ ۽ بلائوز ۾، هٿ ۾ جهليل لفافي مان پٽاٽي جا چپس ڪڍي، کائيندي پئي آئي. ويجهو پهچڻ تي اسان جي ريڊيو آفيسر اسان تي رعب





وهارڻ خاطر، وات سان هن کي شي شي ڪري، سنهي سيٽي وڄائي. ڇوڪريءَ نڪا ڪئي هم نڪا تم. خارن مان نهاري. آمريڪن لهجي ۾ چيس: ”شٽ اپ. آئي ول ف..... يو“. اسان وارو ريڊيو آفيسر ڏاڍو شڪي ٿيو پر ڏڪ پچائي، شرم کي پرچائڻ خاطر اسان کان پڇڻ لڳو: ”پارٽنر! پاڻ کي ڪجھ چيائين؟“

اسان کي به هئي فلم ڏسڻي سو منهن جي پڪائي ڪري چيوسين: ”پارٽنر چا؟ ڪنهن چيو؟“

يعني اسان اهو به لنوائي وياسين ته ڪو ڪنهن ڪجھ چيو يا پاڻ ڪا سيٽي وڄائين:

”ٺهيو ٺهيو. ڪجھ نه.“ هن وراڻيو.

ان کان پوءِ سيٽي ته ڇا پر اک - غلط اک کڻي ڪنهن راهه ويندي ڇوڪريءَ ڏي نه ڏٺائين ۽ نه ڳالهائين تان جو سئنيما جو ٽڪيٽ گهر اچي ويو.

سندس ان قسم جون ٻيون به ڪوڙ ڳالهيون. بهرحال اسان جي سيڪنڊ انجنيئر سندس نالو ”ڦڏو بدمعاش“ رکيو هو. سندس جسم جي جوڙجڪ ۽ هلڻي چلڻي ڏسي ۽ سندس گشا پتا ٻُڌي.

# اُداس اُلوءِ پيا

ان جهاز تي، هڪ، ٻاهر نڪتل وڏين اکين وارو اليڪٽريڪل انجنيئر هو، جنهن کي ننڊ نہ اچڻ جي بيماري هئي. سڄي سڄي رات ميس جي ڪنڊ ۾، سموڪ روم ۾، يا پنهنجي ڪئبن جو در کولي سامهون سٽيءَ جي ڪنڊ تي پٽل ماري ويٺو سگريٽ ساڙيندو هو. در ان لاءِ کليل رکندو هو جيئن ڪو ڊيوٽيءَ تان موٽي، يا انسومينيا جو ڪو ٻيو مريض لانگهائو ٿئي، تہ ان کي جهلي، ڪچهريءَ لاءِ پاڻ وٽ ويهارجي. پاڻ هر وقت ڏکويل ڳالهيون ڪندو هو ۽ غمگين شعر ٻڌائيندو هو. سندس سر ۾ عجيب درد ۽ سوز هو. سندس رکي رکي ڳايل ڪلامن جون ڪجھ سٽون هن وقت بہ ڪنن ۾ ٻُري رهيون آهن:

”ميري فلڪ کي چاند ستاري ڪچھ اور هين
مين جن مين محو هون، وه نظاري ڪچھ اور هين
هان بادبان بهي چاڪ هي پتوار بهي نهين
ليڪن ميري سفر کي سهاري ڪچھ اور هين“.

يا:

”روندو نہ ميري قبر کو اس مين بهري هين حسرتين
رکهنا قدم سنبهال کي ديکهو کچل نہ جائي دل“.

يا:

”ميري طرح خدا کري تيرا کسي پہ آئي دل





تو بهي جگر کو تهام کر کهتا پهري کہ هائي دل“.

سندس غمگيني ۽ رات جي وقت جاڳڻ واري حالت کي ڏسي سيڪنڊ انجنيئر مٿس ”اُداس - آئول“ (اُداس - اُلو) نالو رکيو هو.

اُلوءَ بدران آئول (انگريزي لفظ) استعمال ڪرڻ بابت سيڪنڊ انجنيئر سبب ٻڌائيندو هو تہ اُلو پاڻ وٽ گار آهي پر اهو الو (Owl) انگريزن جي نظر ۾ عقلمند پکي آهي.

* جهاز تي هڪ فورٿ انجنيئر هو تنهن جو سيڪنڊ انجنيئر نالو رکيو هو: ”مشرقي عاشق“.

”يار هن شريف ۽ شرميلي همراهہ کي تو چڱو عاشقن جي قطار ۾ ويهاريو آهي“. هڪ دفعي مون چيومانس.

”تڏهن ٻيو ڪنهن جي قطار ۾ ويهاريانس. روز ٿو ڪنارو گهمڻ وڃي، ۽ روز هڪ عدد نئون عشق ڪريو اچي. رڳو عشق بازي ۽ ٿڌا ساهہ کڻڻ تي زور اٿس. ۽ عشق بہ ڪو اهڙو تهڙو. سندس چواڻي ”سچو عشق“، ۽ پهرين ملاقات ۾ ئي دل ڏيو اچي. اهو بہ چڱو جو انجڻ جي ڪم ۾ مڙس ماٺهو آهي. سو پاڻ کي بہ اعتراض نہ هئڻ گهرجي. جي دل ٻئي کي ڏيو اچي“.

”چئبو تہ هٿ هاج ۾ دل دلبر ڏي اٿس“. مون چيومانس، ”پلا هتي ڪوريا ۾ ڪو سندس معاشقو؟“.

”ڪو هڪڙو هجي تہ سائين ڳالهہ ڪجي. تازو ڪالهہ جي ڳالهہ پئي ٻڌائين تہ هڪ ڪورين ڇوڪريءَ سان ”سچو“ عشق ٿي ويس. ڪلاڪ ڏيڍ ڪنهن پارڪ جي بينچ تي ويهي ڊائلاگ هڻڻ بعد هن سان گڏ هتي جي ٽاور جي چوٽي گهمڻ ويو. مٿي هلي ڪائڻ لاءِ، هيٺان هيٺان تان ڪجھ کائڻ پيئڻ جون شيون ورتائين. ٽاور جي چوٽيءَ تي، لفٽ يڪي مٿي وڃڻ بدران ستين ماڙ تي ڪا گهڙي ترسي جو ٻن ٽن همراهن کي ان ماڙ تي لهڻو هو. اسان واري مشرقي عاشق سمجهيو تہ ٽاور جي چوٽي اچي وئي. سو ڇرڪ

پري ٻاهر نڪري آيو. توائي مڙس ته اڳهين آهي. سندس ڪورين سنگتياڻيءَ واپس موٽڻ لاءِ گهٽيئي سڏ ڪيس. پر تيسين لفٽ جو دروازو بند ٿي ويو. ڏاڪا لهي هيٺ آيو. ٻي لفٽ ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين پر مقرر ماڻهو اڳهين گروپن ۾ پنهنجي گائيڊ سان ٽولا ناهي، واري سان بيٺا هئا. ان ڪان سواءِ هن جي ٽڪيٽ به سندس ساهيڙيءَ جي هٿ ۾ هئي. سندس هٿ ۾ هئا نختي، گانئين ۽ پڪوڙن جا پڙا. سي ڪٽي اچي جهاز تي نڪتو ۽ هاڻ مٿي تي هٿ رکي پُورَ وينو پچائي.

سيڪنڊ انجنيئر جي ڳالهين تي يقين نه اچي ها پر پوءِ مون کي به ٿورو شڪ ٿيڻ لڳو ته هي مانيٽو جوان هر وقت عشق جي باهه ۾ پيو پچي ڪامي. هڪ دفعي جهاز جپان جي هڪ بندرگاهه ”وڪاياما“ ۾ شام جو پهتو. جيئن ئي جهاز ٻڌو ويو ۽ انجڻ روم ۾ Finished with engine جو ٽيليگرام آيو ته آجو ٿي مٿي ڪئبن ۾ آيس. دريءَ مان ڏسان ته فورٿ انجنيئر سڀ ڪان اڳ تيار ٿي ڪناري پيو وڃي. سڏ ڪري پنج سئو يين جو نوٽ ڏيئي چيومانس ته واپسيءَ تي مون لاءِ فلاٽي بيڪريءَ تان ڪير واري ڊبل روٽي ونندو اچجانءِ، جيڪا جپان جي هن شهر جي خاص شيءِ آهي.

هي ڪو سگهو ئي موٽي آيو جو آءُ ڪلاڪ ڏيڍ جهاز جي سموڪ روم ۾ ٽي وي ڏسي پنهنجي ڪمري ۾ آيس ته ٽيبل تي ڊبل روٽي رکي هئي ۽ ان جي هيٺان مون وارو ساڳيو نوٽ پڻ هو. ڪيس فون ڪري گهرائي چيم ته بابا پئسا ته رک نه ته اڳتي وري ڪم لاءِ ڪير چوندءِ. ڪجهه شرمائي لجائي چوڻ لڳو: ”ائين ئي ملي آهي. نه ته پئسا ضرور وٺان ها“. مون ڳالهه نه سمجهي ۽ نه وري وڌيڪ پڇي سگهيس جو ان ئي وقت انجڻ روم ڪان آيل فون تي ڳالهائڻ ۾ لڳي ويس ۽ هي ان دوران هليو ويو.

ٿوري دير بعد سيڪنڊ انجنيئر مون وٽ چانهه پيئڻ لاءِ آيو. ڳالهين ڪندي چيومانس: ”يار هي پئسا ته پنهنجي فورٿ انجنيئر کي ڏجانءِ. هڪ ته ڪم ڪري آيو آهي وري پئسا به نٿو وٺي. الائي ڇا پئي چيائين“.

books.sindhsalamat.com



سيڪنڊ انجنيئر کلي چيو: ”بس سائين اهي رهڻ ڏيو. ”مشرقي عاشق“ مون سان اها ڳالهه ڪري وينو آهي. پاڻ واڪ ڪندو پئي ويو هڪ بيواهه جپاني عورت مليس جيڪا ڪنهن آفيس ۾ ڪم ٿي ڪري. ساڻس گڏ هڪ ٻار به هو. هي هڪ ٻئي جي ڳالهين مان ايڏو ته متاثر ٿي ويا جو هوءَ ڪيس گهر وٺي وئي. ۽ هاڻ پنهنجي گاڏيءَ ۾ جهاز تي وٺي آئي اٿس. رستي تي توهان جي ڊبل روٽي ۽ پنهنجي لاءِ جيڪا شاپنگ ڪيائين ان جا پئسا به هن ڏنا“.

”تنهن جي معنيٰ تنهنجو فورٿ انجنيئر سياڻي پڪ موڪل ڪندو- هن سان ملڻ لاءِ“.

”نه ان جي ضرورت ناهي. هوءَ ٻار سميت رات هتي ئي ٽِڪڻ جو ارادو رکي ٿي“. ۽ پوءِ ڪجهه ترسي سيڪنڊ انجنيئر ٿڌو ساهه کڻي چيو: ”خدا به اهڙن چرين کي پاڻ جهڙيون چريون بيابان ۾ ڏيو ڇڏي“.

* ۽ ان جهاز جو چيف آفيسر سائيڪو ڪيس هو جنهن جو سيڪنڊ انجنيئر نالو ”نوجوان نينگر“ رکيو هو. سندس پڪي عمر ۽ ٻڍنڍڙ جوانيءَ جي بلڪل ابتڙ.

ڪيس منهن تي ”نوجوان نينگر“ چوندا هئاسين. ٻڌي ٽڙندو هو ۽ خوشيءَ ۾ جيڪو منهن چئو ڪندو هو، مزو سڀ جوان منهن کي ڏسڻ ۾ هو. پاڻ سڄي جهاز کي چتو ڪري رکيو هئائين. سخت بي فيض انسان هو. ڪئڊٽ ته چوندا هئا ته الله سائينءَ هن چيف آفيسر کي ماڻهن جا ڪم خراب ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. پر جهازي به هوشيار هئا سندس نفسيات سمجهي ويا هئا. منجهائنس ڪم ڪڍڻ وقت ڪيس ”نوجوان لڙڪا“ چئي مخاطب ٿيندا هئا. هو سيڪنڊ انجنيئر جي ته هر ڳالهه اکيون ٻوٽي مڃيندو هو جنهن ههڙي پوڙهي ڪڳ کي ”نوجوان نينگر“ جو لقب ڏيئي امر بڻائي ڇڏيو هو.

www.sindhsalamat.com

* جهازين کان علاوه، سيڪنڊ انجنيئر، ڪناري جي به ڪجهه ماڻهن جا دلچسپ نالا رکيا هئا. مثال طور ڪوبي (جپان) ۾ نيو پورٽ هوٽل واري گهٽيءَ ۾ ريڊيمين واچن واري دڪان جي خوبصورت جپاني مالڪڻ جي پوڙهي، ڪٻي ۽ ختم ٿيل مڙس جو نالو ”ڪَپَن- چُو“ رکيو هو. هُو پنهنجن ڏگهن وارن جو جُوڙو ٺاهي، ڪئش جي دخل تي ويٺو ٿي. باقي سڀ ڪم جوڙس ڪيا ٿي. گراهڪن کي شيون ڪڍي ڏيکارڻ، پوءِ پيڪ ڪرڻ ۽ پوءِ جي واندي هوندي هئي ته جهاز تائين نه ته به پر واري موتوماچي اسٽيشن تائين، پنهنجي وئگن ۾ ڇڏي ايندي هئي. هن نوجوان جپاني عورت کي اسان جهڙن پاڪستاني ۽ انڊين گراهڪن سان ڳالهائي ڳالهائي ٿوري گهڻي اردو به سکي ورتي هئي. چرچائڻ پڻ هئي. اسان جي سيڪنڊ انجنيئر سان جڏهن به چرچا ڪندي هئي ته هو سندس مڙس جي ڳالهه کي ڪٽي وچ ۾ آڻيندو هو. هڪ دفعي سيڪنڊ انجنيئر کي ٽوڪيندي چيائين: ”آهي ڇا. اجان تائين پراڻي ماڊل جي واچ ٻڌيو هلين. ماڻهو رکي ته نئين ۽ ٺاهوڪي شيءِ رکي. باقي اهڙي پراڻي ۽ ڦٽل کي گٽر ۾ اڇلي ڇڏي“.

سيڪنڊ انجنيئر يڪدم چيس: ”پوءِ پيلا مڙسين کي ڪڏهن ٿي گٽر ۾ اڇلين؟“

”بابا وه هماري قسمت مين لگ گيا وه لگ گيا“ هن مرڪي اردوءَ ۾ وراڻيو.

مون پڇيومانس: ”ٻار گهڻا اٿئي؟“

دڪان جي نوجوان مالڪڻ جي جواب کان اڳ سيڪنڊ انجنيئر آهستي چيو: ”سائين منهن ڏسي تِلڪ ڏجي. مڙس ڏسي پوءِ اهڙو سوال پڇجي“.

وئگن ۾ جهاز تائين وني پئي آئي، ته مون هن قسم جي مضمون لاءِ انٽرويو وٺندي پڇيومانس: ”توکي ٻار به نه آهن. پوءِ هيڏو پورهيو ۽ ڪنجوسپائي ڪري جيڪو پئسو ٿي ميڙين ان مان ڇا وٺين-؟“





”وٺون ڪجهه ڪو نه. هر سال گهمڻ ويندا آهيون“.

”گذريل سال ڪيڏانهن ويائو؟“ مون سوال ڪيومانس.

”ڏکڻ ڪوريا ويا هئاسين“.

ان کان پوءِ آئون ٻيو سوال ڪريان، ان کان اڳ سيڪنڊ انجنيئر ٽوڪيندي چيس:

”خبر اٿئي ڏکڻ ڪوريا ڪهڙا ٽوئرسٽ ويندا آهن؟ - نه تو جهڙيون عورتون ۽ نه تنهنجي مڙس جهڙا مرد“.

کلي چيائين: ”بس گذريل سال پاڻ شونقڙو ڪيائين سائوٿ ڪوريا جو. هن سال منهنجي شونق تي آسٽريليا هلندو“.

* سنگاپور ۾ هڪ سنڌي هندو دڪاندار پنهنجي دڪان ۾ هڪ تصوير هٽي ڇڏي آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ واپاري اونڌي منجي ڪري مٿي تي هٿ رکي ويٺو آهي. تجوڙيءَ جو در کليو پيو آهي جيڪا بلڪل خالي آهي. پٺ تي ڪوئا هيڏانهن هوڏانهن پيا هلن. ان تصوير جي مٿان هنديءَ ۾ لکيل آهي: ”اڌار ڪا انجام“ سيڪنڊ انجنيئر ان دڪاندار جو نالو ئي ”اڌار ڪا انجام“ رکيو آهي ۽ سڀ جهازي ڪيس ان نالي سان سڏين.

* ممباسا جي هڪ ايشين دڪاندار کي سڀ ”پاسپورٽ ٺُ شيم“ ڇون جيڪو نالو پڻ اسان جي سيڪنڊ انجنيئر جو رکيل آهي. ڪائنس اجان اهو نه پڇيو اٿم ته ان جو اهو نالو ڪهڙي حساب سان رکيو اٿس.

# سعودي عرب جا سخت قانون

***جهاز*** پورٽ سوڊان کان دمام (سعودي عرب) پهتو. دمام عربي/ ايراني نار ۾ دبئي، ابوظهبي، دوحا ۽ بحرين واري قطار ۾ سعودي عرب جو اتراهون بندرگاهه آهي جيئن جدو ڳاڙهي سمنڊ ۾ ڏاکڻو بندرگاهه آهي.

دمام بندرگاهه ڏسي ائين ٿو لڳي جڻ آمريڪا جي ڪنهن سهڻي شهر جو بندرگاهه هجي. ڪشادا، مضبوط ۽ صاف سٿرا ڏِڪا (جيٽيون)، نئين ۽ طاقتور ڪرينن جون قطارون، ڏڪن سان لڳو لڳ ۽ گدامن تائين ويڪرا رستا جن مٿان ٿنڀن ۾ فاگ لائيٽون - زردي روشني ڏيندڙ سوڊيم ۽ اڇي ڪير جهڙي روشني ڏيندڙ مرڪري بتيون. سامان لاهڻ چاڙهڻ ۽ ڍوئڻ لاءِ نوان ۽ ناليرن ڪمپنين جا فورڪ لفٽر ۽ ٽرڪون.

جهاز جيئن ئي دمام جي بندرگاهه ۾ ڏڪي سان لڳو ته ڏکڻ ڪوريا جا مزور ماڪوڙين وانگر جهاز تان سامان لاهڻ ۾ لڳي ويا. ڪنهن جي چواڻي ته اکيون پوري ڪنهن کي هتي آندو وڃي ته هو مزورن کي ڏسي سمجهندو ته جپان يا ڪوريا جو ڪو بندرگاهه آهي. يا عمارتن کي ڏسي آمريڪا سمجهندو. ڪير چوندو ته هي سعودي عرب جي وارياسي علائقي جو بندرگاهه آهي جتي اڄ کان فقط ڏهاڪو سال اڳ حالت اها هئي جو هڪ ٻن جهازن جي بيهڻ لاءِ ڪا ايڪڙ بيڪڙ پڳل ۽ ڪچي جيٽي هئي ۽ ان سان لڳي بيهڻ لاءِ جهازن کي انتظار ڪرڻو پوندو هو جيسين وارو اچي. ڪيترا جهازن جا مالڪ ته ان انتظار سوران جهازن کي هيڏانهن موڪليندا





ئي ڪو نه هئا ته اجايو وقت جو نقصان ٿو ٿئي. پر اڄ هيترن جهازن هوندي به اڌ کان وڌيڪ جيٽيون (ڏڪا) ته ائين ئي خالي پيا آهن. ان کان علاوه جهاز تان لهڻ جو ڪم ايڏو تکو هلي ٿو جو آفيس جو ايجنٽ به جهاز تي پوءِ ٿو چڙهي ان کان اڳ ئي سامان لهڻ شروع ٿيو وڃي.

ٻئي ڏينهن جهاز تي هڪ پوڙهو پاڪستاني سپروائيزر آيو جيڪو ٽيهن سالن کان هتي سعودي عرب ۾ رهيل آهي. پڇيومانس ته سعودي عرب ۾ پاڪستاني مزور سڀ کان گهٽا چون ٿا آهن پر هتي ته چوڌاري ڪوريا جا ماڻهو نظر پيا اچن: مزور، فورمئن، ڪرين آپريٽر، فورڪ لفٽر کان وٺي سامهون آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪ، ٽيليفون آپريٽر، ٽئلي مئن ۽ انچارج آفيسر هي ماڻهو جيڪي هيترو پري کان گهي آيا آهن پگهار ته اسان پاڪستانين کان به گهٽو وٺندا هوندا؟.

”نه سائين، اها ئي ته ڪمال جي ڳالهه آهي ۽ اسان لاءِ مصيبت ٿي پئي آهي“، هن ڏک ڀري لهجي ۾ ڳالهه ٻڌائي، ”عربن وٽ دولت ته بي انتها آهي جنهن جو ڪاٿو ئي ڪونهي پر ان هوندي به هو دنيا جي هر واپاري ۽ دولت مند وانگر پئسي جي معاملي ۾ پڪائي ڪن ٿا ته جيترو گهٽ خرچ ٿئي اوترو سٺو. هن بندرگاهه ۾ مزوري جا اگهه جيڪي ڏنا ويا تن ۾ سڀ کان گهٽ واڪ ڏکڻ ڪوريا جو هو. اسان پاڪستانين کان به گهٽ!. نتيجي ۾ هزارين پاڪستاني جيڪي هون ئي معمولي اگهه تي مزوري ڪري رهيا هئا سي مدو ختم ٿيڻ تي پنهنجي ملڪ واپس موڪليا ويا ۽ نئين ساليانې ٺيڪي لاءِ ڪورين کي رکيو ويو آهي“.

”پوءِ ڀلا هي ڪورين مزور ايتري گهٽ اگهه تي پورهيو ڇو ڪري رهيا آهن؟، مون پڇيومانس.

”ان ڪري جو اسان جي ملڪ وانگر سندن ملڪ ۾ به بيروزگاري تمام گهٽي آهي. سو هي ۽ سندن حڪومت چاهي ٿي ته نه ڪمائڻ کان ٿورو گهٽ ئي سهي - ملڪ ۾ غير ملڪي ناڻو ته ايندو رهي. ساڳي وقت هو اهو به

چاهين ٿا تہ هنن امير ملڪن ۾ ڪنهن نموني سان هڪ دفعو پير تہ ڄمي، پوءِ ڏٺو ويندو“.

”پلا ههڙي گرميءَ ۾ هڪ ڏارئين ڏورانهين ملڪ ۾ هي ڪورين ڪم ڪيئن ڪري رهيا آهن؟“ مون پڇيو.

”سائين تمام سنو ۽ ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ اسان پاڪستانين کان بہ وڌيڪ ڪري رهيا آهن ۽ منظم نموني سان. هي دور مقابلي (Competition) جو آهي. سو مقابلو کٽڻ لاءِ ۽ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تہ هو بهتر آهن، پنهنجي جان کي جفا ڏئي بہ سخت ۽ گهڻو پورهيو ڪري رهيا آهن. ڏهاڙي وقت کان اڳ پهچي وڃن ٿا. پوري وقت تي صحيح سوچ سمجهہ سان ڪم شروع ڪن ٿا. مشينن کي صحيح طرح هلائين ٿا ۽ وقت تي مرمت ڪن ٿا ۽ جهاز تان سامان ايڏو اڇت اڇت لاهين ٿا بنا ڪنهن ساهيءَ ۽ اجائي چانهہ سگريٽ جي موڪل جي، جو مهيني اندر ثابت ڪري ڏيکاريو اٿن تہ پهرين ڪڏهن بہ في مزور في ڪلاڪ جي حساب سان ايڏو گهڻو سامان جهاز تان نہ لاٿو ويو“.

”اهو تہ صحيح آهي. پر پاڪستاني مزورن جو بيروزگار ٿيڻ تي ڏک ٿو ٿئي. گهٽ ۾ گهٽ سعودي عرب وارا اسان کي پاڙيسري ۽ هم مذهب سمجهي اسان جي غريب ماڻهن کي پورهئي ۾ لڳائي رکن تہ سٺو“.

”اها تہ ڳالهہ آهي پر ڇا ڪجي هو بہ مرضيءَ جا مالڪ آهن. جنهن ۾ هنن جو فائدو هوندو اهو ئي ڪندا. هنن ڪورين مان، هنن کي اهو بہ فائدو آهي تہ لڳاتار ڪم ڪندا رهن ٿا. پهرين ڏينهن کان وٺي آخري ڏينهن تائين. نہ موڪل ڪن ٿا ۽ نہ ڪا ٻي مستي. اسان جو پاڪستاني عيد برات جي تہ موڪل وٺي ئي وٺي ٿو. حج جي ڏينهن ۾ بہ موڪل وٺي تہ ماءُ پيءُ بيمار ٿيڻ تي بہ موڪل وٺي ۽ ملڪ وڃي. يا گهٽ پگهار هوندي زال ۽ ٻارن کي هيڏانهن گهرائڻ جي چڪر ۾ هوندو ۽ پوءِ گهرائڻ بعد ٻار بہ پريشان تہ پاڻ بہ ڇو جو هتي نہ ٻارن لاءِ جتي ڪٿي اسڪول آهن ۽ نہ عورتن جو گهر

books.sindhsalamat.com



کان ڪيڏانهن نڪرڻ جي راهہ! پوءِ وري وطن ورڻ لاءِ مڙس جي ڪيڍ. نتيجي ۾ ان جو اثر سندس ڪم ۽ پورهئي تي پوي ٿو“.

”پلا هونءَ بندرگاهہ کان علاوه شهر جو ڪهڙو حال آهي. اتي پلا پنهنجا آهن يا نہ-؟“ مون پڇيومانس.

”ها. ائين تہ ظاهر آهي اسان جي ملڪ جا تمام گهڻا آهن. اڃان بہ غير قانوني ايندڙن ۽ رهندڙن تي سختيءَ ڪري تعداد گهٽجي ويو آهي. سعودي عرب جي حڪومت قاعدي قانون ۾ ڏينهون ڏينهن سخت ٿيندي وڃي. هتي جي پوليس ايتري ايماندار آهي جو جيڪر ڪنهن کي جهلي جيل ۾ وجهي ٿي تہ مجال آهي جو ڪنهن جي سفارش هلي. ڪجهہ ڏينهن اڳ موٽر سائيڪل هلائيندي مون کان غلطي ٿي وئي جو ڳاڙهي سگنل ٿيڻ تي بريڪ هٽندي هٽندي لنگهي ويس. پوليس واري يڪدم ڪٽي جيل ۾ وڌو. هتي جا جيل بہ وري اهڙا آهن جو الله ڏي پناهہ. پوليس واري هڪ بہ نہ ٻڌي. جيتوڻيڪ آئون هتي گهڻي عرصي کان رهيل آهيان، عربي بہ سٺي ٿو ڳالهايان. ٽن ڏينهن بعد پوءِ ساڳي پوليس واري اڇي ڪيڏيو ۽ ڏنڊ بہ ڏيڻو پيو. سو اها تہ ٿي معمولي غلطي. پر ٻين قانوني ڀڃڪڙين ۽ ڏوهن ۾ تہ تمام وڏيون سزائون آهن ۽ ڪنهن جو بہ لحاظ نٿو ڪيو وڃي. هتي جهيڙو جهڳڙو ناهي ۽ روز رستن تي ماڻهو نٿا مرن. ۽ نہ فقط قاعدو قانون آهي پر ان تي سختيءَ سان عمل بہ ٿئي ٿو ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ واري کي سخت سزا ملي ٿي“.

www.sindhsalamat.com

# اسان جي کائڻ جون عادتون

**دمام** بندرگاهه، ٻيو الخبر شهر ۽ ٽيون پر وارو هوائي اڏي وارو شهر دهران ائين هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ هڪ جيڏا آهن جيئن روهڙي، خيرپور ۽ سکر. الخبر ۾ ڇوڪرين جو ميڊيڪل ڪاليج آهي جنهن ۾ اسان جا ڪيترائي پاڪستاني ڊاڪٽر ۽ نرسون آهن. هڪ ته اسان جو ڳوٺائي ڊاڪٽر يوسف ابڙو به اتي آهي جيڪو پهرين ايل ايم سيءَ ۾ اناٽامي - يا شايد فزيالاجي پڙهائيندو هو. الخبر ۾ ڪيترائي انجنيئرنگ فرم ۽ فئڪٽريون آهن جتي اسرار انصاري، اسحاق ميمڻ، رشيد ميمڻ، ڊاڪٽر عباسي، رفيق ميمڻ، سميع مغل، زين پناڻ ۽ ٻيا ڪيترائي وڏن عهدن تي آهن. الخبر شهر واپاري وڙي ۽ خريداريءَ لاءِ لنڊي ڪوتل آهي ۽ اوسي پاسي جي شهرن جا هتي ئي اچن. اها ٻي ڳالهه آهي ته دمام ۽ دهران جون بازارون به دبئي ۽ سنگاپور جي بازارين کان گهٽ نه آهن. جتي ڪپڙو ٽي وي، وي سي آر کان سون چاندي ۽ ڊالر پائونڊ ائين وڪامن ٿا جيئن پنهنجي بکر مارڪيٽ ۾ پٽاٽا ۽ بصر.

دمام بندرگاهه آرمڪو کان پڻ مشهور آهي. آرمڪو عرب آمريڪا جي گڏيل "تيل ڪمپني" آهي جيڪا ٽيهن سالن کان سعودي عرب ۾ تيل جي ڳولا، صفائي ۽ سندس ٽرانسپورٽ جو ڪم ڪري رهي آهي جنهن ۾ هزارين آمريڪن، يورپي ۽ ايشين وڏي پگهار تي ڪم ڪري رهيا آهن. آمريڪن جي سک ۽ آسائش لاءِ پنهنجيون ريڊيو ۽ ٽي وي اسٽيشنون آهن

books.sindhsalamat.com



جن جا گانا ۽ اسٽائلش رنگارنگ پروگرام ٻڌي ائين لڳندو ڄڻ توهان عربن جي بيابانن ۾ نه پر نيويارڪ جي "ايسٽ اينڊ علائقي" ۾ رهيا پيا هجو.

دمام ۾ اسان جو پراڻو ڪلاس ميٽ ۽ دوست انجنيئر محمد عالم هاليپوٽو به ڏهن سالن کان رهي ٿو. پاڻ جهاز تي ملڻ آيو. چيومانس ته يار هتي پرديس ۾ رهي پنهنجي ملڪ جا ڪاڏا ياد ڪندو هوندين. ٻڌاءِ ته ڇا کائيندين ته بورچيءَ کي اهو چوان: چڪن برياني، پُڳل سيون، تريل گانگٽ - يا ٻيو ڪجهه؟.

هٿ سان مون کي وهڻ جو اشارو ڪري چيائين: "ويهه يار. جيڪا هلڪي ڦلڪي تيار هوندي اها کٽي کائبي باقي انهن مڙني شين ۾ هاءِ ڪوليسٽرال (Cholesterol) آهي".

"ڏاڍي ٻڌائي . تون ڇڱو انگريز ٿئين. انهن ڳالهين بابت اڄان به تنهنجي والد صاحب ۽ پائرن کي سوچڻ کپي جيڪي ڊاڪٽر آهن. تون انهن ڪهڙن ڦيرن ۾ اچي پيو آهين؟!".

"نه يار. گذريل مهينو ڳوٺ هوس. جتي وچ اتي اهي گيهه مکڻ واريون شيون کائي ماڳهين اوور ويٽ ٿي آيو آهيان. روز صبح شام ڊوڙان ٿو ته من ڪا ڇربي گهٽجي".

نه فقط اسان جو عالم هاليپوٽو پر دنيا جي مڙني ملڪن جا پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو کاڌي جي پرهيز تي اڄڪلهه تمام گهڻو ڌيان ڏئي رهيا آهن. جيئن حد کان وڌيڪ جسم تي ٿولهه نه چڙهي. ڇو جو ڏنو ويجي ته ٿولهه گهڻن ئي بيمارين جي پاڙ آهي: دل جي بيماري، بلڊ پريشر، منو پيشاب، بدهضميءَ کان وٺي ٻيون ڪيتريون ئي پيٽ جون بيماريون - جن ۾ اڪثر شاهوڪار ماڻهو مبتلا رهن ٿا. گهڻي ڳري کاڌي کائڻ ڪري. جنهن لاءِ ميڊيڪل سائنس ۾ به چوڻي آهي ته Prosperity is a curse. مٿين بيمارين کان علاوه ٿلهو ماڻهو هلڻ کان هلاڪ. ۽ جي عورت آهي ته هڪ طرف سونهن

www.sindhsalamat.com

چت ته ٻئي طرف سمارٽ نيس ختم- پنهنجي عمر کان گھڻي وڏي پئي لڳندي.

آمريڪا ۽ يورپ جھڙن ملڪن ۾ ته ڪوليسٽيرال جھڙو لفظ گھر ۾ گھر ۾ ٻڌبو. ڪوليسٽيرال چربيءَ جھڙي شيءِ ٿئي جيڪا رت سان گڏ آرٽيريز (خاص ڪري Coronaric) اندران لنگھڻ وقت چوڌاري چاري وانگر ائين ٿلهو تھ ناهي انهن کي سوڙهو ڪري ڇڏي ٿي جيئن هٿ ڌوئڻ جي گينديءَ هينان ٻرين پائيپ جي چوڌاري سٽيپ ۽ لِڏ جمي ويندي آهي ۽ آخرڪار پائيپ مان پاڻي لنگھڻ بند ٿي ويندو آهي يا آهستي آهستي ٿي لنگھندو آهي.

صحتمند ماڻھوءَ جي هڪ سئو سي سي رت ۾ اهو ڪوليسٽيرال 180 کان 230 ملي گرام هئڻ کپي (آمريڪن ميڊيڪل ريسرچ سوسائٽيءَ جي تازي رپورٽ مطابق). ان جو مقدار عمر سان گڏ وڌي ٿو پر هيڪاندو ٿيڻ ڪري Coronary Atherosclerosis (دل ڏي رت جي گھربل مقدار جو لنگھ گھٽجڻ) جھڙيون بيماريون ٿيو پون. چيو وڃي ٿو ته مکڻ، چربي واري گوشت، نج کير، بيضي، چاڪليٽ، ناريل، ڪيڪ پيسٽرين، سپن ۽ گانگٽن ۾ گھڻي چربي/ ڪوليسٽيرال ٿئي ٿو پر ڪڪڙ، مڇي، ميوي، ڀوهي چٽن جي مکڻ، جون ۽ ڪٽڪ ۾ گھٽ ٿئي. (دراصل ڪوليسٽيرال انسان لاءِ خراب شيءِ ناهي پر ان جو گھڻي مقدار ۾ هجڻ خراب ڳالھ آهي).

عالم کي چيم ته پوءِ يار موڪلن ۾ تون پنهنجي ڳوٺ ٽنڊي الهيار وڃين ته خيال چوٿي رکجئي؟.

چوڻ لڳو: ”پاڻ پاڪستاني ڪيترو خيال رکي ڪيترو رکون. ۽ پنهنجيون کائڻ ۽ رهڻ جون حالتون ئي ڪجھ اهڙيون آهن جو پاڻ کي ماريو رکن“.

”اهو ڀلا ڪيئن؟ ان تي مون ڪڏهن غور نه ڪيو آهي“.

books.sindhsalamat.com



”جتي وچ ته مهمانداريءَ ۾ رڳو کاڌي تي زور. ۽ پاڻ وٽ کاڌي ۾ مشهور ڪھڙيون شيون آهن. قورما، چاشني، گيهه ۾ ٻڏل اقراتا ۽ سيون. مکڻ، بيضا ۽ کير ملائيون. اهو سڀ ڪجھ ڇا آهي؟- نج سٽپ ۽ چربي. کنڊ ۽ ڪاربوهائيڊريٽ. ۽ جتي وچ ته مهمان کي ضرورت کان وڌيڪ زوريءَ جي حد تائين کارايو پياريو ٿو وڃي. ويتر چوندا: اجان کاءُ پنهنجو گھر ڪري سمجھ. هاڻي هو ويچارا ته پنهنجي طرفان اسان کي قرب ۽ خلوص ٿا ڏين. کين ڪھڙي خبر ته اهي شيون ڪيڏو نقصانڪار آهن“.

عالم جون اهي ڳالھيون ٻڌي مون کي هڪ آمريڪي فئملي ياد آئي جنهن وٽ ڪجھ سال اڳ رهڻ جو موقعو مليو هو. ماني کارائڻ مهل. گھر جي وڏي- ماءُ، پنهنجن ٻارن کي زوري کائڻ لاءِ چوڻ بدران ڏنڊو کڻي ويهندي هئي ته متان ڪو حد کان وڌيڪ مکڻ پنير ۽ مٺاڻ کائي پاڻ کي ڦيڪو ۽ ٻي ڊولو ناهي- خاص ڪري ڇوڪرين تي ته تمام گھڻي نظر هيس. چوندي هين: ”ميڪ اپ جي سامان پٺيان پئسو وڃائڻ بدران کائڻ تي ڪنٽرول رکو ۽ ورزش گھڻي ڪريو ته سونهن سوڀيا ۾ توهان کان ڪو به گوءِ کٽي نه سگھندو“.

ڪيترين ئي جپاني ڇوڪرين، ڏسندو آهيان ته کاڌو ڻاري کائينديون آهن. ڪيچ اپ يا چٽڻي گھٽ استعمال ڪنديون جيئن کاڌو ٽڏو ۽ گھٽ سوادي هجڻ ڪري ٿورو کائجي. ڪي ڇوڪريون ۽ مرد وري مانيءَ کان اڳ چانھ يا ڪافي پيئندا جيئن بک مري وڃي ۽ گھڻو کائڻو نه پوي.

لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽرياڻي: مسز اشرف عباسي (سابقه وزير) کان هڪ دفعي پڇيو هوم: ”جيجي ائين ڀلا ڇو آهي؟ مکڻ، گيهه ۽ حلوا ته اسان وٽ سنڌ ۾ اڳ به کاڌا ويندا هئا پر تڏهن ته ماڻهو نه ٿلها ٿيندا هئا ۽ نه وري کين اهي بيماريون لڳنديون هيون جن جا نالا اڄ ڪلھ عام پيا ٻڌون“.

www.sindhsalamat.com

هن تمام سنو جواب ڏنو ته اڳ ۾ ماڻھو- عورت توڙي مرد سڄو ڏينهن پورهيو ڪرڻ ڪري اُن گيهه مکڻ کي هضم ڪري ڇڏيندا هئا. بلڪ اهي شيون کائيندا ئي ان ڪري هئا جيئن پورهئي ڪرڻ وقت جسم ضرورت موجب ڪئلوريون ان کاڌي مان حاصل ڪري. پر اڄ ڪلهه شهر توڙي ٻهراڙيءَ ۾ ڏسبو ته ڪو ورلي ماڻھو ايتري اُٿي ويٺي ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ مردن کان پنڌ هليا ويا آهن ۽ عورتن کان جنڊ.

انگلينڊ ۾ هڪ دفعي ڊاڪٽرن جي هاسٽل ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ رهڻ ٿيو. پر واري ڪمري ۾ آسٽريليا جو هڪ سرجن پوسٽ گرئجيوئيشن ڪري رهيو هو. ڪيس پنهنجي صحت جو ڏاڍو خيال هو. جنهن ڏينهن ميس جي مانيءَ ۾ مٺاڻ، چانور ۽ پٽاٽا گهڻا هوندا هئا ان ڏينهن شام جو مون واندي ڪي ٻه پاڻ سان وٺي ڊوڙندو هو. چي: ”اڇو ته فالتو ڪئلورين ساڙيون ڳاريون. خبر اٿئي کنڊ کان ٻه چانور وڏيڪ نقصانڪار آهن. ۽ ڪيڪ پيسٽري جيڪا اڄ کاڌي اٿئون سان ته توبنهن توبنهن! اڄ هڪ همراهه جي آپريشن ڪيم. هي ٿلهو تهه چربيءَ جو سندس پيٽ تي چڙهيل هو ۽ ان چربيءَ ڳارڻ جو فقط هڪ ئي علاج آهي. ڊوڙ ڊوڙ ۽ ڊوڙ“.

(ان ڊاڪٽر جي هڪ ٻي مزيدار ڳالهه: پاڻ مون کي هرگز ڳالهائڻ نه ڏيندو هو. ورندي ڏيندو هوسانس ته چوندو هو: ”خاموش. ڊوڙڻ وقت ڳالهائڻ نه کپي. وات بند ڪري نڪ مان رڳو ساهه کڻ“)

صبح جو اسپتال ويندي وقت منهنجي اڳيان ٻيهي پڇندو هو: ”پارٽنر ڏس پيٽ نڪري ته ڪو نه پيو-؟“

هن کي نه ڏاڙهيءَ جو فڪر هو ۽ نه ڪپڙي گنديءَ جو. باقي اڌ سير وزن Heigth weight ratio واري چارٽ کان وڌڻ تي پريشان ٿي ويندو هو. شام واري ڊوڙ وڌائي ڇڏيندو هو. ان کان علاوه صبح ساڻ اٿي رسيءَ تي سئو ٽپڪيون ڏيندو هو.





عالم هالپيوٽو چوڻ لڳو: ”اسان جو دڪاندار، سيٺ، آفيسر، ڊرائيور- ۽ ٻيا ان قسم جا ماڻھو جيڪي سڄو ڏينهن هڪ هنڌ ويهي ڊيوٽي ٿا ڏين، سي اڳ ۾ شام جو ٿورو گهڻو هلندا چلندا هئا. پر هاڻ ٽي وي، وي سي آر، ريڊيو جا نڪتو آهي شام جو به هڪ هنڌ ويٺا آهن. ۽ اهي پنڌ، پاڻي ڀرڻ، اٽو پيهڻ جهڙا گهرو پورهيا. ڊوڙ ڊڪ جهڙيون رانديون رونديون، وڃن ڏينهون ڏينهن گهٽبيون. نتيجي ۾ پيٽ تي وڃي چربي چڙهندي ۽ ننڍي عمر ۾ ئي مرد توڙي عورتون بيمارين جي حوالي ٿيندا وڃن. ڪيترن ملڪن جي سمجهو نوجوان مردن ۽ عورتن ان ٽي وي، ڪار، گاڏي وغيره جي مسئلي کي نظر ۾ رکي- جنهن ڪري پورهيو ۽ اٿي ويٺي گهٽجي وئي آهي، پر ساڳي وقت اهي شيون ضرورت جون هجڻ ڪري انهن کان پڇي نٿو سگهجي، ان جي عيوض کاڌي پيتي تي ڪنٽرول ڪري ورتو آهي. هو اوترو ئي کائن ٿا جيترو هو پنڌ ۽ پورهئي مطابق هضم ڪري سگهن ٿا. مثال طور هڪ ئي گهر ۾ ٻه پيٽيون آهن. هڪ ڪنهن آفيس ۾ سيڪريٽري آهي ته هوءَ تمام گهٽ کائي ٿي ۽ ٻي مکڻ کنڊ جهڙي شئي ڪجهه گهٽي ٿي کائي جو هوءَ ڪار پارڪنگ انسپيڪٽر آهي. هن کي سڄو ڏينهن هلڻو پوي ٿو“.

چين ۾ ورلي ڪو ماڻھو هوندو جنهن جو پيٽ نڪتل هجي. هڪ چيني ڊاڪٽر کان ان جو سبب پڇيم ته هن وراڻيو: ”اسان هل چل گهٽي ڪريون ٿا. جنهن ماڻھوءَ جي ڪرسيءَ تي ويهڻ واري نوڪري آهي سو به شام جو گهر پنڌ وڃي ٿو يا سائيڪل تي، گهر جو ٻاهريون ڪم: پاڻي ڀرڻ، سيڌو آٽڻ، ڪاٺيون ڪرڻ وغيره به پاڻهي ڪري ٿو. ان کان علاوه فرصت آهر راند روند به ڪري ٿو جيئن سندس جسم صحيح رهي.

چين جي چانهه مشهور آهي پر هو اسان وانگر گهٽي کنڊ ۽ کير وجهي نه پيئن. دعوتن يا ميٽنگن ۾ چيني آفيسرن يا پورهيتن سان وهبو ته نه شربت هوندو نه کير کنڊ واري چانهه. رڳو گرم پاڻيءَ سان اڌ پريل گَري. هر

هڪ ان مان سرڪ سرڪ پري وينو پيئي. وڏو عيش ته چڱي سليماني چانهه يا ساوڻ پنن جي ”گرين ٽي“ ناهي ويندي.

چين جي سئمڪانگ ڳوٺ جي هڪ پوڙهي ڊاڪٽر کان پڇيم: ”اسي سالن جي ڄمار ۾ به تون چست ۽ ڪڙو تڙو لڳين ٿو ۽ پيٽ صفا نڪتل نه اٿئي. ان جو سبب-؟“

”آئون روزانو شام جو ميل پنڌ جو ڪريان ٿو“، هن وراڻيو ”چاهي سيارو هجي يا اونهارو ان کان علاوه کاڌو نه فقط سوچي سمجهي کائيان ٿو پر ضرورت کان ٿورو گهٽ ئي کائيان ٿو“.

اها هڪ اهڙي ڳالهه آهي جا اڄ نه پر اسان مسلمانن چوڏهن سئو سالن کان اڳ ٻڌي: حديث ۾ آهي ته حضور صلعم جن کان جڏهن سنئي صحت جو راز پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون ته اجان ٻن ٽن گراهن جي بک هجي ته کاڌي مان هٿ ڪڍي ڇڏجن.





# پهلوان ڪير؟

هانگ ڪانگ ۾ هڪ دفعي هڪ ئي وقت پنهنجي ملڪ جا ڪيترائي جهاز اچي گڏ ٿيا هئا. ڪو جهاز آمريڪا کان ٿي آيو هو. ڪو ڪراچيءَ کان چين ويندي هتان تيل وٺڻ لاءِ ترسيو هو. ڪو بئنڪاڪ کان ڪنڌ ڪٽي آيو هو ڪو جپان کان ايندي هتان مشينريءَ جو رهيل سامان ڪٽي ڪراچيءَ وڃڻ وارو هو. ۽ هڪ حاجين جو وڏو جهاز پڻ هانگ ڪانگ جي شپ يارڊ ۾ ڊرائي ڊاڪنگ لاءِ آيل هو.

شام جي وقت سيني جهازن جا چيف انجنيئر ۽ ڪئپٽن ڪولون پاسي ميرامار هوٽل ۾ چانهه لاءِ اچي گڏ ٿيا هئاسين هر ڪو داد وٺڻ لاءِ پنهنجا ڪارناما ۽ ائڊونچر ٻڌائي رهيو هو ته هُن چيني سمنڊ ۾ خراب موسم هوندي جهاز کي ڪيئن حفاظت سان هلايو. ڪو چوي يار منهنجو جهاز جيڪو نيويگيشن Aids کان بلڪل ڇڄسو آهي ان کي اوير آفريڪا جي پورچوگالي بندرگاهن ۾ ته ڪو هلائي ڏيکاري. ڪو چوي يار ملاڪا اسٽرئٽ ۾ ايندي وقت ڪا ٽرئفڪ به ٽرئفڪ جهڙي هئي. جهاز کلهوکلهي سان ملائي ٿي لنگهيا. اهڙو تهڙو ڪو هجي ها ته ساهه سڪي وڃيس ها پر اهي منهنجا آنڊا ڳجيون آهن جو جهاز کي پنجن يونٽن تي وٺي پئي آيس. سو به ڪمپنيءَ جي شيڊول مطابق، پوري وقت تي.

اسان سان پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج ۾ پڙهندڙ نوابشاهه ضلعي جو رهاڪو ۽ حد درجي جو چرچائي ڪئپٽن، هيترو وقت ماٺ ڪري ويٺو هو. آخر دانهن ڪري چيائين:

”بڪواس ويٺا ڪريو ته مون هيئن ڪيو مون هونءَ ڪيو. اڙي آئون پڇان ٿو ته توهان ۾ ڪو اهڙو پهلوان به آهي جيڪو حيدرآباد جي فقير جي پڙ ۾ يا ڪراچي جي چاڪيواڙي ۾ بغداديءَ مان گاڏي هلائي سگهي؟“.

سڀ ماٺ ٿي ويا. اهڙو ڪچن جهڙي پت.





# سمنڊ تي جهازيءَ جو حال

**جبرالٽر** کان ڪيوبا ويندي، ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾، هڪ رات ڳالهه اچي نڪتي: ”سفر ۾ نماز پڙهڻ“ جي. اها ئي ته سفر ۾ ڪجهه رڪعتون معاف آهن. ان جهاز جي سيڪنڊ انجنيئر چيو ته ٻئي سفر ۾ پيلي نماز معاف هجي. پر سامونڊي جهاز جي سفر ۾، گهٽ ۾ گهٽ جهازين لاءِ، ابتو حساب هجي ها. يعني سمنڊ تي نماز پيلي ڊبل هجي ها باقي ڪناري تي معاف.

سيني کي ڳالهه دل سان لڳي ته واقعي جهاز جڏهن سمنڊ تي آهي ته سڀ سجدي ۾ آهن. ڪناري تي جيڪي جهازي مسجد واري ڳريءَ مان ئي نٽا لنگهن، سمنڊ ۾ تن جا به چئمپل جهاز ۾ ٺهيل مسجد ٻاهران نظر ايندا آهن. جهاز جا اونها لوڏا، سمنڊ جون ڇتيون ڇوليون، هوائن جا اڻ ٽر طوفان، ۽ ان اڳيان دل کي ڪڪندڙ انجڻ جون اندروني خرابيون ۽ جهاز جي تختن (Hull) جي هيٺائيءَ جو حساب لڳائي، دل دهلجيو وڃي. سمنڊ تي هر وقت دل ٻاڏائي ٿي ته هادي حفظ ۾ رکيج. هن بندي جي ڪا پيٽي ناهي. تون ئي پيرمر رکج.

ڇا پراڻن، يا چڱي طرح نه سنڀاليل جهازن تي - جتي اسٽئنڊ باءِ جنريٽر هلڻ جي ڪا اميد نه آهي، بلج جو پاڻي ڪيڻ وارو اڪيلو پمپ گڙٻڙ ڪري رهيو آهي، بائلر هڪڙو ئي آهي سو به ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾. اتي ڪهڙو به دلير انجنيئر هجي، هو هميشه من ۾ مالڪ کي ٻاڏائي ٿو: شل نه جنريٽر بيهي رهي، شل نه بائلر ڏک ڪيدي، شل نه پمپ ويهي رهي. ۽ جي

وچ سمنڊ ۾ ڪجهه ٿي پيو تہ ڇا ٿيندو. سوچڻ سان سيوڪاري ٿي ٿئي ۽ موت جو ڀيانڪ نظارو اکين اڳيان ٿو اچي.

ڇا سياري ۾ اُتر ڊينمارڪ، ناروي، روس ۽ اتر ڪئناڊا پاسي جهاز هلائيندي سندس اڪيلو بائلر جي ٽنگون ٽيڙي بيهي تہ اتي جي Sub Zero واري سرديءَ ڪي انسان ڪيئن ٿو منهن ڏئي سگهي. ڏهہ سَوڙون بہ اهو سيءُ جهلي نہ سگهن. ان وقت ڏامر جهڙي گهاٽي تيل HFO ڪي بنا گرم ڪرڻ جي کهڙو چيف انجنيئر انجڻ ڪي ان تي هلائي سگهندو. ساڳيو حال سمنڊ تي ڊيڪ آفيسرن (نيويگيٽرن) جو آهي. بي آف بسڪي جهڙن سمنڊن جي ڏنڌ ۾ يا هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور جهڙن اٽانگن بندرگاهن ۾ رات جي وقت، خراب رڊار ۽ ”جارو ڪئمپاس“ سان Approach ڪرڻ وقت ڪئپٽن يا چيف آفيسر جي دل جو حال ڪنهن ڇاتو آهي؟ اهڙن موقعن تي سمنڊ تي توهان ڪي هڪڙو بہ دهريو نظر نہ ايندو.





# عمر پڇڻ

**سري** لنڪا جي ”ڪولمبو انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل“ ۾ ڳائڻي/ ڊانسر ڇوڪري ڳائي اسٽيج تان لٿي تہ عمر پڇيمانس: How Old Are You

هوءَ عمر ٻڌائڻ کان نٽائڻ لڳي. منهنجي ميزبان سلوني دوست مون کي ٽوڪيندي چيو: ”يار ڇوڪرين کان عمر پڇڻ مهل چئجي How Young Are You تون ڪيتري ننڍي آهين ۽ نہ ڪي هائو اولڊ آر يو- تون ڪيتري پوڙهي آهين“.

اسان جي هڪ پائلٽ دوست ڪئپٽن افتخار احمد جو اهو چوڻ آهي تہ ڪنهن بور دوست مان جند ڇڏائڻي هجي تہ کيس زوريءَ بہ اوڌر (قرض) ڏجي پوءِ هو وري نظر نہ ايندو.

آمريڪا ۾ هڪ اسٽيٽ ايجنٽ (گهر ۽ پلاٽ وڪرائي ڏيڻ واري دلال) جي آفيس جي ٻاهران لکيل آهي:

Buy land as much as you can.
God Isn’t making any more.

ٻين لفظن ۾ ان جو سليس ترجمو يا مطلب ٿيو ”جيتري زمين وٺي سگهو. وٺو. الله تعاليٰ وڌيڪ ناهڻ ڪڏهوڪو ڇڏي ڏني آهي“.

جهاز مان اڇلايل ڪنو تيل سمنڊن کي، ڊونهون ۽ ٻيو گند ڪچرو ڌرتيءَ کي خراب ڪري رهيو آهي. دنيا جي هن گولي کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ دنيا ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪوششون ورتيون وڃن پيون. ان سلسلي ۾ هڪ هنڌ لکيل سلوگن:

Save earth, its all we have got.

## خوشيءَ جو سبب

هڪ جهازيءَ کان سندس هر وقت خوش رهڻ، مرڪڻ، ٻين سان کلي ڳالهائڻ ۽ ڪڏهن به جهيڙي جهٽي ۾ حصو نه وٺڻ جو سبب پڇيم.

وراڻيائين: ”سائين هيءَ زندگي تمام مختصر آهي. ان مان جيڪو عرصو اسان سامونڊي زندگيءَ ۾ هونداسين اهو اڃان به ننڍڙو آهي. ان سامونڊي زندگيءَ ۾ مختلف جهازن مان هر جهاز تي رهڻ جو مدو اڃان به معمولي آهي. ۽ هر جهاز تي ڪيل هر سفر (Voyage) جا ڏينهڙا اڃان به ٿورا آهن. ۽ انهن ٿورن ڏينهن ۾ جيڪو واندڪائيءَ جو وقت ملي ٿو اهو ڪي پهر مس ٿيندو ۽ انهن پهرن مان جيڪي لمحا هڪ ٻئي سان گڏ وهڻ ۽ ميل ملاقات جا ملن ٿا اهي ته ايترا گهٽ آهن جو انهن ۾ ڇا ويهي وڙهجي. اهي ٻه چار گهڙيون هڪ ٻئي سان کلي گهارڻ ٿي سنو“.





## مڱيل معاشري ۾ ماٺ

ٻن سالن بعد هوءَ يونيورسٽيءَ جي گرلس هاسٽل اڳيان ئي ملي جتي پڙهائيءَ دوران رهندي هئي. هن کان اڳ ساڻس جڏهن به ملڻ جو اتفاق ٿيو ته ڪراچيءَ جهڙي مشغول شهر ۾. هاڻ پڙهائي ختم ڪري چڪي هئي ۽ نوڪري تي ڪيائين. پر رهي اڃان ان ئي هاسٽل ۾ ٿي. سندس ڳالهائڻ ۾ اهو الهڙپن نه هو. سندس ٽڙيل گل جهڙو چهرو ڪومايل ۽ گنڀير هو. ڳالهه ڳالهه تي کلڪو ۽ موتين جي ڇڻ ڇڻ جهڙي آواز ۾ اها جوت نه هئي. چيومانس ته تون چڱي شاگرديائيءَ جي زندگيءَ مان نڪري پرئڪٽيڪل لائيف ۾ آئينءَ. تنهنجي هر ڳالهه مان اداسي ۽ Pessimism جو چٽو اولڙو پيو اچي.

جواب ڏيڻ بدران ماٺ ۾ رهي.

منجهند جو آفيس ۾ کائڻ لاءِ مانيءَ جو لفافو هٿ ۾ هوس ۽ آفيس وڃڻ لاءِ بس جي انتظار ۾ بيٺي هئي. چيومانس ”هل پلا ته حيدرآباد تنهنجي آفيس تائين ڇڏيندو وڃانءِ“.

”نه، تون پلي هل. آئون پاڻهي هلي ويندس“.

ڏاڍو عجب لڳم. پڇيومانس: ”خير ته آهي. هونءَ ته توکي ڪار ۾ مون سان گڏ وهڻ ۾ آر نه هوندو هو؟! ڇا اعتبار ۽ اعتماد جا اڏيل سپ مندر ڊهي ويا“.

”نہ. بس ۾ تي وڃان“.

ويتر وائڙو ٿي ويس تہ ان تبديليءَ جو سبب ڇا ٿي سگهي ٿو. ٿورو سوچي پڇيومانس:

”تنهنجو مڱڻو ٿيو آهي، شايد! معاشرو موڪل نٿو ڏئي؟“

ڪلندي وراڻيائين: ”نہ نہ. اهڙي ڳالهہ ناهي“. پوءِ ڇوڏاري نگاهہ ڦيرائي، طنزيہ مرڪ مرڪي وراڻيائين: ”هتي تہ سڄو معاشرو ئي مڱيل آهي“.

جلدي ۾ هوس. وڏيڪ سوال جواب ڪرڻ بدران هليو ويس. پر اڃان تائين ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ سندس مرڪ ۾ اهڙي تکي زهراڻ معاشري جي کهڙي روپ ڏني. جنهن جي سڏارڻ لاءِ هن جا قدم ۽ ارادا پختا هئا. هوءَ مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ واري ڇوڪري اڄ ايڏو هيٺو ڇو لڳي رهي هئي. سندس ذهين ڳالهيون ٻڌي ۽ اخبار رسالن م لڳاتار ايندڙ مضمون، شعر ۽ افسانا پڙهي ڇوندو هوس تہ هيءَ انهن چند ماڻهن مان آهي جيڪا هن عمر ۾ ئي هيڏي هوشيار ۽ پختي ذهن جي آهي سا اڳتي هلي عورت کي سماجي غلاميءَ مان آزاد ڪرائيندي. ذهني پستيءَ ۾ ڪريل معاشري کي اپڪڙو بيهاريندي. ادب جي دنيا ۾ وڏي هلچل مچائيندي. پر اڄ هيءَ هيڏو دلشڪستو ۽ مدت کان لکڻ پڙهڻ جهڙين ڳالهين کان دور ڇو ٿي ويئي آهي. ڇا نوڪري (روزگار) جي چڪر کيس پين ڳالهين کان دور ڪيو آهي. ڇا پنهنجي پسند جي نوڪري نہ ملڻ ڪري هوءَ باغي ٿي پئي آهي. ڇا شاگردي جي دور کي ڇڏڻ سان هن هر ڳالهہ کي ڇڏي ڏنو آهي. يا معاشري جي ڪنهن ٻئي انگ سندس معصوميت کي ڏنگي رکيو آهي. پنهنجي وطن کان هزارين ميل ڏور، ڏيساور ۾، اڄ آئون اهو ئي سوچي رهيو آهيان تہ اسان وٽ ڇو اهڙا ڪيترائي معصوم چهرا يڪدم افق پويان گم ٿيو وڃن ۽ پنيان مصر جي اهرامن جهڙي ماٺ ڇڏيو وڃن.





# هونڊا ڪيترا بار کڻي سگهي ٿي ؟

**هونڊا** گهٽ طاقت واري موٽر سائيڪل ڪان جيڪو اسان وٽ ڪم ورتو وڃي ٿو، اهو ان جا ٿاهيندڙ جپاني تصور بہ نٿا ڪري سگهن. ٻہ ڄڻا تہ عام طرح پر ڪڏهن ڪڏهن ٽي ڄڻا بہ چڙهي وهندس. نہ فقط ڳوٺن ۾ پر شهرن ۾ پڻ- ۽ ٽرئفڪ پوليس وارا سيٽيون وڄائيندا رهندا آهن. جپانين هونڊا جهڙي موٽر سائيڪل ڇوڪرين جي هلائڻ جو سوچي ٺاهي. ۽ جپان ۾ تہ عام طرح پنجاهہ پنجهتر سي سي جي موٽر سائيڪل ڇوڪريون ئي هلائين. پٺيان ڪو ورلي ويٺل ڏسبو. گهڻو ڪري تہ پوئين سيٽ جي گادي ئي نہ هوندي آهي. فقط لوهہ جي هيٺين برئڪيٽ هوندي جنهن تي ڪاليج ۽ يونيورسٽي جون ڇوڪريون ڪتاب ٻڌن. يا پالتو ٻلي يا ننڍي ڪتي کي وهارين.

اسان جي جپاني دوست ”يوشينو- سانَ“ جي وڏي پيڻ وٽ تہ پاڻ ٿوري وڏي- هڪ سئو سي سي واري هونڊا موٽر سائيڪل آهي. هڪ رات سندن گهر ۾ ويٺي ويٺي آخري لوڪل گاڏيءَ جو وقت بہ نڪري ويو. يوشينوءَ پنهنجي پيڻ کي مون لاءِ چيو تہ جهاز تائين ڇڏي اچينس.

چوي: ”يا آئون وهان يا هيءُ. ٻن ڄڻن سان موٽر سائيڪل تي بار ٿيندو. آئون پنهنجي هلڪي ساهيڙي مس نوريڪو کي ئي مري مري ٿي وهاريان“.

بهرحال وري ڪو خيال اچي ويس ته جيئن ته صبح جو جهاز سنڌن شهر اوساڪا کان روانو ٿو ٿئي سو چڙهي اچڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي.

ساڍا چار ميل پنڌ جا پورا ڪري جڏهن جيٽيءَ تي اچي لاٿائين ته ”اري گاتو گذائي ماشتا“ (مهرباني) چوڻ بدران چيومانس ته خدا کي مڃ. پنهنجي موٽر سائيڪل کي ايڏو ڪمزور نه سمجهه. اسان جو ڳوٺائي غلام نبي شاهه روزانو هن ساڳي 100 سي سي هونڊا ته گذريل پنجن سالن کان هڪ ئي وقت پنهنجي ڪمدار ۽ پير واري وڏيري کي آڏي مانجهيءَ وهاري ڪچو ڏئي ٻاروچو باغ ايندو ويندو رهي ٿو. ان جي موٽر سائيڪل کي ته اجان ڪجهه به نه ٿيو آهي؟!.





# هوءَ ڪڏهن ٿي اچي؟

پورچوگال کان پنڌرهن ڏينهن جو پنڌ پورو ڪري جهاز ڪراچيءَ جي ويجهو اچي پهتو هو. سنڌس مسافريءَ جو اڄ آخري ڏينهن هو. وطن واپسيءَ تي جهاز کي صاف ڪري رنگ ڏنو ويندو آهي جيئن پنهنجي ملڪ پهچڻ سان جهاز صاف سٿرو لڳي. اڄ جيٽوٽيڪ آخري ڏينهن هو پر اجان صفائيءَ جو چڱو ڪم رهيل هو ۽ ڪو چئي نٿي سگهيو ته آيا رهيل ڪم اڄ ئي ختم ٿي ويندو يا نه. اتي منجهند جي ماني کان ڪلاڪ ڏيڍ کن اڳ، هيڊ آفيس کان وائرليس آئي ته ”جهاز جيئن ئي ملڪي پاڻيءَ ۾ گهڙندو ته هڪ فلمي يونٽ- جيڪو منهوڙي وٽ انتظار ڪري رهيو آهي، توهان جي جهاز تي، ڪنهن فلم جي رهيل شوٽنگ ڪندو“.

”فلمي عملي“ ۾ ايندڙ ماڻهن جي لسٽ ۾ فلم انڊسٽريءَ جي هڪ بيحد سهڻي، چلولي ۽ مشهور فلم ائڪٽريس بابرا جو نالو پڻ هو.

ان ڳالهه جو اعلان ڇا ٿي ويو سڀ خلاصي مهمانن جي اچڻ کان اڳ رهيل ڪم ۾ جنبي ويا. سوچڻ جي ڳالهه آهي ملڪ جي مشهور فلم ائڪٽريس جهاز جي ڊيڪ تي هجي ۽ جهاز جو ڪسب جانو مڪراني ڪم وارا ڪِنا ڪپڙا پائي ڊيرڪ جي ڏنڊي کي ويٺو رنگ ڏئي! بابو خلاصي- پنهنجي خيالي دنيا جو هيرو ٻن ڏينهن جي وڌيل ڏاڙهيءَ ۾، ڇَلهي جهڙي گدلي ڊانگري پائي جهاز جي چمني ويٺو ڌوئي! يا ڪرسچن ڪاٽو

پنداري سئميوئل جبرئيل گڏليءَ (بورچيخاني) جا وينو ٿانوَ ملي! سوال ئي نٿو پيدا ٿئي.

رهيل ڪم ڪي سيئي اهڙو اچي لڳا جو مهمانن جي اچڻ کان گهڻو اڳ سپ ڪم لهي ويو. ان وچ ۾ نه منجهند جي مانيءَ جي ضرورت محسوس ڪيائون نه سگريٽ چانهه جي ٻاڙ جي پرواهه. جنهن ڪم لاءِ سپيئي سوچي رهيا هئا ته شام تائين به ڪو مس پورو ٿئي سو هڪ ڏيڍ بجي ڌاري پورو به ٿي ويو.

ٻي بجي ڌاري ڪئبن جي دريءَ مان ڏسان ته سپ خلاصي وهنجي سهنجي، ”ڪتيءَ ڌوتل“ ڪپڙا پائي جهاز جي ڊيڪ (عرشي) تي ائين پسار ڪري رهيا هئا ڄڻ عيد نماز تي آيا هجن. ڊيڪ سرنگ علاودين علوءَ ۽ پنگي اقبال مسيح کي ته ڪنن ۾ عطر جا ڦُڙا به پيا هئا. ڪو آفيسر ڊيڪ تان لنگهيو ٿي ته خلاصين کائهن کان ٻي صبري مان پڇيو ٿي ته سائين فلم ائڪٽريس جي اچڻ ۾ اڃان ڪيتري دير آهي؟.

پنهنجي پوڙهي انجڻ سرنگ کي ڪڙڪيدار ڪپڙن ۽ چيچاٽي جوتن ۾ رٽائرڊ آفيسر وانگر سڪون سان ڳن کوٽيندو ڏسي تعجب مان پڇيم: ”انجڻ روم جو سيلينڊر هيڊ پلئٽ فارم اڄ صاف ڪرڻو ناهي ڇا جو هيٺ انجڻ روم ۾ هجڻ بدران مٿي ڊيڪ تي چڪر پيو هڻين؟“.

مرڪي وراڻيائين: ”ها سائين اهو ته ڪڏهوڪو صاف ٿي به ويو پر پنهنجا پنهنجا ڪمرا به چنڊي ڦوڪي چمڪائي ڇڏيا اٿئون“. پوءِ ساهه کڻي پڇيائين، ”سائين فلم ائڪٽريس بابرا ڪڏهن ٿي اچي-؟“.





# ميري چادر بدل دينا

**گهڻو** اڳ جي ڳالهه آهي. جهاز تي هڪ نئون ففٿ انجنيئر آيو. پاڻ ميڪنيڪل انجنيئرنگ ۾ B.E ڊگري N.E.D ڪاليج مان ڪرڻ بعد اتي ئي سال کن ماستري ڪري پوءِ دستور موجب مقرر مدو شپ يارڊ مان پورو ڪري جهاز تي چڙهيو. جيئن ته هو ڪنهن مئرين اڪيڊمي مان اچڻ بدران ڊائريڪٽ آيو هو ان ڪري هو سامونڊي زندگي ۽ ماحول کان بلڪل اڻ واقف هو. حد درجي جو شريف ۽ سنجيدي طبيعت جو ماڻهو هو. ڪجهه ته سندس ٿلهن شيشن واري عينڪ به کيس سنجيدو بڻايو هو. سندس پهرين ڏينهن واريون ڪجهه ڳالهيون ياد ڪري اڄ به کِلَ ايندي آهي.

پاڻ جهاز تي شام جي وقت آيو هو. ان وقت جهاز جو پرسر ۽ اسٽيورڊ جن جو ڪم سندس ڪئبن ٺيڪ ٺاڪ ڪري ڏيڻ هو، سپ گهر وڃي چڪا هئا. بهرحال ڊيوٽي آفيسر کيس هڪ ڪمرو ڏيکاريو جيڪو سال ڏيڍ کان ائين ئي خالي پيو هو جنهن ۾ نه صابڻ ٽوال رکيل هو نه پڙدا بلب وغيره. آئون ان جهاز تي ٿرڊ انجنيئر هوس ۽ انهيءَ ڏينهن منهنجي سيڪيورٽي (رات واري ڊيوٽي) هئي ۽ مون سان گڏ ڊيڪ سائيڊ جو سيڪنڊ آفيسر هو ۽ اليڪٽرڪ پاسي کان اليڪٽريڪل انجنيئر سلطان هو. سلطان کي چيم ته يار هي غريب نئون نئون آيو آهي. ٻيو نه ته بلب ته موڪلي ڏينس. وڏيڪ پنکو يا ايئرڪنڊيشن صحيح نه اٿس ته سپاٽي اليڪٽريشن ناهي ڏيندس.

سلطان پنهنجي فئنسي ڊريس: گنجي ۽ ميري پجامي ۾ بستري تان اٿيو. نيوزيلينڊ هجي يا نائيجريا. جبرالٽر هجي يا جئميڪا اسان وارو يار شام جي وقت مجال آهي جو يونيفارم پائي. تن ڏينهن ۾ يونيفارم جي ايڏي سختي هئي به ڪا نه. پر تنهن هوندي به ڪو ٻئالر سوٽ يا سنوان سڌا ڪپڙا ڪڍي پائجن. اهو هرگز نه. اها ئي گنجي پاجامو ۽ ٿوپا ڏنل اسپنج جو چئمپل. چي: ”هنن ڪپڙن ۾ هو ملي محسوس ٿو ڪريان“، باقي ٻيون ڳالهيون ۽ رعب، ارسٽوڪرئٽن وارا رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

سيڪنڊ آفيسر ۽ مون پهرين ته سمجهيو ته هي هن وقت بلب ڪڍي نه ڏيندو پر ٻي گهڙيءَ بلب هڪ هٿ ۾ ۽ ٻئي هٿ سان گنجيءَ کي مٿي ڪڍي پيٽ کنهندو اٿيو. چوڻ لڳو: ”بلب هٽي به ٿو ڏيانس“.

سيڪنڊ آفيسر مون کي ڪن ۾ چيو: ”يار تنهنجو ففٿ انجنيئر به چا ياد ڪندو ته سلطان جهڙو نواب ابن نواب بلب هٽي به ٿو ڏئيس“.

”اهو ته صحيح آهي پر جن افعالن ۾ وجي پيو ان ۾ شل هو ڪيس انجنيئر يا ماڻهو ئي سمجهي ته ڪافي آهي“.

رستي تي آئون ميس ۾ ترسي پيس پر سيڪنڊ آفيسر هن سان گڏ ويو. ٿوري دير بعد سيڪنڊ آفيسر کلندو آيو. چيائين: ”يار وڏو ڊرامو ٿي ويو“.

”خير؟“ مون پڇيو.

”خبر اٿئي تنهنجي ففٿ انجنيئر اليڪٽريڪل انجنيئر سلطان کي جهاز جو انجنيئر نه پر ٻئرو سمجهيو. جهڙو ئي سلطان بلب لڳائي، سئچ آن ڪري داد ٿي وصول ڪيو يا مهربانيءَ جا ٻول ٻڌڻ ٿي چاهيا، ته تو واري نئين ففٿ انجنيئر چيس: ”ٻڌ! منهنجي چادر به ته بدلائيندو وڃ.“

ان ڳالهه کي ڏهاڪو سالن جا اچي ٿيا آهن. اهو ففٿ انجنيئر به هاڻ چيف انجنيئر ٿي ويو آهي. پر اڄ به ملندو آهي ته سندس جهاز وارو





پهريون ڏينهن ياد ڪري چيڙائڻ خاطر چوندا آهيونس: ”يار! ميري چادر بهي بدل دينا“.

# سنجيدو ٽيڻ

هڪ اسان جو يار زاهد آهي. هڪ ته قد ننڍو ٻيو حد درجي جو چرچائي. عام حالتن ۾ به کلندو رهندو. پر ڊيوٽي ٽائيم هجي يا سخت قسم جي ايمرجنسي ته به هر مشڪل کي مرڪندي منهن ڏيندو. اڄ ڪلهه "چيف آفيسر" جي پوسٽ تي پهچي ويو آهي. يعني ڪئپٽن کان هڪ رئنڪ هيٺ. پر افعال اهي ئي ساڳيا اٿس.

ويجهڙائيءَ ۾ مون سان گڏ هڪ جهاز تي Sail ڪيائين. چيف آفيسر جي حيثيت ۾ سڀ ڪئڊٽ، خلاصي، بورچي، ٻئرا سندس حڪم هيٺ ڪم ڪن ٿا. ننڍي قد ۽ هلڪي ڦلڪي جسم ڪري چئن ڪئڊٽن مان ٻن کان ته پاڻ ننڍو لڳندو هو. بهرحال ڪئڊٽن کان ڊيوٽي سا پوري وٺندو هو ۽ ذرو به ان ۾ رعايت جو نه ڪندو هو باقي سڄو وقت هنن سان چرچا ڀوڳ ۽ کل ٺهڪڙو مچائي رکندو هو. جيڪا ڳالهه خلاصين کي به خراب لڳندي هئي ته ڪجهه آفيسرن کي به ته هو جونيئرن سان سختي ڪرڻ بدران ايترو فري ڇو ٿو ٿئي.

هڪ ڏينهن سمجهايومانس ته يار تون هاڻ چيف آفيسر ٿي ويو آهين، توکي ڪجهه سنجيدو ٽيڻ کپي. کلندي وراڻيائين: "يار خدا جو قسم ڳالهه دراصل هيءَ آهي ته آئون پاڻ به آفيسرن وارو رعب رکڻ چاهيان ٿو ۽ هر وقت سنجيدو رهڻ گهران ٿو. پر هڪ ته منهنجي شڪل ۽ قد بت ئي اهڙو آهي ۽ ٻيو هي حرامي (ڪئڊٽ) مون کي سنجيدو ٽيڻ به نٿا ڏين".





"تڏهن به ڪوشش ته ڪر".

"يار ٽراءِ به ڊاڍي ڪئي اٿم. اڃان ٽيون ڏينهن جي ڳالهه آهي. صبح ساڻ پڪو ارادو ڪري سنجيدو منهن ٺاهي ڊيوٽي تي آيس. ٻه منٽ به نه گذريا ته هڪ ڪئڊٽ پاسو ڏئي پڇيو: "سر! توهان جي طبيعت خراب آهي؟".

ڊڙڪو ڏئي پڇايومانس ته وري ٻئي ڪئڊٽ غريباڻي شڪل ٺاهي اچي پڇيو: "سر! توهان کي ڪجهه ٿي ته نه ويو آهي. ڪجهه آرام ڪريو".

ويندي خلاصي به پيا چون: "سر توهان اڄ بيمار پيا لڳو. سي سڪنيس ته نه ٿي پئي اٿانوَ؟"

ظاهر آهي سڀ وائڙا ٿي ويا ته هن مسخري کي ڇا ٿي ويو آهي. نيٺ دانهن ڪري چيومان: "مار پوانوَ. آئون سيريس يعني سنجيدو ٽيو آهيان".

سو ان حالت ۾ آئون ڪيئن سنجيدو ٽيان. ۽ سچ ته اهو آهي ته سنجيدو ٽيڻ ۾ مون کي به ائين ٿو لڳي ڄڻ وقت انگهي پيو هجي. ڄڻ واقعي بيمار ٿي پيو هجان.

# آرٽيڪل چينج

**جهاز** وارن جي زندگيءَ ۾ به ڏينهن تمام اهم ٿيندا آهن. هڪ ”آرٽيڪل چئينج“ وارو ۽ ٻيو ”بئگيج ڪليئرنس“ وارو.

هر نئين سفر شروع ٿيڻ تي جهاز وارن ۽ جهاز جي مالڪن جي وچ ۾ معاهدو ٿيندو آهي. ۽ اهو معاهدو حڪومتي اداري ”شپنگ آفيس“ جي شپنگ ماسٽر يا سندس اسسٽنٽ جي موجودگيءَ ۾ ٿيندو آهي ته جهاز جا مختلف آفيسر ۽ خلاصي ڪيتري پگهار تي ۽ ڪهڙي رئنڪ تي Sail ڪندا. موت/ حادثي جي حالت ۾ سندن ڪهڙي ويجهي مائٽ کي اطلاع ڪيو ويندو ۽ انشورنس وغيره جا پئسا ڪنهن کي ڏنا ويندا. ان کان علاوه جهاز تي رهڻ دوران کين جيڪو هنڌ بسترو، ڪاڌو پيتو ۽ ٻي سهوليت ڏني ويندي ان جو سمورو تفصيل لکت ۾ ٻڌايو ويندو آهي. جنهن کي ”آرٽيڪل“ (لکائي ۾ معاهدو) سڏجي ٿو. ان آرٽيڪل قبول ڪرڻ بعد هر خلاصي ۽ آفيسر، جهازران ڪمپنيءَ (شپنگ ڪمپنيءَ) ۽ سرڪاري اداري (شپنگ آفيس) وارا هڪ سرڪاري رجسٽر تي صحيح ڪندا آهن ۽ شپنگ آفيس وارا سندن سي ڊي سي (پاسپورٽ قسم جو ڪتاب جنهن کي جهازي ”نلي“ به سڏين) تي صحيح ڪندا - يعني ان ڏينهن کان نوڪري شروع - يعني همراهه جهاز تي Sign-on ڪيو.

اهڙيءَ طرح جيڪي پراڻا لهندا آهن يعني Sign off ڪندا آهن تن کان سرڪاري آفيس (شپنگ آفيس) وارا پڇي پوءِ صحيح وٺندا آهن ته

books.sindhsalamat.com



کين سڄي سفر جو مقرر ڪيل پگهار ۽ الائونس مليو يا نه. جهازران ڪمپنيءَ کين ڪاڌي پيتي يا رهڻ جي تڪليف ته نه ڏني. مقرر ڪم ۽ ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪم ته نه ورتو ويو. ۽ جي ورتو ته ان لاءِ ”اوور ٽائيم“ مليو يا نه.

اهو سڀ ان ڪري جو ماضيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا جهازن جا مالڪ هتي يا ٻين ملڪن ۾ ٿي گذريا آهن. جيڪي جهازين جا پئسا کائي ويا. ساڻن ظلم ڪيائون. ان ڪري حڪومت جو هٿ هجڻ ضروري سمجهيو ويو. نه ته جهاز تي ڪم ڪندڙ غريب جهازي رلي ويو ٿي. جهاز ران ڪمپنين جو شيئر (حصو) پيو ٻڏي چڙهي، ساڳي وقت جهاز به پيا ٻڏن ترن پوءِ اهڙي حالت ۾ جهازي تي ڪم ڪندڙن ۽ انهن جي فئملين جي، پنيان ڪير پرگهور ڪري.

بهرحال اهو ڏينهن نوڪريءَ تي چڙهڻ (Sing on) ۽ لهڻ (Sing off) جو هوندو آهي. جنهن کي جهازي پنهنجي زبان ۾ ”آرٽيڪلس“ سڏين. ڪڏهن ڪڏهن ته اهو ڏينهن سڪون سان گذري ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته هنگامو برپا ٿي ويندو آهي جڏهن ڪو خلاصي دانهيندو آهي ته فلاڻي ملڪ ۾ کين اوور ٽائيم جا پئسا نه ڏنا ويا يا پورا نه ڏنا ويا. اسان کي ناروي يا سئيڊن جي سرديءَ ۾ گرم ڪپڙا نه مليا. يا برف ۾ ڪم ڪندي ”گم بوٽس“ نه مليا. جيڪي ارٽيڪل موجب ملڻ کتا ٿي وغيره وغيره. اڪثر خلاصين سان گڏ، سندن يونين وارا به ٽپي پوندا آهن. سرڪاري شپنگ آفيس وارا، سندن ڳالهيون ۽ جهازران ڪمپنين جي مالڪن ۽ انهن جي نمائندي جون ڳالهيون ٻڌي، ڪنهن فيصلي تي پهچي، جهازيءَ سان انصاف ڪندا آهن.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته شپنگ آفيس ۽ شپنگ ڪمپنيءَ ۾ فرق آهي. شپنگ ڪمپني جهازران ڪمپني ٿئي. جيئن پي اين ايس سي (پاڪستان نئشنل شپنگ ڪارپوريشن)، پئن اسلامڪ شپنگ

www.sindhsalamat.com

ڪمپني، يا اڳ ۾ اسان وٽ، ڪيتريون ٻيون بہ پرائيويٽ جهاز ران ڪمپنيون هيون.

شپنگ آفيس- هر ملڪ جي سرڪاري آفيس آهي، جيڪا منسٽري آف ڪميونيڪيشن يا منسٽري آف ڊفينس ۾ ٿي اچي ۽ شپنگ ماسٽر سندس اعليٰ عملدار آهي. اهي خلاصين جي چونڊ ڪن ۽ کين C.D.C ڏين. جنهن بنا هو جهاز تي Sail نٿا ڪري سگهن.

پي اين ايس سي يا ڪنهن ٻي جهازران ڪمپنيءَ يا جهاز جي مالڪ کي خلاصيءَ جي ضرورت پوندي آهي تہ هو سرڪاري شپنگ آفيس کي ٻڌائيندو آهي. جيڪي واري وٺيءَ تي خلاصي موڪلين. جيڪو ڏهہ مهينا Sail ڪرڻ بعد وري نوڪريءَ تان لاٿو ويندو آهي. ۽ ڪيس پنهنجي واري، وري اچڻ جو انتظار، ڇهہ، ڇهہ مهينا بہ ڪرڻو پوندو آهي. ڇاڪاڻ جو پراڻا جهاز اسڪرئپ ٿيڻ (ڊهڻ) ڪري، ۽ نون جهازن تي ماڻهن جي ضرورت بنهہ گهٽ هجڻ ڪري، واندن خلاصين جو تعداد وڌي ويو آهي. ان ڪري نوان ماڻهو تہ ورلي ڪو ڀرتي ڪيا وڃن ٿا.

جهاز تي نوڪري ڪرڻ لاءِ سي ڊي سي ۽ اجازت، پاڪستان شپنگ آفيس کان علاوه ايم ايم ڊي (مرڪنٽائل مئرين ڊپارٽمينٽ) ۽ ڊي. جي. پي. ايس (ڊائريڪٽوريٽ جنرل آفيس پورٽس ۽ شپنگ) جي پڻ ضروري آهي. جيڪي خلاصي توڙي آفيسر جي ڪم تي نظر رکن ٿا. سمنڊ تي گذاريل ڏينهن ۽ تجربي جا انگ اکر نوٽ ڪن ٿا ۽ وڌيڪ پروموشن لاءِ امتحان وٺن ٿا.

هڪ ٻي ڳالهہ تہ پاڻيءَ جو جهاز ٽرڪ، لاري يا ٽئڪسيءَ وانگر ناهي تہ هن جو مالڪ جنهن کي وٽي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر ڪري رکي. ۽ جنهن کي وٽي، ۽ جڏهن وٽي تہ ڪڍي ڇڏي. جهاز جي مالڪ، توڙي جهاز جي ڪئپٽن يا چيف انجنيئر کي، ڪا بہ اهڙي اختياري ناهي تہ هو ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي، جهاز تي خلاصي رکي سگهن.

books.sindhsalamat.com



ڪيترائي ماڻهو اسان جي ملڪ جا، يا ٻين ملڪن ۾، بندرگاهن ۾، جهازن جي ڪئپٽن، چيف آفيسر، انجنيئر يا وينڊي پرسر وغيره کي نوڪريءَ لاءِ چوندا رهندا آهن. جيئن سندباد جي ڪهاڻيءَ ۾ بہ آهي تہ هن جهاز جي ڏکي تہ بيهي، مٿي بيٺل ڪئپٽن کي رڙ ڪري چيو: ”مون کي خلاصيءَ جي حيثيت ۾- يعني ”ورڪنگ پئسينجر“ ڪري وٺي هلندي؟“.

ڪئپٽن وراڻيس ڏاڪڻ تي پير رکي هليو اچ. ۽ پوءِ هو جهاز جا رسا ڇڪڻ بدران ملڪ گهمندو رهيو. ان دور ۾ جهاز جو ڪئپٽن جهاز جو مالڪ بہ هو تہ جهاز تي رکيل سامان جو واپاري بہ. اُهو ئي واپاري، اُهو ئي هلائيندڙ- وڻجارو. پر هاڻ اهي سڀ ڳالهيون بدلجي ويون آهن. ۽ ان ”هاڻ“ کي بہ سئو سالن کان مٿي ٿي ويا آهن جو انگريزن قاعدا قانون بدلائي ڇڏيا ۽ اسان وٽ بہ اهي قاعدا هلي رهيا آهن.

يورپ جي هڪ هوٽل ۾ هڪ يوناني جهاز جي ڪئپٽن نشي ۾ مست ٿي مون کي پنهنجي ڪيل ٺڳيءَ جي ڳالهہ ٻڌائي: ”تنهنجي ملڪ ۾ هڪ دفعو مون ڏاڍا پئسا ڪمايا. ماڻهو جهاز تي نوڪريءَ لاءِ آيا. ڪانئن پئسا وٺي آسرو ڏنومان تہ فلاڻي ڏينهن جهاز لنگر ڪٽندو، ضرور اچجو. ۽ منهنجو جهاز ان کان اڳ Sail ڪرڻو هو سو ڪري ويو“.

سو پائرو! ڪو بہ جهاز جو ڪئپٽن يا چيف انجنيئر آفيسري يا خلاصيءَ جي تہ ڇا پر پينگيءَ جي نوڪري بہ نٿو ڏئي سگهي. هر ملڪ ۾ اچڻ ۽ وڃڻ وقت سخت چيڪنگ ٿئي ٿي. ۽ ڪو بہ وڌيڪ ماڻهو نہ ڪنهن ملڪ مان نڪري سگهي ٿو ۽ نہ ٻئي ۾ گهڙي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

# قيامت جو ڏينهن

**جهاز** تي چڙهڻ يا نوڪري ڇڏڻ واري ڏينهن کي آرٽيڪلس سڏجي ٿو ۽ ان بعد، ٻئي ڏينهن جهاز تان تي لهندڙن جو سامان بندرگاهه مان نڪرندو آهي. ڪسٽم آفيسرن جي نظرداري هيٺ نوڪري تان لهندڙ جهازي، پنهنجو سامان جهاز تان هيٺ لاهي رکن. پوءِ ڪسٽم وارا هڪ هڪ جو سامان جاچين ۽ ان موجب ٽئڪس هڻن. چون ٿا ته زندگي - جيڪا پڻ هڪ سفر آهي، ۽ جيڪو جيترا گهڻا گناهه ڪندو قيامت جي ڏينهن ان تي اوترو گهڻو بار. سو ان وانگر جيڪو سڄي Voyage گهڻو سامان خريد ڪندو آهي ۽ هن ڏينهن جو فڪر نه ڪندو آهي، ان جي حالت ڏسڻ وٽان ۽ رحم جوڳي هوندي آهي. وتندو آهي ٻين ساٿين کي منٿون ڪندو ته ڪجهه، سندس سامان، هو پنهنجي نالي ڪيائين جيئن گهٽ ٽئڪس (سزا) لڳي. پر سائين هتي هر ڪو پنهنجو پاڻ آجو ڪرائڻ جي چڪر ۾ هوندو آهي ته جهٽ جان ڇٽي. جو اُس ۽ گرميءَ ۾ سڄو ڏينهن به لڳي ويندو آهي ۽ سيني جون وايون بتال هونديون آهن. يعني نفسانفسيءَ جو عالم هوندو آهي.

ڪو وڏيڪ ٽئڪس ۽ ڏنڊ لڳڻ ڪري پئسا پيو اڏارا وٺندو پر هر ڪو هوندي سوندي به پيو لڪندو جو ڪهڙي خبر ان کي به وڏيڪ ٽئڪس ۽ ڏنڊ پئجي وڃي. ته پوءِ ڪنهن کان اوڌر وٺندو ڪو ڪسٽم آفيسر کي مطمئن پيو ڪندو ته ٽي وي يا ريڊيو پراڻو آهي. گهٽ ٽئڪس هڻ. ثبوت لاءِ





هو ٻئي جهازيءَ کي پيو چوندو ته ڪا شاهدي ڏي پر هو پاڻ بچائي يا ٻين کي آجو ڪرائي. هڪ دفعي اهڙي موقعي تي منهنجي پر ۾ بيٺل ريڊيو آفيسر چيو: ”قيامت جو ڏينهن به ڪجهه ڪجهه ائين هوندو“.

# کھڙي نياڳي زال شادي ڪندي

هڪ دفعي اسان جي جهاز جو انجڻ سرنگ، هڪ پناڻ، تمام وڏي ڏاڙهيءَ سان، تمام وڏي عمر جو هو. هو ايترو ته پوڙهو هو جو سندس اکين جا پرون به اڇا ٿي ويا هئا. گهٽ ۾ گهٽ ستر سالن جو هوندو. يا ٿي سگهي ٿو ته اڃان به وڏي عمر هجيس. جنهن جي ڪيس به ڄاڻ نه هئي. پر ڪمال جي ڳالهه اها ته همت ۽ ايمان جي سلامتي ايتري هيس جو خراب ڪان خراب سمنڊ ۽ موسم ۾، ڏکئي ڪان ڏکئي ڪم ۾، انجڻ روم جي گرميءَ ۾ ٻين سان گڏ همراهي ڪرائيندو رهندو هو. جيتوڻيڪ هلڻ ۾ به ٿورو منڊڪائيندو هو. دم جو به عارضو هوس. پر تنهن هوندي به مجال آهي جو نماز جو هڪ وقت به گسائي. هر وقت درود پڙهندو رهندو هو. انجڻ روم جي اڀين ڏاڪڻين تان هيٺ مٿي لهي چپ جهڙين مشينن کي بدلي ڪرائيندو هو ڳرن اوزارن کي واجهه ٻڌي گهلڻ لاءِ چڪيندو هو. ساڳي وقت پنهنجي عملي جي ماڻهن: آگ وارن، تيل وارن، ڪسب وغيره، کي دڙڪا ڏئي ڪم سمجهائيندو هو. مجال آهي جو ڪو هڪڙو ماڻهو به سندس اک ڪان پري پيچي يا ڪم ڪان گسائي. ڪاوڙ گهٽي ايندي هيس ته گارين مان به نه گسندو هو.

هڪ ڏينهن چا ٿيو جو ملائيشيا جي ڪنهن بندرگاهه ۾ جهاز جي روانگي وقت انجڻ جي لاءِ ڪجهه ڪيميائي دوا (پيروڪلين وغيره) جا نديا ٻه اچي ويا جيڪي ان ڪمپني جي آفيس جا ماڻهو ڏڪي تي ئي ڇڏي ويا. اسان جي همراهن کي، انهن کي ڏاڪڻ تان مٿي ڪٽي جهاز تي چاڙهڻا





هئا ۽ ان بعد انجڻ روم ۾ رکڻا هئا. سرنگ، جيڪو آگ وارن ۽ خلاصين مٿان ائين آهي جيئن هارين مٿان ڪمدار، تنهن چئني آگ وارن کي هيٺ جيٽيءَ تہ موڪليو تہ وڃي ڊم ڪٽي اچو.

ڊم ڪي ايترا ڳرا بہ نہ هئا پر هنن کي ڏانءَ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪيئن ڪٽجن. نيٺ هڪ هڪ ڊم کي ٻہ آگ وارا جهلي مٿي ڏاڪڻ تي جهڙو چڙهيا تہ اڳيان پويان صحيح مفاصلو ۽ بئلنس نہ رکڻ ڪري ۽ ڏاڪڻ ڪجهہ اڀي هجڻ ڪري، ڊم وڃي هيٺ ڦهڪو ڪيو.

جهاز تي پائلٽ بہ چڙهي چڪو هو. ان بندرگاهہ جا ملئي ڪم وارا رسن ۾ هٿ وجهيو بيٺا هئا تہ جيئن ئي ڊم چڙهن تہ رسا کولي جهاز کي وڃڻ ڏين. مٿان دريءَ مان آئون بہ انتظار ڪري رهيو هوس تہ ڊم مٿي کڃن تہ انجڻ اسٽارٽ ڪجي. پر هتي هيٺ چار ئي آگ وارا ڪلڪو لڳائي بيٺا هئا. اتي ڏيک تي هي پوڙهو انجڻ سرنگ نمودار ٿيو ۽ آگ وارن کي گهوريندو ڏاڪڻ ڏي منڊڪائيندو پهتو. آگ وارن هن کي ڏسي ڪلڪو بند ڪيو پر ڊم مٿي چاڙهيندي اڃان گهبرائي رهيا هئا. سرنگ اڌ ڏاڪڻ تان سهڪندي رڙ ڪري چين: ”ڪيا بات هي؟“.

”اڙي سرنگ ڊم تمام ڳرا آهن“. آگ وارن ۾ موجود هڪ مڪرانيءَ وراڻيو.

سرنگ کي باهہ وٺي وئي. اکيون ڪيڏي چيائين: ”شرم ڪريو شرم. جوان ٿيا آهيو. هي ڳرا آهن؟ حيف هجي توهان جي مڙسيءَ تي. هينئر ئي چيلهہ ڀڄي پئي اٿانوَ. توهان جهڙن سان شادي بہ ڪهڙي نياڳي زال ڪندي-؟!“ ان دوران هو هينئين ڏاڪي تائين پهچي ويو. هڪ ڊم کي پاڻ ڏي ڇڪي. اُپو بيهاري، ڳن ۾ هٿ وجهي ڪٽي جا مٿي سَٽ ڏنائين تہ سڌو سندس ڪلهي تي. پوءِ هڪ هٿ ڏاڪڻ جي هٿي ۾ تہ ٻيو دم ۾ وجهي، اڪيلي سر مٿي ڪٽي آيو.

پوڙهي سرنگ کي ڏسي ٻين کي بہ شرم آيو ۽ ڪٽڻ جي اٽڪل بہ اچي ويئي. پنجن ڏهن منٽن ۾ سڀ ٻم مٿي چڙهي ويا ۽ جهاز ملايا جو بندرگاهہ ڇڏي سنگاپور ڏي روانو ٿيو.

بهرحال ڳالهہ ان پوڙهي سرنگ جي ٿي ڪئيسين ۽ خاص ڪري سندس وڏي عمر جي. اسان ڪائنس سندس عمر جو پڇندا هئاسين تہ معصوميت مان چوندو هو: ”بابا خبر نہ اٿم. پتڙو نہ اٿم. ٿي نياٽيون هيون، سي پرڻجي ويون. ان کي بہ وڏو عرصو ٿيو. انهن جو اولاد بہ جوان آهي. مون کي تہ نالا بہ ياد نہ آهن“. يا چوندو: ”خبر ناهي. آئون شادي بعد جهاز تي ويس تہ بہ رڳو گورا جهازن تي هوندا هئا. پاڪستان بہ گهڻو گهڻو پوءِ ٿيو.“

هڪ ڏينهن ڪئپٽن جي ڪئبن ۾ ويٺو هوس تہ ڪنهن ڪم سانگي هي سرنگ هن جي ڪئبن ۾ آيو. ڪئپٽن پاڻ بہ جيتوڻيڪ پوڙهو هو پر سرنگ کان گهٽو گهٽو گهٽ. ڪئپٽن کي اک پيجي چيم تہ سرنگ کان عمر تہ پڇ.

”سرنگ ڪيترا سال گذريا آهن توکي -؟“ ڪئپٽن پڇيس.

سرنگ سهڪندي ڪنڌ هيٺ ڪري پشتو لهجي ۾ چيو: ”صاحب چاليهہ ۽ پنج“.

”سرنگ ڏاڍي ٻڌايئہ. چاليهہ ۽ پنج- يعني فقط پنجيتاليهہ“.

ڪئپٽن سان گڏ مون کي بہ تعجب لڳو تہ سرنگ نسورو ڪوڙ پيو ڳالهائي.

”جي ها. پنجيتاليهہ“. سرنگ نماڻيون اکيون ڪري وري دهرايو.

ڪئپٽن چيس: ”سرنگ ڪمال ٿو ڪرين. تنهنجي پنجيتاليهہ سال عمر! آئون تنهنجي اولاد جيڏو منهنجي پنجاهہ سال آهي. توکي پنجيتاليهہ ڪيئن ٿيا؟“.

”بلڪل. منهنجي سي ڊي سي (پاسپورٽ) ڪڍي ڏس تہ مون جهاز تي پنجيتاليهہ سال گذاريا آهن. يعني ايتري سي سروس اٿم“.





”سرنگ! اسين تنهنجي جملي ڄمار جو پيا پڇون تہ ڄمڻ کان وٺي هيستائين گهڻا سال ٿيا آهن؟“.

”اهو تہ معلوم نہ اٿم“. سرنگ نماڻين اکين سان نهٽائيءَ سان وراڻيو. ”جڏهن مون شادي ڪئي هئي، پورا اٺ سال رکي پهرين وڏي لڙائي لڳي هئي.....“.

# اي چيف ڪئن نيور بي رانگ

**اسان** جي چيف آفيسر زاهد کي پنهنجي ڪار ۽ جهاز جي ڪئبن ۾ جدا جدا قسم جا اسٽڪر (Sticker) هڻڻ جو ڏاڍو شوق هو. انگلينڊ، اسڪينڊينوين ملڪن، هانگ ڪانگ ۽ ٻين اهڙن سامونڊي قومن وارن ملڪن ۾ تہ خاص جهازين جي ڏانءَ جا پوسٽر ۽ اسٽڪر ملن ٿا جيڪي اسان جو يار خريد ڪري پنهنجي ڪئبن ۾ ٽڱيندو رهندو هو.

سندس ڪئبن ۾ لڳل هڪ ٻہ پوسٽر ۽ اسٽڪر جن جا نعرا/ مضمون هن وقت ياد اٿم:

1. Sailors Have fun

جهازين ڪي مزا آهن.

2. Join the Navy, see the World

دنيا ڏسڻي اٿانوَ تہ سامونڊي نوڪريءَ ۾ اچو.

سندس آفيس جتي صبح شام سندس ماتحت ڪئڊٽ ۽ خلاصي ڊيوٽي لاءِ رپورٽ ڪندا هئا، ان جي هڪ پٽ Bulkhead تي پوسٽر لڳل هو:

The boss in not
Always right
...... but boss is
Always the boss





ضروري ناهي تہ صاحب هميشہ صحيح هجي پر سائين صاحب هميشہ صاحب ئي آهي.

هڪ ٻيو پوسٽر جيڪو لنڊن مان ورتو هئائين ۽ خاص جهاز جي چيف آفيسر لاءِ ٺاهيل هو، اهو آفيس جي دروازي جي اندرين پٽ تي هنيو هئائين:

A Chief
Is Always Right
He my be Misinformed
Inexact, Bull headed
Fickle, Ignorant, even
Abnormally Stupid. But

Never Wrong

يعني صاحب جي ڳالهہ هميشہ صحيح آهي. صاحب ڪنن جو ڪچو، پرمتڙيو، گڏهہ، جاهل، وائڙو- ويندي چريو ٿي سگهي ٿو پر غلط ٿي نٿو سگهي.

سندس ڪمري جي در تي ڪتاب جي ماپ جيڏي ٽامي جي پليٽ تي بہ اصول اڪريل هئا:

Rule No.1
The Boss is always right!
Rule No.2
If the boss is wrong, see rule No.1

يعني قاعدو نمبر پهريون تہ صاحب جي هر ڳالهہ صحيح آهي. قاعدو نمبر ٻيو جڏهن بہ سمجهو تہ صاحب غلط آهي تہ قاعدو نمبر پهريون ڏسندا ڪريو.

هڪ چانديءَ جو Stand ڊئنمارڪ مان وٺي ٽيبل تي رکيو هئائين. ان تي اُڪريل هو:

I am not deaf but

I am ingoring you.

يعني آئون ڪو ٻوڙو نہ آهيان. پر توکي اهميت نٿو ڏيڻ چاهيان.

ڪمري جي در جي اندرئين پاسي اسٽڪر تي لکيل هو: سگريٽ نہ پيئڻ لاءِ توهان جي وڏي مهرباني، ۽ پر واري پٽ جي ڪنڌ تي لڳل اسٽڪر تي لکيل هو:

If you must smoke
Do not exhale

معنيٰ جيڪڏهن توهان سگريٽ ڇڪڻ کان باز نٿا اچو تہ گهٽ ۾ گهٽ دونهون تہ ٻاهر نہ ڪڍو.

سندس ڪار جي پوين جپان مان ورتل اسٽڪر لڳل هو جنهن تي رنگين اکرن ۾ لکيل هو:

Sailors make better lovers

جهازي بهترين عاشق ٿين ٿا.

اڄ سوڊان هڪ نہ پر ٻہ آهن

منهنجي هن سفرنامي "سانباهو سموند جو" ۾ جنهن سوڊان جو احوال آهي اهو 81-1980ع جو آهي جن ڏينهن ۾ اسان جو جهاز آمريڪا کان واپسي تي سوڊان جي بندرگاهہ "پورٽ سوڊان" ۾ اچي لنگر انداز ٿيندو هو. انهن ڏينهن ۾ سوڊان جي گاديءَ جو شهر "خارطوم" هو. سوڊان جي اتر ۾ مصر ۽ اوپر ۾ بحر احمر (ڳاڙهو سمنڊ) آهي. سوڊان جو سڀ کان وڏي بندرگاهہ جو نالو ئي "پورٽ سوڊان" آهي، هن جي بلڪل ٻئي ڪناري تي سعودي عرب جا بندرگاهہ: جدو ۽ ينبو آهن. نقشي ۾ ڏسبو تہ اتر ۾ تہ مصر آهي جنهن جو ڪجهہ حصو يونچ سمنڊ Mediterranran تي آهي تہ ڪجهہ ڳاڙهي سمنڊ تي. مصر جي هيٺان سوڊان آهي جنهن جي هيٺان حبش (ائبيسينيا) آهي. حبش جي ٻئي پاسي يعني ڳاڙهي سمنڊ جي ٻئي





ڪناري تي سعودي عرب ۽ يمن آهي. اهو ئي سبب آهي جو مڪي جا مسلمان ڳاڙهو سمنڊ ٽپي حبش ۾ اتي جي عيسائي بادشاهہ وٽ آيا. اسلام کان اڳ حبش عيسائين جو مرڪز هو. يمن بہ هنن جي هٿ هيٺ هو جتي گورنر رهيو ٿو. ڪعبي تي حملي لاءِ يمن کان ئي ابره هاٿين تي آيو هو. حبش ۽ سوڊان سعودي عرب کي ويجهو هجڻ ڪري سعودي عرب ۾ جيڪي شيدي آيا ٿي سي نائيجيريا، يوگنڊا يا موزمبق ملڪن جا نہ پر سڀ کان گهڻا حبش جا ۽ ٻئي نمبر تي سوڊان جا آيا ٿي جيڪي حبشي ۽ سوڊاني سڏبا هئا. بلڪ حبشي ايترا تہ گهڻا هئا جو سوڊاني ۽ بعد ۾ آفريڪا جي ٻين ملڪن کان ايندڙ شيدي بہ حبشي سڏجڻ لڳا... جيڪو لفظ اسان وٽ ننڍي ڪنڊ ۾ هر شيديءَ لاءِ عام مروج آهي.... يعني حبشي ۽ عورت لاءِ حبشڻ.

حبش يڪو ملڪ هو پر ٻي وڏي لڙائيءَ بعد آهستي آهستي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو: هڪ اريٽيريا (Eritrea) جنهن جي گاديءَ جو شهر آسمارا آهي ۽ ٻيو اٿوپيا جنهن جو اديس ابابا گاديءَ جو شهر آهي. اٿوپيا جي هيٺ ۽ ساڄي پاسي صوماليا ملڪ آهي جتي ڪافي عرصي کان غيرقانونيت هجڻ ڪري قذاقن جو مسئلو رهندو اچي ۽ عربي سمنڊ ۽ ڳاڙهي سمنڊ مان لنگهندڙ جهازن جي ڦرلٽ ۽ اغواڪاريءَ دنيا کي پريشان ڪري وڌو آهي.

اٿوپيا ۽ سوڊان جي هيٺان ڪينيا ۽ يوگنڊا ملڪ آهن. ڪينيا، يوگنڊا ۽ سوڊان تي انگريزن جي حڪومت هئي ان ڪري انهن ملڪن ۾ پڻ اسان جي ملڪ وانگر انگريزي ڳالهائي وڃي ٿي. مصر تہ هڪ تاريخي ملڪ رهيو آهي پر پرسان سوڊان هجڻ ڪري ان جي بہ تاريخ ۾ وڏي اهميت رهي آهي. ايتري قدر جو اهرامن ۽ لاشن کي مَمِي بڻائي دفن ڪرڻ جو ڪلچر نہ رڳو مصر ۾ پر سوڊان ۾ پڻ رهيو آهي. نيل ندين جي هجڻ ڪري مصر ۽ سوڊان ۾ آڳاٽي زماني کان رهائش جو سلسلو هلندو اچي.

نيل ندي جيڪا سڄي مصر کي پاڻي ڏئي اتر ۾ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي اها دراصل ٻن ندين جي ميلاپ بعد جنم وٺي ٿي. اهي ٻه نديون: هڪ ”سفيد نيل“ جيڪا يوگنڊا جي وڪٽوريا ڍنڍ کان شروع ٿئي ٿي ۽ ٻي ندي ”نيلي (Blue) نيل“ جيڪا اٿوپيا جي ٽانا ڍنڍ کان شروع ٿئي ٿي. اها اٿوپيا لتاڙي سوڊان ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ سوڊان جي گاديءَ واري شهر خارطوم وٽ سفيد نيل سان ملي ٿي. ان بعد هي ٻه نديون ملي هڪ ”نيل“ سڏائين ٿيون. اها گڏيل نيل باقي سوڊان لتاڙي مصر ۾ داخل ٿئي ٿي.

پراڻيون جيڪي ٻه تهذيبون آهن اهي ڏٺيون وڃن ته ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي ئي آهن ڇو جو انسان لاءِ پاڻي ضروري آهي. اهو ئي سبب آهي جو مصر ۽ سوڊان ۾ آڳاٽيون آباديون ۽ سلطنتون رهيون آهن. حضرت موسيٰ جي ڏينهن وارا فرعون بادشاهه به ته هتي مصر ۾ نيل نديءَ جي ڪناري تي رهيا ٿي جتان حضرت موسيٰ عليه والسلام بني اسرائيل وارن کي ڳاڙهو سمنڊ ٽپائي عربستان ۽ يمن واري پاسي وٺي آيو. هونءَ دنيا جي گهٽين ندين جو وهڪرو اتر کان ڏکڻ رهيو آهي جيئن اسان جي جهلم، چناب توڙي سنڌونديءَ جو آهي پر نيل نديءَ جو وهڪرو ڏکڻ (يوگنڊا) کان اتر (مصر) ڏي آهي.

مملڪت ڪوش (Kush) آفريڪا جي پراڻين تهذيبن مان هڪ آهي جنهن جو اثر مصر ۽ سوڊان تي رهيو. ڪوش سلطنت جا شهر نيل، سفيد نيل ۽ بلو نيل ندين جي ڪنارن تي آباد هئا. اها مملڪت ڪوش جي ڌرتي اڄ وارو سوڊان آهي. سوڊان ۾ ڇهين صديءَ ۾ عيسائيت آئي ان بعد اسلام پڻ عام ٿيو. سوڊان ۾ شروع کان مٿين حصي ۾ عرب نسل جا ماڻهو رهندا اچن ۽ عربي زبان عام آهي. ڏکڻ ۾ مڪاني ڪارا شيدي رهن ٿا جن جي گهڻائي عيسائي آهن ۽ عام زبان انگريزي آهي. گاديءَ جو شهر خارطوم اتر ۾ هجڻ ڪري ۽ حڪومت تي اتر وارن جو قبضو هجڻ ڪري سوڊان جي ڏاکڻي حصي سان ناانصافي رهي ٿي. ائين ڪٿي سمجهه ته جيئن





پنجاب صوبي جي اتر واري حصي تي ته خوب پئسو لڳايو وڃي ٿو پر ڏکڻ واري حصي ۾ جتي سرائيڪي زبان عام آهي گهٽ خيال رکيو وڃي ٿو.

اسان جو جڏهن 1980 جي ڏهاڪي وارن شروع جي سالن ۾ سوڊان وڃڻ ٿيو ٿي..... يا ويندي 2011 تائين، سوڊان هڪ ملڪ هو جيئن 1947ع کان اڳ هندوستان هو ۽ اسان ڳائيندا وتندا هئاسين ته ”ساري جهان سي اڇا هندوستان همارا اهڙي طرح سوڊاني ٻه قومي ترانو جهونگاريندا وتندا هئا ته Nahnu Djundulla Djundul watan........ اسين الله جي ۽ پنهنجي وطن (ڌرتي) جا سپاهي آهيون. سوڊان آفريڪا کنڊ جو وڏي ۾ وڏو ملڪ هو. اڄ سوڊان ٻن حصن ۾ آهي. هڪ اتراهون حصو جيڪو هندستان وانگر اڄ به ساڳي نالي سوڊان سان سڏجي ٿو ۽ ٻيو ڏاکڻو حصو جيڪو هاڻ ڏکڻ سوڊان (سائوٿ سوڊان) سڏجي ٿو. ان جو پاڪستان وانگر ٻيو ڪو نالو هجي ها ته ايڏو مونجهارو نه ٿئي ها. پر ساڳي نالي ڪري سوڊاني پاڻ ٻه منجهي پون ٿا جو ڪنهن ٻه ملڪ ۾ ڪو ڏکڻ سوڊاني ملي ٿو ۽ هن کان ڪٿي پڇ ته حبشي آهين؟ مصري آهين. نائيجر آهين يا گهاني (گهانا جو) ته وراڻيندو ”سوڊاني“ ۽ توهان اندازو نه لڳائي سگهندائو ته هن جو واسطو ڪهڙي سوڊان سان آهي. آيا اترادي آهي يا لاڙي، اياز گل ۽ آسي زميني ۾ ڪهڙو فرق؟ ڌارين لاءِ ته ڇا پر اسان کي به رٻينا ابڙو ۽ رخسانا پريت شاعرائن ۾ ڪو فرق نظر نه ايندو ته ڪهڙي اتر سنڌ جي آهي ۽ ڪهڙي ڏکڻ سنڌ جي. ولايت جي ملڪن ۾ ته ڪيترا هڪ پاڪستاني ۽ هندوستانيءَ ۾ به فرق نه ڪري سگهندا آهن.

اڄ به سوڊان (يعني اتراهون سوڊان) ايڏو وڏو آهي جو آفريڪا جي ملڪن ۾ الجيريا ۽ ڪانگو بعد ٽي نمبر تي اچي ٿو ۽ سندس پکيڙ 18.6 لک چورس ڪلوميٽر آهي يعني ايران کان به وڏو آهي جنهن جي پکيڙ 16.5 لک چورس ڪلوميٽر آهي ۽ پاڪستان جنهن جي پکيڙ 8 لک آهي ان جي ته ٻيڻ کان به وڏو ٿيو. البت ڏکڻ سوڊان ڪافي ننڍو ٿي پيو آهي

جنهن جي ايراضي 6.5 لک چورس ڪلوميٽر آهي. آدم شماريءَ ۾ به جتي سوڊان (يعني اتر واري) جي 4 ڪروڙ آهي ته ڏکڻ سوڊان جي سوا ڪروڙ آهي. ان حساب سان پاڪستان جي 20 ڪروڙ آهي، جپان جي 13 ڪروڙ ايران جي 8 ڪروڙ ملائيشيا، سعودي عرب ۽ عراق جي ساڍا ٽي ڪروڙ آهي.

سوڊان جي گهٽ آدمشماري جو سبب برٿ ڪنٽرول ناهي بلڪ هن پاسي جي ملڪن ۾ ڏنو وڃي ته پهلوان مڙس اهو ٿو سمجهيو وڃي جيڪو گهڻا ٻار ٿو پيدا ڪري. سوڊان جهڙن پٺتي پيل آفريڪي ملڪن جي گهٽ آدمشماري جو اهو ئي سبب آهي ته اتي جون ڪرپٽ حڪومتون عوام جي صحت ۽ خوشحاليءَ جو ڪو خيال نٿيون ڪن. جهڙيون تهڙيون اسپتالون آهن جن ۾ نه آهن ڊاڪٽر نه دوائون. سرڪاري فائيلن تي ڊاڪٽر ۽ دوائون ضرور آهن پر سفارشي ۽ ڪاهل ڊاڪٽر موڊ ٿئين ته اسپتال ۾ اچن ۽ مفت جي پگهار سان گڏ مريضن جي دوائن جا به پئسا به کايو وڃن. دوائن لاءِ هو فقط صحيحون ڪن ۽ دوائن جون ڪمپنيون کين گهر ويٺي ڪميشن پهچائين يا کين ولايت جون ٽوئرون ڪرائين. اها ڳالهه ان ڪري ياد اچي وئي جو ڪجهه مهينا اڳ مون سان گڏ جنهن بس ۾ ڊاريان ڪوالالمپور کان ملاڪا سفر ڪري رهيا هئا انهن ۾ سوڊان جا ڪجهه ڊاڪٽر پڻ هئا. دوائن جي ڪمپني طرفان کين هي عيش ڪرائڻ تي هو خوش هئا. ڪيڏي ڏک جي ڳالهه آهي ته هنن کي عوام جي خدمت ڪرڻ تي هي انعام نه مليو هو پر انهن جي پيينگ ڪرڻ تي..... بيمار هم وطنين جو علاج ڪرڻ بدران فارين جي دوائي ڪمپنين کي فائدو رسائڻ جو اجورو وٺي رهيا هئا. افسوس جي ڳالهه ته ان چور بازاري واري ترپ ۾ اسان جي ملڪ جا بلڪ اسان جي صوبي جا ڊاڪٽر به شامل هئا. چئبو ته سياستدان ۽ ڪامورو ته ٺي پري جي ڳالهه هڪ ڊاڪٽر جيڪو پاڻ کي مسيحا ٿو سڏرائي ان کي به غريب عوام تي قياس نٿو اچي! پوءِ دوائن جي اڻ هوند يا





نقلي هجڻ ڪري اسان جي اسپتالن ۾ عورتون توڙي ٻار ڦٿڪيو ڦٿڪيو مريو وڃن. اسان جو مذهب ته جانور تي به ڪهل ڪرڻ لاءِ چوي ٿو پر اهي اسلامي اصول اسان مسلمانن ۾ ته گهٽ نظر اچن ٿا پر يورپ (مغرب جي ماڻهن) ۾ وڌيڪ آهن. يورپ ۾ ڪيترين ڪانفرنسن ۾ مون اتي جي ماڻهن کي حيرت ڪائيندي ڏٺو ته سوڊان جهڙن ملڪن ۾ جن ڏانهن آمريڪا، ڪئناڊا، سئيڊن ناروي ۽ انگلينڊ جهڙا ملڪ خيرات ۾ هيڏو پئسو موڪلين ٿا پر پوءِ به ماڻهن جا علاج چو نٿا ٿين. هو ته ان پئماني جي خراب گورننس جو سوچي به نٿا سگهن پر اسين پاڪستاني خاص ڪري سنڌ صوبي جا رهواسي جن سنڌ جي ڳوٺن جي اسپتالن جي ڪارڪردگي ڏٺي هوندي. خاص ڪري ٿر ۾ مائرن ۽ ٻارن کي مرندي ڏٺو هوندو اهي ڀلي ڀت سمجهي سگهن ٿا ته حڪمرانن جي وعدن ۽ دعوائن جي باوجود عوام جو ڀلو چو نه ٿي رهيو آهي.

هونءَ ته آفريڪا جا ڪافي ملڪ سڌري ويا آهن بلڪ ڪي ته اسان کان به وڌيڪ ماڊرن ۽ سکيا ستابا لڳن ٿا پر يارو هي ملڪ سوڊان. چاهي اتر وارو هجي جنهن ۾ عرب نسل جا عربي ڳالهائڻ وارا مسلمان رهن ٿا توڙي ڏکڻ وارو جنهن ۾ آفريڪي نسل جا شيدي رهن ٿا جن تي "انگريز حڪومت" جو وڌيڪ اثر رهيو جيڪي عيسائي آهن ۽ انگريزي گهڻي ڳالهائين ٿا، نه پهرين سڌريل هئا نه هاڻ ڪو افعال نظر اچي ٿو. اتر ۽ ڏکڻ سوڊان جي وچ ۾ زبان، مذهب ۽ ڪلچر جي فرق ڪري ٻنهي ڌرين جو ناهه نه ٿيو. چاليهه سال مار مارا هلندي رهي جنهن ۾ 25 لک ماڻهو بک، بيروزگاري، ڌڪارن ۽ خونريزين ۾ مارجي ويا. آخر هنن الڳ رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ملڪ جا ٻه حصا ٿيا. هاڻ مٿين (اتراهين) سوڊان ۾ گهڻائي مسلمانن جي آهي ۽ هيٺين ڏاکڻي سوڊان ۾ عيسائين جي ته به پنهنجو پاڻ ۾ لڳا پيا آهن. اڳ ۾ مذهب تان جهيڙو هو هاڻ ٻولين، قبيلن، ذاتين جي چڪرن ۾. بس سمجهو ته افغانستان وارو حال آهي جنهن ۾ هڪ قوم بدران

پشتون، تاجڪ، هزاره، ازبڪ ترڪ، نورستاني، پاشائي، بلوچ، پاميري.... خبر ناهي ڪهڙيون قومون رهن ٿيون ۽ مسلمان هوندي بہ هڪ ٻئي سان اٽڪيا پيا آهن. ائين تہ ايران ۾ بہ ڪئين قومون رهن ٿيون پر تعليم ۽ سٺي حڪمراني ڪري سڀ خوشحال ۽ امن ۾ آهن پر افغانستان ۾ ننڍي ڳالهہ تان بندوقون رائفلون ڪڍيو وڃن ٿا تہ خوفناڪ قسم جو ماحول آهي! اسان جي انهن ماڻهن جن افغانستان نہ ڏٺو آهي اهي سنڌ جي اتراهن ضلعن جيڪب آباد، قمبر، ڪشمور جو تصور ڪري سگهن ٿا جتي سڀ مسلمان هوندي، سڀ ساڳي زبان سنڌي ڳالهائيندي بہ پاڻ ۾ نٽا ٿهن. پنهنجو پاڻ کي قبيلن ۽ ڪميونٽيز ۾ ورهائي وينا هڪ ٻئي کان بدلا وٺن. نہ تعليم وڌي رهي آهي نہ واپار وڌو. رڳو دشمنيون ۽ خونريزيون وڌي رهيون آهن. اهو ئي حال هيڏانهن اتر توڙي ڏکڻ سوڊان جو آهي. مذهب ۽ زبان جي بنياد تي علحدگي ٿي تہ هاڻ قبيلن ۽ مڪاني ٻولين جي بنياد تي هڪ ٻئي سان جهيڙا لڳا پيا آهن. جتي بہ تعليم، امن امان، انصاف ۽ حڪمرانن طرفان گڊ گورننس ٿئي ٿي تہ ملڪ خوشحال ٿيو وڃي ۽ پوءِ هر ڪو پنهنجي سڃاڻپ ملڪ سان وابستہ ٿو رکي. ملائيشيا ۾ چيني ملئي پاڻ ۾ وڙهي وڙهي تباهہ پئي ٿيا. مٿيارين جيڏي سنگاپور ٻيٽ تي چيني، تامل، ملئي، جاوانين، سماترن ۽ تاملن پاڻ کي اهم سمجهي ملڪ کي گارين تي ڏنيون ۽ 1970ع کان اڳ نہ فقط ڌارين پر خود سنگاپورين بہ پنهنجي ملڪ کي ”چور ملڪ“ ٿي سڏيو. پوءِ اسان ڏٺو تہ انهن ملڪن جي حاڪمن مهاتير توڙي لي ڪئان يو تعليم، انصاف، ايمانداري سان پنهنجن ملڪن کي اهڙو تہ خوشحال بڻائي ڇڏيو جو اڄ ڪو بہ سنگاپوري پاڻ کي تامل، چيني يا ملئي سڏائيندي خراب ٿو سمجهي ۽ فخر سان ”آئي ايم سنگاپورين“ يا ”آئي ايم ملائيشين“ ٿو چورائي. ۽ چو نہ سڏرائي جو اهي ملڪ اڄ يورپ جي ملڪن کان بہ سکيا ستابا ۽ ماڊرن ٿي ويا آهن. ۽ انهن جي دنيا ۾ ايڏي عزت ۽ ساک ٿي وئي آهي جو ڪو بہ ملائيشن. پوءِ پلي اهو انڊين شودر هجي،

books.sindhsalamat.com



جهنگلن ۾ ڪم ڪندڙ ملئي هاري هجي يا سنگاپور جون گهٽيون ٻهاريندڙ ڳوناٽو چيني هجي هو بنا ويزا جي آمريڪا توڙي جپان جهڙي ملڪ ۾ وڃي ۽ رهي سگهي ٿو. اسان جي ملڪ جي ساک ڪرڻ ڪري اسان جي ملڪ جي وزير کي بہ اهڙن ملڪن ۾ تہ ڇا پر سئيڊن، ناروي يا ڪويت، سعودي عرب ۾ گهمڻ يا ڪم ڪرڻ جي ويزا لاءِ جفاڪشي ڪرڻي پوي ٿي.... پوءِ ڪيس مس مس چند ڏينهن لاءِ وزٽ ويزا ملي ٿي.

www.sindhsalamat.com

# سوڊان ۾ خوشحالي جو گراف

**سوڊان** آفريڪي ملڪ ضرور آهي، ريتي ۽ رڻ پٽ به ضرور آهن. ڏڪار ۽ ماڪڙ جا به حملا ٿين ٿا پر ان هوندي به اهڙو ڪو ويل ناهي. سفيد ۽ نيلي نيل نديون هن ملڪ مان لنگهن ٿيون. بارشون به جام ٿين ٿيون.... پوک ۾ ڪپهه، ڪڻڪ، جَوَ بوهي مگ (Peanuts)، ڪمند ۽ ميون ۾ انب، پپيون ڪيلو جام ٿئي ٿو. معدنيات ۾ لوهه، پٽل، ڪروميم، شيهو چاندي، مائيڪا، ويندي سون نڪري ٿو. هاڻ ته تيل نڪرڻ ڪري هي ملڪ ته گهڻن کان خوشحال هئڻ کپي پر ملڪ جي حاڪمن سياستدانن، فوجين ۽ ڪامورن جي بدنظمي ۽ ڦرلٽ ڪري اهي پاڻ ته خوشحال ٿيندا وڃن پر عوام ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندي وڃي. پوءِ جڏهن انسان کي پيٽ پري به ويلا ڪائڻ لاءِ نٿا ملن، ملڪ جا نوجوان بيروزگاري جي ڪري ذهني مريض پيا ٿين ته پوءِ ننڍي ننڍي ڳالهه تي هڪ ٻئي سان اٽڪيا پيا آهن. ماڻهو انيڪ قبيلن ۽ ذاتين ۾ ورهايا پيا آهن. انگريزي ۽ عربيءَ کان علاوه ملڪ ۾ سئو کان مٿي مڪاني ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. تعليم ۽ پئسو نه هجڻ ڪري هو علاج لاءِ ٽوٽي ڦيٽي تي گذر ڪن ٿا. انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ هر ڪو پنهنجي قبيلي جي سردار يا ڳوٺ جي وڏيري وٽ پهچي ٿو. حڪمران اها ئي انگريزن واري پاليسي قائم رکندا اچن ته Divide and Rule - يعني جَت پنهنجو پاڻ ۾ ئي وڙهي خوار ٿيندا رهن ۽ ڪو به حڪومت تي تنقيد نه ڪري. سو ڏنو وڃي ته سوڊان جيڪو ڪنهن زماني ۾ مصر سان گڏ اعلي تهذيبن ۽ تمدن جو ملڪ رهيو اهو اڄ خوار خراب آهي. هڪ ٻي ڳالهه

books.sindhsalamat.com



ته جڏهن آئون تعليم جي ڳالهه ٿو ڪريان ته سندس پر وارن ملڪن ڪينيا، تنزانيا، يوگنڊا جي مقابلي ۾ پيٽ ٿو ڪريان هونءَ توهان سوڊان جي هڪ عام ماڻهوءَ سان ڳالهائيندئو ته توهان کي گهڻن کان سلجهيل ۽ تعليم يافته لڳندو ڇو جو سوڊان ۾ تعليم ڪٽي گهٽ آهي پر تڏهن به 60 سيڪڙو آهي. اسان وٽ ته 40 سيڪڙو به نه آهي. ملائيشيا ۾ به اڄ کان اڌ صدي اڳ جڏهن 1968ع ۾ آئون پهريون دفعو ويو هوس ته اهو ratio هو. هاڻ اتي 90 سيڪڙو کان مٿي آهي. سريلنڪا ۽ بنگلاديش به تعليم ۾ اسان کان گهڻو گهڻو مٿي آهي. سوڊان، موزمبق، زئمبيا، گهانا ۽ سينيگال جهڙا ملڪ پنهنجي جاءِ تي پر يارو اسان پنهنجي جيءِ ۾ جهاتي وجهون ته اسان جو ملڪ جيڪو گهڻن کان اڳيرو هو ان کي چاٽي ويو آهي ۽ ان کي اسان پنهنجي ايندڙ ٿهيءَ کي بهتر حالت ۾ ڏيڻ بدران ڪهڙي حال ۾ ڏئي رهيا آهيون.

سوڊان جا به حصا ٿيڻ تي هينئين ڏاکڻو سوڊان Land Locked بنجي ويو آهي يعني ڳاڙهي سمنڊ وارو سڄو ڪنارو جتي هن ملڪ جو واهر بندرگاهه "پورٽ سوڊان" آهي اهو ۽ پر وارا ننڍڙا بندرگاهه سڀ سوڊان (اتر واري سوڊان) حوالي ٿي ويا. ڏکڻ سوڊان جي چوڏاري ڪو سمنڊ ناهي. افغانستان وانگر سڀ ملڪ آهن جيئن ته چاڊ، سينٽرل افريڪن ريپبلڪ (CAR)، ڪانگو يوگنڊا، ڪينيا ۽ اٿوپيا آهي. ڏکڻ سوڊان وارا سمنڊ نه هجڻ ڪري افغانستان ۽ يوگنڊا وانگر سامان بحري جهاز ۾ ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ گهرائي پوءِ ٽرين ۽ ٽرڪن ذريعي پنهنجي ملڪ ۾ پهچرائين ٿا. افغانستان جو سامان ڪراچي بندرگاهه تي لهي ٿو جتان پوءِ باءِ روڊ ڪابل ۽ افغانستان جي ٻين شهرن ۾ پهچي ٿو جيئن يوگنڊا جو سامان ڪينيا جي بندرگاهه ممباسا ۾ لهي ٿو جتان پوءِ ٽرين ڪينيا جي گادي واري شهر نئروبيءَ کان ٿيندي يوگنڊا جي گاديءَ واري شهر ڪمپالا ۾ پهچائي ٿي. ڪينيا ۽ يوگنڊا تي جيئن ئي انگريزن جو قبضو ٿيو ته پهريون ڪم

www.sindhsalamat.com

انگريزن اهو ئي ڪيوته انڊيا مان سک ۽ تامل گهرائي ريل جو ڪم شروع ڪرايو جيئن 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ٿيڻ تي هنن ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي ۽ پوءِ سکر ۽ ملتان تائين ٽرين هلائي.

ڏکڻ سوڊان کي پنهنجو سمنڊ يا بندرگاهه نه هجڻ ڪري هن کي ڪو به سامان موڪلڻ يا گهرائڻ لاءِ سوڊان (اتر واري ملڪ) جي ڪاڻ ڪيڏي پوي ٿي. ٻي ڳالهه اها ٿي پئي آهي ته تيل جا کوهه هيٺ ڏکڻ سوڊان ۾ آهن پر انهن کي صاف ڪرڻ جا ڪارخانا (Refinaries) ۽ ان کي وڪڻڻ لاءِ ٻاهر موڪلڻ لاءِ بندرگاهه مٿي اتر سوڊان وارن وٽ آهي.

سوڊان لفظ جي مڪاني زبان ۾ معنيٰ ”ڪارن جي ڌرتيءَ“ آهي. سندس پر وارن ملڪن: مصر، آلجيريا، لبيا يا پونچ سمنڊ جي ٻئي پاسي اٽلي، فرانس، اسپين وغيره جا ماڻهو ته اڇا ٿيا پر ڳاڙهي سمنڊ جي ٻئي پاسي يمن ۽ سعودي عرب جا ماڻهو به ايرانين وانگر اڇا ۽ ڪڻڪ رنگا آهن. اڄ واري سوڊان (يعني اتر واري حصي) جو عربن سان لڳ لڳاپا ۽ اچ وڃ هجڻ ڪري هاڻ اتي جو نئون نسل ڪجهه گهٽ ڪارو اهي. هنن ۾ گهڻائي عرب نسل جي آهي هو عربي ڳالهائين ٿا. پر ياد رهي ته هنن جي عربي ٻولي مصرين ۽ عربن واري نج عربي ناهي. بس سمجهو ته هڪ لکنو جي ماڻهن جي اردو ۽ ٻي چاڪيواڙي ۽ لياري جي اردو. پر بهرحال ان عربيءَ جي مڪسچر ڪري ئي سهي سوڊانين کي عرب ملڪن ۾ نوڪرين ۽ روزگار جو سنٺو موقعو مليو. عرب دنيا ۾ آفريڪا کنڊ جا سڀ کان گهڻا سوڊاني اهن. ويتر هو پٺاڻن ۽ افغانين وانگر پورهيت ۽ پهلوان هجڻ ڪري هنن جي عرب دنيا ۾ وڏي ڊمانڊ اهي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته جيتوڻيڪ ٻاهر نوڪريون ڪرڻ ڪري پاڪستانين وانگر سوڊاني به پنهنجي ملڪ ۾ تمام گهڻو غير ملڪي ناڻو ڪمائي موڪلين ٿا. پر افسوس جو ملڪ کي هلائيندڙ حاڪمن جي ڦرلٽ ۽ ”بئڊ گورننس“ ڪري سوڊان جو عوام ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ آهي.

books.sindhsalamat.com



1956ع ۾ انگريزن هن ملڪ جي جان ڇڏي ۽ مڪاني ماڻهن کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو پر سائين سمجهو ته گورو حاڪم ويو ته ان کان وڌيڪ ظالم ڪارو حاڪم اچي ويو جنهن جا ناز نخرا ۽ ملڪ جي دولت لٽڻ جا طريقا گوري انگريز کان به بدتر ثابت ٿيا آهن.

ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي نظر ٿي وجهجي ته گذريل صديءَ جي ٽي حصي ۾ تقريبن سڀ ملڪ جيڪي انگريزن ۽ ٻين يورپي حڪومتن جي ڪنٽرول ۾ هئا سي سڀ آزاد ٿي ويا. پهرين ڳالهه ته اهي انهن ڌورانهن ملڪن جي قبضن ۾ اچڻ نه کپن ها پر اسان جي حاڪمن پاڻهي پاڻ سان ڪئي. مثال طور انڊيا تي مغلن جي حڪومت هئي. بابر لاءِ چيو وڃي ٿو ته وڏو پهلوان مڙس هو ان بعد همايون، اڪبر شاهجهان، اورنگزيب وغيره هندستان تي حڪومت ڪندا رهيا پر پوءِ هن گهراڻي جا حاڪم آهستي آهستي عياش ٿيندا ويا پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي بچاءَ لاءِ نوان طور طريقا قائم ڪرڻ بدران ويا حرم وڌائيندا.... سندن سڄو زوررنڊيون نچائڻ، پنگ پيئڻ ۽ چرس تي ٿيندو ويو. عوام کي تعليم ڏئي سائنس ۽ صحت تي زور ڏيڻ بدران ويا هنن کي تڪليفون ڏيندا ۽ ٽئڪس هڻندا..... ۽ پوءِ نادر شاهه جهڙا به آرام سان اچي ڦرلٽ ڪري ۽ شهر ساڙي ٿي ويا ته پورچو گالي به انڊين منڊين بندوقن ۽ بارودن جي زور تي سڄي هندوستان تي قبضو ڪري ويا. ڳالهه اها آهي ته جيئن ئي حاڪمن ۽ قومن جو اخلاق ڪري ٿو ته پوءِ هو سولائيءَ سان تباهه ٿيو وڃن. اڄ اسان روئون ٿا ته آمريڪا اسان تي ظلم ٿو ڪري.... جيستائين اسان اخلاقي طرح بلند هئاسين ته اسپين، فرانس ۽ پورچوگال تائين هڪ طرف ته البانيا، رومانيا ۽ بلغاريا تائين ٻئي طرف حڪومت ڪئيسين. انگريزن ته انڊيا تي فقط ٻه سئو سال حڪومت ڪئي. مسلمان عربن ته اسپين، اندلس غرناتا، قرطب تي ست سئو سال حڪومت ڪئي.پوءِ جڏهن اسان عوام جو خيال رکڻ ڇڏي انهن کي ڪنگال ۽ پاڻ کي چرسي بڻايو ته پورچو گالين توڙي انگريزن

www.sindhsalamat.com

سچي ننڍي ڪنڊ تي قبضو ڪري ورتو. آخر ۾ سنڌ تي قبضو ڪري ورتو جو ميرن وٽ شعرو شاعري، سونيون تلوارون ۽ ڪيمخواب جا ويس وڳا ته ضرور هئا پر انڌيون منڌيون بندوقون ۽ مقابلي ڪرڻ لاءِ ترينڊ سولجر نه هئا. انگريزن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ماڻهو ائين ٿي ڳڏ ڪيا ويا جيئن ونگار لاءِ ڪٺي ڪجن. اسان جي حاڪمن کي ديبل کان جهاز موڪلي انگلينڊ جي ڪا ڪائونٽي ته فتح نه ڪرڻي هئي جو ان کي ڏکيو ڪم سمجهيو وڃي. انگلينڊ کان ايل انگريزن جو سنڌ جي اندروني علائقي ۾ مقابلو ڪرڻو هو... انهن انگريزن جو جن جي ڪرتوتن کي سئو سالن کان پنهنجي پاڙي- گجرات، ڪڇ، راجستان ۾ ڏسي رهيا هئا. سندن اٽڪل بازين ۽ مڪاني راڄن کي ويڙهائڻ جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا پر اسان جا حاڪم پنهنجي عياشيءَ ۾ اهڙو غلطان هئا جو اهو به نٿي سوچيو ته هو اڄ نه ته سڀان اسان جي سنڌ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان تي به قبضو ڪري سگهن ٿا ۽ اسان کي پنهنجي بچاءَ ۽ ڌارين حملا آورن کي موچڙو هڻڻ لاءِ ڪا پلاننگ ۽ اسٽريٽيجي ٺاهڻ کپي. ڪجهه نه ڪيو ويو. پنهنجين عياشين کان ئي واندڪائي نه هئي. اسان جي هر دور جي حاڪم جي فقط اها پلاننگ رهي آهي ته عوام بکون ڪاٽي به، پني به پئسو اسان حوالي ڪري ته اسان پنهنجو عيش جاري رکي سگهون. اهو ئي حال ايشيا جي ٻين ملڪن ۽ آفريڪا جو هو جن تي نيٺ يورپي قابض ٿي ويا. آفريڪا جي حاڪمن، وڏيرن پوتارن پنهنجن هٿن سان پنهنجا ماڻهو جانورن وانگر سوگها ڪري چند ٽڪن تي گورن کي وڪڻي ڏنا ٿي. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اسان جا ملڪ گورن جو بيٺڪي راڄ بڻجي ويا ۽ اسان سوين سال گورن جي غلاميءَ ۾ هليا وياسين.... مس مس گذريل صديءَ ۾ هنن ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جي پڇڙ ڇڏي ۽ حڪومت پنهنجن ماڻهن کي ملي. ڇا اسان جي حاڪمن ڪو سبق سکيو؟ هرگز نه.... سواءِ ملايا، سنگاپور جهڙن چند ملڪن جي باقي ملڪن جي حالت اهڙي آهي جڻ انگريزن ويائي نه. اسان جي حاڪمن

books.sindhsalamat.com



اهڙي ڦرلٽ، ڪرپشن ۽ ناانصافي شروع ڪئي جو هر هڪ جي وات تي اچي ويو ته ان کان ته ڌاريان حاڪم بهتر هئا. اسان جي ملڪ لاءِ به اهو ئي چيو وڃي ٿو ته افسوس قائداعظم جلدي گذاري ويو. هن جو ملڪ ٺاهڻ جو اعليٰ ويزن هو. باقي ان بعد ڪو به بهتر حاڪم نه ملڻ ڪري اسان جو ملڪ ۽ ان جو هر ادارو تباهه ٿي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

# ملڪ جي ترقيءَ جو دارومدار حاڪمن تي آهي

***اسان*** کي 1947ع ۾ آزادي ملي. نون سالن بعد 1956ع ۾ سوڊان کي آزادي ملي. ان کان اڳ ووٽ ذريعي اسماعيل الاظهري کي سوڊان جو چونڊيل وزيراعظم بڻايو ويو. هي طريقو انگريزن پنهنجين ٻين ٻيٽڪي راڄن ۾ به اپنايو جن جن کي آزادي ڏيندا ويا. چاهي اسان جو ملڪ هجي يا ملائيشيا سنگاپور. مثال طور سنگاپور جي جان ڇڏڻ کان اڳ هنن سنگاپور ۾ اليڪشن ڪرائي. ان وقت ”لي ڪئان يو“ وڪيل جي PNP (پيپلس ائڪشن پارٽي) سني سياسي جماعت هئي جنهن کي اتي جي ماڻهن ڪامياب بنايو ۽ ان جو سيڪريٽري جنرل لي ڪئان يو وزيراعظم ٿيو. ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته جيتوڻيڪ انگريزن سنگاپور کي آزادي اڳتي هلي ٻن ٽن سالن بعد 1963ع ۾ ڏني پر ملڪ کي هلائڻ جو ڪم هنن کي اڳواٽ سونپي ڇڏيو. لي ڪئان يو اسان جي قائداعظم وانگر تمام گهڻو مشهور وڪيل هو ۽ لي ڪئان يو جو تعلق هڪ غريب نه پر امير چيني فئملي سان هو جنهن جي ذاتي ملڪيت ۽ ڌنڌو ڌاڙي وڏو هو پر پوءِ وزيراعظم ٿيڻ بعد هن وڪالتون ۽ بزنيس ڇڏي هڪ مَنو تي پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي خدمت ۾ جنبي ويو. هو ايمانداري، محنت ۽ انصاف جو پاڻ ئي مثال ٿي رهيو ۽ هڪ مهاڻن جي ڳوٺ جهڙي سنگاپور ٻيٽ ۽ ٻه نمبري ۽ ٺڳ





چيني قوم کي هن اهڙو سڌاري ڇڏيو جو دنيا ان جا مثال ٿي ڏئي ۽ اڄ سنگاپور نه فقط صفائي، سٺائي ۽ سونهن ۾ مسٽر ڪلين آهي پر اخلاق ۾ به اعليٰ آهي. جتي 1970 تائين به جيب ڪترن کان خيال ڪرڻو پوندو هو اتي اڄ توهان جو نوٽن سان ڀريل ٿيلهو رستي تي ڪري پوي ته به مجال آهي جو ان کي ڪو ڪٽي وڃي مجال آهي جو ڪو دڪاندار توهان کي نقلي شيءِ وڪڻي؟ نه ته 1975 تائين به دنيا جا چور واپاري سنگاپور نقلي عطر، ميڪ اپ جو سامان، واچون ۽ ٻيو ٻه نمبري مال وٺڻ لاءِ ايندا هئا. سنگاپور جي وزيراعظم لي ڪئان يو حڪومت سنڀالڻ سان پنهنجن ٺڳ چينين کي ماڻهو بڻائي ڇڏيو ۽ آهستي آهستي ملڪ کي اهڙو سڌاري ڇڏيو جو اڄ يورپ جي يونيورسٽين کان به سنگاپور جي يونيورسٽين جي ڊگرين جو مان مٿاهون آهي. ٻيو ته ٺهيو اسان پاڻي جي جهازن جي، توڙي هوائي جهازن جي يورپ بدران سنگاپور مان مرمت ڪرايون ٿا جو هو وڌيڪ بهتر ۽ ايمانداري سان ڪم ڪن ٿا.

”لي ڪئال يو“ وزيراعظم ٿي واقعي ڪم ڪري ڏيکاريو يعني هن ثابت ڪيو ته سياست عوام جي خدمت ڪرڻ جو نالو آهي. نتيجي ۾ عوام هن کي لڳاتار ڪٽائيندي آئي ۽ سنگاپور کي 1963ع ۾ آزادي ملڻ بعد لي ڪئال يو جي PAP سياسي پارٽي ڪٽيندي آئي ۽ اڄ تائين ڪٽيندي اچي. لي ڪئال يو 1992ع تائين وزيراعظم رهيو ان بعد هن پاڻ عوام کي منٿ ميڙ ڪئي ته هاڻ ”آئون پوڙهو ٿي ويو آهيان ۽ مون جهڙي پوڙهي ۾ جڏهن اها ڪم جي همت ناهي ته هن کي اقتدار کان پري رهڻ کپي ۽ ڪنهن جوان ۽ قابل کي موقعو ڏجي“ ۽ سندس اهي لفظ ته ”آئون هر وقت صلاح مشورو ڏيندو رهندس. منهنجي خدمت جي ضرورت پئي ته آئون قبر مان به اٿي ايندس“. سندس عوام لاءِ پيار ۽ ملڪ کي بهتر ڏسڻ جي عڪاسي ڪن ٿا.

سنگاپور وارو مثال فقط چند ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن ۾ رهيو. جن مان ملائيشيا ۽ ڪجهه ڪجهه انڊيا به آهي. نه ته ايشيا توڙي هيڏانهن

آفريڪي ملڪن ڏي نظر ته ڦيريان ته انهن ملڪن جو پهريون ئي حاڪم ڪرپٽ نڪتو جنهن ملڪ کي خوشحال بنائڻ بدران خزاني سان پنهنجا گيدا ڀريا. ۽ جي پهريون حاڪم صحيح راهه تي هلي ملڪ کي ترقي وٺرائي ڏئي رهيو هو ته ڪو ميجر، ڪرنل يا عيدي امين جهڙي اجان به ننڍڙي رئنڪ واري فوجيءَ ملڪ تي قبضو ڪري ستياناس ڪري ٿي ڇڏي. ملڪ جون بئنڪون، ڪارخانا ڪاروبار نئشنلائيز ڪري تباهي مچائي ٿي ڇڏي. هنن سرڪاري نوڪريون توڙي وڏا عهدا پنهنجن جاهلن ۽ نڪمن مائٽن يا چمچن کي ٿي ڏنا جيئن هو سندن غلام ٿي رهن ۽ جيئن ۽ جهڙي نموني سان ملڪ جي ڦرلٽ ڪرڻ چاهين هو هنن معرفت ڪري سگهن يا وڏي عمر جا مرڻ جي ڪنڌيءَ وارا وزيراعلي، گورنر، چيئرمين ٿي رکيا جو هنن کان غلط ڪم ڪرائڻ سولو ٿو ٿئي ۽ جي مري ويا ته ڪاڳر ڦاٽو.... مري ويلن تي ڪهڙا ڪيس هلندا.

اسانجي ملڪ لاءِ به چون ٿا ته پهريون حاڪم لاجواب هو جيڪو ملڪ کي ناهي ڇڏي ها پر بدقسمتي سان هن جي حياتي نه رهي. ان بعد ذوالفقار ڀٽو ئي هو جنهن کي اسان جي ملڪ جي منجهيل سُٽ کي سلجهائڻ جي قابليت هئي پر ان کي ڦاهي چاڙهي ملڪ کي گهٽو ڏنو ويو. آفريڪا جي ملڪن ڏي به نظر ٿي ڪجي ته ڪرپٽ سياستدانن پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ جي پيننگ ڪئي.... جيڪڏهن ڪو ڀلوڙ حاڪم آيو ٿي ته ڪنهن فوجيءَ ان تي يلغار ڪري اسان جي ايوب خان، ضياءالحق يا مشرف وانگر پاڻ کي سڀ کان نيڪ ۽ قابل سياستدان سڏرائي وزيراعظم يا صدر ٿي ويٺو ٿي.

سوڊان ۾ ڏنو وڃي ته انگريزن ان کي آزادي ڏيڻ کان اڳ سياسي پارٽيون ٺهرائي اليڪشن ڪرائي. 1952ع ۾ مصري انقلاب ۾ مصر جي بادشاهه فاروق اول کي ٽپڙ ٻڌرايا ويا. 1953ع ۾ انگريز حڪومت ۽ مصر (جن جو سوڊان تي گڏيل راڄ هو) تن سوڊانين کي خود مختيار حڪومت

books.sindhsalamat.com



هلائڻ جي اجازت جو معاهدو ڪيو ۽ 1954ع ۾ ڪرايل چونڊ ۾ سيد اسماعيل الازهري ملڪ جو پهريون وزيراعظم چونڊيو ويو. ٻن سالن بعد 1956ع ۾ سوڊان کي انگريزن ۽ مصرين طرفان آزادي ڏني وئي. اسماعيل الازهري ڪو خراب انسان يا سياستدان نه هو. هو چالاڪ يا مڪار سياستدان نه پر هڪ ڄاڻو حاڪم هو. هو هڪ سوڊاني قوم پرست هو. سن 1900 ۾ هن "ام درمان ڳوٺ" ۾ هڪ دين جي ڄاڻوءَ جي گهر ۾ جنم ورتو هو. خارطوم جي "گورڊن ميموريل ڪاليج" مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد 1930ع ۾ هن بيروت جي "آمريڪن يونيورسٽي" مان مئٿس ۾ گرئجوئيشن ڪئي. هينئر اسان جي ملڪ توڙي عربستان، ملائيشيا، سنگاپور ۾ هڪ کان هڪ بهتر يونيورسٽيون کلي ويون آهن نه ته 1970ع واري ڏهاڪي تائين به عرب، آفريڪا ۽ ايشيائي ڪيترن ملڪن ۾ بيروت جي هن آمريڪن يونيورسٽي کي اهم سمجهيو ويو ٿي. اسان جو جهاز جڏهن به لبنان جي بيروت يا طرابلس بندرگاهه ۾ آيو ٿي ته ڪنهن نه ڪنهن هم وطني سان ملاقات ٿي وئي ٿي جيڪو هن يونيورسٽي ۾ پڙهيو ٿي. سنڌ جي مشهور ليکڪ ۽ سابق هوم سيڪريٽري بشير موريانيءَ سان به منهنجي پهريون دفعو ملاقات 1968ع ۾ هن يونيورسٽي ۾ ٿي. سو 1930ع ۾ جڏهن سوڊان جي هن پهرين وزيراعظم اسماعيل الازهريءَ هن يونيورسٽيءَ مان ڊگري حاصل ڪئي ان وقت نه هيءَ يونيورسٽي سڄي ٽَر ۾ اجا به اهم سمجهي وئي ٿي. هتي اهو به لکندو هلان ته سوڊان جي اڄڪلهه هڪ ناميارو يونيورسٽي الاهفد يونيورسٽي جي باني يوسف بدريءَ به هن يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي هئي. ايران جو وزير خارجا ۽ نيوڪليئر ايجنسي جو سربراهه علي اڪبر شاهه، ۽ ايران جو ناليرو سائنٽسٽ سيد محمود هيسابي به بيروت جي هن يونيورسٽي جا گرئجوئيٽ آهن.

www.sindhsalamat.com

تعليم بابت لکڻ مان منهنجي مراد پنهنجن ماڻهن کي اهو احساس ڏيارڻ آهي تہ آفريڪا جهڙو کنڊ جنهن کي اسان پنهنجي پيل سڏيو ٿي ان جي ملڪ جي حاڪمن کي ڏٺو وڃي تہ اهي بہ چڱا خاصا تعليم يافتہ نظر اچن ٿا. ان جي مقابلي ۾ اسان وٽ نہ تعليم آهي ۽ نہ اهو احساس اٿئون تہ تعليم هڪ ضروري شيءِ آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان جي صوبي جا هندو وڏا پڙهيل ڳڙهيل هئا. باقي اسان جي چونڊيل مسلمان نمائندن، وزيرن، مشيرن کي ٿو ڏسجي تہ اڄ بہ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ انجنيئر، ڊاڪٽر يا ڪنهن عام سبجيڪٽ ۾ بيچلر هوندو. ان جي مقابلي ۾ انڊيا يا ايران جا ڏسو برونائي يا ملائيشيا جا ڏسو تہ ڪيڏو تعليم يافتہ آهن.

سوڊان جو هي پهريون وزيراعظم اسماعيل الازهري مئٿميٽڪس جو ٽيچر ۽ اسڪول جو ائڊمنسٽريٽر بہ ٿي رهيو. بهرحال اسماعيل الازهري سوڊان جو پهريون وزيراعظم چونڊيو ويو ۽ ٻن سالن بعد پهرين جنوري 1956ع تي پيپلز پئلس ۾ هڪ خاص تقريب ۾ مصر ۽ انگلينڊ جا سياستدان جهنڊا لاٿا ويا ۽ وزيراعظم الازهريءَ بلو ۽ پيلي رنگ جي پٽين وارو سوڊاني جهنڊو چاڙهيو.

ملڪ کي آزادي ملڻ بعد وزيراعظم کي سک جو ساهہ کڻڻ نہ ڏنو ويو ۽ ڇهن مهينن بعد جولاءِ 1956 ۾ اسماعيل الازهريءَ پارليامينٽ کان استعيفيٰ ڏني ۽ سوڊان تي فوجي حڪومت قبضو ڪيو. پر فوجي حڪومت سوڊان سان اهو ئي حشر ڪيو جيڪو عيدي امين يوگنڊا سان ڪيو يا جيڪو آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ فوجين ڪيو. ملڪ ۾ گوڙ ڳوڙ، خاص ڪري شاگردن جي هڙتالن آخر 1964ع ۾ فوجي حاڪمن کي لاٿو. هاڻ جمهوريت کي بحال ڪرڻ لاءِ صدر لاءِ 1965ع ۾ چونڊ ڪئي وئي ۽ هڪ دفعو وري اسماعيل الازهري صدر ٿي ويو. هو 1969ع تائين صدر رهيو پر آئين مطابق صدر کي ڪي بہ اختيار نہ هئا جو هو ڪجهہ ڪري سگهي. سڀ اختيار وزيراعظم جي هٿ ۾ هئا ڪرنل نميريءَ انقلاب آڻي شهري





حڪومت ختم ڪري پاڻ ملڪ جو وزيراعظم ٿي ويهي رهيو. ڪجهہ مهينن بعد آگسٽ 1969ع ۾ اسماعيل الازهري گذاري ويو.

ڪرنل نميريءَ حڪومت جون واڳون وٺڻ سان ملڪ جي هر شيءِ نئشنلائزڊ ڪئي. بئنڪون، ڪارخانا، فئڪٽريون وغيره. امہ پارٽي جي ماڻهن سندس مخالفت ڪئي تہ ابو نالي ٻيٽ تي جتي هن سياسي پارٽيءَ جي ماڻهن جي گهٽائي هئي 1970 ۾ نميريءَ بمبارڊمينٽ ڪرائي ڪيئن هزار ماڻهو مارائي ڇڏيا ۽ پوءِ ٻئي سال 1971ع ۾ ريفرنڊم ڪرائي پاڻ کي ملڪ جو صدر بڻايو. 1973ع ۾ نئون آئين تيار ڪرائي ان ۾ صدر جا تمام گهڻا پاور رکرايا.

انهن ڏينهن ۾ ان قسم جون غيرقانوني حڪومتون توڙي سريلنڪا ۽ يمن جهڙا ملڪ سوويت جي ڪميونسٽ نظام مان ڏاڍو متاثر هئا. روس هنن جي مدد بہ ڪندو هو...... اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پنهنجي عوام جي خوشحاليءَ جي سلسلي ۾ روس جي پنهنجي بہ حالت خراب هئي جن بابت مون انهن ڏينهن وارن روس جي سفرنامن ۾ لکيو تہ پڙهندڙن کي حيرت ٿي هئي. بهرحال نميري جو ڪميونسٽ دنيا سان عشق جلد ختم ٿي ويو جڏهن سندس فوج جي ڪميونسٽ سپاهين سندس تختو ٿي الٽو ڪيو. ڪنهن طريقي سان بچي ويو ۽ سوويت يونين کي گاريون ڏيندو امداد لاءِ آمريڪا پهچي ويو! يعني اهو بہ اسان جهڙن ملڪن لاءِ ضروري ٿي پيو آهي تہ ايماندار ٿي رهڻ ۽ محنت ڪري ملڪ جي خوش حالي آڻڻ بدران بس ڪشتو کڻي ماسڪو يا واشنگٽن پهچڻ ضروري آهي يا وري پير وارن عرب امير ملڪن کان اسلام جا واسطا ڏئي امداد/ خيرات گهرڻ ضروري آهي!

هونءَ ڪرنل نميريءَ لاءِ لکندو هلان تہ هو عيدي امين وانگر گهٽ تعليم يافتہ ۽ جٽ نہ هو. سندس سڄو نالو جعفر محمد نميري هو. 1930ع ۾ قاهري ۾ جائو جڏهن مصر تي انگريزن جي حڪومت هئي. سندس پيءُ ٽپالي (پوسٽ مئن) هو. سندس پڙ ڏاڏي يا تڙ ڏاڏي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ نميري قبيلي

جو سردار هو. بهرحال پاڻ ان وقت جي اعليٰ اسڪول هنتوب مان تعليم حاصل ڪيائين جيڪو برٽش اسٽائيل جو بورڊنگ اسڪول هو جنهن ۾ ملڪ جي فقط وڏن ماڻهن ۽ انگريزن جي ٻارن کي داخلا ملي ٿي جيئن لاهور ۾ ايچيسن ڪاليج هو. 1948ع ۾ انگريز حڪومت خلاف احتجاج ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ ڪري کيس عارضي طور اسڪول مان ڪڍي به ڇڏيو هئائون.

1952ع نميريءَ سوڊان ملٽري ڪاليج مان گرئجوئيشن ڪئي جتي جمال عبدالناصر جي تحريڪ هن کي متاثر ڪيو جنهن تحريڪ ذريعي جمال ناصر ان ئي سال مصر جي فاروق بادشاهه مان جند ڇڏرائي. ملٽري ڪاليج مان تعليم مڪمل ڪرڻ بعد نميريءَ .خارطوم گئريشن“ ۾ پرتي ٿيو. 1966ع ۾ نميريءَ ”يو ايس آرمي ڪمانڊ ڪاليج“ آمريڪا مان گرئجوئيشن ڪئي. هي ڪاليج آمريڪا جي ڪنساس رياست جي ”فورٽ ليون ورٿ“ شهر ۾ آهي.

نميري جي حڪومت ۾ هڪ ٻيو مليٽري ڪُو (Coup) 1975ع ۾ به ٿيو. فوج جي برگيڊيئر حسن حسين عثمان هن کي مارڻ تي چاهيو پر نميريءَ جو بچاءُ ٿي ويو. برگيڊيئر عثمان زخمي ٿي پيو سندس ڪورٽ مارشل ٿيو ۽ کيس ڦاهي ڏني وئي. آفريڪا جي يا ڪٽي چئجي ته اسان جهڙن پٺتي پيل ملڪن جي بدبختي اها آهي ته اهڙن ملڪن جا حاڪم پنهنجي عوام جي سک جو سوچڻ ۽ انهن مٿان ملڪ جو خزانو خرچڻ بدران ٻين ملڪن جو سک چين ڦٽ ڪرڻ لاءِ ڪوس ڦتائين ۾ لڳا رهن ٿا. قذافيءَ جوئي ڪٽي مثال وٺو. پنهنجي عياشي ۽ مشهوريءَ لاءِ ڇا ڇا نه ڪيائين پوءِ آخر ۾ عيدي امين، شهنشاهه ايران، يا عراق جي سادام وانگر خوار خراب ٿي ويا پر جيستائين قدرت طرفان ڪين تيل ۽ حڪومتن جون واڳون هيون ته هنن نه غريب عوام سان انصاف ڪيو نه انهن جي ڀلي جو سوچيو.

سوڊان ۾ کهڙي به حڪومت هئي پر فوجي ڊڪٽيٽر هلائي ته پئي. هن مغربي ملڪن جي معرفت پنهنجي ملڪ ۾ تيل جي به ڳولا ڪري





ورتي. هن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيڍ بدران ٻيو واري ملڪ لبيا جو قذافي هن جي خلاف ماڻهو پڙڪائيندو رهيو. ڪرنل نميريءَ 1975ع ۾ هڪ ڪُو (Coup) کي منهن ڏنو ته ٻئي سال 1976ع ۾ صادق المهدي جي اڳواڻيءَ ۾ هزار کن دهشتگردن نميري جي حڪومت ڊاهڻ لاءِ سندس گاديءَ واري شهر خارطوم ۾ گوريلا جنگ شروع ڪري ڏني. هنن دهشتگردن کي لبيا ۾ تربيت ڏئي ”متن المس سارا“ باريڊروتان سوڊان ۾ داخل ڪيو ويو هو. دارفر ۽ ڪوردوفان وارا علائقا لتاڙي هو خارطوم ۾ داخل ٿيا ۽ گهر گهر ۾ گهڙي قتل عام ڪرڻ لڳا. هڪ طرف 3000 کن معصوم جانيون هليون ويون ٻئي طرف سوڊانين کي معمار قذافيءَ لاءِ سخت نفرت ٿي پئي جيڪا آخر تائين هلندي رهي. يعني ڏنو وڃي ته ٻه پاڙيسري مسلمان ملڪ هڪ ٻئي سان ٺهي هلڻ بدران هڪ ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا.

صادق المهدي جي هن حملي ۾ نميري جي حڪومت تہ تان بچي وئي. 89 ڄڻا جيڪي هن پلاٽ ۾ شامل هئا انهن کي ٽنگيو ويو. هونءَ 1976 اهو سال آهي جنهن ۾ سوڊان پئسي ڏوڪڙ ۾ وڏي ترقي ڪئي مصر وانگر سوڊان جو به اهم فصل ڪپهه آهي ان جو اگهه چڙهڻ تي سوڊان خوب ڪمايو ۽ دنيا جو امير ترين ملڪ ٿي پيو. 1977ع ۾ صادق المهدي (جيڪو ملڪ کان ٻاهر ٿي رهيو) ۽ ڪرنل نميري جي وچ ۾ قومي مفاهمت ٿي ۽ صادق المهدي جي سياسي جماعت (ڊيمو ڪريٽڪ يونين پارٽي) کي ليجسليچر ۾ شامل ڪيو ويو. هن اسلامي مفاهمت تي ڏکڻ سوڊاني (جيڪي عيسائي ۽ مقامي ڪارا شيدي آهن) اتر سوڊان وارن سان ناراض ٿيا ۽ اها ناراضگي وڌندي رهي تان جو 2011 ۾ سوڊان ٻن حصن ۾ ٻن ملڪن ۾ ورهائجي ويو.

1985ع ۾ پن لاءِ ڪشتو ڪني نميري سرڪار ٽوئر تي جڏهن آمريڪا پهتو ته پنيان بچاءَ واري وزير جنرل عبدالرحمان سندس حڪومت جو تختو ڊاهي رکيو. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته ڏهه سال اڳ سوڊان جيڪو

دنيا جي امير ملڪن مان هو ان جي اها حالت وڃي ٿي ته سرڪاري آفيسرن کي پگهار ڏيڻ لاءِ به خزاني ۾ پئسو نه هو ۽ آمريڪا کان امداد- يعني خيرات وٺڻ ضروري ٿي پيو. ڏنو وڃي ته هر اهڙي ملڪ جا حاڪم پنهنجي شراب ڪواب ۽ عيش عشرت تي گهٽتائي نٿا آڻين بلڪ عوام جو پئسو به چٽ ڪري پوءِ انهن جي تعليم ۽ علاج جي لاءِ آمريڪا ۽ يورپ اڳيان هٿ ٽنگيو بيهو رهن. ڪيترا ته ان خيرات جي پئسي مان به غريبن کي ڏيڻ بدران پنهنجي لاءِ محل ۽ ماڙيون اڏين ٿا. ان ڦرلٽ ۾ اسان جا NGOS وارا به اچيو وڃن ٿا.

ڪرنل نميريءَ کي ملڪ کان ٻاهر ڪري نئين فوجي جنرل عبدالرحمان اليڪشن ضرور ڪرائي جنهن ۾ صادق المهدي جنهن 1976ع ۾ نميري خلاف بغاوت ڪرائي، ان جي سياسي پارٽي اليڪشن کٽي وئي ۽ پاڻ سوڊان جو وزيراعظم ٿيو.

اسان جو جن سالن ۾ سوڊان وڃڻ ٿيندو رهيو انهن ڏينهن ۾ ڪرنل نميري ملڪ جو والي وارث هوندو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ سوڊان ۾ تيل جي ڳولا جي مهم زور تي هئي پر پوءِ نميري جي آخري سالن ۾ سوڊان جي حالت خراب ٿي وئي جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهو ٿا ته سوڊاني پائونڊ جي 80 سيڪڙو قيمت ڪري پئي! ان جو اهم سبب ملڪ ۾ قبيلائي جهيڙا ۽ مهانگائي ڇيو وڃي ٿو.

نميري جڏهن آمريڪا ويو ۽ سندس فوجي وزير تختو اونڌو ڪيس ۽ سندس سوڊان ۾ گهڙڻ تي پابندي لڳي وئي ته سيني ڇيو ته نميريءَ جو گهر گهاٽ ته خارطوم ۾ رهجي ويو. هاڻ پرديس ۾ هو ڪنهن وٽ رهندو ۽ پيٽ گذر ڪيئن ڪندو. پر سائين اسان جي ايشيائي ۽ آفريڪي حڪمرانن جو دماغ ڪم ڪري ٿو. جيئن ملڪ مان نيڪاليءَ تي عيدي امين جدي ۾ شاهي زندگي گذاري تيئن سوڊان جو هي فوجي حاڪم نميري قاهري (مصر) ۾ رهي پيو جتي هن اڳوات پنهنجا محل محلات ٺهرائي پئسو





ٿمي ڇڏيو هو. 1985 کان 1999 تائين نميري قاهري جي هڪ مهانگي علائقي ۾ موجود وِلا ۾ رهيو. بهرحال اسان جي اڄ جي عوام کي سوشل ميڊيا ذريعي هاڻ اها آئيڊيا آهي ته اسان جي حاڪمن جا ڪٿي ڪٿي محل آهن ۽ انهن اهي ڇو ٺهرائي رکيا آهن.

1999ع ۾ نميري صدر جي اليڪشن وڙهڻ لاءِ سوڊان پهتو. سندس وڏو آڌرڀاءُ ڪيو ويو. اها ڳالهه اسان وٽ به عام آهي. ڪنهن ڪرپٽ سياسي يا فوجي حاڪم مان جان ڇٽندي ته خوشيءَ ۾ مٺائيون ورهائيندا سين. ڪجهه سالن بعد هن کي ياد ڪندا سين. ڇو جو هن جي جاءِ تي نئون آيل حاڪم هن کان وڌيڪ ٻائيتال مچائي رکي ٿو ۽ هر هڪ جي وات تي اهو ئي اچي ٿو ته هن کان ته هو پهرين وارو بهتر هو. نميري وري اليڪشن وڙهي پر ڪامياب نه ٿيو. عمر البشير سوڊان جو صدر ٿيو. ڏهن سالن بعد 2009ع ۾ نميري پنهنجي شهر ”ام درمان“ ۾ وفات ڪئي.

اڄڪلهه خارطوم بعد ”ام درمان“ سوڊان جو وڏو شهر آهي اهو نيل ندي جي مغربي (کاٻي) ڪپ تي آهي ۽ ساڄي تي خارطوم آهي. ام درمان اڄ هڪ تاريخي شهر پڻ آهي. محمد احمد بن عبدالله جنهن 1881ع ۾ پنهنجو پاڻ کي مهدي سڏرايو ان پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۾ هن ڳوٺ ۾ پنهنجو مليٽري هيڊ ڪوارٽر ٺاهيو ۽ 15 سال انگريزن کي پير ڄمائڻ کان روڪيندو رهيو. هيءَ لڙائي سوڊان جي تاريخ ۾ Mahdist war مشهور آهي. 1885ع ۾ سندس وفات بعد سندس گادي نشين ”ام درمان“ کي سوڊان جي گادي جو شهر ٺاهيو. ام درمان عربي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ ”درمان جي ماءُ“ آهي پر ان کان ڪو واقف ناهي ته اها عورت ڪير هئي جنهن تان هن ڳوٺ تي نالو پيو.

محمد احمد بن عبدالله نه فقط پاڻ کي مهدي سڏرايو پر پنهنجا خوب پوئلڳ ٺاهيا جيڪي انصار سڏبا هئا ۽ مهدي مٿان جان ڏيڻ لاءِ تيار رهندا هئا. يعني انصار هن جا مددگار هئا. هنن کي انگريز درويش سڏيندا

هئا. اهو تہ پهرين بہ لکي چڪو آهيان تہ مهديءَ جي هنن مريدن (درويشن) پنهنجن حاڪمن انگريزن ۽ مصرين سان اهڙي ڪئي جو هو جان بچائڻ ۾ لڳي ويا. انگريز سرڪار 1884ع ۾ جنرل گارڊن کي خارطوم موڪليو تہ ڪا تل سل ڪري مصرين ۽ انگريزن کي حفاظت سان ٻاهر ڪڍ پر ڪامياب ٿي نہ سگهيو. مهدي جي مددگارن (درويشن) جنرل گورڊن جي لاش جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڳجهن ۽ سرڻن کي کارائي منڍيءَ کي وڻ تي ٽنگي ڇڏيو جنهن کي ٻار پترا هٽندا رهيا. مهدي 1885ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مقبرو ام درمان شهر ۾ ٺاهيو ويو بعد ۾ جڏهن سندس گادي نشين "خليفا" حاڪم ٿيو تہ انگريز حڪومت طرفان 1898ع ۾ جنرل ڪچنر موڪليو ويو جنهن نہ فقط خليفا کي شڪست ڏني پر مهدي جو لاش قبر مان ڪڍي هن جي منڍي (Head) پاڻ وٽ رکيو ۽ هڏا نيل نديءَ ۾ وهائي ڇڏيا. جنرل ڪچنر جي هيءَ جنگ فقط 5 ڪلاڪ هلي. مهدي جا پوءِ لڳ فوجي تربيت ۽ بندوق بارودن کان خالي هئا. سو نتيجو اهو ئي نڪتو جيڪو اڌ صدي اڳ مياڻي جي جنگ ۾ سر چارلس نيپيئر ۽ ميرن جي سپاهين جي وچ ۾ نڪتو هو. جيتوڻيڪ ڪچنر جي لشڪر ۾ بہ ٽي هزار سپاهي مس هئا ۽ هوڏانهن 52000 سوڊاني هئا پر ڪين ڪو ماڊرن هٿيار نہ هجڻ ڪري هو ڀڄڻ وانگر ڀڄندا رهيا ۽ پنجن ڪلاڪن ۾ 10 هزار ماڻهو مري ويا ۽ ڪيئين هزار زخمي ٿيا. هوڏانهن انگريزن جا فقط 48 برٽش سپاهي قتل ٿيا.

جنگ کٽڻ بعد جنرل ڪچنر مهديءَ جي مقبريءَ جي ڪوٽائي جو آرڊر ڏنو ۽ سرونسٽن چرچل جي لفظن ۾

Carried off Mahdis head in a Kerosenecan as a trophy

(ڪچنر مهدي جي لاش جي منڍي گاسليٽ جي دٻي ۾ ائين پاڻ سان کنئي جڻ ڪا ٽرافي (ايوارڊ) هجي).





هتي اهو بہ لکندو هلان تہ پاڻ کي "مهدي" سڏائڻ واري محمد احمد بن عبدالله سوڊان ۾ حڪومت ٺاهڻ سان ملڪ ۾ اسلامي قانون آندو جنهن ۾ ڪجهہ تبديليون پڻ ڪيائين. هن جي مطابق هر مسلمان کي هن سان وفادار ٿي رهڻ ايمان جو حصو آهي. اسلام جي پنج رڪنن مان "حج" ڪڍي "جهاد" رکيو. هن پراڻا اسلامي ڪتاب سڀ ساڙائي ڇڏيا ۽ توبہ نعوذ باالله ڪلمي ۾ هي ستون وڌايون تہ "محمد احمد" الله جو مهدي آهي ۽ حضرت محمد صلعم جو نمائندو آهي....

مهديءَ جي اهڙن ڪمن ڪري سوڊان جو صحيح قسم جو مذهبي طبقو ڪيس سنو نتو سمجهي. ساڳي وقت سندس مريد بہ انيڪ نظر اچن ٿا... جيئن اسان وٽ بہ هر قسم جي نقلي پير جا بہ جام مريد ٿين ٿا. دين جي صحيح تعليم هڪ طرف ناهي تہ ايمان جي ڪمزوري ٻي طرف آهي. اڄ بہ دنيا جي ٽي وي تي خبر پئي هلي تہ سرگوڌا ۾ ڪنهن نقلي پير پنهنجي ويهہ کن مريدن کي زهريلي چانهہ پياري ماري ڇڏيو.

سوڊان جي هن هٿ ٺوڪي مهديءَ تي گذريل 130 کن سالن ۾ ڪيترائي ناول، فلمون ۽ ٽي وي سيريل ٺهي چڪيون آهن. انهن مان هڪ 1912 جو تمام مشهور ناول: In Desrt and and Wilderness آهي جيڪو پولينڊ جي نوبل پرائيز کٽڻ واري ليکڪ هينري سنڪي وز (Heneryk Sienkiewicy) جو آهي. جنهن ناول جي آڌار تي بہ دفعا فلمون بہ ٺهي چڪيون آهن. هڪ 1973 ۾ ۽ ٻي 2001 ۾. هن ناول جي دلچسپ پلاٽ بابت اڳتي هلي ٿا احوال ڪريون.

"ان ڊيزرٽ اينڊ ولڊرنيس" فلم کان علاوه هڪ ٻي "خارطوم" نالي 1966 جي فلم آهي جنهن ۾ سوڊان جي پنهنجو پاڻ کي مهدي سڏرائڻ واري محمد احمد بن عبدالله (1844-1885ع) جي زندگي جو احوال آهي. هن فلم ۾ مهدي ان وقت جو مشهور آمريڪن ائڪٽر "لارينس اوليور" ٿيو هو. هي ائڪٽر 82 ورهين جي ڄمار ۾ 1989ع ۾ گذاري ويو پر اسان جي

ڪاليج ۾ جهاز جي نوڪري وارن ڏينهن ۾ گهڻن جو دلپسند ائڪٽر هو ۽ سندس ڪيترين ئي فلمون حيدرآباد جي صدر واري سئنيما مئجيسٽڪ ۾ ڪراچي جي بامبينو ۽ اسڪالا ۾ ڏٺيونسين. جيئن ته: ودرنگ هائيٽس، ريبيڪا، دي بٽائز فرام برازيل (1978)، دي مون ائنڊ سڪس پينس، ڪئٽ آن اي هاٽ ٽِن روف (1976)، دي بائونٽي (1984)، ڊراڪولا (1979)، وغيره. خارطوم نالي 1966ع واري فلم ۾ انگريز فوجي جنرل گورڊن جو جيڪو حشر سوڊان جي هن مهدي جي مريدن (انصار/ درويشن) ڪيو اهو ڏيکاريو ويو آهي. ڏسڻ جهڙي فلم آهي. ٿي سگهي ٿو هيءَ فلم Net يا يوٽيوب تي هجي.

سوڊان جي هن مهدي جي زندگي بابت ٻين به ڪيترين فلمن ۾ چيو وڃي ٿو جيئن ته Army Dad,s، ٽاپسي ٽروي، دي فور فيدرس وغيره. هينئر هڪ تازو ناول 2008 جو After Omdurman (آفٽر ام درمان) جان فيري جو لکيل آهي جنهن ۾ جنرل ڪچنر جي سوپ ۾ مهدي جي جانشين "خليفا" جي شڪست جو احوال آهي. اهڙي طرح ولبر سمٿ جي ناول The Triumph of the Sun ۾ مهديءَ جي خارطوم تي حملي ۽ سوپ بابت احوال آهي.

سوڊان جو اڄ جو مهدي جانشين ۽ سياسي ليڊر "صادق المهدي" سيد عبدالرحمان جو پوٽو آهي جنهن سوڊان جي امه سياسي پارٽيءَ جو بنياد رکيو ۽ صادق المهدي سوڊان جي وڏي مهدي محمد احمد بن عبدالله جنهن جي لشڪر انگريز جنرل گورڊن جو قتل ڪيو جو پڙ پوٽو يا ٽڙ پوٽو آهي.

صادق المهدي 1935ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ام درمان ۾ ڄائو ۽ ٻه دفعا وزيراعظم ٿيو. هڪ 1966ع کان 1967ع تائين ۽ ٻيو 1986 کان 1989ع تائين. پاڻ امه پارٽي جو سربراهه ۽ انصار جو امام آهي. سندس وزيراعظم جو ٻيو دور اڃان مڪمل نه ٿيو هو ته فوج جي هڪ ڪرنل





عمرالبشير هن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري "وزيراعظم" جي پوسٽ ئي ختم ڪري ڇڏي. پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائي سگهن ٿا ته سوڊان جهڙا ملڪ جيڪي قدرتي وسيلن ۾ به مالا مال آهن اهي ترقي ڇو نٿا ڪن؟ اهو ان ڪري جو هڪ ته ڪرپٽ حاڪمن جو راڄ رهي ٿو ۽ وري ڪو سياسي ليڊر ڪجهه چڱا ڪم ڪرڻ لڳي ٿو ته فوج جو ڪو ڪرنل، برگيڊيئر يا جنرل اوچتو نمودار ٿي هن کي لاهي پاڻ حاڪم ۽ سياست جو چئمپين ٿيو وڃي. جيئن هينئر صادق المهدي جي هلندڙ حڪومت کي ڊاهي ڪرنل عمر البشير ملڪ جو والي وارث ٿي ويهي رهيو. جيتوڻيڪ صادق المهدي نه فقط دين جو ڄاڻو هو پر ماڊرن تعليم جو به. پاڻ آڪسفورڊ يونيورسٽي انگلينڊ مان فلاسافي ۽ ايڪانامڪس ۾ B.S.c ڪئي ۽ ساڳي يونيورسٽي مان پوليٽڪس ۾ M.S.c ڪئي. صادق المهدي ڪيترن ئي مذهبي ۽ سياسي ڪتابن جو ليکڪ آهي، جيئن ته:

The Southern Question (1964)
Speeches in Exile. (1976)
Question on Mahdishm (1979)
Democracy in Sudan:Will Return and Triumph (1990)
Challenges of Nineties (1991)

وغيره وغيره.

عوام طرفان چونڊيل پڙهيل لکيل وزيراعظم صادق المهديءَ جي ته سندس ٽرم کان اڳ ٿي ڇٽي. فوجي آفيسر ڪرنل عمر البشير ڏنڍي جي زور تي سوڊان جو حاڪم ٿي ويٺو. ڪل جي ڳالهه اها آهي ته سوڊان هجي يا يوگنڊا يا آفريڪا جو ٻيو ملڪ يا اسان جي ايشيائي ڪنهن ملڪ ۾ سياسي حڪومت کي ڪيرائي جڏهن ڪو فوجي حاڪم ٿي ٿو وهي ته هو ان کي انقلاب ٿو سڏي ۽ وڏي فخر سان اهو ئي چوي ٿو ته مون Bloodless Coup آندو يعني ڪنهن قتل جي انقلاب آندو! سائين غريب ماڻهو ته سياسي ٺڳ حاڪمن کان به پيا ڏڄن اهي ڪهڙي فوجي ڪرنل جرنل سان

مهاڏو اٽڪائيندا. اهو ئي حال سوڊان جو آهي. نئون آيل فوجي ڊڪٽيٽر جتي ڪٿي ملڪ جي ترقيءَ جي نالي ۾ اهي اهي تبديليون آڻي ٿو جيڪي ڪيس سولائي پهچائين ٿيون ۽ ملڪ جو ٻيڙو ٻڏيو وڃي. احتجاج ۾ عوام ته ڇا ٻڙڪ ڪڇندو جوڊيشري به ماٺ ٿيو وڃي ۽ اسان جا ماڻهو ته اهڙن مثالن کان چڱي طرح واقف آهن. اينڊڙ ڊڪٽيٽر ملڪ جو آئين ئي بدلايو ڇڏي. هن ڪرنل عمر به سوڊان تي قبضو ڪري چونڊيل وزيراعظم کي ته ڏڪا ڏئي لاهي ڇڏيو پر سموريون سياسي پارٽيون ختم ڪري ڇڏيون ۽ عوام کي خوش ڪرڻ لاءِ ظاهري طرح اسلامي قانون لاڳو ڪرڻ جي خوشخبري ڏني. پوءِ جڏهن ٺهي ٺڪي ڪرسيءَ تي ويٺو ته پنهنجي سيٽ مضبوط ڪرڻ لاءِ فوج ۽ سول جي اعليٰ عملدارن کي لاهڻ يا مارڻ لڳو. اخبارون بند ڪرڻ لڳو ۽ اهم جرنلسٽن ۽ سياستدانن کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو. مجال آهي جو ڪو سندس خلاف ٻڙڪ به ڪڇي. ڇهن سالن بعد 1993ع ۾ ڪرنل صاحب پنهنجو پاڻ کي ملڪ جو صدر بڻايو. اهو ئي جيڪو اسان وٽ به ٿيندو رهيو آهي. هن نه فقط پاڻ کي صدر بڻايو پر ملڪ جا انتظامي (executive) ۽ قانون ٺاهڻ جا اختيار (Legislative) پنهنجي هٿ ۾ رکيا. دراصل انگريزن ۽ يورپين اسان جي ملڪن کي لٽڻ ڦرڻ ڇڏي انهن کي اسان جي حوالي ڪيو ته جيئن اسين ملڪ کي ۽ پنهنجو پاڻ کي خوشحال ڪيون پر پوءِ جتي ايماندار سياستدان رهيا، ملائيشيا ۽ سنگاپور وانگر، اتي خوشحالي آئي باقي جتي ٺڳ قسم جا سياستدان آيا اتي هنن فوجين کي مجبور ڪيو يا هرڪايو ته اچو اچي ڦرلٽ ڪيو. سو هتي سوڊان ۾ ڪرنل عمر البشير حاڪم ٿي ويهي رهيو ۽ لڳاتار ٽي دفعا ته صدارت جي چونڊ کٽيائين. ڪيئن نه کٽيندو؟. ڪنهن جي ڇا مجال جو هن کي ڪو ووٽ نه ڏئي. ڪرنل عمر البشير جنهن پنهنجي فوجي رئنڪ به نٿي ڇڏي ۽ هاڻ ڪرنل مان برگيڊيئر ٿي ويو، ايڏي ته وڏي پئماني تي مار مارا (Mass killing)، ريپ ۽ ظلم ڪيا- خاص ڪري مغربي صوبي دارفر جي ماڻهن





سان جو ڏوهارين جي بين الاقوامي ڪورٽ هن تي 2009ع ۾ ڪيس ڪيا ۽ هن جي ڪري سڄو سوڊان بدنام ٿي ويو. پاڻ ته چوي ٿو ته مون دارفر ۾ فقط 10 هزار ماڻهو ماريا پر ٻيا ذريعا اهو ئي چون ٿا ته ٻن کان ڇهن لکن تائين ماڻهن جو قتل ٿيو. بين الاقوامي ڪورٽ 2010ع ۾ هڪ دفعو وري عمر البشير جي خلاف قتل عام جو وارنٽ موڪليو.

عمرالبشير 1944ع ۾ خارطوم جي اتراهين علائقي ”هوش بناگا“ ۾ ڄائو. سندس وڏا عربستان مان سوڊان آيا هئا. بنيادي تعليم خارطوم ۾ وٺڻ بعد عمر 1960ع ۾ سوڊاني فوج ۾ ڀرتي ٿيو ۽ ان بعد مصر جي مليٽري اڪيڊمي مان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ بعد 1966ع ۾ هڪ دفعو وري خارطوم جي ”سوڊان مليٽري اڪيڊميءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ آرميءَ ۾ پئرا ٽروپر جي برانچ ۾ رهيو. جيئن اسان جو فوجي صدر مشرف ڪمانڊو هو ۽ هر وقت چوندو رهندو هو ”مين ڪمانڊو هون“. اهڙي طرح هن سوڊاني فوجي صدر جو به ”پئرا ٽروپر“ هجڻ تي وڏو ناز آهي. بهرحال گذريل 28 سالن کان عمر البشير سوڊان جو صدر ٿيو ويٺو آهي. انهي دوران سوڊان جا ٻه حصا به ٿي ويا. 2011ع ۾ ريفرنڊم ڪرايو ويو جنهن ۾ 98 سيڪڙو ڏکڻ سوڊانين الڳ رهڻ چاهيو ۽ سوڊان جو ڏاکڻو حصو الڳ ٿي ويو جنهن جو نئون نالو ”ڏکڻ سوڊان“ رکيو ويو. باقي اتر واري حصي جو ساڳيو نالو ”سوڊان“ آهي ۽ اتر وارو سوڊان اڃان فوجي آفيسر برگيڊيئر عمر البشير جي چنبي ۾ آهي. بقول هڪ سوڊاني دوست جي ته ”پاڪستاني وري به خوش نصيب آهن جو انهن جي ملڪ ۾ ڪو فوجي ڊڪٽيٽر اچي ٿو ته ڏهه سال کن مس ٿو رهي ۽ اهو وري به اهڙو ظالم نٿو رهي ۽ ملڪ جي سويلين حاڪم کان وڌيڪ ترقي ڪرائي ٿو“.

28 سال سوڊان جو حاڪم رهڻ بعد به عمر جي دل ڀري ناهي جو ڪٿي ڪنهن نوجوان سياستدان کي حڪومت جو موقعو ڏئي. عمر البشير ڪو ننڍو ته ناهي منهنجي عمر جو آهي بلڪ مون کان به سال کن وڏو آهي.

بقول مهاتير ۽ ”لي ڪئان يو“ جي 65 سالن بعد سياستدان کي حڪومت ڪرڻ بدران صلاحڪار ٿي رهڻ کپي. عمر البشير هن وقت 75 سالن جو آهي. هن عمر ۾ هو ذهني يا جسماني طرح ملڪ ۽ عوام جي کهڙي خذمت ڪري سگهي ٿو.... پر پاور اهڙي شيءِ آهي جنهن کي ڇڏڻ تي هن جي دل نٿي چوي. بلڊ پريشر، ڊائبٽيز دل جي عارضي، ڪولسٽرول ۽ ٻين بيمارين جي باوجود هو پاور کي چهٽيو پيو آهي.





# سوڊان جا ٻه ٽڪرا ٿيڻ

*سوڊان* دراصل سمجهو تہ پنجاب جي اتر ۽ ڏکڻ وانگر آهي جيئن پنجاب جي اتراهين حصي ۾ صوبي جي گاديءَ جو شهر لاهور آهي تيئن سوڊان جي گادي جو شهر خارطوم بہ اتر واري حصي ۾ آهي. پنجاب جي اتراهين حصي ۾ پنجابي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ هيٺ ڏکڻ ۾ سرائيڪي. اهڙي طرح سوڊان ۾ عربي ۽ انگريزي آهي. پنجاب ۾ هڪ ئي مذهب ۽ ڪلچر آهي ۽ ماڻهن جي هڪ ٻئي سان شڪوو شڪايت آهي تہ معمولي حد تائين پر هيڏانهن سوڊان ۾ ايتري قدر اختلاف رهيو جو سالن جا سال هڪ ٻئي سان جهيڳڙا هلندا رهيا. اتر سوڊان ۾ صدين کان عربن جو اثر رسوخ رهيو ۽ ڪيترن جو نسل عربن سان وابستہ آهي ۽ عربي هلي ٿي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اها نج عربي نٿي ڳالهائي وڃي جيڪا مڪي ۽ مديني ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. اتر سوڊان ۾ گهڻائي مسلمانن جي آهي ۽ هيٺ ڏکڻ ۾ اصلي ڪارا آفريڪن ۽ انهن جو اولاد رهي ٿو. اهم ٻولي انگريزي آهي ۽ ٿورا ڪي مسلمان آهن باقي ٻيا عيسائي يا جانورن جي پوڄا ڪرڻ وارا آهن. شروع کان سوڊان جا حاڪم اتر سوڊان جا عرب نسل جا رهيا ٿي ۽ هنن جيڪا ٿوري گهڻي ڊيولپمينٽ ڪرائي ٿي اها اتر سوڊان ۾، ڏکڻ سوڊان جا رهاڪو هر وقت ڏڪار جي نگاهہ سان ڏٺا ويا ٿي. نتيجي ۾ ”تنگ آمد جنگ آمد“ وارو قصو ٿي پيو. مغرب جي دنيا بہ ڏکڻ سوڊان ۾ ٿيندڙ ظلمن جي پٽ وائڪي ڪئي ۽ اتي جي ماڻهن جو پاسو کڻي سوڊاني حاڪمن تي دٻاءُ وڌو.

نيٺ 2011 ۾ ڏکڻ سوڊان جي ماڻهن ريفرينڊم ۾ اتر سوڊان کان ڌار رهڻ لاءِ ووٽ ڏنو. ڏکڻ سوڊان هڪ الڳ ملڪ جي حيثيت سان نقشي تي آيو ۽ يونائيٽيڊ نئشن جو ميمبر ملڪ ٿيو. ڏکڻ سوڊان جا ماڻهو هاڻ سائوٿ سوڊاني سڏجن ٿا ۽ نوٽ سائوٿ سوڊاني پائونڊ سڏجن ٿا. ڏکڻ سوڊان پکيڙ توڙي آدمشماريءَ ۾ سوڊان (يعني اتر واري سوڊان) کان ننڍو آهي. اتر سوڊان جي پکيڙ 1.9 ملين چورس ڪلوميٽر آهي ۽ ڏکڻ سوڊان جي 0.6 ملين چورس ڪلوميٽر آهي. يعني اتر سوڊان جي ٽئين حصي جيترو آهي. اتر سوڊان جي آدمشماري 37 ملين آهي ته ڏکڻ سوڊان جي 11 ملين آهي. اتر سوڊان جي گاديءَ جو شهر ساڳيو خارطوم آهي. ڏکڻ سوڊان جو جُوبا (Juba) آهي. جوبا ڪو وڏو شهر ناهي سندس آدمشماري 3 لک آهي. سطح سمنڊ کان مٿي هجڻ ڪري ڪينيا جي گادي واري شهر نئروبي ۽ اسان جي ڪوئيٽا وانگر ٿڌڪار وارو شهر آهي نه ته هيڏانهن سخت گرمي رهي ٿي. جوبا جي مقابلي ۾ خارطوم جي آدمشماري اڌ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي.

ڏکڻ سوڊان الڳ ٿيڻ تي ان جو صدر سالوِيا ڪِيئر (Salva Kiir Mayardit) ٿيو جيڪو يڪي سوڊان جي ڏينهن ۾ 2005 کان 2011ع تائين نائب صدر هو. سالوِيا ڪئٿولڪ عيسائي آهي. سالوِيا ڪائو بنائءُ ٽوپلي کان مشهور آهي. هو هر وقت ان ٽوپلي ۾ رهي ٿو. هو هونءَ نه پائيندو هو پر جارج بش جي دعوت تي جڏهن واشنگٽن ويو ته آمريڪا جي صدر هن کي اهڙو هڪ ٽوپلو تحفي ۾ ڏنو هو ان جهڙا ٻيا به درجن کن وٺي آيو. هاڻ ڏينهن نه ڏس رات نه ڏس. اونهارو هجي يا سيارو- هو هر وقت ان ٽوپلي ۾ رهي ٿو.

سائوٿ سوڊان جو هي صدر سالوِيا به ڪو نوجوان ناهي. 1951ع ۾ ڄائو هو. يعني 67 سالن جو آهي. ستن سالن کان صدر ٿيو ويٺو آهي. الڳ ملڪ ڪرائڻ بعد به ملڪ جي ڪا بهتري نه ڪري سگهيو آهي. ڦڏا ۽ فساد- خاص ڪري تيل جي ڪمائيءَ تي جاري آهن. پر وارن ملڪن سان





به ته پنهنجي ملڪ وارن سان. امن امان ۽ انصاف نه هجڻ ڪري بک ۽ بيروزگاري ڪري هر ماڻهو پريشان آهي. تعليم ۽ سهولت نه هجڻ ڪري هر وقت ۽ هر هنڌ ڦڏو فساد لڳو رهي ٿو. معمولي معمولي ڳالهه تي قبيلن جون خونريزون..... سڄي سوڊان جو اهو حال آهي جيڪو جيڪب آباد ڪشمور ضلعن جو حڪومت ناهه ڪرائڻ بدران خوش آهي ته اهي ڏکڻ سوڊان جا قبيلا پاڻ ۾ به وڙهندا رهن ته پر وارن ملڪن جي قبيلن سان به. حڪومت اهو ان ڪري به چاهي ٿي ته عوام حڪومت تي تنقيد ڪرڻ بدران پنهنجيون پوٽيون پٽيندي رهي. پوليس، وڪيل ۽ تر جا وڏيرا، سردار ۽ پوتار به ان ۾ خوش آهن. هن پاسي ڏنو وڃي ته هڪ دفعو صدر (حاڪم) ٿيڻ واري مان موت ئي جان ڇڏائي.

# سوڊان ۾ مهديءَ تي هڪ مشهور ناول

**منهنجو** خيرپور جو سفير دوست ظفر شيخ جنهن سان گڏ جپان ۾ مون 1970ع واري ڏهاڪي جا ڪافي سال گذاريا، جڏهن جرمنيءَ جو سفير ٿيو ته مون کي جرمني گهمڻ لاءِ ڏاڍيون دعوتون ڏنائين. آئون هميشه ڪلي ٽاري ڇڏيندو هوس. ان بعد هو جڏهن مصر ۾ سوڊان جو سفير ٿيو. بلڪ جيئن ئي مون کي هن جي نئين پوسٽنگ جي خبر پئي ته مون اسلام آباد فون ڪري ساڻس خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ چيومانس ته "تون هلي ڊيوٽي تي چڙهه ته آئون ڪجهه ڏينهن تو وٽ رهڻ لاءِ اچان ٿو".

ظفر کي ڏاڍي حيرت ٿي ته آئون جرمني نه ويس پر سوڊان ۽ مصر اچڻ چاهيان ٿو. ماڻهو ته يورپ گهمڻ جو شوق رکن ٿا. مون کيس ٻڌايو ته منهنجي لاءِ يورپ توڙي آفريڪا ساڳي حيثيت رکن ٿا.... آئون ٻنهي کنڊن جي ڪيترن ئي بندرگاهن ۾ مختلف جهازن کي بار بار وٺي ويو آهيان.... بلڪ سئيڊن جي يونيورسٽي ۾ تعليم دوران ان يونيورسٽي طرفان ڪجهه مهينا فليزنبرگ (جرمني) ۽ ڪوپنهيگن (ڊئنمارڪ) ۾ به تعليم حاصل ڪئي پر يورپ جي ملڪن ۾ اهو چارم اهي ڪشش نه ڏٺي جيڪا ڪيترن ايشيائي ملڪن ۾ ڪهاڻيون، اهو مختلف ڪلچر ناهي جيڪو هڪ ليکڪ کي ممباسا، زئنزيبار، مصر، خارطوم (سوڊان) وغيره ۾ نظر اچي ٿو يا هوڏانهن ڏور اوڀر جي ملڪن جپان، چين، ملائيشيا - ويندي برما ۽ سري لنڪا ۾ ملي ٿو. بنا شڪ جي سوڊان تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي جنهن جو ذڪر شروع ۾ ڪري چڪو آهيان. خاص ڪري پولش

books.sindhsalamat.com



ليکڪ هينرڪ جي هڪ ناول W pustyni I w puszczy بابت جيڪو انگريزي ۾ "ان ڊيزرٽائنڊ ولڊرنيس" جي نالي سان تمام گهڻو مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين ايترو پسند ڪيو وڃي ٿو جو ان تي ٻه دفعا فلمون ٺهي چڪيون آهن. هڪ 1973 ۾ جيڪا فلم اسان ڪيترائي سال يورپ ۽ ڏور اوڀر جي ملڪن جي سئنيما هالن ۾ هلندي ڏٺي ۽ ٻي 2001 ۾ ٺهي.

هي پولش زبان جو ليکڪ، جرنلسٽ ۽ نوبل پرائيز حاصل ڪندڙ هينرڪ (سڄو نالو: هينرڪ آدم اليگزئنڊر پيوس سينڪِوز) 1846 ۾ پولينڊ ۾ ڄائو ۽ سگهو ئي پولش ٻوليءَ جو مشهور ليکڪ ٿي ويو. سندس ڪتابن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ ڪري هو سڄي دنيا ۾ سڃاتو وڃڻ لڳو. 1905ع ۾ کيس ادب جو نوبل پرائيز مليو. اسان جي ڪاليج وارن ڏينهن ۾ سندس هڪ ناول Quo Vadis (جيڪو نيرو جي روم جي پسمنظر ۾ لکيل آهي) اسان شاگردن ۾ ڏاڍو مشهور هو جنهن تي ٺهيل فلم به ڏاڍي هلي. هاڻ ٽي وي چئنل، وڊيو نيٽ، واٽس ائپ، يوٽيوب ٿي پيا آهن نه ته اسان جي ڪاليجي توڙي جهاز جي نوڪريءَ وارن سالن ۾ وڏي ۾ وڏي وندر ڪتاب ۽ رسالا هوندا هئا يا وري سئنيما هالن ۾ هلندڙ فلمون. هينرڪ 1916ع ۾ وفات ڪئي. سوڊان جي لڙائي ۽ مهدي جي پوءِ لڳن جي پسمنظر ۾ لکيل هي ناول 1900 جي لڳ ڀڳ جو آهي.

هن ڪتاب/ فلم ۾ مهدي جي لڙائي وارن ڏينهن جي ڳالهه بيان ڪيل آهي. اسٽاني نالي چوڏهن سالن جو هڪ پولش ڇوڪرو ۽ نيل نالي اٺن سالن جي انگريز ڇوڪري مصر جي بندرگاهه واري شهر پورٽ سعيد ۾ پنهنجي والدين سان گڏ رهيا ٿي. هنن جا پيئر انجنيئر هئا جن سئيز ڪئنال جي مرمت جي ڪم تي نظرداري ڪئي ٿي. هڪ ڏينهن انگريزن خلاف سوڊان ۾ هڪ مهدي نالي مسلمان مولويءَ بغاوت جو اعلان ڪيو. عربن جو هڪ ٽولو اسٽاني ۽ نيل کي اغوا ڪري ٿو. ان اميد تي ته انهن ٻارن جي بدلي ۾ هو مهديءَ جي هڪ پيري جي مائيٽياڻي فاطمان کي آزاد ڪرائي

www.sindhsalamat.com

سگهندا جن کي انگريزن گرفتار ڪيو هو ۽ جنهن جو تفصيلي احوال هن ناول جي شروع ۾ ڏنو ٿو وڃي.

اغواڪار پولش ڇوڪري اسٽاني ۽ انگريز ڇوڪريءَ نيل کي پيرين پنڌ صحارا رڻ پٽ اڪاري خارطوم وٺي اچن ٿا جتي هنن جو ارادو ٻارن کي مهديءَ حوالي ڪرڻ جو هو. پورٽ سعيد کان خارطوم جو سفر بيحد ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ رهيو خاص ڪري نازڪ ۽ ننڍي عمر جي انگريزياڻي نيل (Nel) لاءِ. پولش ڇوڪرو اسٽاني ڪافي دلير ۽ جوابدار آهي ۽ هو انگريز ڇوڪريءَ کي اغوا ڪارن جي ظلم کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو جنهن لاءِ هن کي رکي رکي ماريو ڪٽيو به وڃي ٿو. ان دوران هو ڀڄڻ جي به ڪوشش ڪن ٿا پر ڪامياب نٿا ٿين ۽ آهستي آهستي اميد لاهيو ڇڏين. جڏهن هي اغواڪار عربن جو ٽولو انگريز ۽ پولش ٻارن سان گڏ خارطوم ۾ (بلڪ مهدي جي ڳوٺ ام درمان ۾) پهچي ٿو ته هنن کي اهو معلوم ڪري سخت مايوسي ٿئي ٿي ته مهدي انقلاب کي ڪامياب بنائڻ پويان مشغول آهي ۽ هن هنن عرب اغواڪارن کي ڪنگهيو به ڪو نه ۽ هنن جي آفر کي هن ڌتڪاري ڇڏيو. اغواڪار ان بي عزتي ۽ نامراديءَ جي ڪاوڙ ٻارن مان ڪڍن ٿا. اسٽاني ۽ نيل گرمي، بک، اڃ ۽ عربن جي ڏڙڪن داماٺ کان ڪافي بي بس ۽ بيحال ٿي چڪا آهن. هو ڪجهه ڏينهن جنگ، غربت ۽ بيمارين کان تباهه ٿيل هن شهر ۾ رهن ٿا. ان بعد اغواڪار عرب هنن ٻارن سان گڏ اڳتي جي سفر لاءِ وڏيڪ ڏکڻ ڏي ”فاشودا“ شهر ڏي روانا ٿين ٿا.

(هتي به اڪر هن تاريخي شهر ”فاشودا“ Fashoda بابت لکندو هلان جيڪو اڄڪلهه عربي نالي ڪودوڪ Kodok سان سڏجي ٿو. اهو سوڊان جي وچ تي هو پر هاڻ سوڊان جا ٻه حصا ٿيڻ تي ڏکڻ سوڊان جي اتر اوڀر ۾ سفيد نيل نديءَ جي ڪناري تي آهي. فاشودا هڪ آڳاٽو شهر آهي ۽ شلوڪ سلطنت جيڪا سورهن صديون هڪ خودمختيار سلطنت جي حيثيت ۾ رهي ان جي گاديءَ جو شهر هو. اڄ به هن علائقي ۾ انگريزي کان





علاوه مڪاني ٻولي شلوڪ ڳالهائي وڃي ٿي. شلوڪ سلطنت جو خاتمو ترڪي جي عثمانيا (Ottoman) جي حملن آندو ان بعد مصر ۽ انگليند وارن جو مٿس قبضو ٿيو. شلوڪ بادشاهه اڄ جي دور ۾ خودمختياري حاڪم نه رهيو آهي هو هڪ نالي جو سردار سڏائي ٿو. هي شهر فاشودا انگريزن ۽ فرينچن جي جهيڙي کان به مشهور آهي جيڪي 1898ع ۾ ذري گهٽ هڪ ٻئي سان ٻڪين پئجي ويا هئا. انگريزن جي هٿ ۾ مصر ۽ سوڊان جو اتراهون حصو هو ۽ هيٺ يوگنڊا ۽ ڪينيا وارو علائقو هو. هنن فاشودا واري علائقي تي قبضو ڪري سڄو بيلٽ پنهنجو ڪيو ٿي ۽ فرينچن هن کي پنهنجي اولهه وارن آفريڪي ملڪن سان ملايو ٿي. بهرحال 1898ع جي آس پاس وارا سال اهي هئا جن ۾ هن علائقي ۾ انگريز جاگرافر، سياح، فوجي، نئين دنيا جي ڳولا ڪندڙ Explorer ڦريا پئي).

عرب اغواڪار ڪنهن خيال کان هنن ٻارن کي فاشودا ڏي وٺي هلڻ لڳا. هڪ ڏينهن هنن جو مهاڙو شينهن سان ٿيو جنهن هنن تي حملو ٿي ڪيو انهن وٽ شاٽ گن هئي پر هنن کي بندوق ڇوڙڻ نه پئي آئي. هنن اها بندوق پولش ڇوڪري کي ڏئي منٿون ڪيون ته شينهن کي هڻ. اسٽاني ڇوڪرو شينهن کي مارڻ بعد ان بندوق سان عربن کي به ماري ڇڏي ٿو. ڇوڪري جي دل ۾ عربن لاءِ سخت نفرت هئي. هن سمجهيو ٿي ته هو هنن کي هرگز آزاد نه ڪندا. خاص ڪري هنن جي هر وقت جي گارين - خاص ڪري انگريز ڇوڪريءَ سان جنهن گندي زبان سان ڳالهائيندا هئا ان هن جي نفرت کي ڀڙڪائي رکيو هو.

آزاد ٿيڻ بعد هنن ٻارن جو سوڊان جي جهنگل ۽ رڻ پٽ مان گذرڻ جو ڏکيو سفر شروع ٿئي ٿو. هنن کي اها اميد آهي ته ٿي سگهي ٿو هنن کي ڪو انگريز سپاهي يا سياح، سائنسدان يا پادري ملي وڃي ۽ هنن جي زندگي بچائي ڪين مصر سندن والدين ڏي پورٽ سعيد اماڻي. سندن سفر ۾ ڪيترائي خطرا ۽ ائڊوينچر ڏيکاريا ويا آهن. هنن سان گڏ به شيدي غلام به

آهن: هڪ ڪالي نالي ڇوڪرو ۽ هڪ ميا (Mea) نالي ڇوڪري جن کي استانيءَ عربن کان آزاد ڪرايو هو. اهي مري ويل عربن جا غلام هئا جن کي هنن پنهنجي خذمت چاڪري ۽ اغوا ڪيل ٻارن تي نظر رکڻ لاءِ ساڻ ڪنيو هو.

بهرحال هيءَ هڪ ڏکي ۽ دلچسپ ڪهاڻي آهي.... رستي تي انگريز ڇوڪريءَ کي مليريا به ٿئي ٿي ۽ مرڻ تي هئي ته استانيءَ کي هڪ سئٽزرلئنڊ کان آيل کوجنا ڪندڙ (Explorer) کان ڪوئنن جون گوريون ملي ويون جن جي ڪاڻ سان نيل بچي وئي. هن همراهه کان هنن کي گن پائوڊر به ملي وڃي ٿو جنهن سان هو جار ۾ قاتل هڪ هاٿيءَ جي جان بچائين ٿا. رستي تي ساڻن گڏ ٻارهن سالن جي سوڊاني غلام ڇوڪري کي "سليپنگ سڪنيس" بيماري ٿيو ٿي پوي جنهن ۾ هو مريو وڃي. اڳتي جي سفر ۾ هڪ جهنگل ۾ هنن تي هڪ گوريلو حملي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ٻيون ڳالهيون پن ٿين ٿيون جيڪي هن ڪتاب پڙهڻ يا فلم ڏسڻ سان واسطو رکن ٿيون... آخر ۾ پولش ڇوڪرو ۽ انگريز ڇوڪري پورٽ سعيد پهچيو وڃن جتي هنن کي خبر پوي ٿي ته فقط ڪجهه ڏينهن اڳ دل جي دوري پوڻ ڪري مهدي گذاري ويو ۽ کيس ام درمان شهر ۾ دفن ڪيو اٿن. وڏا ٿيڻ تي استاني ۽ نيل شادي ڪن ٿا ۽ پنهنجن آفريڪي ساٿين سان ڏهن سالن بعد ملڻ اچن ٿا.





# ميريم مڪيبا - آفريڪا جي عابده پروين

**هن** ڪتاب جي پبلشر منهنجي ڏنل فوٽن مان هڪ ڪارٽون فوٽو "ماما آفريڪا" جو به ڏنو آهي. اسان جي ڏينهن ۾ يعني 1960 کان 1980 واري ڏهاڪي تائين جڏهن اسان جهاز هلائڻ وارن لاءِ وندر فقط ريڊيو هو آفريڪا ڪنڊ کي ڦيرو ڪرڻ وارا 15 کن ڏينهن توڙي آفريڪا جي بندرگاهن ۾ هفتن جا هفتا رهڻ دوران ريڊيو تان گانا ٻڌڻ اهم وندر هئي ۽ اسان کي سمجهه ۾ اچڻ توڙي نه اچڻ جي باوجود جن ڳائڻ جي آواز موهت ڪيو ٿي انهن مان "ماما آفريڪا" هڪ هئي. هن انگريزي کان علاوه کوسا، زولو ۽ ٻين آفريڪي ٻولين ۾ ڳايو ٿي جيئن اسان جي نيڊي ڪنڊ پاسي هندي ۽ عربي سمنڊ مان لنگهندي لتا منگيشڪر ۽ ملڪ ترنم نورجهان جي اردو/ هندي ۽ پنجابي گانن وندرايو ٿي.

اڄ جي دور ۾ ته ڪوڪتي به هجي ته ٽي وي کولي وهي ٿو ۽ ٽي وي تي هڪ نه پر سوين چينل چوويهه ئي ڪلاڪ هلندا رهن ٿا. ٽي وي ناهي ته ڪمپيوٽر، لئپ ٽاپ، آءِ پيڊ، ٽئبليٽ جن تي جيڪا شي وٽي فلم، ڊرامو گانو ٻڌي سگهون ٿا. پر اسان جي ڏينهن ۾، مثال طور چين، ڪوريا يا ڪيوبا جي بندرگاهن ۾ اچبو هو ته به ڪو سرڪاري يا غير سرڪاري ٽي وي چينل نه هوندو هو ۽ نه اسان جو ريڊيو ڪا مڪاني ريڊيو اسٽيشن جهٽي سگهندو هو. بندرگاهه ۾ چيني، ڪورين يا اسپيني زبان جا ڪميونسٽ قسم جا

جيڪي قومي ترانا هلندا هئا، اهي پيا ٻڌبا هئا. ٻڌي ٻڌي انهن مان ٻه ڪو هڪ اڌ وٽڻ لڳندو هو. دل چوندي هئي ته جهاز هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ انڊيا جي بندرگاهن يا اتي جو ڪنارو وٺي هلي ته ڪي انگريزي يا هندي گانا ٻڌجن جيڪي وري به سمجهه ۾ ته اچن ٿا. سو اهڙي طرح اسان ڏارين ملڪن جي جن ڳائڻن ۽ ڳائڻين جو آواز سڃاڻڻ لڳاسين ۽ پسند ڪرڻ لڳاسين، ”ماما آفريڪا“انهن مان هڪ آهي. گهڻو گهڻو پوءِ ٽي وي ۽ رسالن ۾ جڏهن سندس شڪل ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو اسٽائيل ڏٺوسين ته چيوسين ته ”ماما آفريڪا“ آفريڪا کنڊ جي ماڻهن لاءِ ائين آهي جيئن اسان لاءِ لتا، نورجهان يا عابده پروين ۽ زرينه بلوچ اهي دور جيئن ته انٽرنيٽ ۽ يوٽيوب جو آهي سو توهان کي ”ماما آفريڪا“ جي آواز ٻڌڻ لاءِ آفريڪا جي شهر ۾ اچڻ جي ڪا ضرورت ناهي ۽ نه وري ان جو سي ڊي يا ڪئسٽ گهرائڻ جي ضرورت آهي. يوٽيوب کولي ماما آفريڪا يا Miriam Makeba لکي هن جا گانا ٻڌي سگهو ٿا. خاص ڪري 1967 جو مشهور راڳ 1474يا Pata Pata جو Malaika يا وري The Lion Sleeps tonight يا ڪو ٻيو گانو. اهي راڳ هن انگريزيءَ کان علاوه مڪاني آفريڪي ٻولين خاص ڪري کوسا ۽ زولو ۾ به ڳايا آهن. سندس آواز نيره نور، حميرا چنا، ٻڳونتي جي به ياد ڏياري ٿو. توهان به سندس هڪ اڌ راڳ ضرور ٻڌو.... پڪ پسند ايندانوَ. يا شايد اسان کي ان ڪري پسند آيو ٿي جو اسان لاءِ ٻي ڪا وندر نه هئي. ”ماما آفريڪا“ جو اصل ۾ سڄو نالو زينزلي ميريم ماڪيبا (Zenzile Miriam Makeba) آهي. پاڻ تقريبن لتا منگيشڪر ۽ اسان جي ليکڪ، دانشور ۽ سياستدان رسول بخش پليجو جي عمر جي ٿيندي ۽ جهانسبرگ ۾ 1932 ۾ ڄاڻي هئي. (لتا جي ڄم جو سال 1929 آهي ۽ پليجو صاحب جو 1930 آهي). سندس پيءُ کوسا زبان جو ٽيچر هو. ڏکڻ آفريڪا ۾ زولو ٻولي بعد ٻي نمبر تي کوسا ٻولي گهڻي کان گهڻا ماڻهو





ڳالهائين ٿا. سندس زينزلي نالو به کوسا ٻوليءَ جو آهي جنهن جي معنيٰ آهي“. ڪنهن به ڳالهه جو ٻئي تي ڏوهه ڏيڻ بدران پاڻ تي ڏيو“.

ميريم ڇهن سالن جي هئي ته هن جو پيءُ گذاري ويو ۽ ڪيس سندس ماءُ ڪرسٽينا نپايو جيڪا سوازي لئنڊ جي هئي. هوءَ ”سنگوما“ هجڻ کان علاوه گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ واري ”هائوس ميڊ“ House Maid به هئي. سنگوما دراصل اهي عورتون آهن جيڪي ٽوٽڪا ڦيڻا ڪن ٿيون، جسماني توڙي روحاني بيمارين جو علاج، ڄم ۽ موتي فوتي جي رسمن جي ادائگي، چوري ٿيل وهٽن جي فال ڪڍڻ، ڏائڻين جي خوف کان بچائڻ، مري ويلن کي عذاب کان بچائڻ جو ڪم ڪن ٿيون. اها ڳالهه ائين آهي جيئن اسان وٽ هن دور ۾ به پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو نقلي پيرن، جادوگرن ۽ ٺڳ حڪيمن جي ڳالهيون مڃين ٿا. اهڙي طرح ڏکڻ آفريڪا جي ملڪ سائوٿ آفريڪا جيڪو آفريڪا جي سڀني ملڪن ۾ وڌيڪ ماڊرن آهي ان جا انگ اکر پڙهي رهيو هوس ته سائوٿ آفريڪا ۾ به لک سنگوما آهن جن کي انگريز Traditional Healer سڏين ٿا ۽ ڊاڪٽرن جو تعداد فقط 25000 آهي ۽ ملڪ جا 60 سيڪڙو ماڻهو علاج لاءِ انهن حڪيمن، پيرن، جادوگرن وٽ وڃن ٿا. هونءَ اها به ڪمال جي ڳالهه آهي ته ميريم کي 1949 ۾ شادي بعد ٻئي سال بونگيءَ نالي ڌيءَ ڄائي (جيڪو هن جو اڪيلو ٻار آهي) ان بعد هن کي ڇاتي جو ڪئنسر ٿي پيو ته هن ڪنهن پڙهيل لکيل ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ بدران پنهنجي ماءُ جو علاج ڪرايو ۽ صحيح ٿي وئي! ميريم کي اڳتي هلي ٻچي داني جو ڪئنسر پڻ ٿيو. ان جو علاج اسپتال ۾ ڪرائين جتي سندس Hysterectomy ڪئي وئي. يعني آپريشن ذريعي Uterus ڪڍيو ويو.

ميريم ماڪيبا جي ڄمڻ کان پوءِ ڇهن سالن جي ڄمار جي هئي ته سندس پيءُ ته گذاري ويو پر ان کان اڳ جڏهن هوءَ اڃان 18 ڏينهن جي هئي ته سندس ماءُ غير قانوني نهيل ڪچو شراب وڪڻندي گرفتار ٿي هئي جنهن

لاءِ هن کي ڇهه مهينا جيل جي سزا آئي هئي. سو ميريم اهي ڇهه مهينا جيل ۾ ماءُ وٽ ئي گذاريا. سندس ٻيهرين شادي بہ ناڪام رهي. اها هڪ موالي قسم جي اهڙي پوليس واري سان ٿي جيڪو اجان ٽريننگ وٺي رهيو هو. ڳالهہ ڳالهہ تي هو گارين جا دس چاڙهيندو هو ۽ موڇڙا هٽندو هو. ڪئنسر جو ٻڌي ٽپڙ ٻڌي هليو ويو ۽ ميريم سال جي ڌيءَ کي ڪٽي اچي ماءُ وٽ رهي.

ميريم جو ننڍي هوندي کان سُر سنو هو ۽ هوءَ اڪثر گرجا گهر ۾ آچر جي گڏجاڻيءَ ۾ ٻين ڇوڪرين سان گڏ ڪورس ۾ ڳائيندي هئي پر صحيح معنيٰ ۾ هوءَ مشهور اسڪول ۾ ٿي جتي هن انگريزي، ڪوسا، سوٿو ۽ زولو ٻولين ۾ ڳايو ٿي. اهڙي طرح 21 سالن جي ڄمار ۾ هوءَ آمريڪا جي مختلف بئنڊن سان گڏجي ڳائڻ لڳي. سائوٿ آفريڪا ۾ نسل پرستي عروج تي هئي. انگريز جن جي قبضي ۾ سائوٿ آفريڪا هو اتي جي مقامي ڪارن باشندن کي نيچ سمجهيو ٿي. ان جي خلاف آمريڪا وارن Come Back, Africa نالي هڪ فلم ٺاهي جنهن ۾ ميريم جو بہ هڪ مختصر رول هو. ان فلم ۾ ڪم ڪرڻ تي سائوٿ آفريڪا جي حڪومت ميريم کي ڏيهہ نيڪالي ڏئي ڇڏي. ان فلم ۽ ساڪس ٽينڊز هن ظلم ڪري ميريم بين الاقوامي نظرن ۾ اچي وئي. هوءَ نيويارڪ وڃي رهي جتي ڳائڻ ۾ حصو وٺڻ تي اجان وڌيڪ مشهور ٿي ۽ هن جي گانن جا ڪيترائي رڪارڊ نهڻ لڳا. سندس ماءُ جي وفات تي هوءَ فوتيءَ جي رسمن لاءِ جڏهن پنهنجي ملڪ پهتي تہ نہ فقط هن کي ملڪ اندر داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو سندس پر پاسپورٽ بہ رد ڪيو ويو.

1990ع ۾ سائوٿ آفريڪا ۾ جڏهن نسل پرستي جو خاتمو آندو ويو ۽ نيلسن منڊيلا کي آزاد ڪيو ويو تہ ميريم موٽي آئي ۽ آفريڪا جي مختلف ملڪن ۾ پنهنجي ڳائڻ جا پروگرام (ڪنسرٽ) ڪرڻ لڳي. ميريم ماڪيبا انهن اوئلي آفريڪي ڳائڻ مان آهي جن کي دنيا ۾ مان ۽ مڃتا ملي. هن آفريڪن ميوزڪ جو يورپ ۽ آمريڪا ۾ تعارف ڪرايو. 2008 ۾





سندس وفات تي نيلسن منڊيلا ميريم کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ:

Miriam Makeba,s music inspired a powerful sense of hope in all of us

ميريم (ماما آفريڪا) جي زندگيءَ جو تفصيلي بيان سندس آتو بايو گرافي Makeba: My Story ۾ آهي جيڪو فرينچ، جرمن، ڊچ، اٽالين، اسپينش ۽ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي. سندس موت اٽلي ۾ هلنڊڙ ڪنسرٽ (راڳ جي محفل) ۾ ڳائيندي ٿيو. هن پنهنجو Hit گانو "پاتا پاتا" ڳائي بس ڪيو تہ ڪيس دل جو دورو پيو ۽ گذاري وئي.

سندس سُني سُر ۽ منفرد اسٽائيل ڪري ميريم ماڪيبا Mama Africa سڏجڻ لڳي. هن کي ڪيترا "ايمپريس آف آفريڪن سانگ" بہ سڏين ٿا. هن جي موت تي سائوٿ آفريڪا جي صدر نيلسن منڊيلا پنهنجي تقرير ۾ هن لاءِ اهو بہ چيو تہ: Miriam is first Super Star. ۽ هن اهو بہ چيو تہ: She is South Africa,s First Lady of song.

# زينب ۽ انوشا

**سوڊان** بابت لکيل ڳالهين جي آخر ۾ ٻن سوڊان جايل عورتن بابت به اکر لکان ٿو جن کي اسان جا ماڻهو خاص ڪري اهي جيڪي BBC جي خبرن ۽ بالي ووڊ فلمن جا شوقين آهن. انهن مان هڪ زينب بداوي آهي ۽ ٻي انوشا ڊانڊيڪر.

زينب بداوي (Zeinab Badawi) 1959 ۾ سوڊان جي شهر خارطوم ۾ ڄائي. هن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هوءَ شيخ بابڪر بدري جي پڙپوٽي تڙپوٽي آهي. 1898 ۾ خارطوم جي پرواري تاريخي شهر "ام درمان" ۾ جيڪا مهدي جي پوئلڳن جي انگريز جنرل ڪچنر جي لشڪر سان جنگ لڳي ان ۾ شيخ بداويءَ دليري سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيو هو. ان ڪري سوڊان ۾ هي خاندان عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ان ڪان علاوه شيخ بداوي اهو ماڻهو آهي جنهن سوڊان ۾ عورتن جي تعليم جو بنياد وڌو.

زينب جو پيءُ هڪ اخبار جو ايڊيٽر هو. انگلينڊ لڏي وڃڻ تي هن بي بي سي عربي سروس ۾ نوڪري اختيار ڪئي. زينب به تعليم جو وڏو حصو انگلينڊ مان حاصل ڪيو. هن لنڊن جي "هارنسي هاءِ اسڪول فار گرلس" مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد آڪسفورڊ جي "سينيٽ هِلدا ڪاليج" مان فلاسافي، پوليٽڪس ۽ ايڪانامڪس (PPE) پڙهي. ان بعد يونيورسٽي آف لنڊن جي "اسڪول آف اورينٽل ۽ آفريڪن اسٽيڊيز (SOAS) مان انٿروپولاجي ۾ M.A ڪئي.





آڪسفورڊ ۾ زينب بداويءَ 1982 کان 1986 تائين ريسرچر ۽ يارڪشائر ٽي وي تي براڊ ڪاسٽ جنرلسٽ ٿي رهي. ان بعد هن BBC ۾ نوڪري اختيار ڪئي. هوءَ اڄ به بي بي سي جي چينل 4 ۽ بي بي سي ورلڊ نيوز ۾ World News Today پيش ڪري ٿي. بي بي سي جي هڪ ٻئي مشهور پروگرام HARD talk ۾ به انٽرويو وٺندي رهي ٿي. 2009 ۾ هن پنهنجي ملڪ سوڊان جي صدر عمر البشير جو به انٽرويو ڪيو جنهن ۾ هن سندس ڪرپشن ۽ جنگي ڏوهن جي حوالي سان هن کي ڪافي ڦڙڪايو هٽائين. ان ئي سال زينب بداويءَ "انٽرنيشنل ٽي وي پرنسلٽي آف دي ييئر" جو ايوارڊ ماڻيو هو. هن کي هن جي اعليٰ جرنلزم ڪري 2011 ۾ يونيورسٽي آف لنڊن طرفان آنرري ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري به ڏني وئي. هر سال جڏهن اسٽاڪهوم ۾ نوبل پرائيز ورهائڻ جو جشن ٿيندو آهي ته ان جي رپورٽنگ هميشه زينب بداوي ڪندي آهي. اهو پروگرام سيٽبن جي ٽي وي تان ڏيکاريو ويندو آهي.

سوڊان جي هڪ ٻي ڄائي بالي ووڊ جي مراهٽي فلم ائڪٽريس ۽ ڳائڻي انوشا داندڪر آهي جيڪا اڄڪلهه آسٽريليا جي شهري آهي.

انوشا 1982 ۾ سوڊان جي گادي واري شهر خارطوم ۾ ڄائي هن جون به ٻيون به ڀينرون آهن: هڪ شيباني ۽ ٻي اپيڪشا" شيباني ته مشهور راڳ ۽ ناچ جي پروگرام "جهلڪ دکلا جا" ۾ به آئي هئي. هونءَ انوشا جا وڏا پوني جا رهاڪو آهن. هوءَ سوڊان ۾ ڄائي پر پلي نپني سڊني (آسٽريليا) ۾. ويهه سالن جي ڄمار ۾ (2002ع ۾) هوءَ ممبئي آئي جتي هن "هائوس آف اسٽائيل" نالي هڪ فيشن شو جي ميزباني ڪئي.

ميزباني ۽ ائنڪر جي ڊيوٽي جا ڪم ڪرڻ بعد انوشا بالي ووڊ جي فلمن ۾ ڪم شروع ڪيو. سندس پهرين فلم "ممبئي ميوٽني" هئي. ان بعد فلم "ورود" ۾ ڪم ڪيو جنهن ۾ انڊيا جي ٽاپ اداڪارن اميتاڀ بچن ۽ جان ابراهام به ڪم ڪيو آهي. انوشا ميوزيڪل فلم "مس بالي ووڊ" ۾

هڪ ڊانسر جو ڪردار ادا ڪيو ۽ هوءَ ارشد وارثي ۽ سنجي دت جي فلم ”ائنٿوني ڪون هي؟“ ۾ پڻ اچي چڪي آهي.

بعد ۾ انوشا مرهاٽي فلمن ۾ به ڪم ڪيو. جن ۾ پهرين فلم ”جئه جئه مهاراشٽرا ماجها“ آهي. سهڻي هجڻ ڪري سندس فوٽو ڪيترن ئي رسالن جي ٽائٽل ڪورن تي به آيا آهن خاص ڪري انگريزيءَ جي.





# سوڊان ۾ درپيش آيل حادثي جي خبر

***ملائيشيا*** - جتي اڄڪلھ مئرين انجنيئرنگ تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ هفتي ڪن لاءِ ٽِڪيل آهيان.... شام جو پنهنجي هڪ پراڻي سفرنامي ”سانباهو سمنڊ جو“ جي نئين ايڊيشن لاءِ اڄ جي سوڊان بابت ڪجھ وڌيڪ لکي رهيو هوس ته BBC ۽ ملائيشيا جي مقامي ٽي وي تان خبر ٻڌم ته سائوٿ سوڊان ۾ ملائيشيا جي تيل ۽ گئس ڪمپني ”پيٽروناس“ ۽ چين جي هڪ ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ڪجھ انجنيئرن کي حڪومت جي باغين اغوا ڪيو آهي. جن جا نالا ٻڌايا ويا انهن ۾ ٻه يا ٽن انڊين سان گڏ هڪ پاڪستاني انجنيئر بدين سنڌ جي اياز جمالي به هو.

آفريڪا جي ٻين بدنصيب ملڪن وانگر سوڊان به آهي. بدنصيب لفظ ان لاءِ نٿو استعمال ڪريان ته هنن ملڪن ۾ جپان وانگر نه پوک آهي نه معدنيات. هرگز نه. بلڪ ڏٺو وڃي ته آفريڪا جا ملڪ به اسان جي ملڪ وانگر زرعي ۽ معدني پيداوار سان مالا مال آهن. هنن ۾ ٻيلا ۽ باغات آهن. ماٿريون ۽ جبل آهن. نديون ۽ ڍنڍون آهن.... پر مقامي سياستدانن ۽ حاڪمن هنن خوبصورت ملڪن جي ايڪانامي ۽ عوام کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. سوڊان آفريڪا جو وڏي ۾ وڏي ملڪ ۽ سفيد نيل ۽ نيلي نيل جي ڪري سهڻو ملڪ هو. انگريزن جي وڃڻ بعد مقامي حاڪمن نهيل نڪيل ادارا تباهه ڪري عوام کي هڪ ٻئي سان ويڙهائي، پاڙ لٽ ڦر ڪندا

رهيا. اتر ۾ عرب نسل جا مسلمان ڏکڻ جي انگريزي ڳالهائيندڙ عيسائين سان وڙهندا رهيا. ويهارو سال سِول جنگ هلندي رهي ۽ لکين ماڻهو مري ويا. ڪارخانا تباهه ٿي ويا، فصل سڙي ويا. ملڪ ۾ ڏڪار جي حالت ٿي وئي. ملڪ ٻه ٽڪر ٿي ويو. وري هر ٽڪري ۾ نوان جهيڙا شروع ٿي ويا. هاڻ قبيلن جا جهيڙا ۽ حاڪمن جا.

ساؤٿ سوڊان ۾ نوري ۽ ڊنڪا قبيلي جا الڳ وڙهي رهيا آهن ته وري انهن اندر موجود سوين ننڍا قبيلا ۽ ذاتيون پاڻ ۾ اٽڪيون پيون آهن. سوڊان ۾ تيل ضرور نڪتو پر ملڪ ٻه اڌ ٿيڻ تي انهن تيلن جا کوه ڏکڻ سوڊان ۾ هجڻ ڪري انهن جو قبضو ٿيو. ڏنو وڃي ته ڏکڻ سوڊان خوشحال ٿي وڃڻ کپي. پر ملڪ جي صدر سلوا ڪِير پنهنجي نائب صدر رِڪ مچار Riek Machar کي لاهي ڇڏڻ تي ان جي قبيلي نوري جا ماڻهو حڪومت جي خلاف ٿي بيٺا آهن. هو پاڻ کي باغي سڏائين ٿا ۽ حڪومت کو ڪم به ڪرائي ٿي ته ان کي ڪرڻ نٿا ڏين. نتيجي ۾ ملڪ جي خوشحالي ٿئي ئي نٿي.

مٿيون اغوا جو ڪيس به ان سان وابسته آهي. حڪومت تيل ۽ گئس جي ڪم لاءِ ڌارين ملڪن جي ڪمپنين کي ٺيڪا ڏنا آهن جيئن ته ملائيشيا ۽ چين کي. انهن ڪجهه ماڻهو پنهنجن ملڪن جا ته ڪجهه ٻين ملڪن جا رکيا آهن جيئن ته انڊيا، سريلنڪا، پاڪستان، بنگلاديش وغيره جا. جيتوڻيڪ حڪومت طرفان انهن جو خيال به رکيو وڃي ٿو پر باغي گروپ جي ماڻهن جي هڪ ته خبر نٿي پوي جو هر علائقي جا شيدي هڪ جهڙا آهن.... ڪهڙي خبر ته ڪير باغي يا دهشتگرد آهي ۽ ڪير شريف ماڻهو. ٻي ڳالهه اها آهي ته سوڊان ۾ توڙي آفريڪا جي ٻين ملڪن ۾ ڪجهه علائقا اهڙا آهن جتي حڪومت جي به نٿي هلي جيئن اسان وٽ اتر ۾ وزيرستان ۾ يا سنڌ جي ڪچي يا بلوچستان جي جابلو علائقن ۾. اهڙي





طرح جيئن اسان جي ڌاڙيلن وٽ پوليس کان به بهتر هٿيار آهن تيئن آفريڪا جي هنن باغي گروپن وٽ آهن.

ائين به نه آهي ته ڪا تعليم ناهي، جاهليت آهي. ڏنو وڃي ته ڏکڻ سوڊان جي باغي گروپ جو ليڊر رِڪ مچار جيڪو ملڪ جو نائب صدر به هو وڏو پڙهيل ڳڙهيل ۽ قابل ماڻهو آهي. هو 1953ع ۾ ڄائو ۽ سوڊان جي ”خارطوم يونيورسٽيءَ“ مان انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ان بعد 1984 ۾ انگلينڊ جي براڊ فورڊ يونيورسٽيءَ مان Ph.D ڪيائين ۽ هڪ ڪتاب South Sudan: A History of Political Domination جو منصف به آهي پر قبيلائي جهيڙن ۾ هڪ ٻئي سان دشمنيون پاڙڻ ۽ پلاند ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کي تباهه ڪري ڇڏيو اٿن.

اڳ ۾ ته رڳو سنڌ جا هندو مختلف ملڪن ۾ واپار ڪندي نظر ايندا هئا پر هاڻ ويهه ٽيهه سالن کان سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين جا رهندڙ مسلمان پڻ نظر اچن ٿا. تيل ۽ گئس جي کوٽاين يا ڪارخانن ۾ به ڪافي آهن خاص ڪري بدين ۽ ٽنڊوباگو پاسي جا. هيڏانهن ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ برونائيءَ کان علاوه آفريڪا ۽ عرب ملڪ ۾ پڻ آهن. ڪجهه جا نالا هن وقت به ڌيان ۾ اٿم جيئن ته ٽنڊو باگو جو فرحان کتري جيڪو دبئي ۾ آهي ۽ بدين شهر جو بشير آريسر (دبئي)، ڪريم سومرو (دبئي)، امام شاهه (شارجا)، ڊاڪٽر اصغر ميمڻ (سعودي عرب) وغيره ۾ نظر آيا. بدين جو اياز جمالي جنهن مهراڻ يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي ۽ سندس ڀاءُ بابر جمالي ٽن سالن کان ساؤٿ سوڊان ۾ ڪم ڪري رهيا هئا.

اياز جمالي جي اغوا جي ڪهاڻي پهرين ڏينهن کان ٻڌي رهيا هئاسين. ٽيون ڏينهن سندس بازياب ٿي ڳوٺ پهچڻ جو ٻڌي مون ساڻس خبر چار ڪرڻ چاهي. بدين ۾ منهنجا ٻه ٽي سڃاڻا رهن ٿا جن مان پهرين عبدالرزاق ڪٽيءَ کي فون ڪيم جو هو اتان اخبار به ڪڍي ٿو ۽ جرنلسٽ آهي. پر خبر پئي ته هو ڪجهه سالن کان اسلام آباد ۾ رهي ٿو. ان بعد مون

0333-2521844 تي اتي جي پٽالاجسٽ ڊاڪٽر لڇمڻ داس کي فون ڪيو جنهن هن فئملي کي سڃاتو ٿي ۽ اياز جمالي جي مامي مصطفيٰ جمالي جو نمبر ڏنو جيڪو بدين جي اسڪول ۾ پڙهائي ٿو. مصطفيٰ کان اياز جمالي جي فئملي جي واقفيت ٿي ته اياز جو والد غلام حسين جيتوڻيڪ هڪ ڊرائيور هو پر هن مرحوم فاضل راهو جا ويچار فالو ڪيا ٿي ته تعليم ضروري آهي. مون کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته غلام حسين جمالي صاحب گهٽ پگهار ۽ وڏي عيال جي باوجود پنهنجي سڀني ٻارن کي - پٽن توڙي ڌيئرن کي جيتري قدر ٿي سگهيو گهٽي کان گهٽي تعليم ڏني. سنڌس چئن پٽن ۽ ٽن ڌيئن مان ڪي ڊاڪٽر ۽ انجنيئر به آهن. گرئجوئيشن ته سڀني ڪئي آهي ۽ ماشاءَالله سڀ سٺن عهدن تي آهن. اياز جمالي سنڌس سڀ کان ننڍو ٻار آهي.

اياز جو 0333-2906600 نمبر ملڻ سان مون هن سان به چار دفعا خبر چار ڪئي ۽ سوڊان ملڪ، ماڻهن ۽ سنڌس اغوا ٿيڻ ۽ 12 ڏينهن کن باغين جي بند ۾ رهڻ جون ڳالهيون پڇيون. پاڻ ٻڌائين ته ڪجهه ڪلاڪ اڳ سنڌس تفصيلي احوال ڪاوش اخبار جو نمائندو عظمت الله ڪنير وٺي چڪو آهي. عظمت ڪاوش اخبار جو هڪ بيحد محنتي، ننڍي عمر وارو هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ ذهين جرنلسٽ آهي. سنڌس هن وقت 22 سال عمر ٿيندي. هو مئٽرڪ ۾ هو ته هن ڪاوش اخبار ۾ ڪم شروع ڪيو. لطيف آباد جي علامه اقبال هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪرڻ بعد هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان اردو ادب ۾ ايم اي ڪئي ۽ اڄڪلهه اسان جي ڳوٺ هالا نوان جي ”لا ڪاليج“ مان L.L.B ڪري رهيو آهي. مون ڪيس ان ئي وقت سنڌس فون نمبر 0300-3038027 تي خبرچار ڪئي ۽ هن اياز جماليءَ کان ورتل انٽرويو مون ڏي موڪليو جيڪو پڙهندڙن جي ڄاڻ ۽ دلچسپي لاءِ هتي ڏيان ٿو. اهو انٽرويو پوءِ ڪاوش ۾ به ڇپيو پر ظاهر آهي اخبار ۾ گهٽ جاءِ هجڻ ڪري ان جا ڪجهه حصا رهجي ويا هن انٽرويو ۾ جتي بدين جي





اياز جماليءَ ذڪر سوڊان جي جاگرافي ۽ سياسي اختلافن جو احوال ٻڌايو آهي اتي پنهنجي اغوا ٿيڻ ۽ سوڊان ۾ نوڪريءَ جي پڻ ڳالهه ڪئي آهي. هن جي پڙهندڙن لاءِ اها نصيحت بلڪل ڪارآمد سمجهان ٿو ته هن بيروزگاري جي دور ۾ پرديس ۾ ڪٿي نوڪري ملي وڃي ٿي ته حق حلال جي روزيءَ لاءِ ڏورانهين ڏيهه کان ضرور وڃي نڪرجي پر ان کان اڳ اها خاطري ڪجي ته نوڪريءَ جي نوعيت ڇا آهي ۽ ان ملڪ يا ان ملڪ جي ان علائقي جون حالتون ڇا آهن. جيئن ذڪر سوڊان ۾ جتي جي تيلن جي کوهن تي اياز کي نوڪري ملي، سياسي بغاوت جاري هئي. اياز ۽ ٻين پاڪستاني ۽ انڊين اتي ڪم ڪندڙ چيني ۽ ملائيشين تيل ڪمپنين وٽ ٽرڊ پارٽيءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو ٿي. باغين چينين ۽ ملائيشين کي ڪم ڪرڻ کان روڪي رکيو هو پر انهن پنهنجي پاڪستاني ۽ انڊين ڪم ڪرڻ وارن کي باغين طرفان ڏنل الٽيميٽم کان بي خبر رکيو. شايد اهو سوچي ته جيستائين ڪم نڪري رهيو آهي صحيح آهي. باغي جي واقعي حملو ڪن ٿا ته پاڪستاني انڊين ئي مرندا. اياز جمالي ٻڌائي ٿو ته اسان کي اهڙين خطرناڪ جاين تي نوڪري ڪرڻ کان گريز ڪرڻ کپي.

منهنجي خيال ۾ ته نه رڳو آفريڪا جي جهنگلي علائقن کان پر عرب ملڪن جي نوڪري لاءِ به سوچي سمجهي وڃجي. اڄڪلهه جا عرب اهي 1970 واري ڏهي جا نه رهيا آهن جڏهن هو انجنيئرن، ڊاڪٽرن، مزورن کي کلي دل سان پگهار ۽ سهولتون ڏيندا هئا. هاڻ لڳي ٿو ته هنن جون پنهنجيون ضرورتون ئي اهڙيون وڏي ويون آهن جو پائيئن ته پورهيتن کي ڏيڻ بدران سندن کيسي مان ڪيڏجي ۽ جتي توهان ٽرڊ پارٽيءَ جي حيثيت سان نوڪري لاءِ وڃو ٿا اتي وڌيڪ احتياط ڪجي. اهو سسٽم هيئن آهي: عرب ملڪن جي سرڪار ڪو ڪارخانو اسپتال يا فئڪٽري هلائڻ ٿي چاهي. هو ان جو ٺيڪو پنهنجي ڪنهن عرب بزنيس مئن يا ڪنهن دلپسند گوري انگريز فرينچ يا جرمن کي ڏين ٿا. اهو وري ڳولهي ڳولهي اسان جهڙن

غريب ملڪن (پاڪستان، انڊيا، سري لنڪا، بنگلاديش) جي مجبور ماڻهن کي رکي ٿو جيڪي ٿوري پگهار تي ۽ معمولي سهولتن تي بہ راضي ٿي وڃن. پوءِ وڏو فائدو عرب يا گورو ٺيڪيدار کايو وڃي ٽرڊ پارٽي جي غريب پورهيتن جي زندگي عذاب ٿيو وڃي. اها زندگي اجان بہ بدتر ٿيو وڃي جڏهن اهي عرب يا گورا پورهيتن مٿان ڪو اسان جو پاڪستاني يا انڊين انچارج، فورمئن يا ڪمدار رکن ٿا. اهو پاڻ عربن جي چمچاگيري ڪري سک ۾ رهي ٿو پر ٻين پنهنجن هم وطنين سان جانورن کان بہ بدتر سلوڪ ڪري ٿو.

عربن کي ڏسي هاڻ ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ بہ اهو ظلم روا ٿي ويو آهي. سرڪاري اسپتال جو نالو ٻڌي اسان جا ڊاڪٽر نوڪريءَ لاءِ حامي ڀرين ٿا. اتي پهچي خبر پوين ٿي تہ اها اسپتال ڪو ننگ ملئي يا چينو هلائي رهيو آهي جيڪو ٻہ ٻہ مهينا ٿيو وڃن تہ پگهار بہ نٿو ڏئي. نہ رهائش جون سهولتون ۽ نہ مقرر موڪلون. اسان جا ماڻهو داد فرياد لاءِ ڪنهن وٽ وڃنن؟ گهڻو احتجاج ڪرڻ تي هنن جي ويزا رد ڪرائي ڪين بنا نوٽس جي نوڪريءَ مان خارج ڪيو وڃي ٿو. هنن غريبن کي ايترو ٽائيم نٿو ڏنو وڃي جو هو ڪٽي خريد ڪيل ڪار، ٽي وي ۽ ٻيو سامان چڱن پئسن ۾ وڪڻي سگهن. مون کي تہ حيرت ٿيندي آهي تہ هي اهي ئي ملائيشين آهن جيڪي ڪجهہ ڏهائيون اڳ نيازءِ نوڙت سان هلندا هئا، غربت ۾ رهندا هئا ۽ لالچ ۽ لوڀ کان پري هئا. اڄ انهن جي نئين ٽهيءَ وٽ جيئن ئي خوشحالي آئي هئي تہ هنن ۾ لالچ ۽ ننگي، بي قدري ۽ بي انصافيءَ جو عنصر اچي ويو آهي. بهرحال قدرت جيستائين اسان جي ملڪ جون حالتون بهتر ڪري اسان جا ماڻهو پيٽ گذر خاطر روزگار لاءِ پرڏيهہ جا بہ ڌڪا کائيندا رهندا. شل انهن جي رب پاڪ حفاظت ڪري.





# سوڊان جي باغين وٽ بدين جو يرغمال ن

**ڏکڻ** سوڊان ۾ ايس پي ايل ايم موومينٽ الحرکة الشعبية لتحرير السودان (Sudan People's Liberation Movement-in-Opposition)هلي، جنهن جو باني ڊنڪا قبيلي جو آرمي آفيسر ڪرنل جان گرنگ (Colonel John Garang)هو جيڪو 2005ع ۾ فوت ٿي ويو. ان وقت چيو ويو تہ جڏهن بہ هي ملڪ ٺهيو تہ سڀ گڏجي ٽن سالن تائين هلائيندا سين، پنهنجا ادارا ٺاهيندا سين ۽ پوءِ چونڊون ڪرائيندا سين. ڏکڻ سوڊان نيٺ 2011ع ۾ آزاد ٿيو. ان وقت ڏکڻ سوڊان جا ٻہ وڏا قبيلا نوئر ۽ ڊنڪا هئا. ڊنڪا قبيلي جو اڳواڻ سلوا ڪِير (Salva Kiir Mayardit)ملڪ جو صدر ٿيو ۽ نوئر قبيلي جو ڊاڪٽر رڪ مچار (Riek Machar)نائب صدر ٿيو. رڪ مچار چيو تہ 2015ع ۾ چونڊون ڪرائيندا سين. سلوا ڪِير کي خبر هئي تہ سندس مقبوليت گهٽ آهي ۽ هو ٻيهر ملڪ جو صدر نہ ٿي سگهندو. جنهن تي هن پنهنجي نائب صدر کي مارڻ جو آرڊر جاري ڪيو ۽ پوءِ نائب صدر جي گهر تي حملي دوران 300 گارڊ ماريا ويا. ان ڪارروائي سان سڄي ملڪ ۾ قبيلائي جنگ شروع ٿي وئي ۽ 2013ع کان هاڻ تائين هڪ ٻئي جي قبيلن جا 3 لک کان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن. ان دوران وچ ۾ ڳالهيون بہ ٿيون پر اهي ناڪام ويون. بدين جي اياز جماليءَ

ٻڌايو ته آئون ”ڊار پيٽروليم“ (Petroleum Operating Company *Ltd*) ۾ ٽرڊ پارٽي طور ڪم ڪري رهيو هئس. اها ڪمپني ڏکڻ سوڊان کان اڳ جي آهي جيڪا چين ۽ ملائيشيا جي ڪمپنين جي گڏيل سهڪار سان هلي ٿي. اها ڪمپني ڏکڻ سوڊان جي آمدني جو واحد ذريعو آهي. سوڊاني اڻ پڙهيل هجڻ سبب هن ڪمپنيءَ پرڏيهي ماڻهو ڪم ڪرڻ لاءِ گهرايا هئا. جن ۾ اسان به هئاسين. تازو مارچ مهيني ۾ باغي فوجين ايس پي ايل ايم آءِ او سرڪيولر جاري ڪيو ته اها ڪمپني بند ڪري پرڏيهي ماڻهن کي ملڪ مان ڪڍيو وڃي. اهو سرڪيولر ڪمپني وارن کي ته مليو پر ڪمپني انتظاميا اسان ڌارين کي بي خبر رکيو. 8 مارچ 2017ع تي باغين جو ڏنل الٽيميٽم پورو ٿيو ته اسان جي ڊار فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ 2 پارٽي انجنيئر ايڊورڊ ايمبروز ۽ مڏن گٽيش کي 10 باغي فوجين اغوا ڪري ورتو ۽ پنهنجي ماڳ ڏانهن ڪٽي ويا. ڇئن ڏينهن بعد انهن جي تصوير جاري ٿي، جنهن ۾ هو صحتياب نظر اچي رهيا هئا. ڪمپني انتظاميا اسان کي چيو ته ڪا ڳالهه ناهي، توهان سڀ پنهنجو ڪم ڪريو باغين هڪ ملين ڊالرز جي گهر ڪئي آهي ۽ انهن سان ڳالهيون هلي رهيون آهن. اسان پنهنجي روزمره جو ڪم جاري رکيو. آئون ان هنڌ کان 35 ڪلوميٽر پري گمري مان 19 مارچ تي صبح جو 8 وڳي نيرن ڪري فيلڊ ۾ نڪتس. مون سان گڏ سيڪيورٽي گارڊ ٿامس، آپريٽر يوسف ۽ ڊرائيور منتور گڏ هئا. 8 لڳي 34 منٽن تي مون کي پنهنجي ڪمپني جي وائرليس تان سيڪيورٽي پروٽوڪول تحت معمول مطابق ڪال آئي. هنن مون کان خيريت پڇي ۽ مون به خيريت بيان ڪئي. جنهن بعد 8 لڳي 38 منٽن تي اسان کي باغين گهيري ورتو. مون 8 لڳي 39 منٽن تي ڪمپني جي وائرليس تي 2 ڪالون ڪري ٻڌايو ته اسان کي باغين گهيري ورتو آهي. ايتري ۾ انهن باغين اسان کي پنهنجي ويگو جي اندران ڪڍي پويان ڊالي ۾ وڌو ۽ گاڏي ٽورو اڳتي هلي ته پويان ايندڙ باغين انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني. مون سان گڏ سيڪيورٽي





گارڊ ٿامس موقعي تي ئي فوت ٿي ويو ۽ ڪيس اتي ئي اڇلايو ويو جڏهن ته منتور ۽ يوسف سخت زخمي هئا ۽ هو رڙيون ڪري رهيا هئا. اڌ ڪلاڪ بعد ٻنهي کي اڳتي هلي باغين وڻ وٽ اڇلائي وڌيڪ گوليون هنيون. باغين منهنجي لاءِ چيو ته هن کي نه ماريو هي پرڏيهي آهي. هنن مون کي ڊالي مان ڪڍي اڳيان ويهاريو جنهن دوران مون ڏٺو ته هو 13 ڄڻا هئا. 8 لڳي 45 منٽن تي اسان هلياسين ۽ منجهند جو اڍائي وڳي هڪ هنڌ پهتاسين. اهو سڄو سفر جهنگ ئي جهنگ اندر رهيو. هڪ هنڌ تي پاڻيءَ جو ڏٻو آيو. رستي ۾ هنن مون کان انٽرويو ڪيو ۽ پڇا ڳاڇا ڪئي ته آئون ڪير آهيان ۽ ڪٿان جو آهيان؟ ڏٻي تي پهچندي ئي هنن ڪپڙا لاهي ان ۾ وهنجڻ شروع ڪيو. ڍبي جو پاڻي تمام ڏپ وارو هو. اهو پاڻي هنن به پيتو ۽ مون کي به پيئڻ پيو. هنن مون کي اغوا ڪرڻ کان ڏيڍ ڏينهن اڳ تائين پاڻي ئي نه پيتو هو. اسان کي اغوا ڪرڻ سان مون کين پنهنجون 6 بوتلون ڏنيون، اهي به هنن پيتيون. اسان ان ڍبي مان پاڻي پري ساڍي ٽين وڳي نڪتاسين ۽ 6 لڳي 40 منٽن تي هڪ هنڌ پهتاسين ته شاندار آجيان ڪئي وئي. باغين پنهنجي فتح جو جشن ملهايو رقص ڪيو ۽ هڪٻئي کي منيون ڏنيون ۽ اسان ان هنڌ تي هڪ رات گذاري. رات جو ٻڪر ۽ چانور کاڌا ۽ وڻ جي پاڙ ۾ سمهي رهياسين. هنن وٽ اي ڪي 47، بزوڪا، مشين گن، هينڊ گرنيڊ ۽ ٻيا هٿيار هئا. رات جو هنن حال احوال وٺندي چيو ته توهان کي نه ماريندا سين، توهان بي فڪر ٿي وڃو. مون کان انهن پڇيو ته ڇا ڪندا آهيو؟ ڪڏهن کان هتي آهيو؟ ۽ هنن پنهنجون ڪهاڻيون به ٻڌايون. صبح جو سوير اٿي مون ڏنڊڻ ڏنو پر نيرن نه ڪرائي وئي. 7 لڳي 15 منٽن تي اسان نڪتاسين، رستي ۾ هڪ هرڻ ماريو ويو جڏهن ته هڪ ٻڪر اڳ ئي اسان جي گاڏي ۾ موجود هو. 9 لڳي 30 منٽن تي باغين جي هڪ ڪئمپ آئي، جتي باغي اڳواڻ ڪرنل جيڪب نهال الدين مليو اتي پڻ شاندار آجيان ٿي. ڪرنل جيڪب نهال الدين مون کي چيو ته جنگ جو حصو

آهي، تون بي فڪر ٿي، توکي ماريندا سين نہ. جنهن بعد مون لاءِ جوس گهرايا ويا ۽ جشن ملهائڻ بعد هرڻ ۽ اتان جي لوڪل طعام ڏوگهہ ڏاهيو ويو. جنهن بعد اتان جو ڪمشنر ملڻ آيو ۽ هو پاڻ سان گڏ هڪ فوجي بش اپ کي بہ وٺي آيو. ڪمشنر بہ مون کان انٽرويو ڪرڻ بعد چيو تہ آئون پاڪستانين کي سڃاڻان ٿو ۽ مون کي خبر آهي تہ توهان ڪوڙ نہ پيا ڳالهايو. جنهن بعد 12 لڳي 30 منٽن تي اسان اڳتي نڪتاسين. ڪمشنر جي گاڏي بہ گڏ هئي، هڪ ڪلاڪ جي سفر بعد هڪ ننڍڙو شهر آيو. جتي 200 جي لڳ ڀڳ ٻارن، عورتن ۽ ماڻهن شاندار آجيان ڪئي. مشين گن سان فائر ڪري فتح جو جشن ملهايو ويو تہ اسان جا جوان پنهنجي آپريشن تان ڪامياب واپس آيا آهن. اتي خوشي جا گيت ڳايا ويا ۽ رقص ڪيو ويو. اتي بہ آرمي جو هيڊ انچارج مليو. جيڪو پڻ سٺي انداز ۾ مليو ۽ چيو تہ توهان بي فڪر رهو. اسين بہ توهان وانگر انسان آهيون. توهان جو درد سمجهون ٿا ۽ توهان بہ اسان جو درد سمجهندا هوندا. توهان کي جلد آزاد ڪنداسين. ان بعد اسان ڪچن رستن مان نڪري هڪ ٽريڪ تي آياسين. مون کي لڳو تہ اهو ٽريڪ يوگينڊا جي بارڊر ڏانهن ويڃڻ وارو هو. ٿورو اڳتي هلي مون کي هڪ جهاز بيٺل نظر آيو. جڏهن تہ ريڊ ڪراس جو ڪاروان بہ نظر آيو جن هٿ لوڏيا. اڳتي اچي اسان آرمي جي چيف ڪمانڊٽ مسٽر متيان جي ڪئمپ تي پهتاسين، اتي وائرليس بہ هو ۽ اهو علائقو پنهنجي سنڌ جي ٿر جيان ڏيک ڏئي رهيو هو. ننڍڙا گهر هئا. اتي پڻ اسان جي سٺي آجيان ڪئي وئي. ماني گهرائي وئي، ماني ۽ چانهہ پهرين هنن ڪاڏي پوءِ مون کي ڏني ۽ مون کي هنن يقين ڏيارڻ چاهيو پئي تہ هن ۾ زهر نہ آهي، جنهن تي مون هنن کي چيو تہ آئون توهان جي وس ۾ آهيان، جيڪڏهن توهان کي مارڻو هوندو تہ توهان هڪڙي گولي هڻندا، باقي ائين نہ ماريندا. جنهن تي هنن جو مون تي ٿورو اعتماد ٿيو. ساڍي پنجين وڳي اسان اتان نڪتاسين تہ اڌ ڪلاڪ بعد ٽائر پنڪچر ٿي ويو. اهو ٽائر تبديل ڪري اسان پڳاڪ

books.sindhsalamat.com



شهر ۾ آياسين، جتي هڪ گهر ۾ رهايو ويو. مون کي ان گهر ۾ 2 پارٽي بہ ملي ويا، جن کي 2 هفتا اڳ اغوا ڪيو ويو هو. 20 مارچ واري ڏينهن اسان کي انٽيليجنس هيڊ چيو تہ اسان ڪمپني بند ڪرڻ جو الٽيميٽم ڏنو هو پر توهان ڪمپني بند نہ ڪئي، توهان گورنمينٽ جا سپورٽر آهيو. جنهن تي مون چيو تہ اسان کي الٽيميٽم جي خبر ناهي، اسان ملازم آهيون، پگهار تي ڪم ڪريون پيا. ان ڳالهہ ٻولهہ بعد رات جو اسان کي سمهڻ لاءِ هنڌ بسترا ڏنا ويا ۽ سمهي رهياسين. صبح جو اٿياسين تہ انهن جا آفيشلز اسان کان سوال جواب ڪرڻ آيا. سوال ڪيو ويو تہ ڪمپني ۾ ڪيترا ماڻهو آهن؟ ملڪي ۽ پرڏيهي ڪيترا ماڻهو آهن، سيڪيورٽي ڪيتري آهي؟ ۽ ڪمپني کي بند ڪيئن ڪجي؟ هنن کي ان کان اڳ ڪنهن چيو هو تہ ڪمپني جي گرڊ تي راڪيٽ لانچر فائر ڪيو تہ ڪمپني بند ٿي ويندي. مون ڪمپني جي سيڪيورٽي ۽ ملازمت بابت جيڪا ڄاڻ هئي اها ٻڌائي ۽ چيو تہ توهان ڪمپني تي راڪيٽ لانچر نہ هڻو. ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن ڪجهہ سالن بعد توهان جي حڪومت آئي تہ بلين ڊالرز جو نقصان ٿيندو. ان جو سامان سڄي دنيا مان ڀيهر وٺڻو پوندو. ڪوشش ڪريو تہ ٻيو ڪو رستو ڳوليو. ڪمپني جيڪڏهن طريقي سان بہ بند ڪئي وڃي تہ ڏيڍ مهينو لڳندو. ساڍا 4 سئو کان وڌيڪ ماڻهو ڪمپني ۾ ڪم ڪن پيا ۽ جيڪڏهن ڪمپني اعلان ڪري تہ اسان ڪمپني بند ڪري رهيا آهيون تہ سمجهو ڏيڍ مهينو ڪمپني بند ٿيڻ ۾ لڳندو. ڳالهہ ٻولهہ ڪندڙ ماڻهو بيوروڪريٽ ۽ تمام گهڻا پڙهيل لکيل هئا، جن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي، جنهن بعد اتي ئي رات ٿي وئي. اسان کي ڪجهہ ڏينهن اتي ئي رکيو ويو. کاڌي ۾ هرڻ، ٻڪر، دال ۽ مڇي کارائي ويندي هئي. جنهن گهر ۾ رهيل هئاسين، ان ۾ انٽيليجنس جا 7 گارڊ هئا جن مان 4 ڄڻا اسان تي رکيل هئا جيڪي اسان جي خدمت ڪندا هئا. انڊين همراهہ ايڊورڊ ۽ مڏم تمام گهڻا پريشان هئا. آئون انهن کي آٿت ڏيندو هئس. هو ٻاهرين سان ڳالهائي نہ سگهندا هئا ۽

www.sindhsalamat.com

مون کي پورو يقين هو تہ آئون آزاد ٿي ويندس. صبح شام واندو ويهڻ سبب مون آرمي جي چيف ڪمانڊنٽ کي چيو تہ مون کي ناول، ميگزين يا وري توهان پنهنجو ئي آئين ڏئي ڇڏيو تہ آئون پڙهان. هنن مون کي پنهنجو منشور، ميگزين، ناول ۽ ڊڪشنري ڏني. آئون سڄو ڏينهن اهي ڪتاب پڙهي وقت گذاريندو هئس. 23 مارچ تي بحث هليو تہ باغين جي هڪ ونگ مطالبو ڪيو آهي تہ اسان ٽنهي پرڏيهين کي ماريو وڃي. جنهن تي چيف ڪمانڊنٽ ايس پي ايل ايم او آءِ او ۽ اڳوٽي صدر رڪ مچار انڪار ڪندي چيو تہ هي ڇوڪرا اسان جا دشمن ناهن. هنن کي آزاد ڪنداسين ۽ اهڙي طرح دنيا کي پيغام ڏينداسين تہ ايس پي ايل ايم آءِ او ڪنهن بہ پرڏيهيءَ جي دشمن نہ آهي پر پرڏيهي ملڪن کي درخواست آهي تہ هو پنهنجا ماڻهو هتان ڪڍن. سوڊان حڪومت چوي ٿي تہ هتي امن آهي پر ڪو امن ناهي. ڪمپني کي هلائيندڙ پرڏيهي پنهنجا هٿ ڪيندا تہ حڪومت اسان سان ڳالهيون ڪندي، اسان وٽ هٿيار آهن پر جنگ نٿا چاهيون. جمهوري حڪومت چاهيون ٿا ۽ 2018ع ۾ چونڊون ڪرايون وڃن. جيڪڏهن اسان چونڊون هارائي وياسين تہ توهان جي هيٺ ڪم ڪنداسين. هن ملڪ مان ڌارين کي ڪڍڻ جو مقصد انهن جي حفاظت آهي ڇاڪاڻ جو اسان جي پنهنجي جهيڙي ۾ ڪو پرڏيهي مري ويو تہ سڄي ڳالهہ باغين تي ايندي. اسان رسڪ نٿا کڻڻ چاهيون. اسان پنهنجي حڪومت ناهي وٺون ۽ معاملا حل ٿي وڃن پوءِ پلي پرڏيهي اچن ڇاڪاڻ جو اسان جي ڇوڪرن کي رڳو گولي هلائڻ ۽ ڪپڙا ڌوئڻ اچن ٿا. ڪمپني توهان پرڏيهين کي ئي هلائڻي آهي."

اياز ٻڌايو تہ 24 مارچ تي اسان کي ٻئي هنڌ شفٽ ڪيو ويو اڌ ڪلاڪ جي مفاصلي بعد ان هنڌ تي آءِ سي آر سي (انٽرنيشنل ڪميونٽي آف ريڊ ڪراس) جا 2 نمائندا هڪ ڪئناڊا جو جان نڪولس ۽ ٻيو سوئيٽزرلينڊ جي نرس مارسيل اسان سان مليا ۽ فارم ڀريا. اسان کي پنهنجن

books.sindhsalamat.com



پيارن ڏانهن خط لکڻ لاءِ چيو ويو ۽ ايڊريس بہ ورتي وئي. مون پنهنجي اسلام آباد واري وڏي ڀاءُ اختر کي خط لکيو ۽ چيو تہ آئون سکيو ستابو آهيان. وقت تي ماني ملي ٿي، سڀني کي ياد ڪريان پيو هنن مون کي ڪو نقصان ناهي پهچايو. جلدي ڇڏي ڏيندا. امان ۽ بابا جو خيال رکجو. اهو خط باغين کي پڙهايو ويو. پر هنن چيو تہ هنن (يعني اسان) تي اعتبار آهي. ڀلي ڇا بہ لکن ۽ جي وائرليس آهي تہ هنن کي پنهنجي گهر ڳالهرايو. آءِ سي آر سي وارن سيٽلائيٽ فون ذريعي اسان ٽنهي کي ڳالهرايو. پهرين ٻنهي پارٽين ڳالهايو. آخر ۾ منهنجو وارو آيو. مون پنهنجي اسلام آباد واري ڀاءُ کي فون ڪري حال احوال ڪيو. هو ڏاڍو خوش ٿيو. مون پنهنجي ڀاءُ سان سنڌي ۾ ڳالهايو پر هنن ٻولي تي ڪو اعتراض نہ ڪيو ڀاءُ مون کي ٻڌايو تہ هتي ميڊيا تمام گهڻي سرگرم آهي، اسان ڪوششون ڪريون پيا. اڍائي منٽن جي ڪال مون کلندي کلندي بند ڪري ڇڏي. خبر ناهي آئون ڪيئن نارمل رهيس. جان نڪولس مون کي چيو تہ توهان کي جيڪا شيءِ کپي تہ ٻڌايو تہ اڳيئن واري وٺي اچان. مون ڪين چيو تہ مونکي "اليون منٽ" ناول آڻي ڏجو اهو اڌ ۾ رهجي ويو آهي، ان کي پورو ڪرڻ چاهيان ٿو. ان ڳالهہ تي هو ڏاڍو کليو ۽ چيو تہ توکي هن صورتحال ۾ بہ ناول پورو ڪرڻ جي لڳي آهي، جنهن بعد اسان کل ٻوڳ ڪندي هڪٻئي کي الوداع ڪيو ۽ وري ساڳئي هنڌ اسان کي شفٽ ڪيو ويو. مون کي خبر نہ آهي تہ ان دوران مون کي ڪهڙي قوت سپورٽ ڪري رهي هئي جو آئون نارمل هئس، جڏهن تہ هو ٻئي انڊين روئيندا هئا. 25 مارچ تي انهن جي انٽيليجنس جا ماڻهو مون وٽ آيا ۽ چيو تہ توهان جا ماڻهو ڳوڙ پيا ڪن. مون کي روزانو جي بنياد تي صبح شام ٻڌائيندا هئا تہ توهان جي گهر ماڻهو اچ وڃ پيا ڪن. توهان جي ملڪ جي اسيمبلي ۾ رڳو توهان جو نالو پيو ورتو وڃي. توهان جي رياست جي هڪ اڳواڻ نوٽيس ورتو آهي، ڪجهہ تنظيمون بہ توهان لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. پر اسيمبلي ۾ خطاب سميت جيڪي ماڻهو ڳالهائين پيا. اسان کي

www.sindhsalamat.com

سمجھ ۾ نٿو اچي. رڳو تنهنجو نالو سمجهه ۾ ٿو اچي. اسان وري به ذاتي طور چيف ڪمانڊٽ کي توهان جي اخبارن جا فوٽو موڪليون ٿا. ان ڳالهه تي به پارٽين پريشان ٿي مون کي چيو ته توهان جي حڪومت توهان جي آزادي لاءِ ڪم ڪري پئي. اسان جو ڇا ٿيندو؟ اهڙي ريت مون کي روز رپورٽ ڏني ويندي هئي ته پاڪستان ۾ توڙي ٻين ملڪن ۾ منهنجي لاءِ ڇا پيو ٿئي ۽ منهنجي ذهن ۾ اهو هوندو هو ته زندگي لڪيل هوندي ته ملندي نه ته ٻيوس ته اڳ ئي آهيان. 28 مارچ تي ڊاڪٽر رڪ مچار اسان جي آزادي جو حڪم ڏنو پر اتان جي ڪجهه عام ڏرين مخالفت ڪندي چيو ته ڪجهه عرصو اڳ اسان جو هڪ اڳوان ڪينيا مان گرفتار ٿيو هو ان جي خبر نه پئي ڏني وڃي، هنن ٽنهي جي نالن تي انهن سان بارگيننگ ڪئي وڃي. سڄو ڏينهن اهو بحث هليو ڪجهه باغين چيو ته اسان رڪ مچار جي حڪم کي مڃيينداسين. جنهن بعد 29 مارچ جي رات جو دير سان اسان کي چيو ويو ته صبح جو سوير اٿجو ۽ توهان کي آزاد ڪيو ويندو. مون صبح جو سوير اٿي پنهنجي ڪمپني واري وردي پاتي ۽ نيرن ڪئي جنهن بعد انهن جي قبيلي جا تمام گهڻا ماڻهو اسان سان ملڻ آيا ۽ تمام سٺي انداز ۾ اسان کي الوداع ڪيو. پڳاڪ سٽي کان اسان 20 منٽن جي مفاصلي تي اٿوپيا بارڊر تي (جنهن کي هو پل چوندا هئا) اسان کي ٻئي وفد حوالي ڪيو ويو. اتان هڪٻئي کان موڪلايوسين. منهنجي پاڪيٽ ۾ رڳو سروس ڪارڊ هو. رڪ مچار جو خاص ماڻهو وليم ڊيگ اسان سان گڏ هو. جنهن کي اهو ٽاسڪ ڏنو ويو ته هو اسان کي خارطوم تائين پهچائيندو. ڊيڍ ڪلاڪ جي سفر بعد گمبيلا سٽي پهتاسين. جيڪو سياحت وارو شهر آهي. هوٽل ۾ منجهند جي ماني کائڻ بعد ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿياسين. ساڍا 4 وڳي جهاز اڏاميو ۽ اسان گمبيلا کان اديس ابابا (Addis Ababa) سفر ڪيو. جتي اٿوپيا جي آفيشلز اسان جي آجيان ڪئي ۽ سفير جي ڪمري ۾ ويهاريو ويو ۽ معذرت ڪئي وئي ته سفير ڪجهه سببن جي ڪري نه اچي سگهيو آهي.





انٽيليجنس جا ماڻهو به اتي موجود هئا. جنهن بعد سوڊان حڪومت جي خاص جيٽ جهاز ۾ اسان کي خارطوم لاءِ روانو ڪيو ويو. خارطوم ايئرپورٽ تي جيئن ئي جهاز وي آءِ پي لائونج آڏو پارڪ ٿيو ته اتي وڏي انگ ۾ ميڊيا ۽ حڪومت جا ماڻهو ۽ پاڪستاني آفيشلز به اسان جي آڌر ڀاءُ لاءِ بيٺل هئا. جهاز مان سيڻي کان پهرين آئون لٿس ته منهنجي لاءِ سرپرائيز اهو هو ته منهنجا مهراڻ يونيورسٽي جا دوست سليمان، الياس، اسامه، اي ڪي ايل لاهور ڪمپني جا دوست، منهنجو ڀاءُ بابر ۽ ٻيا موجود هئا. جن شاندار آجيان ڪئي ۽ ويلڪم ويلڪم جا نعرا هنيا. اتي پرڏيهي ميڊيا مون سان ڳالهايو جن کي به مون باغين جو پيغام ڏنو ته ”سڀ پرڏيهي ماڻهو ملڪ ڇڏي وڃن. اسان جا معاملا نيڪ ٿي وڃن ته اچجو اسان پاڻ آڌر ڀاءُ ڪنداسين ۽ جيڪڏهن ڪا عالمي برادري اسان جي ڀاهه لاءِ وچ ۾ اچي ٿي ته آجيان ڪنداسين.“ 2 ڏينهن خارطوم ۾ رهياسين اتي پاڪستاني سفير زاهد پاسپورٽ ۽ پاس جو بندوبست ڪيو جنهن بعد پهرين اپريل تي ڇنڇر واري ڏينهن قطر ايئر لائين ذريعي صبح جو ساڍي ستين وڳي پاڪستان پهتس. ايئرپورٽ تي به شاندار آجيان ٿي. جنهن بعد قافلو گلشن حديد پهتو ته پي ايچ آر او ۽ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن طرفان آجيان ٿي. صبح جو اٺين وڳي ڪراچي مان نڪتاسين ۽ شام جو ساڍي 5 وڳي بدين پهتاسين.

اياز جمالي اهو به ٻڌايو ته باغي نوئر قبيلي جا هئا ۽ پاڻ ۾ نوئري ڳالهائيندا هئا. جڏهن ته اسان سان انگريزي ۽ عربي ۾ ڳالهائيندا هئاسين. هنن جو علائقو سرڪار لاءِ نوگو ايريا هو. هنن وٽ توپ، ٽينڪ، ايئرڪرافٽ، ميزائيل، راڪيٽ لانچر، مشين گن ۽ ٻيا ڪيترائي جديد هٿيار هئا. اتي هنن جي پنهنجي حڪومت هئي. باغين جي سردار رڪ مچار (Riek Machar) پيغام ڏنو ته اسان ڏاڙيل ناهيون. اسان جو پنهنجو نظريو آهي. جنهن تحت هي اغوا ٿي ويا. قيد دوران مون انهن کي چيو ته آئون واندو وينو آهيان. مون کي اسڪول ۾ وٺي هلو ته توهان جي ٻارن کي

پڑهايان، يا وري انجنيئرنگ سيکاريان. جنهن تي هنن چيو ته اسان جا چوڪرا جذباتي ۽ اڻ پڑهيل آهن. پاڪستاني ۽ چيني ۾ ڪو فرق نٿا سمجهن. ڪٿي هو توهان کي نقصان نه پهچائين.

هو فريڊم فائيٽر هئا، 62 قبيلن گڏ ٿي اهو هڪڙو باغي گروپ ٺاهيو هو. انهن جي خواهش هئي ته جمهوريت اچي، سيني کي برابري جو حق ملي. انهن جون عالمي ميڊيا وارن سان به ڳالهيون هليون پر ڪامياب نه ٿيون. هنن جو مذهب عيسائي آهي پر ڪجهه مسلمان به آهن. هنن ۾ خدا تعاليٰ تي يقين رکڻ وارا ماڻهو به هئا، اخلاقن تمام سنا هئا. اغوا ٿيڻ وقت مون سوچيو هو ته آخري ڏينهن اچي ويو آهي، آئون پرائي وس هئس. خوف هو ته ماري ڇڏيندا، پاڻ کي آٿت به ڏيندو رهيس. مون اغوا جي ڪجهه ڪلاڪن ۾ ئي باغين سان دوستي ڪري ڇڏي ۽ ٻن ڏينهن جو سفر ڪري پوءِ هڪ هنڌ تي پهتاسين. مون کي دل ۾ ڪيترائي وسوسا اچي رهيا هئا، انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڑهڻ تي ڌيان ڏنم ۽ يقين هو ته آزاد ٿيندس. ميڊيا ۾ معاملو اچڻ تي هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هنن اهو سوچيو ته سندن آواز دنيا تائين پهچي رهيو آهي. پاڪستان بابت سندن خيال هو ته هنن جو ان کان اڳ ڪڏهن به پاڪستان سان واسطو نه پيو پر مون ذريعي ”هنن چيو ته پاڪستان سان اسان سنا لاڳاپا چاهيون ٿا، اسان توهان کي آزاد ڪري رهيا آهيون“. جنهن سان اميد آهي ته اڳتي پاڪستان اسان سان سهڪار ڪندو ۽ پاڪستان اسان سان سنا لاڳاپا رکندو.

اياز جمالي چيو ته جنهن جاءِ تي منهنجي 3 ساٿين کي قتل ڪيو ويو اتان ٽامس جو ته لاش ملي ويو پر جهنگ ۾ جنهن هنڌ يوسف ۽ منتور کي قتل ڪري اڇلايو ويو انهن جا لاش اجا تائين ناهن مليا. ان هنڌ جو نقشو مون ڪمپني وارن کي موڪليو آهي پر اتي ڪيترائي چيريندڙ ڦاڙيندڙ جهنگلي جانور هئا، شايد ئي هو بچي سگهيا هجن. بازيابي بعد ڪمپني وارن خير خيريت لاءِ رابطو ڪيو مون انهن کي چيو ته ڪمپني بند





ڪريو نه ته اجا وڌيڪ ماڻهو مرندا. ان ڪمپني ۾ 100 کان وڌيڪ پاڪستاني ڪم ڪري رهيا آهن. باغين چيو آهي ته هي اسان آخري پيرو پرڏيهين کي ڇڏي رهيا آهيون. ان بعد اسان پرڏيهين کي به گولين جو کاڄ بڻائينداسين. هن انٽرويو ذريعي سيني سنڌ واسين کي اهو پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته پرڏيهه ڪمائڻ ڀلي وڃو فقط پاڪستاني نه پر سڄي دنيا ڪمائڻ وڃي ٿي، پر مهرباني ڪري اهڙي ملڪ ۾ وڃو جتان جي توهان کي خبر هجي، توهان کي ملڪ جي حالتن جي به ڄاڻ هجڻ گهرجي. منهنجو بچڻ ته معجزو هو پر ضروري ناهي ته هر پيري ائين ٿئي. سوڊان ۾ رهندڙ پاڻ جلد کان جلد واپس هليا اچن. حياتي کان وڌيڪ ڪا شيءِ ناهي. حياتي هوندي ته نوڪريون پيون ٿينديون. هاڻي منهنجي ڪوشش هوندي ته پنهنجي ملڪ ۾ ئي نوڪري ڪريان. سنڌي سدائين هوم سڪ نيس ۾ رهيا آهن، نئين ٿهي ٻاهر نڪري رهي آهي. مون کي ڪمپني 2 هزار ڊالر (2 لک رپيا) پگهار ڏيندي هئي، منهنجو رڳو فون جو خرچ 100 ڊالر هوندو هو باقي سڄو پگهار آئون گهر موڪليندو هئس. منهنجو کاڌو پيتو ۽ رهڻ جو خرچ ڪمپني جي خرچ تي هوندو هو. 35 ڏينهن پنهنجي گهر هوندو هئس ۽ 35 ڏينهن ڊيوٽي هوندي هئي. ان ڊيوٽي ۾ ڀلي عيد اچي وڃي يا وري ٻيو ڪو ڏڻ پر ڊيوٽي ڪرڻي هوندي هئي. مون ڪمپني وارن کي اغوا ٿيڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ ئي استعيفا ڏني هئي. پر پاڪستان اچڻ کان ٻه ٽي ڏينهن اڳ مونکي اغوا ڪيو ويو. منهنجي شادي 15 اپريل تي رٿيل هئي، سمورا خواب چڪنا چور ٿي ويا هئا پر هاڻي شڪر آهي جو شيڊيول مطابق شادي ٿي رهي آهي، دعوت ناما ورهايا پيا وڃن. سيني ماروئڙن جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي لاءِ دعائون ڪيون ۽ هن ڏکئي وقت ۾ منهنجي ۽ منهنجي گهر ڀاتين جو ساٿ ڏنو. ”ڪاوش“ جي سرواڻ علي قاضي جو به ٿورائتو آهيان، جنهن پڻ منهنجي بازيابيءَ ۾ تمام گهڻو ڪردار ادا ڪيو.

اياز جمالي ٻڌايو تہ بابا ايگريڪلچر جو رٽائرڊ ڊرائيور هو. وڏي مشڪل سان مون مهراڻ يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي، ڪنهن وقت ماني کائڻ جا بہ پئسا نہ هوندا هئا، سفر جا پئسا نہ هجڻ سبب پنڌ هلڻو پوندو هو. رڳو اسڪالرشپ ڳوليندا هئاسين، اوڌار تي ماني کائيندو هئس. مهراڻ يونيورسٽي مان انجنيئرنگ ڪرڻ بعد منهنجو ڀاءُ بابر جيڪو اي ڪي ايل ڪمپني لاهور ذريعي سوڊان ويو جڏهن نوڪريون آيون تہ مون بہ درخواست جمع ڪرائي ۽ منهنجي بہ سليڪشن ٿي وئي، اهڙي ريت آئون بہ 2014ع ۾ سوڊان پهتس،

اياز جمالي جي پيءُ غلام حسين جمالي ٻڌايو تہ جنهن ڏينهن اياز اغوا ٿيو ان ڏينهن اسان کي نہ ٻڌايو ويو ان ڏينهن اسان جي گهر جي ڪيبل ڪاٽي وئي، هر شيءَ کان بي خبر رکيو ويو پر ٻئي ڏينهن تي ٻڌايو ويو تہ پيرن هيٺان زمين نڪري وئي، ذهن ۾ اهو هو تہ اياز وحشين جي هٿ ۾ آهي، اها خبر ٻڌندي ئي منهنجو اندر ڪاڇي ويو هو اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا، ڪنهن سان بہ انهن 12 ڏينهن ۾ ڳالهائي نہ سگهيس، چاڪاڻ جو 4 سال اڳ بہ بابر ۽ اياز کي اغوا ڪيو ويو هو وري ٻيهر هن واقعي منهنجو جيءُ جهوري ڇڏيو مڪمل طور مايوس ٿي ويس، 12 ڏينهن ۾ معجزو ٿيو ۽ منهنجو پٽ واپس اچي ويو جنهن ۾ ميڊيا جو تمام وڏو ڪردار آهي. آئون ڊرائيور ۽ اڻ پڙهيل آهيان، پنهنجي ٻارن کي سٺي تعليم ڏياري اٿم.

اياز جمالي جي ڀيڻ عابده جمالي ٻڌايو تہ فيس بڪ ذريعي خبر پئي تہ اسان جو ڀاءُ اغوا ٿي ويو آهي. اسان امان ۽ بابا کي شروع ۾ نہ ٻڌايو پر جڏهن کين خبر پئي تہ اسان کي انهن جي حياتي جو تمام گهڻو ڊپ هو امان ۽ بابا جي حالت تمام گهڻي خراب هئي. اسان انٽرنيٽ ذريعي ماڻهن سان رابطا ڪيا ۽ اپيلون ڪيون، هڪ ڏينهن ۾ پاڪستان توڙي پرڏيهي سفارتڪارن سان رابطا ڪيا ۽ روزانو جي بنياد تي صبح شام اپيلون ڪندا هئاسين. ان دوران منهنجا فيس بڪ اڪائونٽ بلاڪ ٿي ويا ۽ اسان ڏينهن

books.sindhsalamat.com



۾ 700 اپيلون ڪندا هئاسين. مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ڀائرن توڙي ڀينرن اسان جي مدد ڪئي. هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو اسان ان باغين جي گروپ تائين پهچي وياسين ۽ هو اسان سان رابطي ۾ آيا. هنن اسان کي پنهنجا سُور ٻڌايا، ڀاءُ جي خبر ڏيندا رهيا، عابده جمالي ٻڌايو تہ انهن 12 ڏينهن دوران هڪ منٽ بہ ننڊ نہ آئي، 24 ڪلاڪ رڳو ڀاءُ جي خبر جو انتظار هوندو هو. باغين جي گروپ جي هڪ شخص چيو تہ ”توهان فڪر نہ ڪريو توهان جو ڀاءُ صحيح سلامت گهر پهچندو آئون زندگي جو قسم ٿو کڻان تہ توهان جي ڀاءُ کي گهر پهچايو ويندو“.

www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

